


www.sindhsalamat.com

# پتنگ جئن پيدا ٿيو

سهيڙيندڙ

**احمد خان چانڊيو**
**منظور مهيسر**

ڊجيٽل ايڊيشن:
2018ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

جوڳيءَ تي جَڙاءُ نِسوروئِي نِينهَن جو:
پَتَنگَ جِئَن پيدا ٿِيو، سامِي سِڄ وَڙاءُ:
آيو ڪاڪِ تَڙاءُ ڪُنوارِنِ کَڪوريو.

www.sindhsalamat.com

سڀ حق ۽ واسطا ڇپائيندڙ وٽ محفوظ

پهريون ڇاپو: 2018ع
ڪتاب جو نالو : پتنگ جئن پيدا ٿيو
سهيڙيندڙ: احمد خان چانڊيو، منظور مهيسر
سهڪار: شهيد شايان ڳورڙ اڪيڊمي ميهڙ
ڪمپوزنگ: عبدالغفار همدم، نديم بروهي 03004322374
الڪريم ڪمپوزرس فريدآباد
ڪمپيوٽر لي آئوٽ: عبدالله جروار
ڇپائيندڙ: سنڌي ادبي سنگت ميهڙ
ڇپيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي
021-32737290

قيمت : 300/= رپيا

ملڻ جا هنڌ
سنڌ جا سمورا وڏا ۽ ننڍا بوڪ اسٽور

www.sindhsalamat.com

# ارپنا

انهن سيني دوستن، همدردن ۽ وطن دوست،
پورهيت دوست، سياسي سماجي تنظيمن جي نالي
جيڪي شهيد شايان جيان ڌرتي ۽ ديس جو درد رکن ٿا ۽
شهيد جي ابي امان جي نالي جنهن هماليه جيترا بلند
حوصلا رکيا ۽ شهيد شايان جي تربيت هڪ وطن
دوست ۽ انقلابي طور ڪئي.

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب ”پتنگ جيئن پيدا ٿيو“ اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب شهيد شايان ڳورڙ جي جدوجهد ۽ زندگيءَ تي لکيل مضمونن، تعزيتي تاثرات ۽ شاعراڻي پيتا تي مشتمل آهي. هن ڪتاب جا سهيڙيندڙ احمد خان چانڊيو ۽ منظور مهيسر آهن.

شايان پنهنجي نوخيز جواني جي مختصر مدت ۾ ذهني ۽ شعوري سگهه جو ثبوت ڏنو، اهڙي ڪارڪردگي هر نوجوان ڏئي، سنڌ صدين کان صدين تائين سرسبز رهي. هو 21 سالن جي ڦوهه جواني ۾ حادثاتي طور وڇڙي ويو.

هي ڪتاب سنڌي ادبي سنگت، ميهڙ پاران 2018ع ۾ سنڌيڪا اڪيڊمي وٽان ڇپرايو ويو. ٿورائتا آهيون سنڌيڪا جي فضل الرحمان ميمڻ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| | پنهنجي پاران | احمد خان چانديو |
| | پبلشر پاران | سيڪريٽري<br>سنڌي ادبي سنگت شاخ ميهڙ |
| | مهاڳ | آزاد انور ڪانڌڙو |
| .1 | مرڻا اڳي جي مئا! | علي شير ڳورڙ |
| .2 | مَهان انسان: شايان ڳورڙ شهيد | جوهر بروهي |
| .3 | شايان علي ڳورڙ هڪ محبتي انسان | علي نواز ٻٽ |
| .4 | شايان ڳورڙ سماج کي تبديل ڪرڻ واري فڪري تحريڪ جو هڪ سپاهي | پاويل جوٽيجو |
| .5 | هي رت پن ڇڻ جي نہ هئي | سليم مگسي |
| .6 | شهيد شايان ڳورڙ نہ وسرندڙ ڪردار | امتياز عادل سومرو |
| .7 | ساٿين سان گڏ سالگره ۾ | غلام عمر تيوٽو |
| .8 | پتنگ جيئن پيدا ٿيو | ڪرم حسين وساڻ |
| .9 | اي موت مئا شل موت اچئي | ڈاڪٽر سراج سيال |
| .10 | مون کي جياريو پرين جي ڳالھ | ايڊووڪيٽ محمد علي نوناري |
| .11 | هڪ فرمانبردار فرزند | شمس ابن ضيا ابن بلبل |
| .12 | مگر دل هي پاڳل مڃي ڪين مور | منظور مهيسر |
| .13 | توکي ڪير وساري سائين | لياقت ڏيپر |
| .14 | سيسراٿيون ڪيندڙ ڪمپيئر | طاهر محزون |
| .15 | شايان انقلابي رستي جو سپھ سالار ۽ سنڌ جو سپوت | حبيب ”حضوري“ |
| .16 | شايان ميهڙ جو شان | عابد ڪلهوڙو |
| .17 | سلڇڻو شهزادو | ظهير ابڙو |
| .18 | پنڻ واريون پڊريون ڳاڙها ڳل سندن | منور جتوئي |
| .19 | شايان پتنگ هو | روشن علي ٻگهيو |
| .20 | بالڪپڻ ۾ ڌرتيءَ جو درد رکندڙ | سراج پنهور |
| .21 | شهيد شايان ڳورڙ جو المناڪ وڇوڙو | رياض چانديو |
| .22 | شايان شير : نہ وسرندڙ شخصيت | اظهر سولنگي |

| | | |
|---|---|---|
| 23. | قربانيءَ جو مجسمو | پروفيسر عبيدالله لاکير |
| 24. | شينهن جهڙو گجندڙ آواز | عادل چانڊيو |
| 25. | شايان ڳورڙ | ذوالفقارعلي ڪوسو |
| 26. | ڏور ٿيندا وڃن روز جوڳيئڙا | سيد اعظم علي |
| 27. | شايان ماڻڪ موتي داڻو | اميربخش شيخ |
| 28. | فرض شناس جي پرواز | عباس علي ڪنير |
| 29. | پهرين ۽ آخري ملاقات | منصف علي شاھ |
| 30. | شايان علي ڳورڙ جدوجهد جي علامت | عامر ڪمال سولنگي |
| 31. | هيءَ نہ ويل وڇڻ جي | ڊاڪٽر آزاد منگي |
| 32. | ادب ۽ اخلاق جو مالڪ | قادر بخش چانڊيو |
| 33. | ڀڳو آءُ نہ چوان ماريو تہ وسهان | ساجد علي چانڊيو |
| 34. | شايان ڳورڙ جو وڇوڙو | اقرار چانڊيو |
| 35. | ها شايان تہ هليو ويو | گلاب ڳن |
| 36. | شهيد شايان شير ڳورڙ سان گذاريل ڪجھ گهڙيون | ڊاڪٽر قادر ٻگهيو |
| 37. | رهيون اڌ ۾ ساجن سموريون رهاڻيون | عذير ڪلهوڙو |
| 38. | شهيد شايان جو وڇوڙو | علي شير ڳورڙ |
| 39. | هو وري ايندو | گوهر گل ڳورڙ |
| 40. | شايان تنهنجو شان ڪيئن ڪيان بيان! | حسين بخش ڳورڙ |
| 41. | اونداهيءَ ۾ سوجهرو | شعبان علي ڳورڙ |
| 42. | پتنگ جيئن پيدا ٿيو | نويد حيدر |
| 43. | چني گل گلاب جا ڪيئي ڏارو ڏار | انجنيئر جاويد ڳورڙ |
| 44. | قربان ٿيڻ جو جذبو سيکاري ويو | شعيب عزيز ڳورڙ |
| 45. | شايان ڳورڙ جو مڪمل تعارف ۽ سياسي سماجي وابستگيون | ڏٽي بخش ڳورڙ |
| 46. | تم کیا گئے کہ روٹھ گئے دن بہار کے | اعجاز ڳورڙ |
| 47. | جدائي جو جام | علي اڪبر ”عاقب“ |
| 48. | شهيد شايان هڪ تبديلي پسند اڳواڻ | ايڊووڪيٽ ساجد علي ڳورڙ |
| 49. | شهيد شايان ڳورڙ جي خاندان جي مختصر تاريخ | حسين بخش ڳورڙ |
| 50. | ذهين ٻاءُ | طاهر شعبان ڳورڙ |
| 51. | راڻي رڻ ڪيو، جيڏيون منهنجي جيءَ سين | شاھ پسند ڳورڙ |
| 52. | شهيد شايان تنهنجي جدوجهد کي سلام | ساگر حسن ڳورڙ |


www.sindhsalamat.com

53. مهان ماڻهو — علي حسن ڳورڙ
54. صحافيءَ جي ڊائري — فاروق پنگوار ملير ڪراچي
55. هڪ روشن شمع اجهامي وئي — سراج احمد ڳورڙ
56. رسالي ”نئون ويساهه“ ۾ شايان جي شايع ٿيل رپورٽ
57. شهيد شايان جي ياد ۾ ٿيل تعزيتي ميڙاڪاٺ تقريرون
58. شاگرد اڳواڻ شهيد شايان ڳورڙ جي
پهرين ورسي جو اکين ڏٺو احوال — ڪيڊٽ فراز غوث جتوئي
59. شهيد شايان جي باري ۾ لکيل تاثرات
60. شهيد شايان جي ياد ۾ ٿيل شاعري

www.sindhsalamat.com

# English Version

## Contents of Condolence Notes:

01. Zaffar Ali Khan Jatoi
02. Justice Aftab Ahmed Gorar
03. Roshan Ali Bughio (Senior Civil Judge)
04. Akhtar Ali Sehol
05. Ali Asghar joyo
06. Siraj Ahmed Gorar
07. Advocate Farooq Ahmed Gorar
08. Aftab Ali Siyal
09. Altaf Hussain Khokhar
10. Ghulam Rasool
11. Nawaz Ali Panhwar
12. Mr. Aftab Halo, Aziz Rehman Mahesar, Jahangeer Ahmed Chandio, M.Khan Qambrani
13. Sher Ali Chandio
14. Sadaqat Ali Khan Gorar
15. Sirai Saeed Ahmed Gorar
16. Junaid Hassan Gorar
17. Unknown

# پنھنجي پارا ن
# جي راهه اجل کنھن ورتي آهي

غالبن اهو 1999ع جو سال هو جڏهن منهنجي سائين علي شير ڳورڙ صاحب سان جاڻ سڃاڻ ۽ شناسائي ٿي هئي. اسين عوامي تحريڪ ۾ سرگرم هئاسين اسان جي پياري دوست ۽ ساٿي محمد علي نوناري جو ميڊيڪل اسٽور اسان جو ٿاڪ هوندو هو. سائين علي شيرسان گهرائي ۽ ويجهڙائپ اتي ٿي.ڪڏهن ڪڏهن سائين پنهنجي ننڍڙي پٽ شايان کي به پاڻ سان گڏ وٺي ايندو هو. ان وقت سندس عمر ستن اٺن سالن جي لڳ ڀڳ هئي. جڏهن اسان سڄاڳ ٻار تحريڪ جو مدينه ڪالوني ۾ يونٽ کوليو. تڏهن شايان به عهديدار مقرر ٿيو. ڪمسني ۽ ننڍڙي ڄمار ۾ شايان سڄاڳ ٻار تحريڪ ۾ زبردست سرگرمي شروع ڪئي. ان کي شاعري ياد ڪرائيسين، ڳاڙهو لالٽين، نوجوانن جو گيت، ماءُ ناول، ويتنامي ڪهاڻيون، مائوزيتنگ جي آتم ڪهاڻين سميت تمام ٿوري عرصي ۾ قومي ۽ انقلابي ادب جو سنو مطالعو ڪيائين.

شايان اسان سمورن دوستن جي بي حد عزت ۽ احترام ڪندو هو. هن ۾ سهپ ۽ برداشت هئي. پنهنجي والد محترم جي سنگت سان عزت ۽ احترام سان پيش اچڻ هن جي خاص خوبي هئي.

ميهڙ جونهايت متحرڪ ۽ پرجوش نوجوان شايان ڳورڙ هر محفل جي جان لڳندو هو. هن ننڍڙي عمر ۾ تر جي علمي، ادبي حلقن ۾ خاص مقام پيدا ڪيو. دنيا جي عظيم گوريلا ليڊر چي گويرا کان تمام گهڻو متاثر هو. سندس اسٽائيل به چي جهڙو هو.

جوڳِيءَ تي جَڙاءُ، نِسوروئِي نِينهَن جو؛
پَتَنگَ جِڳَنَ پيدا ٿِيو، سامِي سِڄَّ وَڙاءُ؛
آيو ڪاڪِ تَڙاءُ، ڪُنوارِنِ ڪَڪوريو.

لطيف سائين جي ڪردار جهڙو هي نوجوان 14 مئي2017ع تي

پنهنجي والد صاحب کي بچائيندي هميشہ لاءِ امر ٿي ويو. اڄ هن جون يادون ۽ ڪردار زنده آهن ۽ تاقيامت زنده رهندا. اسان جي سمورن دوستن ۽ راڄ جو راڻو هو.

شمع باريندي شب پرهہ باکون ڪيون
موت مران ٿي مينڌران راڻا ڪارڻ رب
تنهن جي تات طلب ڪانگ اڏايم ڪاڪ جا

شايان جي ڪمهلي ۽ اوچتي وڇوڙي سندس خاندان، دوستن ۽ عزيزن جون دليون جهوري وڌيون آهن. اسان طرفان سهيڙيل مضمون، تاثرات ۽ شاعري شايان کي خراج تحسين آهي. اسان بيحد شڪر گذار آهيون سردار غلام دستگير ٻورڙ، محترم غوث جتوئي، سينيئر سول جج روشن علي ٻگهيو، آزاد انور ڪانڌڙو، ساجد چانڊيو، اعجاز ٻورڙ، مير صدام ٻلهڙو، ايڊووڪيٽ رضوان حيدر ٽنيو، ماجد پنهور، سائين حبيب حضوري، سائين نور احمد جتوئي، ظهير ابڙو، ايڊووڪيٽ ساجد ٻورڙ، سيد منصف شاهہ، طاهر محزون پيٽي، سيد اعظم شاهہ سميت سمورن دوستن جا جن اسان کي هن ڪتاب آڻڻ لاءِ اتساهيو.

جاپونءِ پيرين مون سان سا پونءِ متي سڄڻين
ڏگ لٽبا ڏوڙ ۾ ايي ڏناسون
ڏينهن مڙيئي ڏون، اٿي لوچ لطيف چئي .

**احمد خان چانڊيو**
گاهي مهيسر ميهڙ

## پبلشر پاران

شايان ڳورڙ ميهڙ پرسان ڳوٺ سوجهرو ڳورڙ ۾ جنم وننڊڙ هڪ باشعور، متحرڪ، نوجوان شاگرد اڳواڻ، قومي ڪارڪن، سماج ۾ جاڳرتا ۽ تبديليءَ لاءِ جاکوڙيندڙ هو .

سندس اوچتي دکدائڪ وڇوڙي جتي سندس خاندان، مٽن مائٽن، دوستن يارن کي ڏکارو ڪيو آهي، اتي اسان جي سماج ۾ عظيم رشتن تان ڪچندڙ ويساهه واري تڪليف ڏيندڙ هن دجالي دور ۾ شايان ڳورڙ پنهنجي والد سائين علي شير ڳورڙ کي بچائيندي پنهنجي جان جو نذرانو ڏئي، عظيم رشتن تي ويساهه کي هڪ ڀيرو ٻيهر زنده ڪري ڇڏيو آهي.

شايان ڳورڙ جتي سياسي، سماجي پليٽ فارم تان جدوجهد ڪئي، اتي سنڌي ادبي سنگت ميهڙ جي تقريبن، ادبي ميڙاڪن، سيمينارن، ريلين ۾ به شرڪت ڪري پنهنجو قومي فرض نڀايو. سندس ڪردار، جدوجهد بابت سندس ساٿين احمد خان چانديو، منظور مهيسر ڪتاب ”پتنگ جِئن پيدا ٿيو“ سهيڙي پنهنجو قومي فرض نڀايو آهي.

سنڌي ادبي سنگت شاخ ميهڙ نه صرف ادبي سرگرميون جاري رکيون آهن پر مختلف وقتن تي سنڌي ادبي سنگت شاخ ميهڙ جي ترجمان ”ميهڙ جو آواز نيوز ليٽر“ سان گڏو گڏ گڏريل انن سالن کان مختلف ڪتاب ڇپرائي سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ ۾ مثالي ۽ خوبصورت ڪتاب ڇپرايا آهن. جن ۾

| | |
|---|---|
| ...۽ مان سنڌ پهچي ويس | گورڌن شرمان گهايل2010 |
| ورند جو ڪلام | مرتب: جوهر بروهي2011 |
| مگر تون مان نه هونداسين | اسحاق راهي2011 |
| ڪاچي پئي ڪوڪ | جوهر بروهي 2012 |
| ايڪتا شاعري | مرتب: آزاد انور ڪانڌڙو2013 |
| گل ڦل گيت | جوهربروهي2014 |
| سڄڻ سفر هليا | مرتب: آزاد انور ڪانڌڙو2015 |

شامل آهن .

www.sindhsalamat.com

سنڌي ادبي سنگت شاخ ميهڙ جي ڪم سان ريس نہ پر ساڙ ۽ بغض جي بنياد تي گذريل 30-25 سالن ۾ واندي ۽ هلڪڙي قسم جي ماڻهن پاران هڪ درجن ڪان وڌيڪ نام نهاد تنظيمون ناهيون جيڪي ڊهي دفن ٿي ويون آهن پر سنڌي ادبي سنگت شاخ ميهڙ ڪي نہ لهر ۽ نہ لوڏو اچي سگهيو آهي.

آيا ويا سڪندر، سيوهڻ اجان اتي آ،
هو ڪيرتر ڪڙو آ، ويندا رهيا وناسي.
(اياز)

ان جو سبب سنڌ ادبي سنگت شاخ ميهڙ جي ڪارڪردگي آهي جيڪا ڪنهن ذات، فرد، گروهہ جي انفرادي مفاد يا پاڻ پڏاءَ تحت نہ پر اجتماعي، قومي، علمي، ادبي ۽ ثقافتي مقصدن لاءِ سرگرم رهي آهي.

سنڌي ادبي سنگت شاخ ميهڙ پاران اسان جي ساٿي ۽ سنڌي ادبي سنگت ميهڙ جي همدرد شايان ڳورڙ بابت مانائتي دوستن احمد خان چانڊيو، منظور مهيسر پاران سهيڙيل ڪتاب "پتنگ جِئن پيدا ٿيو" ڇپائيندي، پنهنجي هڪ ساٿي ڪي ڀيٽا ڏيندي هڪڙو قرض ادا ڪرڻ ۽ هڪڙو فرض پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اميد تہ سنڌي ادبي سنگت شاخ ميهڙ جي هيءَ ڪاوش پڙهندڙن وٽ ضرور مڃتا ماڻيندي.

**سيڪريٽري**
سنڌي ادبي سنگت شاخ ميهڙ

## مهاڳ

بهادر شاهه ظفر ڪيڏو نہ سچ چيو
عمر دراز مانگ ڪي لائي ٿهي چار دن
دو هجر ۾ ڪٽي اور دو انتظار ۾

شايان ڳورڙ ڪي قدرت، سياست، محبت، سماج ۾ تبديلي لاءِ جاکوڙ ۽ زندگي گذارڻ لاءِ ٿورڙو وقت ڏنو هو، 21 سالن جي مختصر ڄمار.
شايان جي عمر بہ واقعي جڻ تہ چار ڏينهن ئي هئي. 21 سالن جي مختصر ڄمار، پرائمري تعليم کان بي اي تائين پڙهائي، 7 سالن جي ننڍڙي عمر ۾ سڄاڳ بار تحريڪ (عوامي تحريڪ) سان وابستگي، ڦوهه جواني ۾ 5 سال لاڳيتو محبت جي شمع سندن من ۾ روشن رهي ۽ 21 سالن جي عمر ۾ 14 مئي 2017ع ۾ موت هٿان ڪنيجڻ. شايان ڳورڙ جي 21 سالن جي زندگي مختصر زندگي ۽ سندس سياسي، سماجي زندگي ۽ سندس ڪردار کي ڏسي چئي سگهجي ٿو تہ شايان ڳورڙ جڻ تہ بس هڪ مقصد لاءِ پيدا ٿيو هو. 7 سالن کان سياست جي شروعات ڪندڙ شايان ڳورڙ زندگي دوران 14 سالن تائين سياست جي مختصر سفر ۾ هن گهڻو ڪجهہ ڪيو ۽ ايترو ڪم ڪري ڏيکاريائين جيڪو سندس نالي کي هڪ وڏي عرصي تائين زندهہ رکندو.

## سوانحي خاڪو:

شايان ڳورڙ ميهڙ پرسان ڳوٺ سوجهڙو ڳورڙ ۾ پهرين جنوري 1996ع تي اسان جي دوست ۽ ساٿي علي شير ڳورڙ جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس ڇنيءَ جو نالو عبدالباسط هو. شايان ڳورڙ پرائمري تعليم مدينہ ڪالوني، مئٽرڪ هاءِ اسڪول ون، انٽر گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ميهڙ مان پاس ڪئي. بعد ۾ سنڌ يونيورسٽي ۾ انٽري ٽيسٽ

پاس ڪيائين ۽ سنڌ جاگرافي شعبي ۾ داخلا ٿي. پر ڪجھ ذاتي سببن جي ڪري يونيورسٽي پڙھڻ نہ ويو ۽ ايم اي پاس ڪري سنڌ يونيورسٽي مان ايم اي انگلش پاس ڪري وڪيل ٿيڻ جو ارادو ڪيو ھئائين. ذاتي زندگيءَ ۾ بہ شايان ھڪ محبتي نوجوان، ھمدرد انسان ھو. ھن زندگي ۾ شايد ئي ڪنھن سان ٻاڙو ٻوليو ھجي. ھڪ معصوم، ھڪ خاموش، حساس، گھٽ ڳالھائو، ڪم سان ڪم رکڻ، وڏائي ۽ شوبازي ڪان پري رھندڙ، سلڇڻو ۽ سڀاجھڙو ۽ صدورو نوجوان ھو. ھو اسان جي سماج مان موڪلائي ويل قدرن کي پنھنجي والد علي شير ڳورڙ وانگر ھر وقت قائم ۽ دائم رکڻ لاءِ ڪوشان رھندڙ مھمان نواز نوجوان ھو. شھري مصروف زندگي ۾ بہ ھر وقت مھمانن، دوستن جي ميڙ ۾ سندن آجيان ۽ خدمت لاءِ شايان اڳڀرو رھيو.

## سياست:

شايان ڳورڙ ھڪ باشعور ۽ حساس نوجوان ھو. پنھنجي ديس ۽ ديس واسين جي ڏکن ۽ تڪليفن کي شدت سان محسوس ڪندو ھو. پنھنجي وطن واسين جي ڏکن سورن کي ختم ڪرڻ جا احساس ڪٽي ھو سياست ۾ آيو. اھا تِڙپ اھو احساس ۽ اھو روح جو آواز سندس آخري ھڏڪي تائين جھڪو، مانو يا ختم نہ ٿيو.

18 ھين صدي جي فرانسيسي جڳ مشھور مصنف، ڊراما نگار، ناول نگار، فلسفي والٽيئر پاران لکڻ جي شروعات دوران سندس والد کان ڪنھن پڇيو اوھان کي ڪيترا پٽ آھن، والٽيئر جي والد جواب ڏنو بہ (جڏھن تہ کيس 3 پٽ ھئا.) مخاطب ٿيندڙ شخص کيس چيو اوھان کي تہ 3 پٽ آھن. والٽيئر جي والد جواب ڏنو 2 ئي سمجھو، ٽيون شاعري ڪرڻ لڳو آھي. منھنجي نظر ۾ اھو مري چڪو آھي. سنڌ ۾ بہ اڪثر سياسي ڪارڪنن، اديبن ۽ شاعرن لاءِ والدين جي بہ اھڙي راءِ ھجي ٿي ۽ اھي اولاد جي سياسي ڪارڪن، اديب ۽ شاعر ٿيڻ / ھجڻ تي سخت اعتراض ڪن ٿا. پر شايان ڳورڙ کي سندس والد قومي ڪارڪن ۽ استاد علي شير ڳورڙ ئي (19 ھين صدي جي مشھور فرانسيسي ناول نگار گستائو فلائبير (Gustave Flaubert)جي والد وانگر) پاڻ ٻاراڻي وھيءَ ۾ 7 سالن جي عمر ۾

سياست ڏانهن راغب ڪيو. جيتوڻيڪ علي شير ڀُورڙ جو بنيادي تعلق سنڌ جي آجپي واري تحريڪ جيئي سنڌ محاذ سان هو. ۽ هو جيئي سنڌ محاذ جو شهيد سميع الله ڪلهوڙو، شهيد غفار سومرو، پاويل جوڻيجو، ڊاڪٽر هدايت الله ڪوسو، ڊاڪٽر امام الدين ڪوسو ۽ ٻين جي موجودگيءَ ۾ جيئي سنڌ محاذ جو ميمبر ٿيو هو. پر هن روايتي سياسي انداز بجاءِ پنهنجي اولاد کي سياسي طور آزاد ۽ خود مختيار ڇڏيو. شايان ڀُورڙ 7 سالن جي عمر ۾ عوامي تحريڪ جي ٻارن لاءِ قائم ڪيل سجاڳ ٻار تحريڪ مدينہ ڪالوني يونٽ جو صدر ٿيو بعد ۾ عوامي تحريڪ جي شاگرد ونگ سنڌي شاگرد تحريڪ ۾ مختلف عهدن تي ڪم ڪيو. شايان ڀُورڙ ننڍڙي عمر ۾ سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻن مرحومہ زاهده شيخ، مريم پليجو ۽ نظير قريشيءَ ڪي نہ رڳو ميهڙ تعلقي جا دورا ڪرايا پر ميهڙ ۾ پنهنجي رهائشگاهہ تي عورتن کي گڏ ڪري تنظيم سازي ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. بعد ۾ عوامي تحريڪ جي قيادت سان اختلافن بعد عوامي تحريڪ مان ڌار ٿي عوامي جمهوري پارٽي ۾ ابرار قاضي، حسين بخش ناريجو، ڀائو در محمد ٻرڙو، حريف چانڊيو، ميڊم نظير قريشي، وشنو مل ۽ ٻين سان گڏ ڪم ڪيائين. پاڻ عوامي جمهوري پارٽي جي شاگرد ونگ سنڌي اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن جو باني آرگنائيزر، مرڪزي سيڪريٽري جنرل ۽ خزانچي بہ رهيو.

## سماج ۾ تبديلي ۽ سجاڳيءَ لاءِ جاکوڙ:

شايان ڀُورڙ سماج ۾ تبديلي، سجاڳي لاءِ جاکوڙ ڪندڙ نوجوان اڳواڻ هو. هن هڪ نئين دنيا اڏڻ جا خواب ڏٺا هئا. ان لاءِ هن سياست ۾ بہ پير پاتو. سياست بہ اها جنهن ۾ ماڻهن جي حقن جي ڳالهہ هئي. سماج ۾ تبديلي ۽ ترقي جي ڳالهہ هئي. سماج کي بدلائڻ واري سوچ هئي. اقتداري سياست نہ هئي. هو ڪيترن ئي صلاحيتن وارو نوجوان هو. چاهي هان تہ ڪنهن اقتداري پارٽي ۾ شامل ٿي، اقتداري ڌر جا نعرا هڻي ٻين وانگر ڪا سني، سٺي نوڪري حاصل ڪري پئي سگهيو ۽ ڪروڙ پتي نہ تہ لک پتي ٿي پئي سگهيو ان ۾ ذهين ۽ ضمير جو سودو ڪرڻو پئي ٿو. پر هن ائين نہ ڪيو ۽ هو ان سياسي جماعت ۾ رهيو جنهن جو مشن اقتدار نہ پر سماج ۾ تبديلي،

www.sindhsalamat.com

نئون سماج اڏڻ، مذهبي رواداري، جمهوريت جو قيام ۽ سنڌ جي حقن جي حاصلات هئي. هن سماج ۾ اسٽيٽسڪو خلاف جاکوڙ ڪئي. ميهڙ واسين جا پاڻي، بجلي، گئس، ترقياتي ڪم نه ٿيڻ جا مسئلا هجن، سنڌ ۾ پاڻي جي کوٽ هجي، ڌارين جي آبادڪاري خلاف جهدوجد هجي، ڪالاباغ ڊيم جي اڏاوت خلاف تحريڪ هجي، شايان ڀُورڙ هميشه اڳرو رهيو. مقامي سطح کان ضلعي سطح ۽ سنڌ سطح تي مقامي توڙي سنڌ جي قومي مسئلن تي تحريڪ ۾ هن نمايان ڪردار ادا ڪيو. پاڻ تعليم جي تباهيءَ خلاف عوامي جمهوري پارٽي جي پيادل لانگ مارچ ۾ به ڀرپور ڪردار ادا ڪيائين. شايان جي اکين ۾ ديس ۽ ديس واسين جي خوشحاليءَ جا خواب هئا ۽ هو انهن خوبصورت خوابن جي ساڀيان لاءِ مسلسل جاکوڙ ۾ رهيو. شايان هڪ اهڙو بيچين روح هو جيڪو پنهنجي ذاتي يا انفرادي مسئلن بجاءِ اجتماعي مسئلن، سماج ۾ تبديلي ۽ سجاڳيءَ لاءِ جاکوڙ ڪندو رهيو. شايان ڀُورڙ سياسي، سماجي، شهري، سول سوسائٽي فورمن تي جيڪا جدوجهد ڪئي اها مثالي آهي. هو اڄ جي دور ۾ اڪثر نوجوانن وانگر مايوس ٿي، بي راهه روي يا سماجي براين جو شڪار ٿيندڙ نوجوانن جي اڪثريت واري دور ۾ هڪ رول ماڊل نوجوان هو. جيڪو نه صرف پڙهيو، سياست ڪئي، سماجي ڀلائيءَ جا ڪم ڪيا، قومي حقن لاءِ جدوجهد ڪئي، تعليمي تباهيءَ خلاف تعليم بچايو سنڌ بچايو جي نعري هيٺ پيادل مارچ ڪيا. مطلب ته شايان ڀُورڙ هڪ با مقصد زندگي گذاري .

## ثقافت سان پيار:

شايان ڀُورڙ پنهنجي ڌرتي، ٻولي ۽ ثقافت سان بيحد پيار ڪندڙ نوجوان هو. روزانه ڪاوش ۽ ڪي ٽي اين جي سڏ تي 2009ع کان 2016ع تائين لاڳيتو 8 سال اجرڪ ٽوپي جي ڏهاڙي کان سنڌو درياهه جي ڏهاڙي، ايڪتا ڏهاڙن ۾ سدائين پرجوش ۽ ڀرپور ڪردار ادا ڪندي ريلين، ميڙاڪن ۽ موٽر سائيڪلن ريلين جي اڳواڻي ڪندي پنهنجي ثقافت سان پيار ۽ ايڪتا جي اظهار لاءِ اڳڀرو رهيو. ميهڙ ۾ شايان جي قيادت ۾ ايڪتا ڏهاڙن تي ٿيل مختلف پروگرام ۽ ايڪتا ريليون ان جي اڄ به شاهدي ڏئي رهيون آهن. ان چوڻ ۾ ڪو به وڌاءُ

ناهي تہ 21 سالن جي مختصر زندگيءَ ۾ شايان ڳورڙ با مقصد نموني گذاريو. برک شاعر امداد حسيني جي هن شعر تي سچي زندگي عمل ڪندو رهيو.

سنڌ جي سڏ تي سڏ جيڪو نہ ڏي
ڪوڙهيو تي مري

شايان ڳورڙ ڪوڙهيو ٿي مرڻ بجاءِ سڄي حياتي سنڌ جي سڏ تي سڏ ڏيندو رهيو.

## قربانيءَ تي انحصار:

مشهور ليکڪ ميڪسم گورڪي هڪ هنڌ لکيو آهي ”گهريلو زندگي هڪ انقلابيءَ جي طاقت کي گهٽائي ڇڏيندي آهي. سدائين ائين ٿيندو آيو آهي. ٻار، بيوسي، ڳيو حاصل ڪرڻ لاءِ ڊرڪ ڊوڙ ۾ اسان کي هميشہ اڳتي وڌڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ اسين اهي آهيون جن کي تاريخ چونڊيو آهي تہ پراڻي دنيا کي ختم ڪري، هڪ نئين دنيا ويهي اڏيون.“ شايان بہ زندگيءَ ۾ هڪ نئين دنيا، نئين سماج اڏڻ لاءِ جاکوڙ ڪئي.

مون کي ائين لڳندو هو تہ جڻ ڪڏهن ڪڏهن مولانا عطاءُ الله شاهہ بخاري وانگر چوندو هجي ”آءُ اتي هليو ويندس، جتان موٽي ڪوبہ ڪونہ آيو آهي. پوءِ توهان مون کي سڏيندا، پر توهان جو سڏ، توهان جي ڪنن سان ٽڪرائجي، توهان کي ٿڪائي وجهندو، پر توهين مون کي نہ ڳولي سگهندؤ!“ ۽ ان سان بہ ائين ٿيو. هن جنهن هميشہ ”قربانيءَ“ تي انحصار ڪيو. پيار جي قرباني، والد مٿان پنهنجي جان جي قرباني ڪري هليو ويو ۽ اسين ڪيس ڳوليندا ئي رهون ٿا.

سنڌ جي برک دانشور، ڈاڪٽر حشو ڪيولراماڻي بابت ڪتاب ”حشو ڪيولراماڻي نہ وسرندڙ شخصيت“ ۾ ناميارو اديب مدد علي سنڌي هڪ هنڌ لکيو آهي تہ حشو ڪيولراماڻي حياتيءَ دوران پنهنجي دوست علامہ آءِ آءِ قاضيءَ کي هڪ خط ۾ لکيو هو ”منهنجي مرڻ کانپوءِ منهنجي مزار جو هي ڪتبو تي سگهي ٿو هتي اهو ماڻهو رکيل آهي جن کيس گهڻو پيار ڪيو ٿي، انهن کان پڇجي ويو، ان ڳالهہ جي ڳولا لاءِ جنهن جو کيس پاڻ پتو نہ هو!“

سچ تہ شايان ڳورڙ بہ ائين ئي ڪيو، هو اڄ ميهڙ پرسان اندس هاءِ وي تي سوجهرو ڳورڙ جي قبرستان جي ڪلراٺي زمين ۾ ستل آهي. سندس ماءُ ۽ والد پنهنجي جوان پٽ جي مٽي تي موڙ ٻڌڻ ۽ پيرن پنهنجي پاءُ جي هٿن تي ميندي ۽ دوستن سندس هميشہ سات جا خواب ڏٺا هئا پر هو انهن سيني کان هٿ ڇڏائي ائين اوچتو موت هٿان ڪنيجي ويو، جو اسان ڪيس ڳوليندا ئي رهون ٿا!!

## شايان ڳورڙ لائبريري جو قيام:

سوويت يونين جي يوڪرين شاعرا " انا اخمتوفا " لکيو آهي:

حرفت سان چند،
شاهي دروازي مان پنيان لکي ڏنو،
تہ ڪيئن مان شام جي وقت
پنهنجي موت کان
پنهنجي شهرت موٽائي ڏني،
هاڻي هو مون کي وساري ڇڏيندا.
منهنجا ڪتاب الماري ۾ پيا بوسيده ٿيندا.
۽ ڪائي گهٽي، يا گذر گاهہ
انا اخمتوفا جي نالي سان نہ سڏي ويندي!

اهو ڏک يوڪرين جي شاعره انا اخمتوفا جو ٿي سگهي ٿو پر شايان ڳورڙ جي وڇوڙي بعد سندس نالي پنيان ميهڙ جي هاءِ اسڪول تو ۾ شايان ڳورڙ لائبريري جو بنياد سندس ياد هميشہ تازي ڪندو رهندو تہ اسان ڪيس وساريو ناهي سندس مثالي ڪردار، جدوجهد ڪم ۽ قرباني جي هڪ ننڍڙي ئي سهي پر مڃتا ضرور ٿي آهي.

## شايان ڳورڙ بابت ڪتاب:

گيتا ۾ هڪ هنڌ لکيل آهي:

"جسم فاني آهي. جيڪو پيدا ٿيو ان جو مرتيو يقيني آهي. جيڪو مري ويو، ان جو جنم اٽل! ان ۾ دک جي کهڙي ڳالهہ آهي. ڏک ۽ سک، نفعو ۽ نقصان، هار ۽ جيت کي هڪ سمجهي تون ويڙهہ ڪر!"

اسان جي يار علي شير ڳورڙ جي جوان پٽ جي وڇوڙي جي

درد کي سندس خاندان سان گڏ سندس ساٿين، دوستن احمد خان چانڊيو ۽ منظور مهيسر شدت سان محسوس ڪندي، حوصلي ۽ همت سان ان درد کي پوڳيندي پوڳيندي "هڪ ڏکدائڪ ياد" طور هميشه محفوظ رکڻ لاءِ سندس ياد ، سندس ڪم، سندس ڪردار، جاکوڙ کي پيتا ڏيڻ ۽ سندس شخصيت کي تاريخ ۾ هميشه زنده رکڻ لاءِ هي ڪتاب "پتنگ جِئن پيدا ٿيو" سهيڙيو آهي، جنهن کي سنڌي ادبي سنگت شاخ ميهڙ پاران شهيد شايان ڳورڙ اڪيڊمي ميهڙ جي سهڪار سان ڇپرائي يادگار ۽ مثالي ڪم ڪيو آهي.

هن ڪتاب ۾ ناميارن اديبن، شاعرن، ليکڪن، سياسي، سماجي مطلب تہ مختلف مڪتبہ فڪر سان تعلق رکندڙ شخصيتن سائين جوهر بروهي، علي شير ڳورڙ، علي نواز ٻٽ، پاويل جوٽيجو، سليم مگسي، امتياز عادل سومري، عمر تيوٽي، ڪرم حسين وساڻ، ڊاڪٽر سراج سيال، طاهر محزون، حبيب حضوري، شمس ابن ضياء، شفيق چناء، لياقت علي ڏيپر، سردار غلام دستگير ڳورڙ، روشن علي ٻگهيو، ايڊووڪيٽ ساجد علي ڳورڙ، غوث جتوئي، انجنيئر جاويد علي ڳورڙ، اعجاز علي ڳورڙ ۽ ٻين جا مضمون، تاثر، تقريرون، شاعري ۽ ٻيو مواد شامل آهي. جنهن بابت وڌيڪ ڪجهہ لکندي پڙهندڙن جي وچ ۾ اجائي ديوار ٻڌڻ نہ ٿو گهران.

سچ تہ هنن دوستن شايان ڳورڙ جي ڪردار، ڪم کي سوجهرو ڳورڙ ۽ ميهڙ جي مدينا ڪالوني جي سوڙهين گهٽين ۽ اماس راتين ۾ گم ٿيڻ ناهي ڏنو. هن ڪتاب "پتنگ جِئن پيدا ٿيو" جي اشاعت سان صدين تائين شايان ڳورڙ جي سفر کي گم ٿيڻ کان بچائي ورتو آهي. سنڌ ۾ اهڙا ڪيترائي مثالي ڪردار تاريخ ۾ گم ٿي ويل نظر اچن ٿا.

**آزاد انور ڪانڌڙو**
**ميهڙ، سنڌ**
03068577522
25 اپريل 2018ع

# مرڻا اڳي جي مئا!
## (شهيد شايان جون يادگيريون)

### علي شير ڳورڙ

مان نہ ليکڪ نہ اديب باقي ادب دوست ضرور آهيان، پر شايان جي شهادت لکڻ تي مجبور ڪيو.

وچڙو تہ مون کي هيو، پر منهنجي ارڏي پٽ، موپي پٽ شهيد شايان مون کي پتنگ بڻجي پنهنجي جان جو نذرانو ڏئي مون کي بچائيندي شهادت جو جام پيتو ۽ وري ميهڙ تعلقي جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ۽ ميهڙ شهر جي باشعور شهرين ۽ سنڌ جي هر ضلعي مان ۽ ڪجهہ بلوچستان مان قومپرست اڳواڻن سميت پهچي مون سان غم جي گهڙي ۾ گڏ رهيا. شهيد شايان جو دردناڪ واقعو ۽ منهنجو درد هر ماڻهو پنهنجو درد سمجهيو، ۽ جنازه نماز ۾ تاريخي اجتماع ڏسي وڏي آٿت ملي، ان ڪري ئي مون کي جيئڻ جو گس ۽ حوصلو مليو.

شهيد شايان جو اصل نالو عبدالباسط هو، جيڪو پهرين جنوري 1996ع صبح جو 11:00 بجہ ڏاري ڳوٺ سوجهرو خان ڳورڙ ۾ ڄائو، جيڪو ڳوٺ اسان جي پڙ ڏاڏي سرائي سوجهرو خان ڳورڙ جي نالي سان آهي، شايان جي نالي رکڻ جي رسم ۾ پنهنجا ويجها رشتيدار ۽ ويجها دوست وڏي انگ ۾ شريڪ ٿيا هئا. منهنجي مائٽن ۽ دوستن سان بهتر روين جي ڪري وڏي چڙهي خوشي ملهائي هئي ۽ سڀ مون کي عزت جي نگاهہ سان ڏسندا هئا ۽ ڏسندا آهن، شهيد شايان هوشيار ۽ سلڇڻو هوندو هو، جڏهن چار سال جي ڄمار جو ٿيو تہ شايان کي ڪامريڊ قربان پنهور جي ننڍڙي جي طهر سنت جي رسم ۽ وليمي جي دعوت ۾ وني ويو هيس، جتي وليمي کان اڳ يعني قندر واري رات جو “خان جو ڳوٺ” ۾ عوامي تحريڪ جي مرڪزي قيادت سميت سڀ دوست گڏ ٿيا هئاسين. ڀهراڙي جي ڳوٺ ۾ واش روم جي سهولت نہ هئڻ سبب ڪجهہ

www.sindhsalamat.com

دوست رات جو ٻاهر نڪري ويا،سين هر ڪنهن پنهنجي حاجت پوري ڪرڻ لاءِ اوسا پاسا ورتا، شهيد شايان ٻه گڏ هليو هو، هن ٻه چيو ابو مان ٻه اوسو پاسو وٺان؟ اسان چيس وڃي ويھ، جڏهن پاڻي ڪٽي ٿوري پنڌ تي وينو، مون سان گڏ شهيد وهاب ڪوسو ٽارچ سميت بيٺا هئاسين شهيد وهاب چيو ته شايان سان مذاق ڪيون؟ ٽارچ ٻاري شايان ڏي منهن ڪيائين هُو ٻار هو جڳهه مٽائيندو ۽ ڪلندو ۽ چوندو رهيو ته چاچا ٽارچ بند ڪر، پريشان نه ٿيو، اجا ٻه هُو انجواءِ ڪندو رهيو ۽ پوءِ واپس اوطاق تي آياسين، ماني جو سٺو بندوبست ٿيل هو، ماني کاڌي، ان کان پوءِ سياسي ڪچهريون، تبصرا ڪرڻ لڳاسين توڙي جو شهيد شايان ننڍڙو ٻار هو، تنهن هوندي ٻه اهي ڳالهيون، ڪچهريون غور سان ٻڌندو رهيو، هن لاءِ سڀ دوست تعريف ڪرڻ لڳا ۽ اڳڪٿيون ڪرڻ لڳا ته هي ننڍڙو سياست ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو، هن ۾ ليڊر شپ جون سڀ صلاحيتون نظر اچن ٿيون، ان وقت ايڏا وڏا سياسي استاد ان جي تعريف پيا ڪن ته مان ٻه دل ئي دل ۾ خوشي محسوس پيو ڪريان ته مان اهوئي ته چاهيان ته شايان سنڌ ڌرتي لاءِ پنهجو اهم ڪردار ادا ڪري.

پوءِ دوستن هُن لاءِ ٻارن جي تنظيم ۾ ايڪٽو ڪرڻ جو حڪم ڏنو. منهنجي قومپرست سياست ۾ حصو وٺڻ سنڌ ڌرتي لاءِ پنهنجي حصي پتي جو ڪردار ادا ڪرڻ جو سبب منهنجو ماما سائين الهرکيو خان ٻورڙ صاحب هو. چو ته ان سان گهڻو وقت گڏ رهڻ جو شرف حاصل ٿيو ۽ هن ٻه پنهنجي زندگي قومپرست سياست ۾ گذاري. جڏهن ڪڪڙ ۾ هيڊ ماستر طور بدلي ٿيا هئا ته ان وقت مون کي گڏ وٺي ويا. پنهنجي اسڪول گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۾ پڙهايائون ۽ مشهور شاعر سائين محسن ڪڪڙائي کان ٽيوشن وٺي ڏنائون، ان کان بعد ماما سائين جي بدلي راڌڻ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۾ ٿي. تڏهن ٻه مون کي پاڻ سان گڏ راڌڻ وٺي ويا. اتي ڏهين ڪلاس ۾ جنهن جو ڪلاس ٽيچر سائين حبيب الله ٻبر وٽ مان پڙهيس . ماما سائين جا مون تي تمام گهڻا اثر پيا جو مان ٻه قومپرست سياست يعني جيئي سنڌ وارن سان همدرد دوست طور سياست جي شروعات ڪئي، پوءِ وري باضابط طور تي شام جو مون وٽ شهيد سميع الله ڪلهوڙو، پاويل جوڻيجو، ڪامريڊ شهيد

www.sindhsalamat.com

غفار سومرو، سائين عابد ڪلهوڙو، سائين سراج احمد پنهور، ڊاڪٽر هدايت الله ڪوسو، ڊاڪٽر امام الدين ڪوسو وارا آيا. مان ٻه گهٽي ۾ ڪٿون ڪيرائي ورتيون، انهن سان ڪافي ڪچهريون ٿيون، ۽ چيائون ته توهان اسان سان همدرد دوست طور تي گهڻو گڏ هليا آهيو، هاڻي توهان جيئي سنڌ محاذ جا ميمبر ٿيو، جيڪا مون دعوت قبول ڪئي، تنظيمن جي طور طريقن وانگر مون کان درخواست لکرائي ورتي، ڪجهه ڏينهن کان پوءِ مون ڏي ضلع ڪاميٽي طرفان ميمبر طور ميمبرشپ جو ليٽر آيو، جيڪو اڄ تائين مون وٽ موجود آهي، ۽ شهيد سميع الله ڪلهوڙو جا ميٽنگن بابت خط اڄ به موجود آهن، انهن سان به سنڌ جي مسئلن تي جدوجهد جاري رکي، اصل ۾ سچ هي آهي ته نظرياتي طور تي اسان جو سن جي سيد  سان مضبوط رشتو هو، پر پوءِ ڪجهه جيئي سنڌ جون سرگرميون گهٽجي ويون، اندروني طورتي ڄُندا پَٽَ شروع ٿي ويئي، جدوجهد ۾ ٺڏاڻ ٿي وئي، تنهن ٽائيم ۾ مان عوامي تحريڪ ڪي تيز ترين جدوجهد ڪندي ۽ اسٽڊي سرڪل هلائي ڪارڪن جي تربيت ڪندي ڏسندو هيس، انهن جي جدوجهد ۽ ڪم جي طريقيڪار کان متاثر ٿيس. ۽ اتي اسان جا دوست سائين احمدخان چانڊيو، منظور مهيسر، محمد علي نوناري وارا عوامي تحريڪ ۾ تمام گهڻو سرگرم هئا. ڪجهه وقت انهن سان همدرد دوست طور ڪافي وقت جدجهد ۾ پئي هلياسين انهن به  اسان کي پنهنجي پارٽي ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني، جيڪا مون ۽ روشن ٻگهيو قبول ڪئي، ان ۾ روشن ٻگهيو ميٽنگ ۾ وڃي عوامي تحريڪ جوائن ڪئي، پر مان اڻ اعلانيه طور پارٽي جوائن ڪئي، ڇوته مان جيئي سنڌ محاذ ۾ هيس ان جي لاءِ مون حجاب ڪيو هو، بقول احمدخان جي چوندو آهي، تون حجاب ٿو ڪرين، اسان عوامي تحريڪ ۾ تيزيءَ سان ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ته اسان کي نئين تعلقي باڊي ۾ چونڊيو ۽ باضابطه طور تي جدوجهد عوامي تحريڪ کان زور شور سان شروع ڪري ڏني.

جڏهن شايان پنج سال جي ڄمار جو ٿيو ته گورنمينٽ پرائمري اسڪول المدينه ڪالوني ميهڙ ۾ داخل ٿيو، شايان کي ست سالن جي ڄمار ۾ پارٽي مدينه ڪالوني سڃاڳ ٻارتحريڪ جو صدر چونڊيو ويو، مدينه ڪالونيون ۾ پنهنجيون سرگرميون تيز ڪري

www.sindhsalamat.com

چڏيون، جڏهن پهرين ميٽنگ ۾ ڏهن پندرنهن ڏينهن ۾ ڪوئي ويئي ته ان ۾ ويهن ٻارن جي شرڪت ڪرائي سگهيو پوءِ رات جو مان تنقيد ڪندي چيومانس بابا تنظيم سازي ۾ واڌارو نظر نٿو اچي، مون کي چوڻ لڳو ابو هتي مان هڪڙو سڄاڳ ٻار آهيان باقي ٻيا اجان نندڍ ٻار آهن، انهن کي جاڳائڻ جي ضرورت آهي، تڪڙ نه ڪريو باقي ٻي ميٽنگ ۾ وڌيڪ شرڪت ڪرائيندس.

ائين ئي تنظيم ۾ سرگرم ٿي جدوجهد ڪندو منزلون طئي ڪندو ويو. عوامي تحريڪ جي شاگرد ونگ (SST) ۾ پوءِ عوامي تحريڪ ۾ اڳتي پنهنجون سڀ صلاحيتون استعمال ڪندي سنڌ ڌرتي جي حقن لاءِ وڙهندو رهيو ۽ پنهنجو پاڻ مڃرائيندو رهيو ۽ اڳتي پارٽي اندر به مقبوليت ۽ عزتون ونندو ويو.

پوءِ ميهڙ شهر جا لوڪل اشوز (Local Issues) هجن يا ايڪتا جو ريليون هجن، سياسي سماجي پروگرام هجن، هر سياسي جدوجهد ۽ پروگرامن ۾ انائونسمينٽ (Annoucment) تقريرون ۽ اڳواٽي ڪندو رهيو.

جڏهن سنڌياڻي تحريڪ جون پيترون ادي زاهده شيخ، ادي مريم پليجو ۽ ادي نظير قريشي مرڪز کان پارٽي دوري تي آيون هيون، شايان انهن سان تعلقي جو دورو ۽ عورتن سان ميٽنگون ڪرائي رات جو انهن کي پنهنجي گهر وٺي آيو هو، انهن سان منور جتوئي پڻ گڏ هيو ۽ گهر ۾ شايان پاڙي جون عورتون گڏ ڪري وڏي تنظيم سازي ڪرائي هئي، رات جو اسان منور جتوئي سان اوطاق ۾ تنظيم جي مسئلن تي بحث مباحثو ۽ ڪچهريون ڪيون، تنهن ۾ به شايان سڄي رات ڪچهريون ڪيون ۽ هر محاذ تي اڳيان اڳيان هوندو هو.

عوامي تحريڪ ۾ اسان شايان سميت گڏ هلياسين پر انهن جا ضابطا سخت ٿيندا ويا . پوءِ پارٽي پاليسي سان اختلاف هجڻ ۽ مختلف دوستن تي بي بنياد الزام تراشي سبب پارٽي کان علحدگي اختيار ڪندي پنهنجا فورم ۽ تنظيمون ناهي، سنڌ ڌرتي ۽ مظلوم ماڻهن جي حقن لاءِ جدوجهد جاري رکي.

پوءِ ڪڏهن لوڪل اشوزتي پروگرام يا ليڪچر ڪرائيندا هئاسين چو ته اسان کي سنڌ ڌرتي سان جيڪو وچن ڪيل هو ته ويهڻو نه آهي، اسان ان وقت به ميهڙ شهر ۾ نمايان هوندا هئاسين

www.sindhsalamat.com

ڪاڌرليڪيا ويندا هئاسين. انهي هر جدوجهد ۾ شهيد شايان جي اڳواٽي جو ڪردار رهيو، ان ۾ لائوڊ اسپيڪرن تي شينهن جي گجگوڙ ڪري ريلي کي گرمائي ڇڏيندو هو، جڏهن ريلي گهنٽاگهر پهچي ويندي هئي، جنهن جي اڳواٽي ڪندي انائونسمينٽ ۾ وڏي نعريبازي سبب رستي ويندڙ به موٽي جلوس ۾ شريڪ ٿيندا هئا، اسٽيج جو بادشاھ هوندو هو، اسان سڀئي ۽ ريلي ۾ شامل ماڻهو چوندا هئا. شايان شعر پڙهندو وجي ۽ اسان ٻڌندا وجون کي دوست ته فرمائشون ڪندا هئا ته اجان انقلابي شعر پڙهي ائين ئي سرگرميون جاري هيون. ان جي فورمن عوامي فورمه ۽ ان ٽيم جا دوست احمدخان چانديو، غوث جتوئي، ڊاڪٽر غلام شبير جهتيال، شايان سميت روشن ٻگهيو، رياض چانديو، شامل هئاسين، ۽ ان ڪان علاوه ادبي فورم جنهن ۾ سنو ڪردار ادا ڪندڙ ماڻهن جن ۾ سائين حاجي عبدالڪريم ٻگهيو، ايڊووڪيٽ شاھ محمد سومرو ۽ ٻين سان ادبي رهاڻيون ڪيون. انهن سرگرمين ۾ جيڪي ذهين شاگرد انٽري ٽيسٽ پاس ڪندڙ جيڪي يونيورسٽي ۾ داخلا لاءِ ويندا هئا انهن کي مجتا ۽ ايندڙ نسل کي اتساھ ڏيڻ لاءِ وڏا وڏا شاندار آجياٽا ۽ وڏا پروگرام ڪياسون ۽ اسٽڊي سرڪل ۽ پروگرام مخلتف موضوعن تي جن ۾ وڏا وڏا دانشور، عبدالعزيز ٻرڙو، ڪامريڊ شبير سومرو، احمد مشتاق راڄپر، ممتاز کوکر کان ليڪچر ڪرايا هيا. ان ۾ هڪ دفعي احمد مشتاق راڄپر جو ليڪچر رکرايوسين، انهن ڏينهن ۾ احمد مشتاق به پارٽي کان ٽورو پاسيرو ٿي چڪو هو. ان پروگرام ۾ غوث جتوئي، احمدخان چانديو، روشن ٻگهيو، منظور مهيسر، شايان سميت ليڪچر ۾ تڏهن به انائونسمينٽ شايان ڪئي هئي، ليڪچر کان پوءِ رات جو احمد مشتاق راڄپر سان سياسي ڪچهريون ٿيون، بحث مباحثه پڻ ٿيا، اسان سنگت سان الڳ پارٽي ناهڻ جي ڳالھ رکي، احمد مشتاق کي چيوسين توهان سميت سڄي سنڌ ۾ عوامي تحريڪ جو بنياد وجهندڙ دوست پاسيرا وينا آهن، سنڌ ۾ جيڪا موجوده صورتحال ۾ ٻيون تنظيمون سنڌ دوست ڌريون به تڏيون تي ويون آهن.

جيڪا سنڌ ۾ مايوسي واري صورتحال آهي، ۽ ان کي خدمت ڪرڻ لاءِ اسان کي سنڌ اندر نئين پارٽي ناهڻ گهرجي هوئڻ به اسان مختلف فورمن تي سنڌ جي حقن لاءِ ڪيترو وڙهنداسين.

www.sindhsalamat.com

احمدخان سميت سڄي سنگت کي بهتر ڳالهه لڳي جيڪا سيني مڃي ورتي. ان ڏينهن کان پوءِ پڪو پهه ڪري سڄي سنڌ ۾ جيڪي هڪڙا پارٽي سان اختلاف رکي ڪاوڙيل ڪجهه وينل ڪامريڊن سان رابطا تيز ڪري ڏنا. ان نتيجي ۾ عوامي جمهوري ڪائونسل جوڙي ڪم شروع ڪري ڏنو ۽ نئين قومپرست پارٽي وجود ۾ آئي، جنهن ۾ آئين منشور ۽ هر ڪارڪن کي ليڊر هجڻ جا حق ڏيڻ جهڙا قانون ناهيا ويا. جيڪو اهو منهنجي خيال ۾ ڪريڊٽ غوث جتوئي، احمد مشتاق ۽ احمد خان ڏانهن وڃي ٿو. ۽ ميهڙ شهر مان شروعات ڪري سڄي سنڌ ۾ تيزي سان سنڌ جي حقن لاءِ جدوجهد جاري رکي ويئي، جڏهن عوامي جمهوري ڪائونسل ميچوئر ٿي پوءِ عوامي جمهوري پارٽي جي نالي سان پاڻ مڃرائي ورتو، ان ۾ شاگردن جي لاءِ شاگرد ونگ جوڙڻ ۾ شايان اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ سڄي سنڌ ۾ شاگردن سان گڏجاڻيون ڪري سنڌي اسٽوڊنٽ آرگنائيزيشن (SSO) جو بنياد رکيو پاڻ پهريون مرڪزي اڳواڻ طور ڪم ڪرڻ لڳو.

ائين ئي عورتن جي مسئلن تي آواز اٿارڻ لاءِ عوامي جمهوري پارٽي عورتن جي ذميواري ادي نظير قريشي تي رکي وئي. عوامي جمهوري پارٽي جي اها پهرين عورت جنهن سنڌ ۾ دورا ڪري عورتن سان گڏجاڻيون ڪرڻ شروع ڪيون جڏهن دوري ۾ آئي هئي ان کي به تعلقي جا دورا ڪرائي، شايان ادي نظير قريشي کي پنهنجي گهر رهائڻ ۽ ان جي ميزباني جو شرف حاصل ڪيو، ۽ شايان جڏهن انٽر سنين مارڪن ۾ پاس ڪري سنڌ يونيورسٽي ۾ انٽري ٽيسٽ ۾ وينو هو جيڪا پاس ڪري جاگرافي ڊپارٽمينٽ ۾ داخلا ٿي هيس پر ڪجهه سببن جي ڪري به وڃي نه سگهيو.

هاڻي گريجوئيشن ڪرڻ کان پوءِ (M.A.English) سنڌ نيورسٽي ۾ ڪرڻ جو ارادو هيس، ۽ پاڻ کي وڏو وڪيل ٿيڻ جو خواب هيس جيڪو خواب اڌوررهجي ويو.

مرڻا اڳي جي مئا، سي مري نه ٿين مات،
هوندا سي حيات، جيئڻان اڳي جي جِئا.

# مَهان انسان: شايان ڳورڙ شهيد

## جوهر بروهي

سنڌ جو هر خطو ۽ هر شهر يا واهڻ پنهنجي جدا جاگرافيائي ماڻ سان گڏ، هڪ جدا تاريخي شان به رکي ٿو، انهن شانائتن ڪردارن يا ڳڻن علائقي جي جوڙجڪ ڪي به اهميت آهي، ڇو ته ڌرتي ۽ انساني فطرت قطعي طور هڪ جهڙيون آهن، جيئن اوهان ويهه ڪلو ميٽر سفر ڪيو ته اهو غيرآباد علائقو هوندو، جهڙوڪ رڻ يا جابلو علائقو.

ڌرتي جي بيهڪ جڏهن مختلف زاويا رکي ٿي ته پوءِ ڏسندڙن کي به هڪ لطف اچي ٿو، ان ريت انساني مزاج آهي، جيڪڏهن ڪو انسان هڪڙي ڪيفيت ۾ رهي ته ان سان ملڻ اٿڻ ويهڻ اوکو ٿي پوي، جڏهن لمحي لمحي انساني مزاج جو ڪيفيتون متجندڙ هجن ٿيون ته پوءِ ان سان ئي لاڳاپا ۽ رشتا آهن، جيئن وڏير ڪو مزاج يڪسانيت جو شڪار آهي، ان ڪري ڳوٺ شهر ۾ وڏيري جو سماج اوپرو رهي ٿو، جيڪڏهن طبيعت ۾ عوامي پٽو هوندو ته پوءِ اها ڪامياب آهي.

سنڌ جي هر شهر ۾ ملوڪ ماڻهو جنم وٺن ٿا. جيڪي پنهنجي عزم، ڪردار سان تاريخ ۾ جاءِ والارين ٿا. جيڪو ماڻهو جنهن شهر ۾ رهي ٿو، جنهن ۾ ان جو گهر، روزگار ۽ رشتا آهن، ته اهو ان کي ڪافي پيارو آهي، تان ته آکيري جهڙي خالي رهائش گاهه به هر پکي کي پياري آهي، ان ڪري سارو ڏينهن داڻو چوڻو چوندي سانجهه ويلي ولر ڪري پنهنجي آکيري ۾ اچي ٿو، ۽ سڪون سان رات گذاري ٿو، ان ريت پنهنجو شهر ۽ شهر ۾ پنهنجو گهر به سڪون جو مرڪز هجي ٿو.

منهنجو اباڻو ڳوٺ فريدآباد آهي، جنهن جو مرڪزي شهر ميهڙ آهي، جنهن سان انيڪ يادون لاڳاپيل آهن، ميهڙ ڪن ڳالهين جي

ڪري سنڌ يا سنڌ کان ٻاهر شهرت رکي ٿو، جنهن ۾ مائو، ميندي، جو ذڪر عام اچي ٿو، ان سان گڏ وقت تائين ميهڙ جو ماهيو مال به پنهنجي سونهن ۽ سوڀيا جي لحاظ کان ياڳين وٽ ڪافي مقبول رهيو، جو بنيادي طور ميهڙ مَهين جي ملڪ جو وڏو ماڳ آهي، مَهين جي ملڪ جي ڳالهه تاريخن ۾ اچي ٿو، هي شهر ان ڪري به اهميت رکي ٿو هن جي چوڌاري ڍنڍون آهن، جيڪي درياهه جي اولهندي وهڪري جون نشانيون آهن، انهن ڍنڍن جي معلومات به جدا مضمون گهري ٿي.

هر شهر جا ماڻهو ڏاڍا مانَ پريا ، سٺي سلوڪ ۽ احسان وارا ماڻهو آهن، ان ريت ميهڙ جي ماڻهن جو به هڪ جدا ڳاڻ ۽ مهرپريو رويو آهي، جنهن جو هيئن تجربو به ڪجي، ميهڙ جي علائقي ۾ ڪنهن ميهڙ واسي کان ڪو مسافر معلومات گهري ته ميهڙ واسي اميد ته قرب ۽ ادب سان معلومات ڏيندو، ”ڪسا پڪا جت ڪٿ هوندا“.

ميهڙ علائقي ۾ ڪافي قبيلا رهن ٿا، ۽ جيڪي جدا جدا پنهنجو شان رکن ٿا. انهن ۾ هڪ ڳورڙ قبيلو به آهي، سياست، ادب ۾ ته هنن جو ڪم آهي، پرخاص طور تعليم جي ميدان ۾ هن قبيلي ۾ شعور رکندڙن جي هڪ وڏي فهرست آهي، ڳورڙ قبيلي جي ڳوٺن ۾ تعليمي ادارا واقعي تعليمي، تدريسي مرڪز آهن، ان ۾ ڳوٺ واسين جي دلچسپي به هڪ سبب آهي.

ڳورڙ قبيلي سان تعلق رکندڙ سوچ پريو انسان دوست علي شير به آهي ، جنهن سان هڪ عرصي کان واقفيت آهي، خاص طور ادبي ميڙن ۾ دوستن سان موجودگي ادبي دنيا لاءِ هڪ آٿت آهي، مون ڪيس ڪڏهن اسٽيج تي نه ڏٺو آهي، ۽ نه وري ٻڌو آهي، پر شاعرن ۽ اديبن جي ڪچهري ۾ اول کان آخر تائين ساٿ ڏيندڙ ڏٺو آهي، هن وٽ سنڌ جي آجپي ۽ آبادي جا خواب به آهن، سندس هونهار فرزند شايان ڳورڙ جيڪو جيڏن ۾ ۾ مقبول ڳڀرو هيو ۽ ساٿ جو سرواڻ به لکيو ويو، ان کي مون ڪونه ڏٺو، جي ڏٺو هوندم ته هن وقت ياد به ناهي، ٻالجتي کان سندس شعوري جاڳرتا جي خبر ٻڌي پروڙ پئي ته ميهڙ شهر کان هڪ امل ماڻڪ کسجي ويو، شايد ايندڙ وقت ۾ هو شهر جي لاءِ پارس ته شهر جي مسئلن لاءِ جاکوڙي ۽ سنڌ جاڳرتا ۾ نالو ڪمائي ها. شيخ سعدي فارسيءَ ۾

www.sindhsalamat.com

چيو ته "تونگري جو تعلق دل سان آهي، مال سان ناهي، عمر جو تعلق عقل سان آهي، سال سان ناهي".

ننڍي وهيءَ ۾ شايان جو سوچون خوشبو واسيل هيون، جيڪا معلومات سندس سپاءُ متعلق مون کي ملي آهي، افسوس به ٿيو ته ساڻس ڪا ملاقات هجي ها، ملاقات هجي ته پوءِ هڪ يادگيرو به هجي ها.

ميهڙ جي شخصيتن جو هڪ تسلسل آهي، زندگي جي هر شعبي ۾ ڪامياب ماڻهو هن ڌرتي جاڻيا، جن جي مٽيا ميهڙ تاريخ ۾ سونن اکرن سان لکجي، فهرست به ايڏي ڊگهي آهي، نالا لکندي قلمڪار جا هٿ ۽ قلم ٿڪجي پوندو.

ميهڙ جي ڪامياب انسانن جي پنهنجي پنهنجي شعبي ۾ نمايان ڪم، جيڪڏهن محترم شمس الدين بلبل کان شروع ڪري شايان ڳورڙ جي نالي تي فل اسٽاپ ڏجي ته اهي نالا به هزارن ۾ هوندا.

شايان پنهنجي نوخيز جواني جي مختصر مدت ۾ ذهني ۽ شعوري سگهه جو ثبوت ڏنو، اهڙي ڪارڪردگي هر نوجوان ڏئي، سنڌ صدين کان صدين تائين سرسبز رهي، مان ميهڙ جي ادبي دنيا جي طرفان شايان کي سلام پيش ڪريان ٿو.

# شايان علي ڳوڙ هڪ محبتي انسان

علي نواز ڀٽ

هـــــڻ هڪلـــــڻ ٻيلـــــي ســــــارڻ،
مانجهيــــــــــــــان ايءُ مــــــــــــرڪ،
وجهـــن تـــان نـــہ فـــرق، رک رهنـدي رانـد ۾.

شايان کي آءُ سندس کيترن ئي پيڙهين کان سڃاڻان سندس خاندان سان منهنجي خاندان جا کيترن ئي پيڙهين کان گهريلو تعلقات هئا آهن، سندس والد علي شير سندس چاچو حسين بخش (نظام الدين) سندس ڏاڏو سرائي علي اڪبر چاچا سرائي علي حيدر، چاچا سرائي علي نواز خان، ڏاڏا سرائي رانجهو خان ڳوڙ ۽ سندس سڄي خاندان ۽ پاڙي سان اسان ائين رهيا سون جيئن سڳا ڀائر پاڻ ۾ هوندا آهن، ماسڙ محمد صادق، ماسڙ محمد يعقوب، چاچا محترم الهرکيوخان، چاچا نياز علي، چاچا سرائي غلام رسول خان، چاچا سرائي سوجهرو خان، چاچا شهاب الدين سڀ قربائتا ۽ محبتي انسان هئا، ڪنهن جا نالا لکي ڪنهن جا لکان، سڀ قربائتا هيا، ڳوٺ ۾ تہ اوطاقون بہ گهٽيون هيون، پر شهيد شايان علي جي وڏڙن جي اوطاق ۾ سدائين ميلو متل هوندو هيو، آيل پوڳ، ڪچهري، حال احوال سدائين محفل متل هوندي هئي.

شهيد شايان کي قرب ۽ محبت ورثي ۾ ملي هئي، هڪ دفعو جيڪو مليو تہ سدائين لاءِ دوست بڻجي ويو، ننڍي عمر ۾ وڏن سياستدانن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلڻ هر ڪنهن جو ڪم ڪونهي، 01-01-1996 کان 14-05-2017 تائين هن جو سياسي ۽ سماجي سفر پنهنجي معراج تي پهچي ويو.

سڄاڳ بار تحريڪ کان ٿيندو SST عوامي تحريڪ ۾ پوءِ عوامي جمهوري پارٽي تائين پنهنجي سياسي سفر ۾ هن ڪڏهن بہ

جهول نہ ڪاڏو.
منهنجو واسطو اگرچہ جيئي سنڌ محاذ سان هيو ۽ آءٌ سندن خاندان وٽ ايندو ويندو رهندو هيس، تہ بيا ڪي سوال ڪندا هيا ليڪن هي احترامن مون سان بحث نہ ڪندو هيو.
هو علائقي ۾ هڪ سماج سڌارڪ هيو، پنهنجي پاڙي جا مسئلا، گهٽي جا مسئلا، شايان آهي تہ ٻئي ڪنهن کي فڪر ئي نہ ٿيندو هيو، هو خدمت خلق جي جذبي تحت هر سماجي مسئلي ۾ اڳ پرو ۽ اڳيان اڳيان هوندو هيو، ڪنهن بہ سياسي يا سماجي ورڪر لاءِ هي ڳالهيون ضروري آهن:

(1) علم
(2) اخلاق
(3) لالچ کان متانهون هئڻ
(4) خوف کان متانهون هئڻ.

شايان ڊپلوما ڪيو، بي اي ڪئي ۽ سياسي، سماجي مسئلن متعلق ڪتابن جو مطالعو ڪيو، هو مطالعي کي وڏي اهميت ڏيندو هيو.
آءُ اڳ ۾ بہ ذڪر ڪري آيو آهيان تہ شايان بلند اخلاق جو مالڪ هيو سڀ ڪنهن سان نياز نوڙت سان پيش اچڻ، سڀ ڪنهن سان محبت سان پيش اچڻ، وڏن جو ادب ڪرڻ انهن خوبين جي ڪري ميهڙ شهر جي سمورين سياسي ۽ سماجي جماعتن جا اڳواڻ ۽ ڪارڪن ساڻس محبت ڪندا هيا، ان جو مثال اهو آهي تہ مختلف جماعتون شايان لاءِ تعزيتي ميڙاڪا ٿيون ڪن هن جو اخلاق ايترو بلند هيو جو هر ماڻهو جي اک آلي هئي، هر ماڻهو سمجهڻ لڳو تہ شايان جي وڇوڙي سان سندس نقصان ٿيو آهي.
شايان ۾ لالچ نہ هئي ذاتي مفاد ڦٽي ڪري هن قومي مفادن لاءِ پاڻ ارپيو ۽ هر قسم جي لالچ کان متانهون ٿي گذاريو.
شايان ۾ لالچ نہ هئي، تہ نہ هن ۾ خوف هو، هُو بي ڊپو سنڌين ۾ سجاڳي لاءِ پاڻ پتوڙي رهيو هيو.
جڏهن ڪا قوم غلام ٿيندي آهي تہ حاڪم طبقا انهن ۾ هر قسم جون برايون داخل ڪندا آهن، تہ جيئن اها قوم انتشار جو شڪار رهي، سنڌي قوم ۾ انيڪ برايون نظر اينديون اهي سڀ حاڪم طبقن جون ٻجيل آهن.

حاڪم طبقا چاهيندا آهن ته اها قوم جاهل هجي، ڪرمنل هجي، اخلاق جو ڏيوالو نڪتل هجي، بک، بيروزگاري صحت جي سهولتن جي اڻاٺ، تعليم جي تباهي هجي ته اها قوم سدائين غلامي جا ڳٽ پائي ، ڇيرون پئي ڇمڪائيندي! سنڌي قوم سان اهي سڀ ڳالهيون لاڳو آهن، سنڌ اندر ڪرمنل ماڻهو ختم ئي نه ٿا ٿين، وري سڄي سنڌ ۾ نشي جي بيماري هر محلي ۾ ڪٿي ته هر گهٽيءَ ۾ موالين جي بيٺڪ ملندي ان مان ظاهر آهي ته نوجوان نسل، اڄ جي نوجوانن کي شايان جهڙن بي لوث ورڪرن ۽ ليڊرن جي ڪردار مان سبق حاصل ڪرڻ گهرجي. هو جتي به جنهن به پارٽي ۾ هيو، هو جنهن به حيثيت ۾ هيو ته ويهي نه رهيو، هن ڏک ۾ سُک ۾ پنهنجي مٿان سونپيل ذميوارين کي نڀاهيو، جڏهن به ڪو عمل جو وقت آيو ته هو اڳيان اڳيان هيو، سندس جماعت جي نظرئي سان اگر ڪوئي اختلاف ڪري ته ڪري سگهي ٿو، پر هن جي ڪردار کان، هن جي جدوجهد کان، هن جي ڪم جي طريقي ڪار کان هن جو ساٿ کي سنڀالي هلڻ کان، هن جو مختلف جماعتن سان نظرياتي اختلاف رکڻ باوجود گڏجي ڪم ڪرڻ کان، سنڌ جي يا علائقي جي مسئلن ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ کان ڪو به انڪار ڪري نٿو سگهي، هو ڀرپور جدوجهد ڪندڙ با وقار نوجوان هيو، جدوجهد وري جدوجهد جو قائل هيو، ڪڏهن نه ٿڪو ۽ جدوجهد ڪندي حادثاتي طور اسان سڀني کان ڌار ٿي ويو.

# شايان ڳورڙ سماج کي تبديل ڪرڻ واري فڪري تحريڪ جو هڪ سپاهي

## پاويل جوڻيجو

جڏهن هن جي شهادت جي خبر لکي رهيو هئس ته لکي نه پئي سگهيم، منهنجي هٿن جون آڱريون ليپ ٽاپ تي اها خبر لکڻ کان نابري واري ويٺيون هيون، ذهن سوچڻ ڇڏي ڏنو هيو، ذهن ۾ ڪي لفظ نه نهي رهيا هئا. دل ۾ ڏک جو احساس مون کي سُن ڪري ڇڏيو هيو، خبر هئي نوجوان پٽ پيءُ کي بچائيندي موٽر مان بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب شهيد ٿي ويو، شهيد ٿيل نوجوان سان منهنجو ڪڏهن ميل ميلاپ ڪونه هيو، جي ٿيو هيو ته ياد نٿو اچي، هن جو والد علي شير ڳورڙ منهنجو ذاتي، سياسي، نظرياتي گهرو دوست هيو، شايد ان سان اهڙو رشتو هجڻ ڪري منهنجي اها ڪيفيت ٿي وئي هجي، ان لمحي مان پنهنجي اهڙي ئي ذاتي ۽ سياسي، نظرياتي دوست احمدخان چانڊيو کي واقعي بابت حقيقي معلومات وٺڻ لاءِ موبائيل نمبر تي ڪال ڪئي، ته هن انتهائي ڏيمي ۽ ڏک واري انداز ۾ ٻڌايو ته سائين علي شير ڳورڙ جو نوجوان پٽ شايان ڳورڙ سائين علي شير ڳورڙ کي بجلي جي ڪرنٽ مان بچائيندي پاڻ بجلي ڪرنٽ ۾ ڦاسي دم ڏٽي حوالي ڪري ڇڏيو آهي، محسوس ائين ٿيو ته جڻ احمد خان چانڊيو جي دل، دماغ کي به وڏو صدمو رسيل هيو، شايان ڳورڙ ڪير هيو ڇا هيو، ان جي باري ۾ شهادت کان پوءِ معلوم ٿيو ته، هو اهو سماجي، سياسي طور متحرڪ نوجوان هيو، جيڪو سماج کي تبديل ڪرڻ ۽ سماج کي تعليمي شعور ذريعي هڪ انقلابي تحريڪ کي منظم ڪرڻ وارو نوجوان هيو، جنهنجي والد علي شير ڳورڙ سميت سندس سياسي، تنظيمي دوستن تعليمي، سماجي، معاشي فڪر سان تربيت ڪري هڪ علمي حوالي سان مڪمل متحرڪ نوجوان بڻايو هيو،

جيئن ڪو ڪنير مٿي ڳوهي خوبصورت دلا ۽ مٿ ناهيندو آهي، شايان ڳورڙ جو اوچتو وڇوڙو سندس والد علي شير ڳورڙ کان وڌيڪ هن سماج لاءِ وڏي صدمي جو ڪارڻ آهي ۽ سماج جي بهتري لاءِ علمي تحريڪ وڌائڻ وارن دوستن جو آهي، بهرحال شايان ڳورڙ سان ملاقات نہ هوندي بہ هن جي موجوده سماج ۾ ادا ڪيل ڪردار بابت ڄاڻڻ کان پوءِ لڳي ائين ٿو تہ هو جڻ منهنجي وجود جو حصو هيو ۽ اهو حصو هن وقت منهنجي جسم، روح، دل، دماغ کان الڳ ٿي ويو آهي، هو هڪ فڪري تحريڪ جو سپاهي هيو، ۽ بهادري سان ان فڪري تحريڪ جي مورچي تي وڙهيو ۽ پنهنجي والد سان پيار جي انتها ڪندي هن کي بچائيندي هڪ وڏي عظيم قرباني ڏئي ويو جيڪو پڻ هن اجوڪي سماج ۾ اسان جي مستقبل جي معمارن، نوجوانن لاءِ هڪ راهہ روشني ۽ زندگي گذارڻ، گهارڻ جو هڪ بهترين رستو آهي، جو مان هي چوڻ تي مجبور آهيان تہ زندگي هجي بہ شايان ڳورڙ جهڙي زندگي گذارجي بہ شايان ڳورڙ جهڙي ۽ جنهن حوالي سان هن پنهنجي زندگي گذاري پنهنجي والد مٿان قربان ڪئي آهي تہ مان يقين سان چوان ٿو تہ شايان ڳورڙ پنهنجي زندگي جي عمل، ڪردار ۽ زندگي جي انتها واري عمل ڪري ڪڏهن مرڻو ناهي هو سدائين زنده رهندو هڪ سماج کي تبديل ڪرڻ تعليم جي حوالي سان باشعور ڪرڻ واري علمي، ادبي، سياسي، سماجي فڪر جي روپ ۾ هو مرڻو ناهي، ڪنهن نہ ڪنهن ويس ۾ سائين علي شير ڳورڙ جي گهر ۾ وري ورڻو آهي، ڇوتہ ڪابہ فڪري تحريڪ ۽ علم مرڻو ناهي.

# هي رت پن چڻ جي نہ هئي

## سليم مگسي

مقامي هوٽل جي مٿئين حال ۾ آدم شماري جاگرتا مهم جي تحت سياسي اڳواڻ خالق جوڻيجو ۽ امداد قاضي صدارت هيٺ پروگرام هليو پئي ان دوران اسٽيج تي چي گويرا جهڙي هيئر اسٽائل وارو نوجوان ڏاڍي چاهه سان شيخ اياز جي انقلابي شاعري ٻڌائي رهيو هو. مون ساڻ احمد خان ۽ علي شير پرسان وينا هئا مون کائڻن پڇيو هي نوجوان ڪير آهي؟

علي شير يڪدم چيو تون هن کي نہ سڃاڻين؟

هي منهنجو وڏو پٽ شايان آهي .

اهو ٻڌائڻ ۾ هو بي حد خوشي ۽ فخر محسوس ڪري رهيو هو. گهاٽن وڏن وارن وارو سانورو نوجوان شايان خوبصورت ۽ تندرست هو، هو روشن دماغ نوجوان هڪ اهڙي سٽ جو ساٿي هو جيڪي نوجوان پنهنجي زماني جي انڌي وشواس کان ڪوهين ڏور هيا هو انهن ماڻهن منجهان هو جيڪي سائنسي، قومي، طبقاتي، شعور جي حاصلات لاء مطالعو ۽ جدوجهد ڪندا رهن ٿا سندن آس پاس سماج ۾ ڪيترائي منجهيل مسئلا ڪر ڪنيو بيٺا هوندا آهن جهڙوڪ ( بيروزگاري، بي ايماني، بدامني،لٽ مار، دهشتگردي، توهم پرستي، پير پرستي، جهالت ۽ دقيانوسي سوچ ۽ ٻئي طرف وري دنيا اندر جديد سائنس ۽ جديد ٽيڪنالوجي هڪ نئين سوچ ۽ فڪر کي جنم ڏئي رهي هوندي آهي ) جيڪا پوئتي پيل معاشرتي مروجه زندگي سان ميل نه پئي کائي اهڙو منجهيل ماحول بيشمار سوال ڪنا ڪري ٿو. ان جا جواب ۽ حل پڻ چاهي ٿو انهن سوالن جا جواب ۽ منطقي حل ڳولڻ وارن منجهان شايان ڳورڙ بہ هڪ هو. هو پنهنجي اشراف ۽ ايماندار سياسي ورڪر پيءُ جي سائي ۾ وڏو ٿيو شايان پنهنجي مختصر زندگي ۾ وڏيڪ سرگرم

رهي ڪري پنهنجو پاڻ کي عملي نوجوان ثابت ڪيو. هو هر اجتماعي معاملن ۾ پنهنجي ساٿ جي ساٿين ساڻ جاکوڙيندي متحد رهيو. جيئن ته زندگي وٽندڙ ۽ اڻ وٽندڙ واقعن جو گهوارو هوندي آهي ڪل ئي نہ پوندي آهي ۽ ماڻهن سان اهڙا حادثا ٿي ويندا آهن جو روح لهسجي ويندو آهي ۽ زمين پيرن هيٺان گسڪندي محسوس ٿيندي آهي سمورو وجود پور پور ٿيندي محسوس ٿيندو آهي.

استاد علي شير دراصل ڪڏهن ايئن سوچيو ڪونه هو جنهن ان کي پڙهائي وڏو ڪيو هو، لائق ڪيو هو سو ڪيس بچائيندي پاڻ اجل جو شڪار ٿي ڪائنس الڳ ٿيندو. دردناڪ واقعي مهل ڪيس لڳي پيو ته هو هڪ ڀيانڪ سپنو ڏسي رهيو آهي اکين تي اعتبار ئي نه پئي آيس هو سپنو ڪونہ ڏسي رهيو هو سچ پچ هن جو هر خيال پٽ ان لمحي ڪائنس الڳ ٿي ويو هو. استاد علي شير سياسي جدوجهد ۾ پنهنجي جواني کي ڀهريائين ٽڪائي ڇڏيو هو پر جنهن جي سهاري هن پنهنجو ٻڍاپو سک سان گذارڻ جو هڪ رنگين سپنو ڏٺو هو سو وڏوا جي چوڙي جيان جلدي ٽٽي پيو. هو بيحد رنُو آهي هاٽي هو هوريان هوريان اندر جي گونگي سورَ سبب ٽڏا ساهہ ڪٽي پيو هو رستي ويندي ويندي سوچي ٿو، گهر اندر ويني ويني چت ڏانهن نهاريندي سوچي ٿو ته گهر زال ۽ اولاد جو موهہ ته سڀ ڪجهہ ناهي هي سنسار وڏو آهي. چا ڪاڻ تہ علي شير ۽ شايان آدرشي ماڻهو آهن.

# شهيد شايان ڳورڙ ۽ وسرندڙ ڪردار

## امتياز عادل سومرو

شايان ڳورڙ! هڪ اهڙو نوجوان نالو جنهن کي ياد ڪرڻ سان ميهڙ شهر ۾ سماجي حوالي سان ڪجھ متحرڪ ۽ سرگرم نالا ياد اچي وڃن ٿا، شايان انهن ۾ پنهنجي نالي وانگر نمايان ۽ منفرد نظر ايندڙ نوجوان آهي، شايان ڳورڙ جنهن جو جنم ٿيو ته هڪ ڀهراڙي واري ڳوٺ ۾ مگر هو پنهنجي ڪردار، عمل ۽ جذبي جون روشنيون ميهڙ شهر ۾ ورهائڻ آيو، شايان ڳورڙ جنهن جو جنم تاريخ پهرين جنوري 1996ع تي معروف تعليمي ماهر ۽ بهترين سماجي خدمتگار سائين الهرکيو ڳورڙ جي ڳوٺ سوجهرو ڳورڙ ۾ ٿيو، سندس والد ۽ گهرياتين گڏجي سڏجي سندس نالو باسط تجويز ڪيو، اهو باسط جڏهن نوجواني جي شهر ۾ داخل ٿيو ته شايان بنجي ويو، سندس والد جيڪو هڪ علم دوست، ادب دوست ۽ خود سماجي ڪمن جي حوالي سان ميهڙ توڙي سوجهرو ڳورڙ ۾ عزت جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو آهي، سائين علي شير ڳورڙ کي شايان جي جنم کان اهو يقين هو ته شايان پنهنجي علمي صلاحيتن ۽ سماجي خدمتن ۾ ضرور منهنجو نالو روشن ڪندو شايان جڏهن ميهڙ ۾ علمي سرگرمين ۽ سماجي خدمتن ۾ اڳتي نڪري آيو ته سندس والد علي شير ڳورڙ ۽ سندس چاچو ناليوارو تعليمي ماهر سائين حسين بخش ڳورڙ خوشين جي خزانن جا مالڪ بڻجي ويا، ميهڙ شهر جا نوجوان، پڪا، پوڙها شايان جي تعريف جا ترانا ڳائڻ لڳا، شايان جي شان ۾ گيت ڳائڻ لڳا، شايان جي تعريف جا گل سائين علي شير ڳورڙ ۽ سائين حسين بخش ڳورڙ جي ڳچي ۾ هارن جي صورت ۾ وجهندا رهيا.

شايان دوستن جو دوست، يارن جو يار پنهنجي پرائي جي مدد ۽ همدردي لاءِ هر وقت تيار شايد هن ڪٿي اهو ضرور پڙهي ورتو هو ته اصل عبادت آهي الله جي مخلوق جي خدمت، سجاڳ ٻار تحريڪ ۾ رهيو تڏهن به سجاڳ ، سيرت ۽ ساڃاهہ مطابق سيني کان اڳرو، مستقبل جي معمارن جي صلاحيتن کي روشن ڪرڻ لاءِ سرگرم

www.sindhsalamat.com

رهڻ ۽ اڳتي وڌڻ لاءِ نين نين راهن تي گامزن ڪرڻ ۾ اهم ۽ ڪارائتا قدم کڻندو رهيو.

سنڌي شاگرد تحريڪ، عوامي تحريڪ، عوامي جمهوري پارٽي سنڌي اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن سنڌ جي رهبري وارو جهنڊو کڻڻ ۽ ٻيا اهڙا پليٽ فارم ملڻ سان شايان جون علمي، سياسي، سماجي صلاحيتون ويتر سگهاريون نروار ٿي پيون.

حقيقت اها آهي ته شايان جهڙا سجاڳ ۽ ساجاهه وند، علم جا علمبردار، محبتن جا مشتاق پيار جا پوڄاري الفت جا ديوانا ۽ چاهتن جا چاهيندڙ قومن ۾ شعور جا گل ورهائڻ وارا ڪردار اسان جهڙن ماڻهن جي معاشرن ۾ ڪڏهن ڪڏهن پيدا ٿيندا آهن، شايان جهڙن انسانن جي وجود سان اسان جا بگڙيل معاشرا محبتن جا مرڪز بڻجي سگهن ٿا، قومن جي اصلاح ۽ ترقي جا نوان گس متعين ٿي سگهن ٿا، افسوس جي صورت بڻجي ماڻهو تڏهن رهجي ويندا آهن. جڏهن سنڌ جا شايان پنهنجي مِشن جي مڪمل ٿيڻ کان اڳ ئي هن دنيا مان رخصت ٿي ويندا آهن.

اسان هاڻي وسنديون وساري هلياسين،
جي پلجي ٻه ڳوليو مزارن ۾ ڳوليو.
(اسحاق راهي)

۽ ائين ئي تاريخ 14-05-2017 آچر جي ندوري ڏينهن تي شايان پنهنجي والدين، دوستن ۽ ميهڙ واسين کي اکين ۾ اشڪن جا انبار ڏئي ان ڏيهه جي راهه وٺي هليو جتان اڄ تائين وري ڪو واپس آيو ئي ناهي، منهنجي دلي دعا آهي ته رب پاڪ شايان کي جنت ۾ جاءِ عطا فرمائي، ۽ سنڌس والدين، دوستن سڄڻن ۽ همدردن کي سندس وڇوڙي واري وڍ کي شايان جي مشن جي تڪميل واري جذبي ۽ سگهه ۾ تبديل ڪري، (آمين)

ڪچهريون روز پيون ٿينديون، مگر تون مان نه هونداسين.
نيون پيون محفلون مچنديون، مگر تون مان نه هونداسين.
ضرورت وقت کي شاهينگ کڙڪائيندا دروازو،
اسان جون يادون ئي رهنديون، مگر تون مان نه هونداسين.
اسان جي پيار جي خوشبوءِ سان ويندا واسجي "راهي"،
سيئي واهڻ سيئي وسنديون، مگر تون- مان نه هونداسين.
(سائين اسحاق راهي)

# ساٿين سان گڏ سالگره ۾

## غلام عمر تيوٽو

مون ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهيو تہ جڏهن قومن جي تنزلي انتها درجي جي هوندي آهي تہ ان وقت ڪي معجزا رونما ٿيڻ لڳندا آهن ۽ ان خستہ حال قوم مان ئي ڪي فرد پنهنجي زندگي داءُ تي لڳائي قوم جي ترقي ۽ تبديلي لاءِ اهم رول پلي ڪرڻ لاءِ رول ماڊل ٿي انسان اڀري بہ ايندا آهن، ۽ مرده قومن ۾ وري هڪ دفعو ٻيهر روح ڦوڪجي ويندو آهي، ۽ قومون وري زنده ٿي پونديون آهن، دنيا جي هر خطي ۾ اهڙا اڻ ڳڻيا مثال موجود آهن، تہ ڪيئن فردن قومن جي ترقي ۾ تبديلي لاءِ ڪردار ٻڌجي سامهون آيا مثلن آمريڪن نيگروئن سان جيڪا جٺ اتي ٿيندي هئي جيڪڏهن مارٽن لوٿر ڪنگ جهڙو ڪردار نہ اڀري ها تہ آءٌ نہ ٿو سمجهان شايد آمريڪا ۾ ڪڏهن بارڪ اوبامہ جهڙو نيگرو صدر ٿي سگهي ها، ساڳئي طرح آفريڪا جي سڄي ڪنڌ اندر جيڪڏهن نيلسن منڊيلا جهڙو ماڻهو اٿي ئي نہ بيهي ها تہ اڇي چمڙي وارا گورا انهن ڪي سدائين غلام رکڻ لاء نسلي، مذهبي، لساني طور غلام رکڻ لاءِ ڪيتريون ئي ترڪيبون ڪتب آٽي چڪا هئا صدين جي ڏگهي غلامي ڪارن ڪي بذات خود ٿڪائي ڇڏيو هيو، ليڪن بينل پاڻي ۾ پٿر اڇلڻ جي مصداق ڪي فرد پنهنجي ڪرشما تي ٽيڪنڪس سان مئل قوم ڪي زنده رکڻ جو هنر ڄاڻي وٺندا آهن، ۽ قومون وري سرخرو ٿي زنده ٿي وينديون آهن، اهڙي طرح جيڪڏهن مذهبي طرح سان بہ ڏسنداسين تہ جڏهن جڏهن انسان پنهنجي انساني ڪل مٿائي حيوانيت طرف موٽ ڪاڌي آهي تہ اهڙي وقت خداءِ ذولجلال هن ڌرتي تي پيغمبر موڪليا آهن تہ جيئن ٻيهر انساني شعور جي ترقي ۽ آبياري ڪري سگهجي سوا لک پيغمبرن جو مثال تہ اسين هميشہ ٻڌندا رهيا آهيون، صرف مسلمان هجڻ جي ناتي سان اهڙي

www.sindhsalamat.com

طرح بين مذهبن جا پيغمبر رشي، ولي، صوفياءِ ڪرام ۽ نيشنل هيرو سڄاڳ فرد، آزاد خيال ذهن، سوچيندڙ دماغ پڻ آهن جيڪي پنهنجي پنهنجي قومن جي تعمير، وترقي، فلاح بهبود لاءِ وقت بوقت ڪم پئي آيا آهن ۽ پنهنجي پنهنجي خطي، قوم، قبيلي، مذهب، مسلڪ، نظرئي لاءِ پنهنجون توانايون صرف ڪندا رهيا آهن. حقيقت بياني ڪي سمجهي سگهڻ جي سگهه رکندا آهن، اهڙي طريقي سان اسان جي سون ڌرتي سنڌ پڻ پنهنجي پيٽ مان انيڪ هيروز کي جنم ڏيندي رهي آهي، جن وقت اچڻ تي پنهنجي وطن تان وار جي وڃڻ واري فلسفي تي هلندي پنهنجي جان جي پرواهه نه ڪئي آهي، سنڌ جنهن لاءِ اوائلي مذهبي ڪتابن ۽ ويدن ۾ سنڌ کي سهڻن گهوڙن جي ڌرتي، سون ۽ چانديون اپائيندڙ زمين ۽ صوفين ۽ ولين جي ديس طور مشهوري ملي ته ساڳئي وقت ان لاءِ ظلمتن جا ڪيترائي داستان به رقم ٿيا، دنيا جي سيني ڌاڙين وحشي قومن سنڌ جي سرزمين تي حملا ڪيا ان جي آزادي ۽ خوشحالي کي تاراج ڪيو ۽ اتي پنهنجي گهوڙن جي سنبن هيٺان پيو لتاڙيو آهي، ليڪڪن اتهاس جي پنن تي نظر ڊوڙائڻ سان خبر پوي ٿي ته سنڌي ماڻهن ڪنهن به مستقل ڌاري حاڪميت قبول نه ڪئي آهي ۽ ڪڏهن غلام ته ڪڏهن آزاد ٿيندا رهيا آهن مطلب ته سنڌ جي ماڻهن ڪڏهن به نفسياتي طرح غلامي ۽ غير جي حاڪميت قبول نه ڪئي آهي، ها ائين ضرور ٿيو آهي ته ڪجهه وقت ڪمزور پاليسين، غلط حڪمت عملين جي ڪري پنهنجي حاڪميت وڃائيندا رهيا آهن، اهو به ڪڙو سچ آهي، اهڙن موقعن کي سڄاڳ فردن وقت جي فرعونن سان چوٽون پئي ڪيون آهن هار ناهي مڃي پوءِ اهي مها راجا ڏاهر جو پٽ جيسين هجي يا دودو سومرو، هوشو، هيمو هجي، يا دولهه دريا خان، شهيد سميع الله ڪلهوڙو هجي، وري نظير عباسي هجي اهي سڀ پنهنجي پنهنجي وقت پنهنجي وطن جي وارثي ۾ مالڪي ڪندي وطن تان وارجي ويا آهن، اهڙي طرح سنڌ جي سهڻي شهر ميهڙ جنهن جي مائي ۽ ميندي جي هاڪ ملڪان ملڪ مشهور آهي، ان ميهڙ پڻ پنهنجي ڪک مان ڪيترن ئي با ضمير غيرتمند پٽن کي وقتن بوقتن پئي جنم ڏنو آهي، اهڙو ئي هڪڙو ڪردار اسان جو ننيڙو نوجوان شايان ڳورڙ به آهي جنهن

پنهنجي مسڪين ماروئڙن جي منهن تي مرڪ کي واپس وراڻڻ لاءِ سياست جي پرخار رستن جي چونڊ ڪئي ڪنهن ٿي ڄاتو ته هي نوجوان جيڪو پنهنجي ورهاست مان علم وا دب جون مشعلون ڪٽي پنهنجي وطن جي وارثي ۽ مالڪي جي دعوا ڪندو هو، هي اهو نوجوان هيو جنهن لاءِ مرشد لطيف چيو هيو ته

مون سي ڏنا ماءُ، جنين ڏٺو پرين کي،
تنين سندي ڪاءِ، ڪري نه سگهان ڳالهڙي.

الهڙ وهي جڏهن ڪر موڙي اٿندي آهي ته هو نوجوان جي هڪ آئيڊيل دوشيزه هوندي آهي، جنهن جي ذلفن جي ڇانورن ۾ ويهڻ جي آس ڪر موڙي جاڳي پوندي آهي، جنهن جي چپن مان شرابن طهورا جا جام پري پري پيئڻ تي دل چوندي آهي، جنهن ۾ ارهن جي آرتي تلوار جي پرواهه به نه ڪبي آهي، جڏهن اها ماهه لقا سامهون گذري ته ان تان پنهنجي جان فِدا ڪري ڇڏڻ لاءِ دل چوندي آهي، ان جي هڪ اشاري تي سِر تري تي رکي عشق جي آڙاهه ۾ ڪاهي پئبو آهي، اها الهڙ وهي جڏهن چڱن ڀلن شهسوارن ڪان ڇرڪ ڪيرائي ڇڏيندي آهي اڙيل گهوڙي جي سواري ڪرڻ جو مزو آهي هي اهڙي جذبات جي وهڪري ۾ وهي وڃڻ واري عمر هجي ٿي ۽ اُن مان ڪي نوجوان اهڙا به مشاهدي ۾ آيا آهن جيڪي ڪنهن مست نوخيز نشيلن نظرن ڪان پاڻ بچائي پنهنجي هٿن ۾ ڳاڙهن چپن جي جڳهه تي ڳاڙهن جلدن وارن ڪتابن سان دل لڳائي ويهي رهن ته سچ ته اهڙن نوجوانن کي آءٌ وقت جو ولي الله نه چوان ته ٻيو ڇا چوان؟ ۽ وري ان تي ثابت قدمي سان ٻيهي رهڻ کي ڇا چئجي عربي ۾ چوڻ آهي ته:

الا استقامت فوق الڪرامت

اهڙن سيني ڳڻن جو مالڪ اسان جو هي ننڍڙو ڀائٽيو شايان پنهنجي ٻالڪپڻ ڪان وٺي پنهنجي اخلاق، ڪردار، تعليمي درسگاهن ۾ استادن طرفان ملندڙ سبقن کي صرف هيئڻ سان هنڊايو آهي ثابت ڪري ڏيکاريو ته عمر جي پاڇي ڪان اڳتي نڪري تجربي جي ٻني ۾ سڙڻ ڪان سواءِ به ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو کي وڏا ڪم ڪرڻا پوندا آهن ۽ ڪبا آهن، هنجي عمر ئي ڪيتري هئي جڏهن هن سياست جي پرخار رستن جي چونڊ ڪئي جڏهن اڄا

www.sindhsalamat.com

اسڪول ۾ پرائمري، مدل شاگرد هجي ٿو اها عمر صرف راند روند ۾ گذارڻ جهڙي هجي ٿي ۽ هو پنهنجي عمر ۽ پنهنجي وزن کان وڏيڪ بار کڻي بالڪ تحريڪ ۾ شامل ٿي پنهنجي وطن جي ٻارڙن جي سياسي تربيت ۾ جنبي وڃي ٿو، سڀ ڪجهه هو ان لاءِ ڪري ٿو ته جو هو ڄاڻي چڪو آهي ته قومن جي ترقي سياست جي درست لاڙن سان ئي ٿي سگهي ٿي، ڏسندي ڏسندي هو ڪاليج پهچڻ جي عمر تائين شاگرد سياست جو سنو نالو ٿي اڀري ٿو جيتوڻيڪ هن جي تعليم، تربيت ۾ هن جي والد تعليمي ماهر سائين علي شير ڳورڙ جو هٿ هجي ٿو جتي هو پنهنجي پيءُ ڏي ايندڙ دوستن ۽ سياسي ساٿين سان به ملاقاتون ڪري سڪڻ جي سگهه کي وڌائيندو رهي ٿو پر آءُ ائين چوندس ته جيئن مون هن ۾ جيڪو ڪجهه محسوس ڪيو ته هو پنهنجي شعوري عمر، تجربي کان وڏيڪ ڪري سگهڻ جي سگهه رکندڙ نوجوان ٿي اڀري رهيو هو ۽ سندس ملنسار طبيعت جي ڪري ڪيس ڀرپور موٽ ملي رهي هئي ۽ هن جي جذبن کي ڇڻ ڏينهون ڏينهن نکار اچي رهيو هيو، مون اڪثر ڪري ڏٺو آهي ته اسان جو نوجوان ٻي راهه روي جو شڪار ٿي ڪري فلمي هيروز کي پنهنجو آئيڊيل ناهيندو آهي، ليڪن شايان شاهه عبداللطيف کي پنهنجو آئيڊيل ناهي ٿو، هو جهوڪ جي عنايت کان هن جي فلسفي جي سُٽي کڻي ٿو ۽ ديبل جي بادشاهه جي فوج ۾ شامل ٿي وطن جي ويڙهيڇن جي وارثي ڪرڻ جرنيل هوش محمد شيدي ٿي بيهي رهي ٿو ۽ ننڍڙي عمر ۾ سياست، علم، ادب فلسفي جي ڪتابن سان عشق ڪري ٿو بجاءِ ان جي ته ڪنهن جي لب و رخسار جي پيچ وخم ۾گم تجي هو ڪتاب جي ڪاري مس حاشين پنن ۾ پنهنجي وطن جي دردن جو درمان ڳولي ٿو، پر ڇا خبر هئي ته سنڌ کي ڪنهن جي نظر لڳي وئي آهي، جڏهن به ڪو ٻلوان شعور جون ڏياتيون ٿو ٻاري ته موت راڪاس ٻنجي زندگي جو ڏيئو گل ڪري ڇڏي ٿو ۽ ائين ئي هڪ ڏينهن اها خبر پڙهڻ لاءِ ملي ٿي ته شايان پنهنجي پيءُ کي بجلي جي ڪرنٽ کان بچائيندي پنهنجي زندگي هارائي وينو آهي ته لڙڪ تري اچن ٿا، اي بدنصيب سنڌ تنهنجو هڪڙو وڏيڪ رکوال نوجوان اڄ وارجي ويو ۽ تون ڏسندي رهجي وئي آهين، جڏهن هي سٽون لکي رهيو آهيان ته

منهنجي اکين ۾ لڙڪن جي لار آهي ۽ استاد بخاري جون سٽون آهن تہ-

هــونئن تـــ متـــي جـــي چپٽـــي آهيـــان،
جيئـــي ســـنڌ تـــ، ڏرتـــي آهيـــان،
ســـاٿين ســـان گـــڏ ســـالگره ۾،
وڇـــڙي ويـــس تـــ ورســـي آهيـــان.

# پتنگ جيئن پيدا ٿيو

## ڪرم حسين وساڻ

گهوڙڻ ۽ گهوٽن جيئڻ ٿورا ڏينهڙا،
ڪڏهن منجهه ڪوٽن، ڪڏهن راهي رڻ جا.

شايان علي ڳورڙ سان منهنجي پهرين ملاقات ميهڙ شهر ۾ تڏهن ٿي جڏهن ثقافتي ڏهاڙي تي آءٌ پروفيسر سائين منظور چجڙو صاحب ۽ ڪامريڊ اميربخش شيخ (مرحوم) ميهڙ جي ثقافتي هال ۾ پهتاسين.

جهڙو شاندار پروگرام ترتيب ڏنل هيو، اهڙي ئي اسان جي شاندار آجيان ٿي هئي. سموري پرگرام جو محور شايان علي ڳورڙ هيو.

اسان کي ته دعوت پراڻن دوستن سائين علي شير ڳورڙ، سائين منظور علي مهيسر، اقرار علي چانڊيو، احمدخان چانڊيو جن جي هئي، ۽ پارٽي حڪم ڪيو هيو. پر پروگرام جي حوالي سان عادل چانڊيو ۽ شايان علي جي نوجوان دوستن جي ٽيم، پروگرام کي اصل چار چنڊ لڳائي ڇڏيا هئا.

شايان علي جي عمر توڙي گهٽ هئي، پر ان جي تربيت ايتري ته اعلىٰ هئي، جنهن جو جواب نه هيو، سندس گفتگو ۽ ملڻ جو انداز نرالو هيو.

جوڳيءَ کي جڙاءُ، نسورو ئي نينهن جو،
پتنگ جئين پيدا ٿيو، ساميءَ سڄ وڙاءُ،
آيو ڪاڪ تڙاءُ، ڪنوارِين ڪڪوريو.
(شاهه)

زندگي موت جي امانت آهي. افسوس شايان اسان سان جسماني طور گڏ ناهي پر خاندان ۽ دوستن جي دلين مان نڪري به نٿو سگهي ۽ دعا آهي ته پاڪ پروردگار کيس جنت فردوس ۾ جڳهه عطا فرمائي. آمين

”جا پونءِ پيرين مون سان پونءِ مٿان سڄٽين“

www.sindhsalamat.com

# اي موت مئا شل موت اچئي

## ڊاڪٽر سراج سيال

موبائيل تي SMS آيو پڙهيم ته اعتبار ئي نه پيو اچي، وري بيهر پڙهيم ۽ تصورن جي دنيا ۾ ذهن جي اسڪرين تي هڪڙا منظر ظاهر ٿيڻ لڳا ته وري بيا اچڻ لڳا ۽ ائين طبيعت ۾ افسردگي وڌندي وئي. هن سان پهرين ملاقات هيئن ٿي هئي جو سنڌي شاگردن جي نون بنيادن تي هڪ نئين نرالي تنظيم جوڙڻ جي تياري هئي ۽ ان لاءِ شروعاتي شاگردن جي ڳالهه ٻولهه پئي هلي ان ۾ جتي ٻه نوان شاگرد پئي تيار ٿيا ته اتي پراڻن سياسي گهرن جا شاگرد به زيربحث هئا ۽ ميهڙ ۽ دادو سان وابسته دوستن جو چونڊ هو ته علي شير ڳوررڙ جي فرزند شايان ڳوررڙ کي به شامل ڪجي ۽ ائين شايان ڳوررڙ سان 4 مارچ تي SSO نهڻ واري ڪنوينشن ۾ حيدرآباد پريس ڪلب ۾ ملاقات ٿي ۽ هو SSO جو پهريون مرڪزي خزانچي چونڊيو ويو. شايان نه رڳو پنهنجي پيءُ جي سياسي سرگرمين ۾ گڏ هو پر آخري وقت ۾ پنهنجي پيءُ کي بچائيندي اجل جو شڪار ٿيو. هو جيڪو هر نندي وڏي ڪم ۾ اڳيان اچڻ ۾ ڪو به عار نه ڪندو هو، هن آخري دم تائين مهل ڪرڻ، سات ڏيڻ ۽ خود قرباني جو اعليٰ مثال ڪيو .

تنهن وقت لڙي ٿا لڙڪ پون ٿي تن ۾ مانڊاڻ مچي
جنهن وقت ڳلابي ڳيتن جو ڪو پنڇي اڏري ويندو آ.

# مون کي جياريو پرين جي ڳالهہ

## ايڊووڪيٽ: محمد علي نوناري

مون کي چڱي ريت ياد نہ آهي تہ اهو ڪهڙو سال هو پر گهڻي ڀاڱي 2001/02 جو سال ٿو لڳي، جڏهن مان سنڌي شاگرد تحريڪ ۾ گهڻو سرگرم هوندو هئس اسان ڪافي دوست هياسين جنهن جي پاڻ ۾ سٺي (under standing) هوندي هئي، جن ۾ اسان جو دوست سائين احمدخان چانڊيو وڌ کان وڌ سرگرم ۽ رابطي ۾ رهندڙ دوست هيو، ٻئي نمبر تي قربان پنهور هئو، جيڪو ٽن سالن ۾ تعلقي جو صدر ۽ سائين احمد خان جنرل سيڪريٽري هئو، ٻنهي دوستن جي محنت سان اسان جي سنگت (پارٽي) ۾ هڪ اهڙي جوڙي جي انٽري (داخلا) ٿي جنهن جوڙي اسان نوجوانن خاص ڪري ميهڙ شهر جي نوجوانن کي وڏي همت ۽ حوصلو ڏنو ڇو تہ ٻنهي دوستن ۾ حد کان وڌيڪ هم آهنگي ۽ خيالن جي هڪ جهڙائي هئي، ۽ وڏي ڳالهہ تہ پاڻ ۾ سهپ بہ هوندي هئي، اهي دوست جيڪي جوڙي جي صورت ۾ اسان جي سٿ ۾ شامل ٿيا سي هئا، سائين روشن ٻگهيو صاحب ۽ سائين علي شير گورڙ صاحب ٻئي دوست جيئن ئي اسان جي سنگت ۾ شامل ٿيا، تيئن ئي ڄڻ سنگت ۾ نئون ساهہ ۽ روح اچي ويو هجي، اسان سڄو سڄو ڏينهن پارٽي ۾ ڪل وقتي ڪارڪن ٿي ڪم ڪندا هئاسين، اڳيئي اسان دوستن يعني سائين احمدخان ۽ منظور مهيسر جي گڏيل هم صلاح ۽ هم خيال ٽيم هئي.

پر مٿين ٻن دوستن جي اچڻ ڪري اسان تمام گهڻا خوش ٿياسين ۽ اسان جو سياسي سرگرميون ايتريون تہ وڌي ويون جو اسان کي پنهنجا ذاتي ڪم ڪار يا گهر جا مسئلا گهڻي ڀاڱي وسريل هئا، روشن صاحب ۽ سائين علي شير جي مزاحيہ طبيعت اسان جا سمورا ٿڪ لاهي ڇڏيندي هئي، هنن ٻنهي دوستن جي

جوڙي سان گڏ جيڪا ٿئين پياري ۽ معصوم گفٽ اسان کي ملي سا هئي، سائين علي شير جي ننڍڙي معصوم مرڪ واري پياري پٽ شايان جي گِفٽ، جيڪو گهڻي ڀاڳي سائين علي شير سان گڏ منهنجي ميڊيڪل اسٽور تي ايندو هو، جنهن جون پياريون ادائون ۽ معصوم شرارتون ۽ شرارتي جملا مون کي اڄ به ياد آهن، 17 ۽ 18 سالن جي گذري وڃڻ کان پوءِ سندس پيءُ سان ڪيل چرچا اڄ به دل تي آهن.

ٻنهي پيءُ ۽ پٽ جي ذهني هم آهنگي ايڏو ته متاثر ڪندي هئي جو دل ئي دل ۾ تمنا ٿيندي هئي، ته ڪاش اسان جي به پنهنجي والدين سان ايتري محبت يا هم آهنگي هجي يا مستقبل ۾ جڏهن اسان والدين بڻجون ته اسان به پنهنجي پٽن ۽ ٻارن سان ائين ڪل پوڳ ۽ مزاح ڪيون. جيئن سائين علي شير پنهنجي مويي پٽ شايان سان پيو ڪري شايان جي اهڙين شرارتن جي ڪري مان ڪيس پاڻ سان گڏ ويهاري ڪچهري ڪندو هئس، ۽ جڏهن هو اڪيلو مون وٽ دوائن جي پرچي کڻي دوائون وٺڻ ايندو هو، تڏهن سندس مزيدار ڳالهيون ٻڌي مون کان به وسري ويندو هو، جيڪو ٻارڙو دوائون وٺڻ آيو آهي تنهن سان ڪا مجبوري يا ايمرجنسي ٿي سگهي ٿي.

بس سندس مزاحيه انداز ۾ پياريون ۽ منڙيون ڳالهيون ٻڌڻ جو سلسلو هوندو هو ته اوچتو شايان جو آواز نماڻي عرض سان "چاچو هاڻي مان هلان دير پئي ٿئي" .

سو پيارو ۽ معصوم شايان ننڍڙوئي هو ته سائين علي شير کي سندس ڳڻتي ورايو، ڇئي ته مان چاهيان ٿو ته منهنجو پٽ شايان به ڪامريڊ ٿئي، سو محمد علي ۽ سائين احمدخان منهنجي پٽ جي تربيت ڪن ۽ کيس سرگرم سياسي ۽ نظرياتي ڪامريڊ ٺاهي ڏيکارين، اسان کيس چوندا هئاسين ته شايان اڃا ننڍڙو آهي، وڏو ٿئي بلڪل تربيت ڪبي، ۽ کيس سرگرم ڪرائبو، منهنجي وڪالت جي سند اچڻ ۽ منهنجي ڪراچي وڃڻ جي ڪري شايان جي تربيت ڪرڻ ۾ ڪردار ادا نه ڪري سگهيس، سو پڇتاءُ ۽ افسوس هميشه رهندو پر جيڪا ڳالهه مون کي خوشي ۽ فخر ڏياري ٿي سا اها ته اسان جو دوست ۽ استاد سائين احمدخان پنهنجي وعدي کي پاڙي ڏيندي شايان

www.sindhsalamat.com

جي تمام سني تربيت ۽ ذهني اوسر ڪئي، آهستي آهستي شايان ڪتاب پڙهڻ لڳو شعرو شاعري ياد ڪرڻ لڳو جڏهن اسٽيج تي نمودار ٿيندو هو ۽ اعتماد سان شاهہ اياز ۽ بخاري جا شعر جوش ۽ جذبي سان پڙهڻ لڳندو هو، مون کي اهو وقت ياد اچڻ لڳندو هو جڏهن سندس سرگرمين جا خواب ڏسندا هئاسين ۽ تربيت جون ڳالهيون ڪندا هئاسين، نہ رڳو ايترو پر پنهنجي سرگرمين وارو وقت بہ ياد ايندو هو، ڏينهن ڏينهن پويان ويا سال ٿيندا، مان ڪراچي جي ڪنڌ ۾ ويهي شايان جون خبرون اخبارن ۾ پڙهندو هئس، ۽ سندس فوٽو سوشل ميڊيا تي ڏسندو هئس، خوشي ۽ فخر محسوس ڪندو هئس تہ سائين علي شير جيئن چاهيو پئي تيئن شايان ٿيو، نيٺ 14-05-2017 وارو ڏينهن هن ڏينهن مدي خارج ريتن ۽ رسمن پٽاندر "اڀاڳو" يا بدنصيب ڏينهن چوندا آهن، پر مان شايان جي شهادت واري ڏينهن کي ڪڏهن  بہ پلجي بدنصيب يا اڀاڳو ڏينهن نہ چوندس چوتہ هن ڏينهن تي شايان کي هڪ عظيم موت نصيب ٿيو پلا جيڪو نوجوان پٽ پنهنجي پيءُ کي موت جي منهن مان ڪڍي پاڻ هميشہ هميشہ لاءِ امر ٿي وڃي، تنهن جي امر ٿيڻ واري ڏينهن کي پاڻ بدنصيب يا اڀاڳو ڏينهن ڪيئن چئون، اهڙو موت يا شهادت ڀاڳ وارن کي نصيب ٿئي.

شايان جو هن دنيا مان رحلت ڪرڻ سوبہ ايتري ننڍي يا مختصر عمر ۾ ضرور سائين علي شير ۽ اسان جي ڀاڄائي اندرئي اندر ۾ .............. ڇهندو هوندو سندن ڏک جو نہ ڪو اندازو ۽ ڪاٿو لڳائي سگهجي نہ ڪي ڪو تدارڪ يا ازالو ٿي ٿو سگهي، پر ايترو ضرور آهي، جيئن شاعر چيو آهي.

گهري زخمون ڪو ڀرني مين وقت تو لگتا هي.

شايان جي ابو امڙ پنهنجن ڀين گلن جهڙن ٻارڙن جا منهن پسي ضرور انهيءَ سور کي گهڙي ڪن لاءِ وساريندا هوندا. ضرور ڪين بصير يا انيد جي اکين ۾ شايان جو نور ۽ عکس نظر ايندو تڏهن ئي زال مڙس کي ڪن پل ئي سهي پنهنجي روح جي آنگن ۾ گل ٽڙندي محسوس ٿيندا هوندا.

هي سٽون جڏهن لکندي مان ماضي ۾ جهاتيون پائي گذري ويل وقت جو يادون سارڻ وينو آهيان.

www.sindhsalamat.com

شايان جون ڳالهيون سندس موت ۽ سائين علي شير جو هن عمر ۾ پٽ ڏُکائتي موت جو درد محسوس پيو ڪريان ته ائين پيو لڳي ته جڻ آءُ پنهنجي ميڊيڪل اسٽور جي ڪنڊ ۾ ويٺو هجان سامهون شايان ايندو هجي، ڳچ ڳالهيون ڪرڻ لڳو هجي، ۽ ڳالهيون ڳالهيون ڪندي ٿورڙي خاموشي ڪان پوءِ چوندو هجي ته "چڱو چاچو مون کي دير پئي ٿئي هاڻي مان هلان ٿو"

# هڪ فرمانبردار فرزند

## شمس ابن ضيا ابن بلبل

هڪ فرمانبردار فرزند، سرويچ سپوت، بانڪو بهادر ۽ مانجهي مرد پنهنجي پيءُ تان قربان ٿي هميشہ لاءِ امر بڻجي، شهيدن جي شهرخموشان جو شهري ٿي ويو.

اج نہ اوطاقن ۾، سي طالب تنوارين،
جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.

سندس مغفرت لاءِ ڪهڙي دعا گهران؟ الله تعالىٰ جو قرآن مجيد ۾ ارشاد موجود آهي تہ "شهيد زنده آهي، شهيد کي اسان وٽان رزق ملي ٿو" سبحان الله ڇا شان شهيد جو، ۽ شهادت بہ ڪهڙي؟ پنهنجي پيءُ کي موت منهن مان بچائيندي، پنهنجي حياتي جو نذرانو ڏئي، پيءُ مٿان قربان ٿي شهادت جو درجو ۽ مٿاهون مرتبو ماڻي ويو ۽ پنهنجي پرين پيءُ جا ٿورا لاهي ويو.

ٿورا نہ ٿورا، مون تي مارو جي ڪيا،
پلائي جا پيرا ڳڻي ڳڻيا ڪيترا.

عبدالباسط عرف شايان ڳورڙ پنهنجي والد محترم علي شير کي بجلي جي ڪرنٽ مان بچائيندي پاڻ شهادت ماڻي ويو. سنڌ سونهاري جيڪڏهن اهڙين جيجل مائُن جي وجود تي ناز ڪري جن سنڌ کي اهڙا سورهيہ ۽ سلڇڻا سپوت ڏنا آهن، تہ بجا آهي، اهڙا سلڇڻا، سدورا، سندر، سڌير، سوڀياوان، سرواڻ سپوت ۽ جگر جا ٽڪرا جيڪڏهن پنهنجي ڦوهہ جواني ۾ پنهنجي معمر والدين کان وڇڙي ڪين اهڙو دماغ مفارقت ڏئي وڃن تہ پوءِ اهڙو زخم سور تہ بڻجي سگهي ٿو، مگر ميسار جي يا ڇٽي نہ ٿو سگهي، جوان سلڇڻي اولاد جي وڇوڙي جو سور سهڻ ڪو سولو ڪم ڪونهي، صبر ايوبي گهرجي، الله تعالىٰ شايان جي والدين ۽ لواحقين کي بہ اهڙو صبر جميل عطا فرمائي، آمين، باقي شايان تہ بلا ڪنهن شڪ

و شبهي جي الله تعالىٰ جي جواررحمت جو مستحق مهمان ٿي چڪو آهي، اسان جو قرآن مجيد فرقان حميد مٿان غير متزلزل ايمان آهي، قرآن مجيد جو حرف حرف سچ آهي، حق آهي ۽ حق جو فرمان آهي.

الله تعالىٰ جيئن تہ شايان جي عمر ٿوري مقرر ڪئي هئي ان ڪري ڪيس ٿوري وقت اندر پنهنجو ڪم مڪمل ڪرڻ جي سگهہ ۽ صلاحيت ۽ حوصلو بہ وڏو بخشيو هو، هن نوجوانيءَ جي عمر ۾ ئي ڀرپور زندگي گذاري ۽ عوام اندر مڃتا ماڻي ۽ نوجوانن جو ساٿي ۽ سرواڻ بڻيو، شايان ننڍپڻ کان وٺي سماجي ڪمن ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي ۽ هڪ ٻاراڻي تنظيم سان وابستہ رهي ٻارن جي حقن جي حفاظت ڪئي ۽ ساڳي وقت سياسي ڪمن ۾ بہ مشغول ۽ مصروف رهيو ۽ عوامي جمهوري پارٽي سان منسلڪ رهي تعليمي پروگرامن ۾ اهم رول ادا ڪيائين، شايان سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت سان پيار ڪندي محترم علي قاضي جي پروگرام سنڌ صدين کانءِ ڀرپور ڀرو ورتو ۽ سنڌي ٻولي کي سرڪاري زبان جي حيثيت ڏيارڻ ۾ گهڻو پاڻ پتوڙيو، شايان هڪ شاندار ۽ جاندار ڪمپيئر طور ڄاتو ۽ سڃاتو ويندو هو، شايان بيشڪ جرئت ۽ بهادري جونشان هو، سندس ڪمپيئرنگ جو اندازئي نرالو هو.

شايان غريبن، هارين ۽ مزدورن جو هڏ ڏوکي هو ۽ سندن ڀلائي جي ڪمن ۾ گهڻي دلچسپي رکندڙ شخص هو ۽ سنڌي اسٽوڊنٽ آرگنائيزيشن جو سرگرم ڪارڪن طور مشهور ۽ مقبول هو، هُو هن تنظيم جو نائب صدر ۽ خزانچي بہ هو، شايان شڪل صورت جو سهڻو، سليقہ مند ۽ خوش پوشاڪ ۽ سٺي ڪردار جو هڪ ملوڪ مثال هو، سڄي شهر ميهڙ بلڪ پوري تعلقي اندر سندس سٺي ساک هئي.

شايان جي جنم جي تاريخ پهرين جنوري 1996ع آهي، انهيءَ حساب سان هن جڳ جون صرف 22 بهارون ڏسي سگهيو ۽ ڪيس پنهنجي رب پاڻ وٽ گهرائي ورتو، افسوس اِن غنچوں پہ جو بن کھلے مرجھا گئے.

شايان جهڙا سلڇڻا پٽ الله تعالىٰ شال هر شخص کي عطا

ڪري پر سندن ماءُ،پيءُ جي جھولي ايترو جلدي خالي نہ ڪري، شايان برابر اسان ڪي ڏسڻ ۾ نہ ٿو اچي مگر شهيد هجڻ جي حيثيت سبب هو زنده جاويد آهي ۽ اسان سان گڏ آهي.

ڪي اوڏائي ڏور، ڪي ڏور بہ اوڏا سپرين،
ڪي سبنرجن نہ ڪڏهين، ڪي نہ وسرن مور.
شاه لطيف

جن جيجل جي جهولي ناري سي زنده آهن،
جن قوم جيئاري سي مور نہ مرڻا آهن،
جيون جي گاڏي "شمس" هلندي،
ڏئي موت ڪي مات هو ورڻا آهن.

# مگر دل هي پاڳل مڃي ڪين مور

## منظور مهيسر

ميهڙ سنڌ ۾ مائي ۽ ميندي جي شهر طور مشهور آهي. جنهن جي مردم خيز مٽي هجڻ سبب ميهڙ بهترين ڪردار پيدا ڪيا آهن جن پهنجي وطن ۽ عوام لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي ۽ سندس عوام دوست ڪردار ، جدوجهد سبب نہ صرف سنڌ بلڪ پاڪستان توڙي ايشيا ۾ پنهنجو نالو روشن ڪيو آهي. تاريخ ۾ ڪيترائي ڪردار آهن جيڪي هميشہ ياد رکيا پيا وڃن. انهن ڪردارن جو ياد رکڻ پنهنجي ڌرتي ،وطن ، عوام سان پيار پاپوهہ آهي. ارتقا ۽ سائنس جي اصول موجب هر شي پنهنجو وجود تبديل ڪري پئي . ماڻهن جو اچڻ ۽ وڃڻ هڪ معمول آهي. زندگي ۽ پنهنجي مقصد ۾ هڪڙا ماڻهو اهڙا هوندا آهن جيڪي منزل تي رسڻ لاءِ گڏ هلڻ لاءِ نڪرندا آهن. ۽ انهي رستي تي اگر منزلن جا مسافر اچانڪ جدا ٿي وڃن يا اوچتو ڪنهن حادثي جو شڪار ٿين تہ ان جو وڇوڙو نہ صرف جيءَ کي جهوري ٿو وجهي پر ان جي هر پل جي ياد ساڻس گڏ گذاريل لمحہ پل خوبصورت خيال وسرڻ ۽ دل تان تارڻ چڻ تہ نہ حل ٿيندڙ معمو بنجي ٿووڃي. ۽ نہ چاهيندي بہ اهي خيال ۽ يادون وري وري دل تي تري ايندي‍ون آهن.

اڄ جي نفسا نفسي ۽ منافقت واري دور ۾ هم خيال دوست ئي زندگي جو سهارو هوندو آهي. ميهڙ جي ماڻهن ۾ ميندي ۽ مائي جو پريل مناس ئي آهي. جيڪو ماڻهن کي پاڻ سان ڳنڍڻ جو فن رکي ٿو . ميهڙ جي مائي جهڙو منو ڪردار رکندڙ اسان جو دوست شايان ڳورڙ بہ هو جيڪو اسان کان ايئن اوچتو وڇڙي ويندو ان جو ڪنهن کي پتو هو آڪاش انصاري جيئن تہ

" مگر دل هي پاڳل مڃي ڪين مور
تون ايندين تون ايندين ضرور"

شايان جنهن سان ذهن ۽ ضمير جا رشتا هئا. اهو اسان کي ائين ڇڏي وڃڻ کي دل مڃي ئي نه ٿي. شايان سان اسان جورشتو صرف هڪ شهري هڪ پارٽي ورڪر هڪ دوست وارو نه پر تمام گهرو هو . هن سان سندس ٻالڪپڻ کان وٺي انتهائي ويجهڙائي وارو هو. ننڍپڻ کان وٺي جواني تائين هن سان کيترائي ناتا رهيا. هو اسان جي پيار، تربيت هيٺ رهندي وڏو ٿيو. هن سان کيتريون ئي حجتون، پنهنجائپ هئي . هن سان ڪچهري مذاق ، کل يوڳ جو پنهنجو مزو هيو. سندس پيءُ سان سالن کان واسطو ، دوستي ، ذهني ، نظرياتي لاڳاپو ۽ هڪ ئي مقصد هجڻ ڪري شايان به پنهنجي اولاد کان وڌيڪ پيارو هو. هو ڳورڙ خاندان ۽ قبيلي ۾ منفرد سوچ ، منفرد خيال ۽ منفرد طبيعت جو مالڪ هو. هو جيتوٽيڪ عمر ۾ ننڍو هو پر پنهنجي خيالن ، اٿڻ ويهڻ ، ڪم ڪار توڙي ذهني سطح ۾ عمر کان گهٽو وڏو لڳندو هو. احمد فراز جيان ته:

دوست بھی ملتے ہیں، محفل بھی جمی رہتی ہے
تو نہیں ہوتا تو ہر شے میں کمی ہوتی ہے ۔

هو هڪ ئي وقت ڪارڪن هو ته اڳواڻ به هو شايان لاءِ اهو اعزاز آهي ته هڪ عوامي جمهوري پارٽي جي شاگرد ونگ جو باني اڳواڻ هو. هن پنهنجي سياست سجاڳ ٻار تحريڪ کان شروعات ڪئي. سنڌي شاگرد تحريڪ، ايس ايس او جي وڏن عهدن تي رهيو. هن تعليم لاءِ هلايل جدوجهد ۾ اڳواڻي جو ڪردار ادا ڪيو. هو پنهنجي هم عمر دوستن ۾ اڳوڻ وارو ڪردار ادا ڪندو رهيو. سندس دوست پلي کهڙي به سياسي پارٽي سان لاڳاپيل هوندا هئا. پر سندن رهنمائي شايان ڪندو هو . شايان ۾ هاڻي کيتريون ئي خاصيتون ۽ خوبي اڃي ويون هنيون جو سندس پيءُ جا دوست به پنهنجي ٻارن کي شايان وانگر متحرڪ ڏسڻ چاهيندا هئا. هو نهايت ئي برجستو ۽ رشتا نڀائيندڙ نوجوان هو.هن سماج کي سجاڳي ورتو هو ۽ ان ئي سماج کي تبديل ڪرڻ لاءِ نڪتو هو. شايان جيڪو فرمانبردار پٽ هو . هن پنهنجي پيءُ کي بچائيندي پيءُ مٿان پنهنجي جان قربان ڪري ڇڏي. ۽ نه صرف پنهنجي خاندان بلڪ دوستن کي ائين اوچتو ڇڏي ويو.

# توکي ڪير وساري سائين

## لياقت ڏيپر

ڪرڪٽا لاهي، سڪ نہ ستا ڪڏهن
اوسيئڙو آهي، ڪاهوڙين کي پنڌ جو،

سڀ تعريفون مالڪ مني لاءِ جنهن متيءَ جي مٺ مان احسن الانسان خلقيو، انسان جي تخليق جو سبب انسانيت جي آبياري، ماڻهن سان محبت خدا جي وحدانيت جي پرچار خالق ڪائنات جي حسناڪين جنهن ۾ جمادات، انسانيت، ڪمالات کي پنهنجي حسن ڪارڪردگي سان ظاهر ڪرڻ اهي سمورا احساسي، خيال، فڪر ۽ سوچون هر ماڻهوءَ ۾ هڪ جيترين پروان نہ ٿيون چڙهن اهي خاص جذبا ۽ دليون، خدا جي خلق جي ڀلائي خاطر پنهنجون سموريون صلاحيتون خرچ ڪرڻ ماڻهو جي وس طاقت ۾ نہ ٿيون هجن، اهي جيئن سچا خلوص ڀريا، لائق، فهيم، لاجواب، باڪردار ماڻهو مختصر هجن ٿا، ڪائنات ۾ باقي رهڻ واريون شيون ڪردار ۽ قابليت، خلوص ۽ نيڪ نيتي، نيڪ جذبن ۾ عملي انسان زنده رهندا آهن، عملي انسان هميشہ دلين ۾، دعائن ۾ زنده رهندا آهن، زنده رهڻو آهي تہ پوءِ لطيف کان پڇون تہ سائين ڇا ڪريون سندن چوڻ آهي تہ علم ۾ماهر ٿي، قابل ٿي، ڄاڻو ٿي، باڪردار ٿي، پو لائيث ٿي، پيارا ٿي، پاڪ دامن ٿي، دنيا جهان استادن سان ملي جلي همت ڀريا، هالار سار تي اڳواٽيون ڪريو، رهنمايون ڪريو، رهبر ٿيو منجهيل جي مشعل ٻڄي شعور ۽ شعاع جا ڪرٽا ٻڄي ڪمزورن کي طاقت فراهم ڪريو، ماهر ۽ معتبر ٿيو، باقي محروم، جاهل، ڪاهل ڪمزور، جٺ، بي سمجهہ نہ بنجو پنهنجن جذبن کي خيالن کي، دماغن کي، چڙيا ۽ جهرڪي جي ڪمزور گهر جهڙو نہ ٺاهيو، پاڻي جي قوتي جهڙا ڪمزور نہ ٿجو ان لاءِ لطيف

سائين چيو.

محروم ٿي مري ويا ماهر ٿي نہ مئا،
چڙي جيان چهنب ۾ لڏيائون لئا،
حباب ئي اها انهيءَ واديءَ وچ ۾.

ڏسڻ ۾ سهڻو، ڪم جو ڪوڏيو، پيار ڏيندڙ، پيار وٺندڙ انسان ڳالهائي تہ هيانءُ ٺري پوي، ڏسي تہ من جا گلاب ٽڙي پون، اسٽيج تي اچي تہ پڇڻو پوي هي ڪير تو ڳالهائي، نياز نوڙت اهڙو جهڙو ميوي پريل وڻ، ڪِلمُڪ ۽ ڀهڳڻو انسان، سدا سباجهو، اڳواٽي ڪرڻ جا سمورا ڳڻ ڪڇهري جو قابل وڏيون ڪاميابيون حاصل ڪندڙ، توهان پڇندو ڪير؟ جي پيارو شهيد شايان علي ڳورڙ جيڪو هن فاني دنيا مان 14-05-2017 تي اسان کان هميشہ لاءِ وڇڙي ويو، وڇڙيو تہ آهي، پر وسريو تہ ناهي، سندن ڪم، ڪردار، لڇڻ ڳڻ، سموريون سندن سعادتون اسان سان گڏ آهن، اللهٰ تعاليٰ سندن کي جوار رحمت ۾ جاءِ ڏئي، مالڪ منو سدا سندن قبرڪشادي ۽ روشن فرمائي- آمين

شيخ اياز جي لفظن ۾:

ڇَرَ تي ڇڏيئي پيرڙا ڪري هنج اُڏار،
سڄڻ تنهنجي سار صديون رهندي ساهہ ۾.

شايان علي ڳورڙ سندن جنم جو هنڌ سوجهرو ڳورڙ، سائين الهرکيو ڳورڙ صاحب جن جي فيملي جو چشم چراغ، جنهن ڳوٺ ۾ هاءِ اسڪول قائم ڪرايو جيڪو اڄ بہ شان شوڪت سان هلي رهيو آهي، شايان علي (شهيد) جو والد جناب محترم سائين علي شير ڳورڙ جيڪو هن وقت هاءِ اسڪول (2) ميهڙ ۾ (HST) استاد آهي، سندن تعليم ۽ تربيت هيٺ رهندڙ شايان علي ڳورڙ جنهن پرائمري کان سيڪنڊري تائين ميهڙ ۾ پڙهي سول ڊپلوم ووڪيشنل انسٽيٽيوٽ ميهڙ، گريجوئيشن شاهہ لطيف يونيورسٽي خيرپور مان حاصل ڪئي، پاڻ سجاڳ بار تحريڪ، سنڌي شاگرد تحريڪ، عوامي تحريڪ، عوامي جمهوري پارٽي سان انتهائي ذميواري سان واڳيل رهيا. پاڻ سنڌي اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن جا باني ۽ مرڪزي اڳواڻ هيا، ۽ حق فائونڊيشن سان آخري دم تائين واڳيل ۽ جنرل سيڪريٽري پڻ رهيا، هي ڀهراڙي جا لوڪل لعل

www.sindhsalamat.com

صاحب سرواڻ انسان جوانيءَ ۾ ئي استاد کان جدا ٿي ويو آهي، اڄ سندن کي ڏسڻ لاءِ اکيون وڏ ڦڙا وسائن ٿيون.

استاد بخاري جي لفظن ۾:

جوءِ تڪي جن لاءِ، ساهه سڪي جن ڪاڻ.
اڱڻ آس وندن جي الله اهي آڻ.
سوجهرو ۽ سرهاڻ سهڻيون جن جون صحبتون،

هر ماڻهوءَ کي موت جو ذائقو چکڻو آهي، مام اها آهي، ته ماڻهو هن ڪائنات ۾ ڇو آيو آهي؟ ڇا ڪرڻو آهي؟ ڪيڏانهن واپس وڃڻو آهي؟ انسان جي زندگي ٽن سوالن جي دائري ۾ هلي ٿي، ڇا جايون، بنگلا، جائداد بينڪ بيلنس، زمين، زر، زور، زيور حاصل ڪريون انهيءَ شيءِ جون نالو زندگي آهي، ڇا ڪائڻ پيئڻ، سمهڻ چاڪي جي ڏاندن وانگر گذارڻ اکيون ٻڌي زندگي جي جانده ۾ هلڻو آهي، فرعون، هامان، شداد ٻڌجي جائز نا جائز دولت جا انبار لڳا ئڻا آهن، اها زندگي آهي؟ اهوئي مقصد آهي؟ نه، زندگي جو مقصد آهي ٻين جي ڪم اچڻ، ٻين ڪاڻ جيئڻ، پاڪ پيغمبر ٿورن ۽ جامع لفظن ۾ فرمايو ته بهترين ڪم انسانن جي خدمت ڪرڻ آهي، شهيد شايان ۾ انسانيت جي خدمت جو جذبو نمايان رهيو ۽ هو زندگي جو متحرڪ ڪردار رهيو، نرمي ۽ مهرباني جي جذبي سان سرشار هيو، شهيد شايان علي اسان جي دلين ۾ سٺن اخلاقن سبب رچيل بَسِيَلُ آهي، مولانا رومي جو هي قول سندن عملي جدوجهد تي نهڪي اچي ٿو ته “پنهنجي آواز بجاءِ دلين کي اوچو ڪريو ڇو ته گل بادل جي گجڻ سان نه پر وسڻ سان ڦٽندا آهن” شال اسان توهان ۽ سندن سان پيار ڪرڻ وارن جي دلين ۾ سندن عمل ۽ ڪردار جا گل ڦٽن ۽ سندن مشعل راهه جا مسافر بنجي ماڻهن جي خدمت ڪريون.

توکي ڪير وساري سائين،
توکي وسارڻ اوکو هوندو،
پنهنجو پاڻ سان دوکو هوندو،
جيسين موت نه ماري سائين،
توکي ڪير وساري سائين.

# سيسراٽيون ڪيندڙ ڪمپيئر

## طاهر محزون

هينئر رات جا ٻه ٿيا هن پنهنجي ڪمري ۾ مڪمل اونده آهي، خاموشي آهي، گهڙي جي ٽِڪ ٽِڪ سان گڏ منهنجي ذهن جي خلائن ۾ الفاظ اڏري رهيا آهن........ سوچيان پيو دوستن چيو آهي ته شايان تي لکان بستر تان اٿي ٽيبل ليمپ کوليم ڪجھ پنا ۽ پين کڻي لکڻ جي شروعات ڪيم ته لڙڪ نڪري پيا، منهنجي ڪمري ۾ پيل هرشي مون سان گڏ سوڳوار پئي لڳي ۽ مان خوب روئڻ لڳس!

هاڻي ڪلھ جي ئي ڳالھ آهي ته علي شير وَٽ رات جي ماني پئي کاڌي ته شايان پنهنجي هٿن سان اسان کي ياجي، ماني ۽ سلاد پئي کڻي ڏنو، انهي کي چند ڏينهن به نه گذريا هوندا ته هو هڪ ڏينهن زندگي جي سفر ۾ حادثي جي نذر ٿي ابدي ننڊ سمهي پوندو ۽ اسان سڀ ڪلهي تي ان جي ميت کي کڻي شهر خموشان ۾ ڇڏي ايندا‌سين ۽ پوئتي يادن جي ڊگهي قطار کان سواءِ ڪجھ به نه بچندو.

پهرين جنوري 1996ع تي ميهڙ شهر کان چند ڪلوميٽر جي فاصلي تي هڪ ڳوٺ ۾ رهندڙ علي شير ڳورڙ جي گهر هي جنم ونڻ وارو موبي پٽ عبدالباسط شايان علي پوري خاندان جي لاءِ خوشيون راحتون ۽ مسرتون کڻي آيو ۽ زندگي جي ٻن اڍائي ڏهاڪن کان پوءِ پاڻ سان گڏ واپس کڻي هليو ويو.

چوڏهين مئي 2017ع تي منجهند جو اسان جي دوست منظور مهيسر جو ميسيج پهتو ته شايان علي پنهنجي والد جي جان بچائيندي ڪرنٽ لڳڻ سبب هن فاني دنيا کي ڇڏي هليو ويو آهي، منهنجي ته پيرن هيٺيان زمين نڪري وئي ۽ ڪجھ دير لاءِ سڪتو طاري رهيو.

هي اهو نوجوان جنهن جي اکين کي الاهي خواب ڏسڻا هيا اهي اکيون ايترو جلدي ڪيئن ٿيون بند ٿي سگهن؟ جنهن نوجوان جو

ڪڙڪيدار آواز ذرتي دشمنن لاءِ گولي کان وڌيڪ تيز هو اهو آواز اچانڪ ڪيئن ٿو بند ٿي سگهي!!

مون کي اڄ تہ ياد آهي تہ عوامي جمهوري پارٽي جي لانگ مارچ ۾ شايان ڪمپئرنگ ڪري رهيو هو، تہ جسم مان سيسراٽيون پئي نڪتيون هن جي آواز ۾ هڪ قدرتي ڪشش هئي جيڪا سوين ۽ هزارين ماڻهن جي مجموعي ۾ هرهڪ جو خون گرمائڻ جي سگهہ رکي پئي !! ان آوازجي سگهہ ايتري آهي جو اڄ بہ اسان جي ڪنن ۾ گونجي پيو، مگر افسوس جو هرڪو قدرت جي اڳيان بي وس آهي، ڪير ڪيتري بہ ڪوشش ڪري وڃڻ وارو هليو ٿو وڃي.

شايان جو موت هڪ بهادر جو آهي، جنهن پنهنجي جان جي پرواهہ ڪئي بغير پيءُ جي جان بچائي جام شهادت نوش ڪيو، هن جو اوچتو موت بہ وسري نٿو سگهي.

# شاپان انقلابي رستي جو سپهه سالار
# ۽ سنڌ جو سپوت

## حبيب "حضوري"

هي دنيا آهي، جنهن کي اسان سدائين رهڻ جو مقام سمجهيو آهي، اسان جي زندگي ۾ ئي الاهي ماڻهو ڇميا آهن، ۽ فوت ٿي راهه رباني ورتي اٿن، موت ۽ زندگي جو فلسفو حڪيمن، ڏاهن، باخبر انسانن ۽ باشعور عقلمندن ٻڌايو آهي، پر اسان ان تي ڌيان ڏيڻ کان سواءِ، حياتيءَ جون قيمتي گهڙيون گذاري رهيا آهيون، قرآن پاڪ چيو آهي ته "موت ۽ زندگي جو سلسلو ان ڪري رکيو ويو آهي، ته اسين ڏسون ته اوهان مان ڪير ٿو سٺا ۽ سهڻا عمل ڪري ڏيکاري!" (احسن عملا) سهڻي، سٺي، صالح ۽ سالم عمل ڪرڻ وارا تمام گهٽا ماڻهو آهن، ته وري ڏسون ته انهن مان به وڏيڪ سٺو ۽ سهڻو عمل ڪنهن ڪري ڏيکاريو! ان جو مقام ۽ مرتبو وري ٻين کان اعلىٰ ۽ ارفع آهي، هي ڳالهه طئه ٿيل آهي ته موت زندگي جو پيڇو ڪري رهيو آهي، هتي ڪوبه هميشه ناهي رهيو، هي حسين پر شوق زندگي ڪنهن به وقت موت جي ويران ۽ اڻ ڪٿ وادي ۾ وڃي اختتام پذير ٿيندي، اها به پڪ آهي ته حياتي جو ڏيئو ڪنهن به وقت طوفان جي ورچڙهي وسامي ويندو، پر ان هوندي به وسيلا ۽ وک ٻڌجي زندگي جي شاهراهه تي ملندا رهون ٿا، پڪي پوک ۾ لاباو پوي ته ڪا عجب جهڙي ڳالهه ناهي! پر ڪچڙيون ڪليون ٽڙڻ کان اڳ ۾ مرجهائجي وڃن ته ذهن، دل ۽ دماغ تي ڪاپاري ڌڪ ضرور لڳي ٿو.

شاپان علي شير ڳورڙ هڪ نوجوان عزم ۽ همٿ سان سرشار ذهانت ۽ اهليت سان پرپور، ڪي ٿو، هماليه جهڙو حوصلو رکندڙ، سنڌ جي خوشحالي ۽ ترقي جا خواب سيني ۾ سانديي گهمندڙ، باضمير، باشعور سنڌ جو آئيندو، ائين تڪڙو ڏوراهين سفر تي هليو

وجي! تہ سندس والدين ۽ عزيز واقارب تہ ضرور سوڳوار ٿيندا! پر اسين دوست، احباب ۽ سنڌ واسي بہ غمگين ۽ ڏکارا ضرور ٿينداسين! اهو هڪ فطري عمل آهي، جيتوڻيڪ منهنجي ذاتي طرح ڪا شايان سان ويجهڙائپ ڪانہ هئي، چو تہ نوجوان نوخيز ۽ نوعمر 21-22 سالن جو ڳڀرو ۽ شهزادو ۽ آءُ عمر رسيده، پڪو پوڙهو، جهونو، پر سائين علي شير ڳورڙ ۽ سائين حسين بخش ڳورڙ سان تہ نہ رڳو پراڻي شناسائي، پر محبت، قرب ۽ دوستي جو بہ رشتو آهي، ها! پر شايان سان ذهني ۽ نظرياتي هم آهنگي هئي، هو منهنجو آئيندو، منهنجو روشن مستقبل ۽ سنڌ جو سپوت انقلابي دستي جو سپهہ سالار هو.

# شايان ميهڙ جو شان

## عابد ڪلهوڙو

شايان اتي پليو ۽ وڏو ٿيو، اها ڪالوني يعني مدينہ ڪالوني، جيڪا ميهڙ ۾ سيني ڪالونين ڪان پوئتي پيل ڪالوني سمجهي ويندي هئي، جنهن ڪالونيءَ ۾ گهٽائي اهڙن ماڻهن جي هئي، جيڪي چور، ڦورو، چرسي، آفيمي، ڪوڪڙي، جواري ۽ ڪيترائي ڪرمنل ڪم ڪندڙ ماڻهو اتي گهٽائيءَ ۾ موجود هئا. ايتري قدر جو شهر ميهڙ جا ماڻهو مدينہ ڪالوني واري مين روڊ يعني ٽيٻا روڊ تي ڪيترائي چانهہ جا هوٽل هئا. جن تي وڏيون T.V ۽ L.C.D لڳل هيون، جتي واندا ماڻهو ۽ ڪرمنل قسم جي ماڻهن جا هجوم ويٺل نظر ايندا هئا. اهڙي ماحول ۾ شايان استاد بخاري جي شعر وانگر رهيو تہ :-

گندگي ۾ زندگي گهاري، وجڻ سولوئي نہ آ،
گهار جي ويندي بہ اجاري وجڻ سولي نہ آ،
وير واري واءُ تي شايد نشان اڪري وجي،
وات تي پربات، بيهاري وجڻ سولي نہ آ.

شايان ڪنول جي گل وانگر اسان کي هميشہ چمڪندو نظر آيو. هي ان ماحول جي حصي ٿيڻ بدران ان ماحول کي متائڻ لاءِ ڪوششون ڪرڻ لڳو ۽ ان ۾ تمام گهڻو ڪامياب بہ ٿي ويو. اڄ اها مدينہ ڪالوني بهترين ۽ صاف سترين ڪالونين مان هڪ آهي ۽ ان جو ڪريڊيٽ سڄو شايان ڏانهن وڃي ٿو عزير جي چوڻ وانگر تہ شايان جهڙا ماڻهو وقت ڪان تمام گهڻو اڳ پيدا ٿيندا آهن، استاد بخاري جي شعر وانگر تہ:-

وقت نہ هڻ هام، مون سان گڏ هلڻ جي.
توجهڙا مون جام، پوئتي ڇڏيا پنڌ ۾.

وري ٻئي هنڌ بخاري شايان جهڙن ماڻهن لاءِ ئي چوي ٿو تہ:-

اسان جي هر قدم تي هڪ نئين دنيا جو نقشو آ،
اسين تخليق جي قوت جا اعليٰ شهڪار آهيون.

شايان بہ تخليقي ماڻهو هيو. جنهن جي سوچ جو دائرو عام ماڻهو کان گهڻو متانهون هيو، هتي ماڻهوننڍين ننڍين ڳالهين تي پاڻ ۾ الجهيا پيا آهن، اتي شايان اجتمائي مسئلن تي سوچيندو هو، ۽ انهن لاءِ هميشہ مصروف عمل رهيو، ڪڏهن بہ مانو نہ ٿيو ڪڏهن بہ غافل ٿي ننڊ نہ ڪيائين. ۽ ننڊ کي موت جو ڀيو نالو سڏيندو هو. هو جيستائين جيئرو هو تہ سماجي ۽ سياسي تنظيمن سان جڙيو رهيو. ۽ غريبن پورهيتن ماڻهن جي حقن جي حاصلات لاءِ وڙهندو رهيو، هن جي شخصيت ۾ حيدربخش جتوئي جو روپ، جي ايم سيد جي دانش ۽ ذوالفقار ڀٽي جو دماغ هڪ ئي وقت موجود هئا. هن دنيا جهان جي شاعري اديبن کي پڑهيو هيو، پر پوءِ بہ هي بلوچستان جي عظيم دماغ اڪبر بگٽي ۽ بالاچ مري کان گهڻو متاثر هيو هن جو زندگي گذارڻ جو هڪ پنهنجو انداز هيو، هن پنهنجي ئي گهر ۾ هڪ الڳ ڪمري ۾ هڪ الڳ آکيرو ٺاهي ڇڏيو هيو، جتي هي هميشہ غلام قوم کي بهتر مستقبل ڏيڻ ۽ آزاديءَ جا پرعطا ڪرڻ لاءِ غور ۽ فڪر ۾ رهندو هو، هي هميشہ ڪنهن شاعر جون اهي سٽون چوندو هيو تہ :-

تون ڳالهہ ڪرين ٿو زلفن جي.
مان اٽين وارن جي.
تون ڪوڪ سٽين ٿو ڪوئل جي،
مان پيٽ بکايل ٻارن جي.

شايان هڪ سنڌ جو سرمايو هو، هي انهن ماڻهن مان هو، جيڪي آفيمي قومن کي دنيا جون محنتي ۽ جفاڪش قومن ۾ تبديل ڪندا آهن.

وڏيڪ مان شايان لاءِ لطيف سائين جو هي شعر لکندس جيڪو پڻ شايان جهڙن ماڻهن تي نهڪي ٿو اچي.

ڪٽي نيڻ خمار مان، جان ڪيائون ناز نظر،
سورج شاخون جهڪيون، ڪوماڻو قمر،
تارا ڪتيون تائب ٿيا، ديکيندي دلبر،
جهڪو ٿيو جوهر، جانب جي جمال سين.

شايان جي اکين ۾ مون سدائين اهڙا خمار ڏٺا ، جيڪي بند وسڪي جي بوتل کولڻ وارن جي اکين ۾ به نظر نه ايندا آهن، قدرت واري هن ۾ ڪمال جون خوبيون رکيون هيون، هي سلڇڻو، سڀاجهو، مهمان نواز، سماج سڌارڪ ۽ بهادر هيو، هن جي روبيسٽ شخصيت، ڊگهو قد، ويڪري ڇاتي، ۽ خوبصورت منهن تي ڇاپايئين جميل ڏاڙهي ائين محسوس ٿيندي هئي جيئن اڪبر بگٽي جي جواني.

شايان جيڪو سائين علي شير گورڙ جو وڏو پٽ هيو، ۽ باهوش، سچو پنهنجي ڳالهه تي بيهڻ وارو هر دل عزيز دوست آهي، جنهن جو هر گفتو منديءَ تي ٽڪ وانگر لڳندو آهي، سائين روشن ٻڌيو چوندو آهي ته چرچو سائين علي شير کي لڳي يا سائين ٻئي کي چرچو هڻي، پر سائين هر چرچي تي ائين کلندو آهي، جو ائين دوست کي منجهائيندو آهي، ۽ هن جو پلڙو سدائين ڀاري رهندو آهي، ۽ ڪنهن محفل ۾ سائين علي شير ڪنهن مجبوري سبب موجود نه هجي ته اهو دوست نه هوندو جيڪو سائين علي شير جي پڇا نه ڪندو هجي، هر ماڻهو جي وات تي اها ڳالهه هوندي آهي ته چو سائين علي شير ڪونهي، ڪجهه ٽائيم کان پوءِ وري بي خودي مان ڪو ٻيو دوست چوندو ته سائين علي شير ڪونهي يار مزو ڪونهي، اهڙي پياري ماڻهوءَ کي هن نوجوان پٽ جي اوچتي شهادت دلي طرح جهوري وڌو آهي، هر ماڻهو پنهنجي دل تي هٿ رکي ته خوشبوءِدار پٽ جو وڇوڙو ڪيئن ٿيندو آهي؟ چوندا آهن ته جت باهه ٻري سا جاءِ سڙي، سو سائين علي شير کي خدا صبر جي توفيق ڏيندو ۽ شايان کي جنت فردوس ۾ جڳهه عطا ڪندو.

باقي شايان جهڙا ماڻهو ته صدين کان پوءِ پيدا ٿيندا آهن، جيڪي پنهنجي لاءِ گهٽ پر قوم، ملڪ ۽ وطن لاءِ گهڻو ڪم ڪندا آهن.

جيئن عبدالواحد آريسر صاحب جي لفظن ۾ ته “اهڙن ماڻهن جي سوچ جو دائرو خدا جي زمين وانگر وسيع ۽ ويڪرو هوندو آهي، ۽ هنن جا ولولا آسمانن جي وُسَعتن ۾ اڏامڻ لاءِ تيا هوندا آهن، ۽ حوصلا جسماني ۽ روحاني مصيبتن کان بي نياز هوندا آهن، ۽ پنهنجي قوم سان بلڪ پوري انسان ذات سان وحدت الوجودي

www.sindhsalamat.com

ڏاڍي ۾ پوئجي ويندا آهن، ماڻهن جو ڏک هو پنهنجي هانءَ ۾ ڪنڊي وانگر چيڀندي محسوس ڪندا آهن ۽ قوم جي هر فرد جي خوشي ڪي هو من مندر جي محبوبا جي مرڪ جهڙو دلڪش محسوس ڪندا آهن، قوم جي ماڻهن جا ڏک هنن کي پنهنجا ڏک ۽ درد محسوس ٿيندا آهن، قوم جڏهن خوش هوندي آهي ته هنن جي چپن تي اهڙي عظيم مرڪ اچي ويندي آهي جڻ ته معصوم ٻار جي چپن تي ماءُ جي اچي اجري ٿڃ هار جي پئي هجي"

شايان جمندي ڄام هيو، هن ننڍي عمر ۾ ئي سجاڳ ٻار تحريڪ کان پنهنجي سياسي ڪم جي شروعات ڪئي ۽ مرڻ گهڙيءَ تائين سياسي سماجي تنظيمن سان سلهاڙيل رهيو، لطيف سائين به اهڙن ماڻهن لاءِ چيو آهي ته:-

جـان جـان هئـي جيئـري ورچـي نـه وينـي،
وجـي پـونءِ پينـي سـڪندي کـي سـڄڻين.
(شاهه)

سنڌ کي ماڻڪ، نسيم کرل ۽ حسن درس جي وڇوڙي کان پوءِ شايان ڳورڙ جي وڇوڙي جو صدمو به برداشت ڪرڻو پيو، شايان جي وڇوڙي تي ائين ٿو محسوس ٿئي جڻ سڄي سنڌ ۾ ڏڌو وڇايل هجي، شيخ اياز جي لفظن سان پڄاڻي :-

آهــه اجــائي انــت تــي، پنهنجــي ادا ســائي،
هرشـــي هـــن سنســـار ۾، آهـــي اَبناســـي،
مٽـــيءَ ســـان ٿئـــي، مـــوتي هـــر سياســـي،
ورسو جنهن واسي، پنهنجي سرت سڳنڌ سان.
(اياز)

# سلڇڻو شهزادو

## ظهير ابڙو

مَرُ مَرين، آئون رئنءِ! موتي آءُ مَ ڪانڌَ
ڪَچَنِ وَڏا پاندَ، جِئَنَ ٿورا ڏينهڙا،
(مرشد لطيف)

سائين علي شير جو نهايت سُلڇڻو، باادب پٽ شايان علي جنهن سان نهايت مختصر ملاقاتون رهيون پر انهن ٿورڙين ملاقاتن به جڻ مون ڪي هن جو پرستار ڪري ڇڏيو، تعليمي لانگ مارچ جي موقعي تي هن جو پهريون ديدار ٿيو ٽرڪ جي مٿان بيٺل سانورو رنگ جو باهمت نوجوان جيڪو پرپور جوش ۽ جذبي سان مرشد لطيف جي شاعري ٻڌائي رهيو هو ۽ ڪنهن ڪنهن مهل پرجوش نعرا به هڻائي رهيو هو، هُو موسم جي سختي ۽ ٿڪاوٽ کان بي نياز پنهنجي قومي فرض ائين پرپور نموني ملهائي رهيو جڻ انهيءَ ڪم لاءِ پيدا ٿيو هجي.

ساجَنَ ڪارڻِ سُڃَ، مَرُ قَبُولي سَسُئي.
اندرِ جنين اُڃَ پاٽي اجيو اُنِ ڪي،
(شاهه)

شايان علي سان پهريون پيرو ملاقات سائين علي شير پاران دوستن جي مانَ ۾ ڏنل هڪ مانجهاندي ۾ ٿي جتي شايان پنهنجي بابا جي دوستن جي خدمت ائين ڪري رهيو هو، جڻ ڪي مقدس مهمان اچي هن جي اڱڻ تي اُسهيا هجن انتهائي احترام ۽ خوش دلي سان سيني دوستن جي خدمت ڪري رهيو هو، ۽ هلڪي هلڪي چرچي ڀوڳ کي به خوش دلي سان قبول ڪري مسڪرائي رهيو هو، ماني کائڻ ۽ چانهه پيئڻ جي دوران هو، مسلسل بيٺو رهيو ۽ خدمت ڪيائين، مختصر ملاقات ۾ به دل ۾ گهر ڪري ويو شايان علي.

1996-01-01 ۾ جنم وٺندڙ هي سهڻي سياڻ دلبر زندگيءَ جون 21 بهارون ئي ڏسي سگهيو پر ان 21 سالن ۾ ايڏي ڀرپور زندگيءَ ۽ ايڏي جدوجهد شايان علي جي حوصلي ۽ همت جو ثبوت آهي، اُنن سالن جي ننڍڙي عمر ۾ ئي هي شهزادو سجاڳ بار تحريڪ سان سلهاڙ جي ويو ۽ سائين علي شير جهڙي سباجهي ۽ همت ڀرئي استاد جي نگراني ۾ هن سياسي شعور جو سفر شروع ڪيو ۽ پڙهائي سان گڏو گڏ سياسي تعليم ۽ سماجي معاملن بابت شعور به حاصل ڪيائين.

سجاڳ بار ۽ عوامي تحريڪ کان پوءِ عوامي جمهوري پارٽي ۽ سنڌي اسٽوڊنٽ آرگنائيزيشن جو مرڪزي جنرل سيڪريٽري پڻ رهيو ان سان گڏوگڏ پنهنجي آس پاس جي ماڻهن جي مسئلن جي حل لاءِ حق فائونڊيشن نالي سماجي تحريڪ جو به انتهائي متحرڪ اڳواڻ رهيو ۽ پنهنجن آس پاس جي عوام لاءِ هميشه جي جان خدمت ڪيائين هميشه متحرڪ رهندڙ هي سڄڻ هر معاملي ۽ مسئلي کي مسڪرائي منهن ڏيڻ جي سگهه رکندڙ هو.

مرشد لطيف چواڻي:

گهيڙان ڪَري نـه گهـوُرَ، تَڙتَڪَـڙِ ڪـان نـه لهـي.
جـنهن کـي سِـڪَ سـاهَڙَجي، پُـورَنِ متـي پُـورَ،
کـاريءَ رات کُـنَن ۾، وَهَمَـنِ کـي وَهلـوُرَ
جنهن کي ساڻ پريان جا سُورَ، تنهن کي ندي ناهه نگاهه ۾.

مرحوم شايان علي جو آخري سفر به لطيف سائين جي هنن سٽن سان ڪيئن نهڪي اچي ٿو جو هن سهڻي به ڪابه پرواهه نه ڪني ۽ ڪجهه سمجهڻ سوچڻ بغير بابا سائين کي بچائيندي ڪو گهٽ گهير ۽ بچاءَ جو تڙ به نه جا چيو ۽ گهڙي پيو گهير ۾ ۽ محبوب کي بچائيندي پاڻ هميشه لاءِ امر ٿي ويو.

مختصر وقت ۾ ايڏي شاندار زندگي ۽ جدوجهد شايان علي جوئي ڪمال هيو ۽ مختصر ملاقاتن جي باجود دلبر جي مسڪراهٽ، خدمت ۽ جدوجهد هميشه ياد رهندي ۽ ذهن جي پردي ۾ ڦرندي رهندي، شال سائين علي شير کي همت ۽ حوصلي جي طاقت ملي.

# پنڻ واريون پٽريون ڳاڙها ڳل سندن

## منور جتوئي

14 مئي 2017ع تي آچر جي ڏينهن تقريبن صبح جو 12 وڳي فيس بڪ تي وينو هيس ته پياري ۽ ماضي ۾ ايس ايس ٽي ۽ عوامي تحريڪ ۾ گڏجي ڪم ڪندڙ دوست منظور مهيسر جي وال تان اها ڏکوئيندڙ ۽ درد ناڪ خبر پڙهيم ته ايس ايس او جو مرڪزي اڳواڻ ۽ ميهڙ جي سياسي ۽ سماجي شخصيت ۽ استاد سائين علي شير ڳورڙ جو وڏو پٽ شايان علي ڳورڙ بجلي جي ڪرنٽ لڳڻ ڪري شهيد ٿي ويو آهي، ان ڪان پوءِ تقريبن سيني دوستن جي والس تان اها ڏکوئيندڙ خبر شيئر ٿيندي رهي ۽ هڪدم سڄي شهر ۾ ڏک ۽ غم جي لهر ڇانئجي وئي شايان جي ان اوچتي ۽ 21 سالن جي ڦوهه جواني ۾ هن جهان مان وڇڙي وڃڻ تي جيڪو صدمو سندس جيجل امڙ ، والد ۽ گهر جي ياتين کي ڏنو هوندو، ان جو حقيقي احساس ته انهي کي ئي ٿيو هوندو.

لطيف جي مجيل عالمي سچ جي باوجود شايان جي اوچتي ۽ 21 سالن جي الهڙ جواني ۾ وڇڙي وڃڻ واري ڏکوئيندڙ خبر ضرور انساني ڌڙڪندڙ دل کي تڪليف ڏني هوندي ۽ سوچيندڙ ذهن کي صدمو پهچايو هوندو.

منهنجي دل ۽ ذهن تي به هڪدم اهائي ڪيفيت طاري ٿي وئي ۽ تمام گهڻو ڏک ۽ صدمو پهتو خيال ۽ سوچون هڪدم ماضي جي يادن ۾ هليا ويا.

يـــادگيرين جـــا ســـيلاب اينـــدا رهيـــا،
بنـــد اڪـــڙين منجهـــان بنـــد پچنـــدا رهيـــا،
وقـــت تنهنجـــو هـــي ورتـــاءُ واجـــب نـــه هـــو،
گهـــايلن تـــي نئـــون گهـــاءُ واجـــب نـــه هـــو،
وِڪ وِڪ تـــي وڇـــوڙا ونيـــدا رهيـــا،
يـــادگيرين جـــا ســـيلاب اينـــدا رهيـــا.

www.sindhsalamat.com

شايان سان منهنجو واسطو ۽ تعلق ان وقت کان شروع ٿيو جڏهن منهنجي ويجهڙائي ۽ دوستي سندس والد سائين علي شير ٻورڙ سان ان وقت شروع ٿي جڏهن ان وقت شهر ميهڙ شهر جي اندر عوامي تحريڪ ايس ايس ٽي- ايس ايس ٽي سمورن پارٽي دوستن جي تربيت ۽ رهنمائي ڪندڙ دوست ۽ ان وقت پورهيت انقلابي جوش ۽ جذبي سان ٿمتار احمدخان چانديو ڪچهريون ڪري ۽ عوامي تحريڪ ۾ وني آيو، هر وقت احمد خان جو هڪ اهڙو ئي منفرد ۽ شاندار ڪردار رهيو آهي.

مون کي ياد آهي ته جڏهن ان وقت مان مدينه ڪالوني ۾ تمام گهڻو ويندو هيس ۽ خاص طور تي ان وقت ايس ايس ٽي ۽ ايس بي ٽي جون گڏجاڻيون ۽ پروگرام ڪرائيندو هيس، ان وقت مدينه ڪالوني ۾ ايس بي ٽي جو نئون يونٽ کوليو هيوسين، جنهن ۾ ان وقت مدينه ڪالوني جي يونٽ جنهن ۾ ان وقت خاص طور تي شايان ٻورڙ، وحيد لاشاري، راشد چنو، نادر برڙو، بشير جتوئي، مقصود چانديو ۽ قاسم چنو وڏيک سرگرم هوندا هئا. ان وقت اهي هڪ ته منهنجي سينٽر تي انگريزي به پڙهندا هئا ته وري ايس بي ٽي جون سرگرميون به ڪندا هئا. جنهن جي ڪري مدينه ڪالوني جو پرائمري اسڪول خاص طور تي آچر جي ڏينهن اسان جي سرگرمين جو مرڪز هوندو هيو، جنهن ۾ اسين گڏجاڻيون به ڪندا هئاسين، اسٽيڊي سرڪل به هلائيندا هياسين ته وري اتي ننڍڙا ننڍڙا پروگرام به ڪندا هئاسين، مون کي ياد آهي ته هڪ پروگرام ۾ اسان سنڌ جي عظيم ۽ ڪاهوڙي ڪردار ۽ منهنجي سياسي ۽ تعليمي استاد ايڊووڪيٽ ماما رسول بخش بروهي کي به دعوت ڏئي وني آيا هياسين، جنهن پڻ مدينه ڪالوني جي پروگرام ۾ تقرير به ڪئي هئي ته انهن ئي سرگرمين دوران سائين علي شير ٻورڙ شايان کي وني اچي منهنجي حوالي ڪيو هيو ته هي منهنجو پٽ شايان توهان جي حوالي آهي ۽ هن جي توهان تربيت ڪيو ۽ ايس بي ٽي جي سيني سرگرمين ۾ شامل به ڪيوس، شاعري به سيڪاريوس اسٽيج تي اناؤنسمينٽ ۽ تقرير ڪرڻ جابه موقعا وني ڏيوس پوءِ اتان ئي شايان جي تربيت جو سلسلو شروع ٿيو، ان وقت مدينه ڪالوني جي ايس بي ٽي ۽ ايس ايس ٽي جي سرگرمين ۾ پوءِ

www.sindhsalamat.com

سندس سئوٽ فاروق احمد ڳورڙ، صداقت علي ڳورڙ، احسان سومرو، سجاد شيخ، جنيد حسين ڳورڙ، ظهير پنهور، عبدالستار ملاح، سڌير ملاح ۽ ٻيا بہ ڪافي دوست اسان جي ٽيم ۾ گڏ هوندا هيا ۽ ان وقت مدينہ ڪالوني ۾ تمام گهڻيون سرگرميون ڪندا هئاسين، سو شايان اسان جي ڪيل انهن گڏجاڻين اسٽيڊي سرڪل ۽ پروگرامن مان ئي تيار ٿي نڪتو هن، هن ڪتاب ۾ هڪڙي ان وقت جي تقرير بہ شامل آهي، جنهن ۾ شايان اسان سان گڏ بيٺو آهي.

شايان جي مون سان نڪتل اها تصوير ان ئي دور جي هڪ ننڍڙي جهلڪ آهي جنهن ۾ هو اسان سان شامل هيو، پوءِ شايان اڳتي هلي ۽ ايس ٽي جي سرگرمين ۾ بہ شامل ٿيو، ۽ پوءِ اڳتي هلي انائونسمينٽ ۽ تقريرون بہ پر اعتماد انداز ۾ ڪندو رهيو، پوءِ جڏهن اڳتي هلي عوامي جمهوري پارٽي ٺهي تہ هو ان ۾ شامل ٿيو ۽ جڏهن پوءِ عوامي جمهوري پارٽي جي شاگرد محاذ ايس ايس او يعني سنڌي اسٽوڊنٽ آگنائزيشن هيو تہ شايان بہ انهن بنياد وجهندڙن مان هڪ هو ۽ پوءِ ايس ايس او جي اهم مرڪزي عهدن تي پڻ رهيو جنهن ۾ مرڪزي جنرل سيڪريٽري ۽ نائب صدر پڻ رهيو.

هو پنهنجي ان ننڍڙي عمر ۾ تمام گهڻو سياسي ۽ سماجي طرح اڳتي نڪري آيو جي قدرت هن سان ائين نہ ڪري هان تہ هو هن بي رحم ظالم ۽ پورهيت دشمن سماج ڪي تبديل ڪرڻ واري جدوجهد ۾ هڪ مثبت ۽ شاندار ڪردار ضرور ادا ڪري ها.

نيڻ نہ ننڍون ڪن، پڳو آرس اکين،
اجها ميو پرن توکي ساريون سپرين،

# شايان پتنگ هو

## روشن علي ٻگهيو

اها تڏهن جي ڳالهه آهي. جڏهن مون کي اجا مُڇن جي نئين ساول لٿي هُئي، پر آءٌ ننڍڙي لاکون ئي چالاڪڙو ۽ چست هوندو هيس، بابو سائين حد کان وڏيڪ سوشل هئڻ جي ڪري ڪڏهن هِت ته ڪڏهن هُت، مويي پٽ هجڻ جي ناتي اجا ميٽرڪ ئي مس پاس ڪئي هئم ته سيني زماني جي شين پگهار وٺڻ کان وني گهر هلائڻ ۽ ٻين کوڙ سارين زميوارين کي سنڀالڻ لڳو هئس، توڙي جو پگهار، بني ٻارو ۽ مال متاعُ هجڻ جي باجود گهٽي ٽٽي معاشي تڪليف ڪونه هئي، پر تنهن جي باجود ڪيسي خرچ ۽ گهروهٽ وندائڻ ۽ شين کي بهتر ڪرڻ خاطر آءٌ ڏنڌا ڪرڻ شروع ڪيا هئا، غالبن اها 1990ع جي ڳالهه آهي، جڏهن آءٌ ميهڙ جي مين روڊ تي پوسٽ آفيس جي سامهون سبزي جو دڪان هلائڻ شروع ڪيو ته پنهنجي ملٽي جلٽي طبيعت ۽ سني سياءَ جي ڪري کوڙ سارا سهٽا سيبتا تعلقات جڙيا ۽ ڪڏهن به ڪنهن ڏاريي چا پنهنجي جي آڏو به هٿ ٽنگٽو نه پيو، انهن ئي ڏينهن ۾ سائين ديدار ڳورڙ سائين علي شير سان منهنجو ذڪر ڪيو، ته هڪ نوجوان سلڇٽو ميهڙ ۾ سبزيءَ جو ڪاروبار ڪري ٿو، اچ ته ان سان ملاقات ڪريون اها ملاقات سائين علي شير سان وئي وڌندي توڙي جو هن جي عمر ۽ منهنجي عمر ۾ تقريبن 10 سالن جو فرق هو، پر ذهني Maturily جسماني عمرين جا فاصلا ختم ڪري ڇڏيندي آهي، انهن ڏينهن ۾ سائين علي شير سوجهرو ڳورڙ کان ميهڙ شفٽ نه ٿيو هو، پر ميهڙ جام ۽ جڏهن ايندو هو ته مون وٽ ضرور ايندو هو، توڙي جو ماٺهو اڄ تائين تمام گهٽين شين تي غالب اچي چڪو آهي، پر اجان تائين ان جي ڪافي ڳالهين ۾ بيوسائي پڻ آهي، ڪافي شيون اجان تائين هن جي وس ۾ ناهن، جيئڻ، جمڻ، پسگردائي جو ماحول ۽ ڪمسني ۾ آسانيءَ سان ٻين جي هٿن ۾ ڪيڏڻ، استعمال ٿيڻ ۾ ٻين جا خيال ۽ نظريا جلدي جلدي اپنائڻ لڳندو آهي، آءُ نمازي ته اڳ ۾ هئس پر انهن ڏينهن ۾ دعوت اسلامي جو ماحول نئون نئون جڙيو هو، آءٌ ان

www.sindhsalamat.com

۾ تيزي سان شامل ٿيس، منهنجي ڪري سائين علي شير منهنجي ئي دڪان ۾ رکيل مصلي تي گڏگڏ نماز پڙهڻ شروع ڪئي، اتفاق سان 25 اپريل 1992ع تي ڀنهي جي شادي هڄڻ جي ڪري ڀئين هڪ ڀئي جي شاديءَ ۾ شامل ٿي نہ سگهياسين وري اتفاق سان مون کي ٻہ ڀهريون ئي پٽ ڄائو، علي شير سمجهدار ۽ هڪ Mature ماڻهو اڳ ۾ ئي هو، وري لکڻ پڙهڻ جو ماحول جو مليو تہ منهنجي ئي ڪري جيئي سنڌ تحريڪ ڇڏي عوامي تحريڪ ۾ شامل ٿيو، جنهن باڊيءَ ۾ ميهڙ تعلقي عوامي تحريڪ جو صدر، تہ هو خزانچي هو، پوءِ تہ اسان جو اڪثر وقت گڏ گذرڻ لڳو، ادبي فورم، جلسا ميٽنگس، ڌرڻا، شارٽ مارچ ۽ لانگ مارچ، لطيف ڏي، شامون، رهاڻيون، مهورتون، گڏ گڏ رهياسين، سنگت ۾ منهنجو پنهنجو ڊنگ هوندو هو تہ آءُ دوستن کي فيملي ميمبر ۽ گهرياتين کي دوست سمجهندو هيس، تنهن جي ڪري ئي جڏهن بابا سان شام ملهائي وئي تہ چاچي حاجي محمد ملوڪ کان وٺي سائين شبير جهتيال جو فادر چاچا الحاج علي نواز خان جهتيال غوث جتوئي جو والد مولابخش ۽ ڪامريڊ ٻگن چانڊيي وارا سڀ شريڪ ٿيا، ۽ جڏهن مان صبور کي هر محفل ۽ پروگرام ۾ گڏ ڪڻڻ شروع ڪيو تہ شايان بہ اسان سان گڏ گڏ هوندو هو، هڪڙي دفعي شايان جڏهن اسان سان پٽائي جي ميلي تي گڏ هيو تہ سائين علي شير مون کي نوٽ هنئي، مون شايان سان مذاق ڪئي تہ جيب جو خيال ڪجانءِ جيب ڪترا گهڻا اٿئي، متان ڪو کيسو ڪٽي وجئي، غالبًا شايان اٺن نون سالن جو مس هوندو، پر تيزي ڦڙتائي جو جواب ڏنائين تہ "ڏنو ٽڪو نہ اٿئين! جيب ڪترا آڱوٺو ڪڍندا ڇا؟" ائين شايان پنهنجي چستي چالاڪي جو ثبوت ڏيندي سجاڳ ٻار تحريڪ جوائن ڪئي، ۽ پوءِ سنگت جڏهن عوامي تحريڪ کان ڌار ٿي.

عوامي جمهوري پارٽي ناهي تہ شايان ان جي ذيلي تنظيم sso جو مرڪزي اڳواڻ چونڊيو ويو، شايان ڄڻ مسلسل ڄمندي ڄام هيو، هو طبيعتً نهنو، نماڻو ۽ حليم سياءُ جو مالڪ هو، پر جڏهن اسٽيج تي يا مائيڪ هٿ ۾ ڪٽندو هو تہ چڱن ڀلن کي ڏندين آڱريون اچي ويندين هيون، ۽ هڪ ٻئي کان پڇندا هئا تہ هي گجگوڙ شايان جي آ!

قدرت ان کي پنهنجي پيءُ جي ابتڙ وڏو قد ڪاٺ ۽ باڊي ڏني هئي، جڏهن هو سنڌي ٽوپي، اجرڪ ڪلهي ۾ ۽ بوسڪي جا ڪپڙا ڪفلنگ ۽ هٿن ۾ سونيون منديون پائي هلندو هو تہ هو اسان کي

www.sindhsalamat.com

سدائين گهوٽ اٿموت لڳندو هو، شايان ننڍڙي عمر ۾ پاڻ تي ۽ سماج تي الاهي تجربا ڪيا، آءُ ان کي خاموش انقلابي ڪوٺيندم ۽ مون کي چوڻ ڏيو تہ شايان باغي بہ هو، شايان پنهنجي سڄي قبيلي ۾ بهادر هو، ۽ نيڪ پڻ، شايان جي قبيلي ۾ سڀ ماڻهو سني مڪتبہءِ فڪر سان تعلق رکن ٿا. پر شايان 9 ۽ 10 محرم تي ڪارا ڪپڙا پائي پير اگهاڙا ڪري، ڪربلا جي شهيدن جي محبت ۾ جذهن سيني تي هٿ هڻندو هو تہ مون کي ان تي رشڪ ايندو هو، شايان پنهنجي پيءُ کي بچائيندي ڦوهہ جوانيءَ ۾ بهادريءَ جو مظاهرو ڪندي قربان ٿيو، ۽ شهادت جو جام پيتو، امام حسين جو قول آهي تہ "شهادت زندگيءَ جو بهترين انجام آهي" ۽ شايان يقيناً اڄ ان ٽولي ۾ هوندو، شايان پتنگ هو، هن کي توڙي جو لنئون ۽ لهس لڳل هئي، پر هو روايتن جو بہ امين هو، ۽ پنهنجي جذبن تي قابو پائي روايتون ۽ وڏڙن جو ادب بر قرار رکيو.

بس امر ربي ڪل نفس ذائقة الموت مڄڻو آهي، ۽ هي جهان جڙيو ئي ڊهڻ لاءِ آهي، جيڪو ماڻهو خدا کي بہ نہ مڃي اهو بہ موت جو انڪاري ناهي! سائين سرڪش چواڻي:

ڪنهن هوندي ضرورت، تہ بہ هليا ويندا آهن.

۽ ماتم مچائي ويندا آهن.

شايان جو ٽڏو، ٽيجهو، ماني AJP جو دعا هوٽل تي تعزيتي ميڙاڪو PP يوٿ جو پروگرام حق فائونڊيشن جو پروگرام تقريرون، شاعري ۽ گيت ٻڌائين ٿا تہ هو جنهن خيال يا ڏر جو ساٿاري هو، ڪاش ظالم وقت اجا اجازت ڏئي ها! تہ شايان اجا وڏو نالو ڪمائي ها، سائين علي شيرءَ ٻين ڪوڙ ماڻهن کان اهو ٻڌم اسان پاڻ کي توتي صدقو ڪريون ها! اگر هڪ ڀيرو آزمائي ڇڏين ها.

پر شايان ايئن هليو ويندو ڪنهن جي وهم گمان ۾ بہ ڪونہ هو پر......

مــــوت اچـــڻ ۾ ديـــــر ڪـئـــــي آ.
يــــــار ملـــڻ ۾ ديـــــر ڪـئـــــي آ.
ڏســـجي ڪيــــر اچـــي تـــــو اڳ ۾،
مــــون بـــــہ مـــــرڻ ۾ ديــــر ڪـئــي آ.

# ٻالڪپڻ ۾ ڌرتيءَ جو درد رکندڙ

## سراج پنهور

اسان جو پيارو دوست ۽ سينيئر استاد سائين علي شير ڳوررڙ جيڪو اسان جي پاڙي جي ڳوٺ سوجهرو ڳوررڙ جو رهاڪو آهي، سائين علي شير ڳوررڙ سان اسان جو ميل ملاقات اوڀل سويل هڪڙي علائقي سان تعلق رکڻ جي ڪري ٿيندي رهندي هئي، سائين علي شير ڳوررڙ جو تعلق هوندئن به ناميارري تعليمي ماهر ۽ سينئر سماجي ۽ ادبي شخصيت سائين مرحوم الهرکيو ڳوررڙ صاحب جن جي خاندان سان آهي، منهنجو سندس سان گهرائپ وارو تعلق اسان جي پياري دوست ۽ ڀاءُ عبدالحميد چنه ترڙي محبت واري جي ڪري ٿيو، جيڪو سائين علي شير ڳوررڙ جي ڳوٺ سوجهرو ڳوررڙ جي گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول ۾ استاد بنجي آيو، سائين عبدالحميد چنه، سائين علي شير ڳوررڙ ۽ آءُ جيئي سنڌ محاذ تعلقي ميهڙ جي باڊي ۾ شهيد سميع الله ڪلهوڙو، ڊاڪٽر هدايت علي ڪوسو، ڊاڪٽر امام الدين ڪوسو، عبدالغفار سومرو، پاويل جوٽيجو ۽ مرحوم پرائمري استاد عبدالقادر پٽو سان گڏجي ڪم ڪيو تمام گهڻو عرصو گڏ ڪم ڪرڻ جي ڪري سائين علي شير ڳوررڙ سان تمام گهڻي ڪچهري ٿيندي هئي، ڪچهري جو موضوع اڪثر ڪري سنڌ جي قومپرست سياست هوندي هئي، اڪثر ڪري سائين علي شير ۽ آءٌ سائين عبدالحميد گڏ هوندا هئاسين، سن ۾ سائين جي ايم سيد جي سالگرهه تي يا ڪنهن سياسي ۽ سماجي ۽ ادبي تقريبن ۾ به گڏ هوندا هئاسين، جڏهن جيئي سنڌ جي سيني ڌڙن ۾ انضمام ٿيو ۽ جيئي سنڌ قومي محاذ نهيو ته اسان ٽئي جيئي سنڌ قومي محاذ ۾ به گڏجي ڪم ڪيوسين، مطلب ته سائين علي شير ڳوررڙ سان اسان جو ملڻ جلڻ تمام گهڻو ٿيندو هيو، هڪ ٻئي جي خوشي ۽ غمي ۾ به شريڪ

ٿيندا هياسين، جنوري 1996ع جي پهرين تاريخ تي سائين علي شير ڳورڙ جي گهر ۾ هڪ پٽ جنم ورتو جنهن جي ڄمڻ جي خوشيءَ ۾ سائين علي شير ڳورڙ دوستن ۽ ڳوٺ وارن جي ڇٹي واري ڏينهن دعوت ڪئي، اسان سندس پٽ جي ڇٹي واري تقريب ۾ شريڪ ٿياسين، سائين علي شير پنهنجي پٽ جو نالو عبدالباسط رکيو، سائين جي پٽ جي ڄمڻ تي سيني دوستن کي ڏاڍو خوشي ٿي سائين علي شير به ڏاڍو خوش هيو ائين وقت گذرندو رهيو، اسان به پنهنجي گهرو ذميوارين سبب سياست کان پاسيرا ٿي وياسين، جيئي سنڌ قومي محاذ ۾ ڌڙابندي جي ڪري ڪيترائي دوست جيئي سنڌ قومي محاذ کي ڇڏي ويا، ڪي سماجي تنظيمن ۾ هليا ويا ۽ ڪي خاموش ٿي پنهنجي ذاتي ڪمن ڪارين ۾ لڳي ويا، سائين علي شير ڳورڙ عوامي تحريڪ ۾ هليو ويو ۽ ان مان ڌڙابندي سبب نهيل عوامي جمهوري پارٽي ۾ شامل ٿيو، ذاتي مصروفيتن سبب منهنجو سائين علي شير ڳورڙ سان ملڻ جلڻ گهٽ ٿي ويو، ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن اليڪشن ڊيوٽي دوران يا وري شهر ۾ اوچتو ملڻ ٿي ويندو هيو، بهرحال وقت گذرندو رهيو آءٌ هڪ روحاني تنظيم محبان حبيب و جماعت غوثيه مخدوميه ۾ شامل ٿيس، ۽ اڄاتائين ان ئي روحاني تنظيم ۾ شامل آهيان، هي تنظيم يا جماعت صوفياڻو رنگ رکندڙ آهي، ائين وقت جو ڪانٽو هلندو رهيو، ائين چوڏهن مئي 2017ع تي رات جو سوشل ميڊيا تي هڪ خبر هلي ته سائين علي شير ڳورڙ جو نوجوان پٽ شايان ڳورڙ پنهنجي والد صاحب کي بچائيندي بجليءَ جو ڪرنٽ لڳڻ سبب شهيد ٿي ويو.

تمام گهڻو صدمو رسيو، سائين علي شير سان سندس تڏي تي تعزيت ڪئي سين، جڏهن سائين علي شير کان شهيد شايان جي باري ۾ معلومات ورتيسين ته سائين ٻڌايو ته هي اهوئي ڇوڪرو هيو، جنهن جي ڇٹيءَ تي سائين عبدالحميد چنه ۽ توهان آيا هيا، جنهن جي ڇٹيءَ جو نالو عبدالباسط هيو ۽ ڪيس شايان علي جي نالي سان سڏيندا هئاسين، جڏهن سائين علي شير ڳورڙ شهيد شايان علي جو پروفائيل ٻڌايو ته حيرانگي وٺي وئي، سائين ٻڌايو ته شهيد شايان اڄا پرائمري اسڪول مدينه ڪالوني ۾ پڙهندو هيو ته هڪ

www.sindhsalamat.com

باراٽي تنظيم سجاڳ ٻار تحريڪ جو اڳواڻ ٿيو ۽ هڪ سياسي شاگرد تنظيم SSO جو اڳواڻ، عوامي جمهوري پارٽي سنڌ جو اڳواڻ ۽ سنڌي اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن SSO جو باني ۽ مرڪزي اڳواڻ رهيو ۽ آخري وقت تائين هڪ سماجي تنظيم حق فائونڊيشن جو اڳواڻ بہ هو، جڏهن سائين علي شير ڳورڙ جي زباني شهيد شايان علي ڳورڙ جو پروفائيل ٻڌوسين تہ منهنجي ذهن ۾ هڪ شاعر جا هي لفظ تري آيا:

"جان جان هئي جيئري ورچي نہ ويني،
وجي پونءِ پيني ساريندي ڪي سڄڻين.

اسان کي اندازو ئي نہ هو تہ سائين علي شير ڳورڙ جو اهو موڀي پٽ جنهن جي جمڻ جي خوشيءَ واري تقريب ۾ اسان شريڪ ٿيا هئاسين، بالڪپڻ ۾ ئي پنهنجي ڌرتي، پنهنجي قوم، پنهنجي ثقافت، پنهنجي ماروئڙن، سانگيئڙن ۽ جهانگيئڙن لاءِ ايترو درد رکندڙ ٿيندو، سنڌ جي مردم خيز مٽي اهڙا انيڪ ۽ انمول هيرا پيدا ڪيا آهن، جن پنهنجي سوچ ۽ لوچ کي پنهنجي وطن، پنهنجي ڌرتي، پنهنجي ٻولي ۽ پنهنجي ثقافت لاءِ وقف ڪري ڇڏيو آهي، سنڌ ڌرتي هزارين هوشو، هيمون، دودا، دولهہ سورهيہ بادشاهہ ۽ جي ايم سيد جهڙا دلير ۽ ارڏا پٽ ڄڻيا آهن، جن پنهنجي عشق ۽ محبتن جو مرڪز سنڌ ڌرتي، سنڌي قوم، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ثقافت کي بنايو آهي، انهن مان شهيد شايان ڳورڙ بہ هڪ هيو جنهن پنهنجي ٿوري عمر ۾ ئي سنڌ، سنڌي قوم، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ثقافت جو درد محسوس ڪيو، سنڌ جو هي حلالي پٽ سياسي ۽ سماجي پليٽ فارم تي پنهنجي ڌرتي ۽ پنهنجي قوم لاءِ جدوجهد ڪندڙ رهيو ، پوءِ اهي سياسي ميڙاڪا هجن ثقافتي ريليون هجن يا تعليمي جاڳرتا وارا لانگ مارچ هجن، مسلسل جاکوڙيندو رهيو، اهڙي ئي جاکوڙي مسلسل جدوجهد جي سوچ رکندڙ سنڌ جي ارڏن ۽ حلالي پٽن تي سنڌ کي ناز رهيو آهي، اڄ جي هن طبقا تي ۽ ظالم سماج ۾ جتي اڪثر ماڻهو دانشور، اديب، ليکڪ ۽ سياستدان وڪائو بنجي چڪا هجن، پنهنجي ذاتي مفاد کي قومي مفاد تي ترجيح ڏيندا هجن ۽ سماج ۾ مايوسي ۽ بيگانگي ڇانيل هجي،اُتي شهيد شايان جهڙن قوم جو درد رکندڙ نوجوانن ۽ انهن جي جدوجهد

www.sindhsalamat.com

ڪي ڏسي اسان جو ايمان پختو ٿئي ٿو تہ جيسين شهيد شايان ڳورڙ جهڙا سنڌ جا ارڏا ۽ حلالي پٽ موجود آهن، تيسين سنڌ جي وحدت کي ڪوبہ نقصان نٿو پهچائي سگهي، سنڌي قوم کي ڪوبہ غلام بنائي نٿو سگهي شهيد ڪڏهن مرندا ناهن پر هو زنده هوندا آهن، شهيد شايان جيتوڻيڪ اڄ اسان وٽ جسماني طرح موجود نہ آهي، پر هو اسان وٽ روحاني طرح موجود آهي، هو سنڌي قوم جو سرمايو هيو، شهيد شايان جو وڇوڙو ۽ سندس جدوجهد جو خال پرڻ تمام ڏکيو ۽ ڪٺن آهي، پر هو اڄ جي نوجوانن جو رول ماڊل آهي، اڄ جي نوجوان کي شهيد شايان جي نظرياتي ۽ قومي جدوجهد مان سبق وٺي پنهنجون راهون متعين ڪرڻ گهرجن پنهنجي سوچ ۽ لوچ کي سنڌ ۽ سنڌي قوم جي آجپي لاءِ وقف ڪرڻ گهرجي، مختلف پليٽ فارمن تي پوءِ اهو سياسي هجي،سماجي يا ادبي پليٽ فارم هجي پنهنجي منزل سنڌي قوم جو آجپو هجڻ گهرجي ذاتي مفاد کي ڇڏي قومي مفاد اولين ترجيح هجڻ گهرجي، مشڪل مرحلن مان گذرڻ لاءِ مسلسل جدوجهد ڪرڻ گهرجي، شهيد شايان جهڙن نظرياتي جاڪوڙي نوجوانن کي ڏسي اهو ويساهہ پختو ٿئي ٿو تہ سنڌي قوم هڪ ڏينهن ضرور آجپو ماڻيندي هي طبقاتي، جاگيرداراڻو سماج ضرور ختم ٿيندو، معاشري مان مايوسي ۽ بيگانگي ختم ٿيندي، هڪ نہ هڪ ڏينهن سنڌي قوم پنهنجو پراڻو وقار ضرور حاصل ڪندي.

تتي ٿڌي ڪاهہ، ڪانهي ويل ويهڻ جي،
متان ٿئي اونداهہ ، پير نہ لهين پرينءَ جو.

# شهيد شايان ڳورڙ جو المناڪ وڇوڙو

رياض چانديو

اسان هڪ سياسي گڏجاڻي ۾ ويٺل هئاسين ته يقين نه ڪرڻ جهڙي اياڳي خبر ٻڌي سون ته شاگرد اڳواڻ شايان ڳورڙ پنهنجي ابي ڪي بچائيندي بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب اجل جو شڪار ٿي ويو آهي اها خبر مون لاء انتهائي صدمي واري خبر هئي جيڪا خبر ڪنفرم ڪرڻ لاء هڪ دوست کي فون ڪيم ته مونکي هيلو بجاء اوچنگار جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو ۽ پوء آءُ اکيون ۽ چپ بند ڪري ڪنهن مهل نرڙ تي ته ڪنهن مهل پنهنجي ئي بند ڪيل اکين تي هٿ رکي سوچڻ لڳس تي هي سپ ڪجھ ڪيئن تي ويو؟؟؟ شهيد شايان اجا هڪ صديء جي چوٿاڻ وارو جوين به ڪونه گذاريو هيو پر مالڪ سائين هن ۾ ايتريون ته صلاحيتون رکيون هيون جو هي ان ننڍي عمر ۾ به مونکي اڌ صدي کان وڌو انسان پئي لڳو خدا ڪيس جيتريون صلاحيتون ڏنيون هيون ته وري اوتري سونهن به ڏني هئي سندس منجھ سمايل ادب اخلاق وارو پيمانو ماپڻ کان گهٽو هيو جنهن سبب هن هزارين دليون فتح ڪيون پاڻ کان ننڍن سان پيار ۽ پاڻ کان وڏن جي عزت ڪرڻ انهن کان سکڻ سندس رهنما اصول رهيو شايان ننڍ پڻ کان وني وڏا خواب ڏسڻ وارو اهو نوجوان هيو جنهنکي خبر هئي ته هن ڌرتيءَ کي نوجوان قيادت ئي عذابن مان نجات ڏياري سگهي ٿي هي سياسي جماعت عوامي جمهوري پارٽي جي شاگرد ونگ ۾ سنڌ جو آرگنائيزر مقرر ٿيو ۽ ٿوري عرصي ۾ ئي هن سڄي سنڌ جي شاگردن ۾ تعليمي ادارا آباد ڪرايو واري مهم هلائڻ ۾ وڏي ڪاميابي حاصل ڪئي شهيد شايان ڳورڙ مقامي سطح تي سياسي سماجي خدمتن ۾ ته ڪافي سرگرم رهيو پر هن سنڌ سطح تي به وڏي مڃتا ماڻي وري جڏهن خاص طور تي سنڌي ميڊيا پاران ثقافتي ڏهاڙو ملهايو ويندو هيو ته ڌرتي ء

سان محبت سندس رڳ رڳ ۾ رلجي ويندي هئي سوين دوستن سان گڏ جڏهن قومي لباس ۾ نڪرندو هيو ته نوجوانن جو شهزادو لڳندو هيو، شهيد شايان ٻوررڙ جو والد سائين علي شير ٻوررڙ صاحب منهنجو دوست آهي ان لاء هو اڪثر طور تي مونسان چاچا ڪري ملندو هيو هن کي خاص ڪري ڪمپيئرنگ ۾ تمام وڏي مهارت حاصل هئي ان لاء هو مختلف وقتن تي مون سميت پنهنجن سينئرن سان ڪچهريون ڪري سکڻ جي ڪوشش ڪندو هيو شايان جڏهن پٽائي اياز بخاري سرڪش عادل ساحر ۽ فيض احمد فيض کي پڙهندو هيو ته ان جو پنهنجو انداز هوندو هيو هروقت چهري تي مرڪ رکندڙ هن نوجوان جو وڇوڙو يقينن سندس خاندان لاء ته هڪ وڏو صدمو هوندو پر شايان جو وڇوڙو اسان سيني لاء به وڏو صدمو آهي، شهيد شايان ٻوررڙ ٻالڪپڻي ۾ ئي جدوجهد جي شروعات ڪري ڇڏي هئي پرائمري 5 درجا پنهنجي پاڙي واري اسڪول ۾ پڙهڻ ڪانپوء جڏهن هاء اسڪول ۾ پڙهڻ لاء پهتو ته عوام ۽ قوم جي درد ڪيس سمهڻ نه ڏنو ۽ هن ان وقت کان ئي ڌرتي جي دردن کي گهٽائڻ لاء جدوجهد جو آغاز ڪري ڇڏيو هي جڏهن ڀوهه جواني تي پهتو ۽ هن ڌرتي ڌڻين جي خدمت لاء جدوجهد ڪرڻ لاء ذهن ۾ منصوبا بندي پئي ڪئي ته وري سندس مائٽن شايان جي هٿن تي ميندي هڻڻ لاء پئي سنبت ڪئي ۽ تاريخون پئي طئي ڪيائون ته قيامت برپا تي وئي شايان پنهنجي جوين جي رت جو لطف ئي نه ورتو ته هميشه لاء موڪلاڻي ڪري ويو ۽ سندس نرندڙ جسم ۽ بند ٿيل اکيون هڪ سوال پيون ڇڏين ته آءُ ڇو هليو ويس آڪاش انصاري جي چواڻي موجب ته:

تون پڇين ٿو پرين! مان هليو ڇو ويس؟

تون پڇين ٿو پرين!مان هليو ڇو ويس؟

جڏهن شام جو جام،خالي نه هو.

رات رم جهم هُئي،تنهنجي ساهن جي،

جهيڻن سُرن سان سُتل

منهنجي بستر تي

مُنڪر ڪا موسم هئي.

تنهنجي ڪجلين اکين جي،

ڪنارن متي،
منهنجي چپڙن جي ٻيڙي،
لڳي ئي لڳي،
ها! انهي ڪان اڳي،
مان هليو ڇو ويس؟
سچ پڇين او پرين!دل بہ چاهيو گهڻو،
ڪا گهڙي تنهنجي،
وارن جي ڪارين گهٽائن منجهان
واس وٺندو رهان!ٻن گهڙين لئہ سهي
تنهنجي آغوش جي سانوري شام ۾
ڪنهن روپوش پياسي مسافر جيان،
مان پناهون وٺان،
ڪن پل لئي سهي،
ٽڪ ٽورو پڇان.
دل تہ چاهيو گهڻو،
تنهنجي نيڻن جون،
نرمل هي چانڊوڪيون،
سدا مست نيندون نياپا ڪٺي
روح جي رڻ مٿان
ايئن رقصان رهن.
دل تہ چاهيو گهڻو،
تنهنجي ٻانهن جون ڪچڙيون،
۽ ڪومل وليون،
سونهن سرهاڻ جا
سئو سنديسا ڪٺي
منهنجي تن تي سدا
ايئن وڪريل رهن.
ها مگر ڇا ڪجي؟
تنهنجي ڪاڪل جو قيدي
ٿيڻ کان اڳي،
قيدخانن ۾ ڪائي ڪشش هئي پرين!جيڪا ويئي ڇڪي. دل تہ ماڻڻ
www.sindhsalamat.com

ڳُهريون،
تنهنجون سپ دلبريون،
ها مگر ڇا ڪجي! دار جي درد کي،
پنهنجي لذت هئي،
جيڪا وئي ڇڪي،
تون پڇين ٿو پرين
مان هليو ڇو ويس.

# شايان شير : نہ وسرندڙ شخصيت

## اظهر سولنگي

اهو آچر 14 مئي جو ڏهاڙو هيو ۽ شام جا 4 وڄي رهيا هئا منهنجين ننداکيل اکين، خماريل دماغ کي موبائل تي ميسيج لڳو جنهن مونکي مکمل طور جاڳائي وڌو .منهنجي دوست فاروق سومرو پاران موڪليل ميسيج پڙهڻ سان مونکي يقين نہ ٿي آيو، مون بار بار ميسيج کي پڙهيو ۽ سوچيم تہ ڪٿي فاروق کان غلطي تہ نہ ٿي آ، وري چيم نہ نہ فاروق ڪڏهن بہ غلط ڳالهہ مون تائين ڊليور نہ ڪئي آهي. هن ميسيج مونکي گهڻي تڪليف ڏني ۽ پريشان ڪيو، پلا هن ميسيج سان ڪنهن کي تڪليف نہ پهتي هوندي، مان يقين سان چوان ٿو تہ هر ان دوست کي تڪليف ۽ گهرو ڏک پهتو هوندو، جيڪو هن جو دوست هيو، هر ان شهري کي ڏک پهتو هوندو جنهن جا هن سان تعلقات هيا، هر پاڙيسري محلي دار کي ضرور ڏک پهتو هوندو جنهن سان هن جي هيلو هاء هوندي هئي. ها انهن سيني کان گهڻو دلي صدمو مونکي ان ميسيج ڏنو جنهن ۾ شايان شير جي موت جي خبر لکي مون ڏانهن موڪليو ويو .

ان وقت مونکي موت جو فلسفو بلڪل بہ نہ ٿي سمجهہ ۾ آيو تہ هي موت جو ننڍو لفظ هڪ باهمت، بهادر ۽ همت نہ هاريندڙ شخص کي هي موت ڪيئن شڪست ڏئي سگهيو هوندو...؟ مون جيئن پوء تيئن گهڻو غور ويچار ڪندو رهيس ۽ سوچيم تہ ڇا اهو موت اسان کان، اسان جو هڪ بهادر نوجوان اڳواڻ اهو بہ شايان...! اسان وچان الڳ ڪرڻ جي سگهہ رکي ٿو..؟ مون کي قطعي بہ يقين نہ ٿي آيو ۽ نہ ئي آهي تہ ڪو شايان اسان کان جدا آهي. موت جو لفظ مونکي شايان جي ڪردار ۽ شخصيت کي متاثڻ لاء ڪافي نہ آهي. مونکي يقين نہ ٿي آيو تہ اسان کان شايان جهڙو بهادر، همت

پريو نوجوان، ظلمت خلاف للڪاريندڙ آواز رڪندڙ اڳواڻ چني ڏار ڪري اسان ڪان دور دور وڃي ويندو... ۽ ها مونکي ته چا پر جڏهن هي ڏک پريو نياپو پنهنجي ساٿي دوست عامر (جيڪو ان وقت به مون سان گڏ هيو جڏهن نياپو مليو هو (سان رات جو دير دير تقريبن ڏهه وڳي شيئر ڪيو ته هو به غور فڪر ۾ ويهي رهيو ۽ چيائين ته چا واقعي ائين ٿي سگهي ٿو.. مون بغير وراڻئي جي چپ ڪري ويهي رهيس. ان وقت مون سوچيو هو ته سائين علي شير سان رابطو ڪري ڏک ۾ شريڪ ٿيڻ جو اظهار ڪيان پر مونکي ان وقت اهو سڀ ڪجهه رسمي اظهار پئي لڳو. جيڪو ڏک ونڊڻ جو سچو اظهار ۽ احساس دل ۾ آهي اهو فون ذريعي ڪٿي ٿو ونڊجي سگهي .منهنجي اهڙي خيال تي منهنجي دل به منهنجو ساٿ نه ڏنو ۽ ذهن ته پهرين ئي ان ڳالهه کي مڃڻ لا تيار نه هيو ته پوء اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي ته مان شايان جهڙي شخصيت جي مرتئي تي ان جي بابا سان فون تي تعزيت ڪيان .

هو اهو شايان هو جنهن کي خدا اهڙي ذات ڏني هئي جو مونکي هن جي اسٽيج تي اچڻ وقت اياز ۽ بخاري جي شاعري جو اتساهه لڳندو هيو .

هن ۾ شايد ازل کان اڳواٽي ڪرڻ جي به خاصيت موجود هئي تڏهن ته هن سنڌي شاگرد اتحاد نالي هڪ اتحاد جوڙيو جنهن ۾ شاگردن کي متحرڪ ڪرڻ ۽ سياسي ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو هڪ بهتر پليٽ فارم آهي .

هن جي شخصيت ۽ ڪردار ۾ فطري طور سماج کي نئين سر اڏڻ جي جستجو ۽ لگن شامل هئي تڏهن ته معصوميت واري ئي عمر ۾ هتي جي ڏڪويل، ستايل عوام جي حقن جي حاصلات لاء يڪسان رفتار سان ڪوشش ۾ رهيو .

هو ننڍڙي عمر ۾ ئي بي چين رهيو ٿي ته سماج ۾ حقدارن کي حق ڪيئن ڏيارجي ۽ انصاف جي اوسيئڙي ۾ پٽڪندڙن کي انصاف ڪيئن ڏيارجي، پوء هن ائين ڪرڻ لاء ميدان ۾ لهي پيو ۽ معاشري ۾ ظلم ۽ جبر جي خلاف للڪاريندو رهيو ۽ هن جو پويان ڇڏيل ويزين هميشه هن معاشري ۾ ظلم ۽ جبر ڦهلائيندڙن خلاف للڪاريندو رهندو. هن جو آواز ڏيهه جي ڏاڍن خلاف ڳالهائيندو

www.sindhsalamat.com

رهندو ۽ پچندو رهندو ته اي ظالمو..! سنڌ ۽ سنڌين مٿان ظلم آخر
ڪيسين..؟ اهڙي مڙس مٿير جي آئون ڪيئن عذرخواهي ڪيان،
مان علي شير ڳورڙ کي ڪيئن چوان ته شايان اسان کان جدا ٿي
ويو آهي. ڇاڪاڻ ته جيڪو اسان جو شايان شير آهي اهو اسان سان
گڏ رهندو. هن جو سياسي قد ڪاٺ، اخلاقي بلندي ۽ احساسن جون
سمنڊ جيان ڇوليون هڻندڙ ڳالهيون ۽ يادون اسان سان گڏ رهنديون .

هن جو اسٽيج تي بيهي ڪڙڪيدار آواز جيڪو ٻڌندڙن کي
موهي وجهندو هو ، اهو انداز گفتگو ۽ شاعري جي تلفظن جي
ادائگي ڀلا ڪير وساري سگهندو..! اسين ڪيئن ٿا وساري سگهون
اهو شايان شير جيڪو ظالمن جي ظلم خلاف نڪرندڙ ريلين ۾
اڳيان اڳيان هلندي سنڌ ۽ سنڌي عوام جي حقن خاطر بلند آواز ۾
ظالمن کي للڪاريندو هو .

هو اهو شايان شخص هو جنهن ۾ سمورا گڻ ۽ خاصيتون
موجود هيون، بااخلاق، باڪردار، يقين جي پختگي رکندڙ شاگرد ۽
سياسي ڪارڪن هو. هن جي اخلاق جي بلندين کي ڏسي ڪيئن ئي
سچائين جا دعويدار رشڪ ڪندا هئا .

اي..! شايان جا ابا ۽ امان توهان ڪيڏا نه خوشنصيب آهيو جو
اوهان جو پٽ شايان آهي .۽ ٻي طرف شايان جي وڇوڙي واقعي
اوهان کي پيڙائن ۾ ڏکي ڇڏيو هوندو پر اوهان غم زده ڪڏهن به
نه ٿجو ته اوهان جو پٽ شايان شير اوهان کان جدا ٿيو آهي .هو
توهان کان جدا نه ٿيو آ هو اوهان سان جڙيل آ، اها ڪيڏي نه فخر
جهڙي ڳالهه آ جو شايان پنهنجي ننڍڙي عمر ۾ هيڏو سارو وڏو
جهان جوڙي ويو آهي، جنهن جهان ۾ ان شايان جا سڀ پنهنجا آهن
ڪو به پرايو يا ڌاريو ڪونه آهي. اهو ان جي محبت ۽ پيار جو صلو
آهي جنهن پنهنجي پويان اڻ ڳڻيا سندس سان پيار ۽ محبت ڪرڻ
وارا ڇڏيا آهن. ان شايان شير تي فخر ڪرڻ گهرجي جيڪو پنهنجي
ننڍڙي عمر ۾ هڪ امر ڪردار بڻجي ويو آهي .

شايان جي امڙ ۽ بابل علي شير اوهان جي اها ڪيڏي نه
قابليت ڀائنبي جو اوهان شايان جي بهترين تربيت ڏئي پالنا ڪئي،
اها پالنا ۽ تربيت ڏني جنهن ۾ انا نه هئي، جنهن ۾ گهمنڊ ۽ وڏائي
نه هئي. سادگي هن جو سينگار هئي. هن کي اوهان محبت، اخلاق ۽

پيار جا سبق پاڙهيا ۽ اوهان پاران ان ڏنل سبق کي هو نه سماج ۾ وهائڻ جو ئي هميشه ڪم ڪندو رهيو .

اڄ شايان اسان سان جسماني طور گڏ ناهي پر هو اسان سان پنهنجي امر ڪردار ذريعي گڏ گڏ رهندو. هو اسان کي ياد رهندو پنهنجي دليري ۽ بهادري جي عيوض. جڏهن به پٽ جو پي سان بي انتها پيار ۽ محبت جو ذڪر ٿيندو ته يقين سان انهن کي شايان شير ياد ايندو. جڏهن اسان جي سماج ۾ پيءُ سان پٽ جو معاملو ٿيندو ته يقين سان ان پٽ کي شايان جو قصو ٻڌائي والدين ؔ سان محبت ڪرڻ جو مثال شايان شير ڏنو ويندو .

شايان شير جي قرباني ڪا عام قرباني نه آهي ان قرباني عيوض هو هميشه جي لاءِ امر ٿي ويو آ .

# قربانيءَ جو مجسمو

## پروفيسر عبيدالله لاکير

ميهڙ جي نوجوان عبدالباسط عرف شايان جي زندگيءَ جو قصو ڏاڍو صدمو ڏيندڙ ۽ حيرت ۾ وجهندڙ آهي ته هن 21 سالن جي عمر تائين به ڪونه ڪري سگهي، هن جو هڪ هڪ پل ٻين لاءِ هو، 8 سالن جي ڄمار ۾ ٻارڙن جي حقن لاءِ جدوجهد ان کان پوءِ سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏيارڻ جي جدوجهد، ڪمپئرنگ ڪري پنهنجا خيال مهان شاعرن شاهه لطيف، شيخ اياز، استاد بخاري، حليم باغي جي شاعري مان چونڊ ڪري عام ماڻهن تائين پهچائڻ، هو جيڪو ڌرتيءَ سان جذباتي حد تائين جڙيل هو، نه صرف ماڻهن جي چاهت ۾ انهن لاءِ هر وقت سوچ ۽ فڪر ۾ هوندو هو، پر ڌرتي جي ٻولي ۽ ثقافت سان ڪيس خاص قسم جو اُنس ۽ عقيدت هئي، هو پهرين جنوري 1996ع کان 14 مئي 2017ع جو هڪ مختصر قصو هو، پر ان قصي ۾ ڪيترين ئي ڪهاڻيون ۽ قصا لڪل آهن، هن هوش سنڀالڻ کان وٺي شهادت تائين پنهنجي زندگي، پنهنجي لاءِ استعمال نه ڪئي، هن جي صرف هڪ ايجنڊا هئي، ته زندگي نالو ئي ٻين لاءِ جيئڻ جو آهي هن نه صرف اهو سمجهيو هو، پر هن ثابت به ڪيو پنهنجي عملي جدوجهد سان هڪ هڪ پل ڌرتي، ماڻهو، سماج، ٻولي ۽ ثقافت لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هو ۽ آخر ۾ به سندس شهادت پنهنجي عظيم رشتي والد صاحب جي زندگي بچائيندي ٿي.

هي قربانيءَ جو مجسمو هو، هن جو هر پل ٻين لاءِ هو، هن جا پنهنجا ڪي به خواب نه هئا، پر هو ٻين جي خوابن جي تڪميل لاءِ وقت ۽ توانائي قرباني ڪندو رهيو ۽ آخر ۾ جان قربان ڪري امر ٿي ويو.

شايان تون تاريخ جو اهو باب آهين جتان نوجوان اُتساهه وٺندا رهندا ۽ توکي ياد ڪندا رهندا.

www.sindhsalamat.com

# شينهن جهڙو گجندڙ آواز

عادل چانڊيو

انسان جي ڄمار ۾، يعني ننڍي هوندي کان وٺي جوان ۽ پوڙهو ٿيڻ تائين ڪيترين ئي منزلون ۽ مرحلا اچي وڃن ٿا. جڏهن ماڻهو پرائمري پاس ڪري مڊل ۽ هاءِ اسڪول جي مرحلي ۾ داخل ٿئي ٿو ته ڪافي سمجهدار ٿيو وڃي. عام طور تي ان عمر جا ٻار (ڇوڪرا) اسڪول جي وقت کان پوءِ راند روند ۾ مصروف هوندا آهن، هر طرف مذاق مستي، ڪيڏڻ ڪُڏڻ، حرڪتون ڪرڻ، مطلب ته شام جو سمورو وقت صرف ڪجهه وقت ڇڏي جنهن ۾ اسڪول کان مليل گهرو ڪم ڪبو آهي، باقي سمورو وقت مٿين سرگرمين ۾ گذرندو آهي. هاءِ اسڪول کان پوءِ جڏهن ڪاليج لائيف شروع ٿئي ٿي ته انهي اسٽيج تي نوجوان پنهنجي ڦوهه جوانيءَ جي مستيءَ ۾ گم هوندو آهي. جنهن ۾ گهڻو ڪري نوجوان صرف پنهنجي ذات جي لاءِ سوچيندو آهي ته مون وٽ پلا ڪپڙا هئڻ گهرجن، سني موبائل فون هئڻ گهرجي، موٽر سائيڪل هجي، روز جي بنياد تي کيسي ۾ پئسه (Pocket Money) هجڻ وغيره وغيره. ٿلهي ليکي انهي عمر جي نوجوانن (Majority) وٽ انفرادي سوچ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه ملندو.!!

پر انهي ساڳي ئي ننڍڙي عمر ۾، ظاهري طرح ننڍڙي سائيز جي دماغ ۾ تمام وڏو عقل ۽ فهم رکندڙ شايان ڳورڙ هو. جنهن پنهنجا سڀ انفرادي مفاد پاسي تي رکي ڪري اجتماعي مفادن ۽ قومي حقن جي حاصلات لاءِ پنهنجو آواز بلند ڪري تمام وڏي سڄاڳي ڏيڻ جي اڻ ٿڪ ڪوشش ڪئي. ٻاراڻي عمر ۾ هن يڳاني ۽ سنڌ جي بيباڪ سپاهي سڄاڳ ٻار تحريڪ کان پنهنجي سياسي زندگي جي شروعات ڪئي ۽ پوءِ ايس ايس ٽي، عوامي تحريڪ، عوامي جمهوري پارٽي ۽ سنڌي اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن (ايس ايس

او ۾ متحرڪ اڳواڻ جو ڪردار ادا ڪندڙ نظر آيو ۽ ڏسندي ڏسندي تمام ٿورڙي عمر ۾ هو تمام وڏي ڪردار جو مالڪ بڻجي ويو.

2010ع ۾ جڏهن مان ڏهين درجي جو شاگرد هيس، تہ هن سان منهنجي ملاقات سائين احمد خان چانديو جي ڪري ٿي، پهرين ملاقات ۾ ئي هن جي متاثر ڪندڙ شخصيت مون کي بہ پنهنجو ديوانو بڻايو. هو مون کان بہ سال ننڍو هيو، پر هن جي اخلاق، ملڻ ۽ گفتگو جي انداز ۽ سامهون واري ماڻهو کي گهربل موٽ ۽ عزت ڏيڻ جي سليقي مان هو تمام وڏو ماڻهو ڏسڻ ۾ پئي آيو. هڪڙي ئي شهر ۾ رهڻ جي ڪري مختلف وقتن ۽ جڳهين تي ڪافي ڀيرا ملاقاتون ٿينديون هيون، شايان مون کان جيتوڻيڪ عمر ۾ ننڍو هيو پر هو مون کان سياست ۾ سينيئر هيو، ڪچهرين ۾ ڪيترن ئي موضوعن تي ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ سان گڏوگڏ شاگرد سياست تي بہ ڳالهہ ٻولهہ ٿيندي هئي، ۽ شايان جنهن انداز سان شاگرد سياست تي روشني وجهندو هيو ۽ پنهنجي سياسي اک سان شاگرد سياست تي جيڪا نظر ڦيرائيندو هيو سا ادا ڪيس محفل جو مور بڻائي ڇڏيندي هئي. 2011ع ۾ سنڌي اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن (SSO) جو بنياد پيو، هي جوان SSO جو پهريون مرڪزي خزانچي چونڊيو ويو. ۽ هن موٽي اچي ميهڙ ۾ ٻڙڌڪ مچائي ڇڏيو تہ هڪ اها سياسي شاگرد تنظيم وجود ۾ اچي چڪي آهي جنهن جي هن 21هين صدي جي نوجوانن کي سخت ضرورت هئي. 2011ع ۾ ئي ميهڙ اندر SSO جي تنظيم سازي جو سلسلو شروع ٿيو ۽ SSO جي مرڪزي قيادت طرفان جنهن ۾ مرڪزي صدر خان چانديو، جنرل سيڪريٽري شيراز سيال ۽ خزانچي شايان ڀُورڙ ضلعي دادو ۽ لاڙڪاڻو جا دورا ڪرڻ شروع ڪيا. ميهڙ جي مدينہ ڪالوني (جيڪو سندس رهائشي علائقو هيو) جي پرائمري اسڪول ۾ هڪ گڏجاڻي ڪوٺائي وئي جنهن ۾ SSO جي ويزن تي ڀرپور بحث مباحثو ٿيو ۽ ميهڙ جي شاگردن کي ايس ايس او ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني وئي، تنهن کان پوءِ تعلقي ميهڙ جي باڊي ناهي وئي جنهن ۾ مان جوائنٽ سيڪريٽري طور چونڊيو ويس. مطلب تہ منهنجي سياسي زندگي جي شروعات SSO کان ٿي ۽ مون کي SSO ۾ شامل ڪرڻ وارن دوستن منجهان شايان ڀورڙ جو بہ هڪ مُک ڪردار هيو. هن دلير ۽

ارڏي شاگرد اڳواڻ کي پارٽي اندر تمام گهڻ سرگرم ساٿين منجهان هڪ ڏٺو ويو. پارٽي جو ڪو مرڪزي سڏ هجي يا مقامي طور تي ڪا سرگرمي ڪرڻي هجي هي مڙس مهلائتو هيو، سڏ ۾ سڏ ڏيندڙ هيو ۽ هر سرگرمي جي اڳواڻي ڪندڙ هيو. مقامي طور تي ٻين پارٽين سان اتحاد ڪرڻ، ڪا گڏيل طور تي جدوجهد ڪرڻي هجي، احتجاجي مظاهرا، هڙتالون، سياسي ڪچهريون، يا پارٽي اندر ڪي پروگرام يا اسٽڊي سرڪل هجن، هي همراهه اتان غيرحاضر ته پري جي ڳالهه پر ٻي صف ۾ بيٺل به ڏسڻ ۾ ڪا نه آيو ۽ هميشه پنهنجي ساٿين سان اڳين صفن ۾ بيٺل نظر آيو. پارٽي طرفان سنڌ اندر تعليم جي بهتري لاءِ جيڪا سنڌگير تحريڪ هلائي وئي، جنهن ۾ تعليمي ڪانفرنسز، ڪرپٽ تعليمي بوردن اڳيان احتجاجي مظاهرا ڪرڻ، ڪاپي جي وڌندڙ رجحان خلاف مهم هلائڻ، وسل اسٽاپ ٽوئر، شارٽ مارچ يا تعليمي انقلابي لانگ مارچ هجي، شايان هنن پروگرامن کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ پنهنجي وسان ڪين گهٽايو يا وري مقامي شاگردن کي ڪن پروگرامن بابت ڪا به اپ_ڊيٽ ڪپندي هئي ته هڪ ٻن سينيئر ساٿين سان گڏ شايان ڳورڙ ڪان پڻ رهنمائي ورتي ويندي هئي .

شاعر جي هن سٽن جيان ته:

ڪڏهن ٿجي ڪن، ڪڏهن ٿجي وات،
ڪڏهن ٿجي ٻڪرو، ڪڏهن ٿجي ڪات.

ڪنهن وقت هي بلڪل عام ڪارڪن ٿيندو هيو ته ڪنهن وقت هي تمام وڏو اڳواڻ ٿي آڏو ايندو هيو، ضرورت پوڻ تي هي بلڪل خاموش رهندو هيو ۽ ضرورت پوڻ تي هي پنهنجين ڳالهين، ڪچهرين، تقريرن ۽ اناؤنسمينٽ ۾ شينهن جيان گجگوڙ ڪندو هيو. هن جي اناؤنسمينٽ جي انداز سموري ميهڙ شهر کي هن جو ديوانو بڻائي رکيو هيو، پنهنجي پارٽي جو ڪو به پروگرام هجي، اناؤنسمينٽ جو ڊپارٽمينٽ شايان جي حوالي هوندو هيو پر پارٽي کان الڳ پروگرامن ۾ به اناؤنسمينٽ ۾ شايان جي ضرورت پوندي هئي. هي قداور مڙس، جنهن جو شينهن جهڙو گجندڙ آواز ۽ سندس لهجي ۾ پنهنجائپ ۽ مناس مان سمورا ٻڌندڙ متاثر ٿيڻ کان بچي ڪين سگهندا هئا.

www.sindhsalamat.com

شايان جهڙي ڪردار جا مالڪ، دنيا جي انهن عظيم شخصيتن جو تسلسل هوندا آهن، جيڪي پنهنجي پوري ڄمار پنهنجي وطن ۽ عوام جي بي پناهه خدمتون ڪندي گهاريندا آهن. شايان، سنڌ اندر تعليم جي ٻڏل ٻيڙي کي تارڻ لاءِ، امتحانن دوران ڪاپي جي رجحان جو خاتمو آڻڻ لاءِ، نااهلي جا نهيل مينار ڊاهڻ لاءِ ۽ سنڌ مٿان تعليم جي اڻهوند جي ڇانيل ڪارن ڪڪرن خلاف جديد تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ تعليمي انقلاب جي جيڪا مشعل ڪٽي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ نڪتو تنهن روشني جا ڪرڻا ڪڏهن به ختم ناهن ٿيڻا.

# شايان ڳورڙ

## ذوالفقار علي کوسو

اجـا رات آهــي، ننــڊ اکــن جــو گفتــو،
اتــو! ڏينهن تــي ويــو، سـجاڳن جـو گفتـو،
ملـي ئـي نتـو کـجـهـ! کـراڙن جـو گفتـو،
وٺـي رهبــو، سـيکـجهـ، جـوانن جـو گفتـو.

استاد بخاري هي ستون شايد شايان ڳورڙ جهڙن نوجوانن لاءِ چيون آهن، جيکي بنا ڪنهن ڊپ، ڊاءُ مايوسي جي، ننڊاکين اٿاري، حوصلو بخشي اڳتي وڌڻ ۽ حقوق جي حاصلات جو درس ڏيڻ لاءِ پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪري هليا ويا. ۽ اسان کي به اتساهه ڏئي سمجهائي ويا ته "عزم، همت ۽ اٽل ارادي سان سڀ ڪجهه حاصل ڪري سگهجي ٿو" شايان جي اوچتي وڇوڙي تي، ڏاڍو صدمو ٿيو، مون وٽ اهي لفظ ناهن جن سان مان پنهنجي اندر جي جذبن جي ترجماني ڪري سگهان، قدرت جي فيصلن کي ڪير ٽاري ئي ڪونه ٿو سگهي. شايان مختصر زندگي کي امر بنائي ويو، ماڻهو عظيم نه هوندو آهي، ان جو ڪردار، ان جي سوچ ۽ ان جو فڪر ڪيس امرتا بخشيندو آهي، شايان جو فڪر عظيم هو، هن ماروئڙن ۽ جهانگيئڙن جي خوشحالي جا خواب پئي دل ۾ پاليا، هن سنڌ ۽ سنڌ واسين جي ڳالهه پئي ڪئي، هن جي ذهني پالنا عوام دوست ساٿين پئي ڪئي، هي نه جهڪڻ وارو نوجوان هو، سندس ڳالهيون پيون ڳائيبيون، چو ته هو نالي وانگر شايان شان هو، آءُ سائين علي شير ڳورڙ سان ڏک ۾ برابر جو شريڪ آهيان، ۽ سائين حسين بخش ڳورڙ ۽ ٻين سوڳوارن سان دلي همدردي ڪريان ٿو، آءٌ خود انهيءَ محلي ۾ رهيو آهيان، مدينه ڪالونيءَ ۾، مون شايان کي هميشه وڏن، ننڍن جو ادب، احترام ۽ عزت ڪندي ڏٺو، مصروف ترين

زندگي گذاري ويو، ۽ ٿورڙي عرصي ۾ ايترو ڪم اڪلائي ويو، جو ڪو عمر دراز ۾ به اهڙو عظيم ڪارنامو سرانجام نه ڏئي سگهندو! سوين نه پر هزارين ماڻهن جي دلين ۾ محبت جا ٻوٽا پوکي وڃڻ ڪو آسان عمل نه آهي! پر شاهان اُن ناممڪن کي به ممڪن ڪري ڏيکاريو.

# ڏور ٿيندا وڃن روز جوڳيئڙا

سيد اعظم علي

14 مئي 2017ع جي شام جو الطاف ٻلهڙي موبائيل تي ٻڌايو ته علي شير ڳورڙ جو پٽ شايان بجلي جي ڪرنٽ ۾ پنهنجي بابا جي جان بچائيندي پنهنجي جان ڏئي ڇڏي خبر ڏاڍي تڪليف ڏيندڙ هئي.

علي شير ڳورڙ منهنجو محسن، سنو ۽ مانائتو دوست آهي، شايان ان جو جگري پٽ هيو.

مون سان اڪثر ان جون فخر سان ڳالهيون ڪندو رهندو هو، ان جو اهڙو وڇوڙو منهنجي لاءِ ڏکارو احساس هيو. هونئن ته هر شام ڪي پنهنجو فطرتي رنگ هوندو آهي. پر ان شام ۾ سڏڪن جا آواز هيا سڀ رنگ بي رنگ ٿي ويا هئا. هڪ عجيب اداسي جو پاڇو لهي آيو هو. جنازي جي نماز تي سائين علي شير سان ايڏي وڏي حادثي ٿيڻ سبب لفظن ۾ جرئت ڪونه محسوس ڪيم.

مان توتي کهڙي ڳل جو ڪفن وجهان.
تون جڏهن جدا ٿئين وٽن جا هٿ خالي هئا.

شايان هڪ باشعور، ارڏو، هماليه جيان مضبوط، هڏ ڏوکي، پيار ڪندڙ ۽ پاڻ ارپڻ واري شخصيت جو مالڪ هيو.اهڙا پُٽَ وَرلي پيدا ٿيندا آهن.

شايان ۾ پاڻ ارپڻ وارو جذبو شدت سان موجود هيو، جيڪو هن ثابت ڪري ڏيکاريو، هن پنهنجي بابا لاءِ جيڪا قرباني ڏني، ان قرباني هن کي امر ڪري ڇڏيو ۽ اهڙا دلبر هميشه لاءِ دل تي اُڪرجي ويندا آهن، پٺائي صاحب چيو آهي:

ڪي ويجهائي ڏور، ڪي ڏور به اوڏا سپرين،

شايان جيڪا قرباني ڏئي ويو آهي، اها اسان کان ڪڏهن به نه وسرندي، هو هميشه اسان جي دلين ۽ روحن ۾ موجود رهندو، هو ٻرندي ٻرندي پاڻ ته وسامي ويو پر ان جي ڏنل روشني جو تاثر

اسان جي زندگي جي دائمي قدرن ۾ هڪ روشن واٽ جيان رهندو.

شايان جي قرباني تاريخ جو ورق بنجي هر باشعور نوجوان لاءِ هڪ وڏو سبق رهندو.

ڏٽي در دعا آهي تہ شايان کي جنت فردوس ۾ جاءِ ڏئي ۽ ان جي عزيزن کي صبر جي تلقين ڏئي. آمين

شايان لاءِ هينيان لفظ لکان تہ وڌاءُ نہ ٿيندو:

مـــون ويـنــدي ويـنــدي تـــن جـــا پيـــر ڏٺـــا.
مـــون چاچـــا مـــــڙس متيــــر ڏٺـــــا.
جـــي کيئـــي ســـج ايـــاري ويـــا،
جـــي کيئـــي ســـج ســـمائي ويـــا.

# شايان ماڻڪ موتي داڻو

## اميربخش شيخ

ها اها 14-05-2017 جي گرم منجهند هئي، آءٌ اسڪول کان گهر اچي رهيو هيس، گرم هوا پنهنجي عروج تي هئي، پر ان کان بي خبر آءٌ پنهنجي ڌن ۾ مست هيس، جڏهن پنهنجي محلي ۾ پهتس ته فضا ڪجھ عجيب و غريب لڳي رهي هئي، هر طرف خاموشي ڇانيل هئي، مون کي ڪجھ سمجھ ۾ نه آيو، ۽ تڪڙا تڪڙا قدم کڻندو، گهر جو رخ ڪيم ، اجا گهر اندر قدم مس رکيم ته گهر جو ماحول به عجيب لڳو پيو هو، ننڍي وڏي جي اکين مان نير وهي رهيا هئا. مان گهٻرائجي ويس، نيٺ وڏي مايوسي ۽ گهٻراهٽ مان گهر وارن کان پڇا ڪيم ته آخر ڇا ماجرا آهي!!

گهرواري ڳوڙها ڳاڙيندي، سڏڪا ڀريندي ٻڌايو ته شا....يا....ن شايان و....فا....ت وفات ڪري ويو، پر آخر ڇو، ڪيئن؟ دل ئي نه پئي مڃي.

انهن ئي پيرن تي گهر کان ٻاهر نڪري سائين محترم حسين بخش ڳورڙ جي گهر جو رُخ رکيم، گهر ۾ قيامت صغرىٰ لڳي پئي هئي، هر اک زارو قطار روئي رهي هئي، پڇڻ تي معلوم ٿيو ته پنهجي بابا کي بچائيندي، پاڻ بجلي ۾ اچي ويو ۽ هميشه لاءِ امر ٿي ويو.

ماڻهو سڀ نه سهڻا، پکي سڀ نه هنج.
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجھ اچي بوءِ بهار جي.

شايان!! اسان جي وهم گمان ۾ ئي نه هو ته اهڙي ننڍڙي عمر ۾ اسان کان اوچتو موڪلائي شهادت جو رتبو ماڻيندو، ان ڏينهن ته ڇا پر اڄ تائين دل ئي نٿي مڃي ته شايان اسان کان جدا ٿي ويو آهي.

واهه ڙي شايان تنهنجو شان!! پنهنجن کي ته گهاءُ ڏئي وئين پر

پنهنجي دوستن، استادن، عزيزن قريبن ۽ محلي توڙي اوڙي پاڙي وارن کي ڇورو ڪري ويو آهين. شهادت واري ڏينهن پرائي توڙي پنهنجن جون اکيون نير وهائي رهيون هيون. لکڻ وارو چوي ٿو ته ان ڏينهن شايد ڪو اهڙو هجي، جنهن کي ماني نصيب ٿي هجي.

شهيد شايان هڪ مدبر، قول جو پڪو،سچ گو، نهنو، نماڻو، با ادب، بااخلاق، رلڻو ملڻو، هر وقت لبن تي پياري مُرڪ جهڪي ادب سان منفرد انداز ۾ مرڪي ملڻ سندس جو نرالو انداز هو، پوڙهو هجي يا نوجوان، واقف هجي يا اڻ واقف، سيني سان ساڳي انداز ۾ ملندو هو، چا ته سندس جو نرالو انداز هو، مجموعي ۾ واه واه جون صدائون ٻڌڻ ۾ ايندڀون هيون، ڪچهريءَ جو مور، گفتي جو پڪو، چرچي ڀوڳ جو پڪو مون کي هميشه چوندو هو، سائين ڪو مزاحيه ايس ايم ايس موڪليو حالانڪ شهيد مون وٽ پڙهيو هو، ليڪن شايان ۽ منهنجي وچ ۾ استاد ۽ شاگرد نه بلڪ وڏي ۽ ننڍي ڀاءُ وارا يا ائين ڪٽي چئجي ته بلڪل پهنجائپ وارا لاڳاپا هئا. پُڪارڻ مهل، اڪثر سر ڪري سڏ ڪندو هو، ايتري پنهنجائپ جي باوجود به ڪڏهن حد کان وڌيڪ هُجت نه ڪئي، مون کي سندس پرسنلٽي مان "بالاچ مري" جو عڪس نظر ايندو هو، اسان جي وهم گمان ۾ ئي نه هو ته شايان ايترو جلدي اسان کان وڇڙي ويندو.

# فرض شناس جي پرواز

## عباس علي ڪنير

شايان هڪ اهڙي پرواني جو نالو هيو جنهن سماج ۾ ثقافتي ادبي جهان کي جاڻ ۽ شعور جي آگاهي ڏني، اها بہ ايتري قدر جنهن لاءِ هي ستون لکڻ لازمي ٿي پيون جيئن کنهن ڏاهي چواڻي موجب تہ گفتار جي خرار کان ڪردار جا ڪٽا وڏيڪ ملوڪ ۽ ملهائتا آهن بين لفظن ۾ ائين ڪٽي چئجي تہ ٺلهي پرچار ۽ لباڙ جي گفتار کان وڏيڪ چڱيون ۽ لاپائيتون آهن، اهي انسانيت جي قافلي کي دڳ لائي ڪاميابي سان توڙ رسائن ٿيون.

جوين جواني جن جي هڪاندي حسن،
محبت ماٽي جن ۾ ڏونگر سي ڏارين.

شايان پنهنجي قافلي کي شعور ۽ آگاهي واري دنيا ۾ آڻڻ لاءِ اڻٿڪ جستجو ڪئي سندس منزل ڏکهي سفر جي شڪل اختيار ڪري چڪي هئي، جنهن ٿورڙي مدت ۾ ڪيس مقبول ترين آئيڊيل بڻائي ورتو هن ادبي ۽ سماجي باريڪين کي سمجهي ورتو هيو، اهوئي سبب هو جو هن اهڙين سرگرمين کي ٻي هر ڳالهہ کان مٿاهون رکيو جنهن ڪري ڪيس هر ماڻهو قدر جي نگاهہ سان ڏسڻ لڳو.

شايان شاگرد تحريڪ کي هڪ جديد ۽ سگهارو فورم مهيا ڪيو جنهن جي آئينده جاري رهڻ واري حيثيت ڪائنس ڪير بہ کسي نٿو سگهي شاگردن واري تحريڪ جي معاملي ۾ سندس آگاهي ۽ شعور مون کي تہ صف اول وارو نظر آيو.

سوچڻ ۽ بحث مباحثي ڪرڻ جي تہ لاجواب صلاحيت موجود هيس، جيتوڻيڪ هن زوال پذير معاشري ۾ جنهن ۾ ادارا زوال جو شڪار ٿيندا هجن اتي ڪنهن شخص جو ائين ڪاميابي سان هلڻ در اصل اها ڪاميابي سماج جي ڪاميابي ڳڻبي هونءَ بہ بي خبر سماج کي باخبر سماج ۾ بدلائڻ جي ڪوشش ڪي ئي باڪمال شخص

www.sindhsalamat.com

چئبو آهي، اهڙن ئي ڪردارن جي لاڳيتي عمل مان ئي قومن جي تشڪيل، سياسي، سماجي طبقن جي اوسر ٿئي ٿي ۽ اهڙا تاريخي ڪردار تاريخ جي ان واقعن ۽ رخن لاءِ ميدان سازگار بنائڻ جو ڪارڻ بڻبا آهن.

جيئن تہ هر دور ۾ ماڻهو پنهنجي تاريخ جوڙڻ ۾ مصروف عمل آهن، ليڪن ان لاءِ نظرياتي شرط هجڻ لازمي جز آهي.

نظرياتي هجڻ تہ شايان پنهنجو شان سمجهيو اهڙا ئي قومي تحريڪ جا اڳواڻ ۽ ڪارڪن مطالعي ۽ موروثيت مان مراد حاصل ڪري نهايت ڏاهپ سان ان ڪي پنهنجي قومي مقصدن لاءِ ڪم آڻيندا آهن، اهڙا اڳواڻ ۽ ڪارڪن قومي نفسياتي لاڙن ذهني لاڳاپن ڪان اڻ ڄاڻ تي تبديلي طرف وک وڌائڻ جي ڪاميابي سان ڪوشش ڪندا آهن. مون پڙهائڻ دوران شايان ۾ محنت ڏني شعور ڏنو لڳاءُ ڏنو، اهي سڀ شيون اهڙيون آهن، جيڪي ملي ڪري فطرت کي تبديل ڪنديون آهن، شايان اهڙن لاهين چاڙهين ۾ ورن وڪڙن واري لمبي ۽ ڪٺن جدوجهد پنهنجي من ۾ سمائي مضبوط مورچي ۾ ويهي لڙڻ شروع ڪيو.

ڪـــرڙا ڏونگـــر ڪـــه گهڻـــي،
پـــي واٽـــن تـــي واري،
آڏا، لـڪ لطيـف چئـي، بـر سـجهن بـاري،
جـا منـزل مـاري سـا قـادر ڪـيم رسـائڻ.

# پهرين ۽ آخري ملاقات

## منصف علي شاهه

انهي کان پهرين منهنجي ڪڏهن هن سان ملاقات نہ ٿيل هئي، اها ان سان پهرين ملاقات ۽ آخري ملاقات هئي، اڄ جڏهن تہ ملاقات ۽ ديدار جا منتظر مون سميت ماڻهن جا انبار مدينہ ڪالوني جي گهٽين ۾ موجود هئا. هر اک آلي ۽ دل مرجهايل هئي، تڏي تي ويٺل هر شخص خاموشيءَ سان گفتگو ڪري رهيا هئا. ۽ اندر ئي اندر ۾ قدرت کان هُن جي اچانڪ وڇوڙي تي سوال پڇي رهيا هئا. ۽ ان جا جواب تلاش ڪري رهيا هئا.

اڄوڪي شام ٻين شامن کان منفرد هئي، اڄوڪي شام سرمائي رنگ جي نہ پر سرخي مائل هئي، جنهن سان مان هُن جي جذبي ۽ باغي سوچ کي محسوس ڪيو، جڻ تہ اڄوڪي شام بہ شهيد ٿي هجي، ۽ سندس ريٽو رت اُڀ ۾ آڪيرن ۾ واپس وڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ پيا لامارا ڏين ائين پيو لڳي تہ جڻ سراپا احتجاج هجن، جنهن مان شهيد کي انسانيت ۽ جاندار لاءِ هڏ ڏوکي پئي پرکي جيڪو ڪردار مان هن ۾ پرکيو،اهي ڪردار تہ هن دؤر ۾ اٽلپ آهن، اڄ ڪلهہ تہ قلم ۽ آواز تہ ٽڪي پيو وڪامي پر هن جوان جو جوش ۽ سچائي مان اتي ڪيترن ئي ويٺلن مان محسوس ڪئي، ۽ مان بہ خاموشي جي گفتگو ۾ قدرت کان اهو سوال پڇيم تہ جنهن سوچ، لوچ ۽ جوش جذبي جي قوم کي ضرورت آهي، انهن جا حادثاتي وڇوڙا ڇو آخر؟ مطلب ڇا آهي؟.

اسان جي پوءِ جڏهن بہ نوجوان سياست جوش ۽ ولولي جي ڳالهہ ٿيندي تہ شهيد شايان ڳورڙ جي ذڪر کان سواءِ اڌوري هوندي.

# شايان علي ڳورڙ جدوجهد جي علامت

## عامر ڪمال سولنگي

اهو اياڳو ڏينهن شايد ڏسڻو ئي هيو جنهن جو  ڪو گمان ئي نہ هيو ، اسان اسلام آباد ۾ هياسين جو ميسيج ڪال آيو تہ اسان جي پياري ۽ پراڻي سماجي ورڪر سائين علي شير ڳورڙ جو لاڏلو ۽ سورهيہ پٽ شايان علي پنهنجي والد جي جان بچائيندي قرباني ڏئي موت جو جام پي ويو، هن ميسيج نہ رڳو اکين ۾ آلاڻ آڻي ڇڏي پر دل ڪي بہ جنجهوڙي ڇڏيو هڪ طرف سندس  وڇوڙو جو تازو صدمو تہ ٻئي طرف ساڻس گڏ گهاريل يادگار گهڙيون ذهن ۾ ڊوڙڻ شروع ٿي ويون ، مونکي ياد اچي ويا اهي پراڻا پل جڏهن مان نائين ڪلاس ۾ پڙهندو هيس جو اتي هڪ دوست عثمان ڳورڙ ڪلاس م اچي ڪري ايس. ايس. او تنظيم ۾ شموليت جي دعوت ڏني هئي ، جنهن تي مان ڪيس لبيڪ چيو تہ پوء هو مونکي ميهڙ ۾ تنظيم جي ميٽنگ پروگرام ۾ وٺي آيو. جتي شايان علي سان منهنجي پهرين ملاقات ٿي مونکي ياد اٿم پروگرام ۾ تعارف ٿيو هيو تہ اسان ايتري قدر نوان هياسين جو تعارف بہ مشڪل سان ڪرايو هيو. ان م بہ وڏو هٻڪيو هيم ، پر شايان علي وارا ائين ڳالهائي رهيا هيا جو مونکي عجب وٺي رهيو هو، جڏهن پروگرام ختم ٿيو تہ مونکي هي لفظ چوندي شايان علي مخاطب ٿيو هيو تہ سر اوهان جو ڪوبہ سوال وغيره هجي تہ ڪريو، پر تڏهن آءُ صفا نئون ماڻهو هيس ڪائي خبر ان وقت نہ ٿي پئي تہ سوال وري ڪهڙو ڪيان ها ؟ پوءِ پروگرام بعد مون کي ۽ عثمان کي شايان علي پنهنجي بينڪ تي وٺي آيو هو. جتي اسان جي خدمت چاڪري ڪري پوء اسان کي اجازت ڏني وئي هئي.  ان بعد ياءُ شايان سان لڳاتار پروگرامن ۾ ملاقاتن جو اڻٽٽ سلسلو شروع  ٿيو، اسان شروعات ۾ ئي شوق ۽ ذوق سان تنظيمي ڪم ۾  ڪاهي پياسين پر شايان

علي جي سرگرمي اسان کان اڳري هئي. اسان پوءِ ڳوٺ ۾ پروگرام رکرايو جنهن ۾ شايان علي سميت ڪجهه دوست جن ۾ صداقت علي، عرفان ڪوسو، حسن پرٽ ۽ خاص مهمان محمد خان چانڊيو ايس .يس .او جو ڏهوڪو صدر هو . ان ۾ به شايان علي سان ڪچهري ٿي هئي . جنهن ۾ مونکي اتي پارٽي جي ڪم جي حساب سان ڪافي ڳالهيون سمجهايون به هيون ۽ جڏهن پارٽي جي واسطي تحت اتي نجي پرائمري اسڪول کولايو ويو هيو ته انجي رپورٽ به شايان علي ماهوار ويساهه ۾ لکي هئي. ان بعد ڪافي دفعا جڏهن به ڪا ميٽنگ ٿيندي هئي ته ان ۾ شايان علي ۽ سندس جو والد محترم باقائده شرڪت ڪندا هئا، تنظيم جي ساليانو ڪنوينشن ۾ به شايان علي جي ڀرپور شرڪت رهندي هئي، ۽ واٽ سان پاڻ آزاد ماحول ۾ گپ شپ ڪندا ويندا هياسين.

شايان علي جي آواز ۾ اوچائي ۽ طاقت هوندي هئي، ان ڪري جڏهن به اناؤنسمينٽ جو موقعو ايندو هيو ته مائيڪ شايان علي جي هٿ ۾ ڏني ويندي هئي، جڏهن لانگ مارچ ٿيو هيو ته ان ۾ به شايان علي پنهنجي ڳوٺ سوجهرو ڳورڙ کان وٺي اناؤنسمينٽ شروع ڪئي هئي ۽ پيادل هليو هيو، مطلب ته هن نوجوان ڪي ننڍي عمر ۾ ئي ڳالهائڻ جو اهڙو ڏانءُ ايندو هيو جيڪو ڪنهن وڏي سينيئر ورڪر کي شايد پلئه پيو هجي، هن نوجوان جيتري جدوجهد ننڍي عمر ۾ ڪئي، جيترو هن قومي ، سماجي ڪمن لاءِ پاڻ پتوڙيو، تنهن جي ڳالهه جيتري ڪجي سا گهٽ آهي، جتي جنهن سماج ۾ نوجوان طبقو آوارگي جي ور چڙهيل هيو اتي شايان پاءِ جدوجهد ڪري قلم جي نوڪ جو نالو نمايان ڪرڻ جي ڪوشش، جستجوءِ جدوجهد ڪندو رهيو. بس مان ايترو ئي چوندس ته شايان علي جهالت سان ڀريل اونداهي سماج ۾ روشن صبح لاءِ جاکوڙيندڙ هڪ انمول ماڻهو هيو.

# هيءَ نه ويل وڃڻ جي

## ڊاڪٽر آزاد منگي

ڪنهن ڏاهي جو قول آهي ته موت زندگيءَ جي ائڊريس تي آيل اهو بيرنگ لفافو آهي جيڪو نه رڳو وصول ڪرڻو پوي ٿو پر ان جي رقم به ادا ڪرڻي پوي ٿي، موت ۽ زندگي ٻئي اٽل حقيقتون آهن جن کان ڪوبه انڪار نه ٿو ڪري سگهجي پر ڪي ماڻهو جيڪي هن سماج ۾ پنهنجي لاءِ گهٽ پر ٻين لاءِ وڌيڪ جيئندا آهن انهن جو بي وقتو وڇوڙو جيءُ جهوري وجهندو آهي، هر جيوُ جنهن جو هن ڌرتيءَ تي جنم ٿيو آهي ان کي موت ضرور اچڻو آهي پر جوانيءَ ۾ موت جو اچڻ هڪ اهڙو گهاءُ آهي جيڪو گهٽ ۾ گهٽ سالن تائين ته پرجڻ ناممڪن آهي، اسانجي يار علي شير ڳورڙ جي ڳيرو پٽ شايان ڳورڙ جنهن جي منهن تي اڃان موڙ به نه سجيا هئا، جنهن جي ڪاڄ جا لاڏا ڳائڻ لاءِ سندس جيجل ۽ سندس ڀينرون حسرتون سانديو وينيون هيون ڪيس ميندي لڳائي گهوٽ اٺموٽ بنائڻ لاءِ امان جيجل جا سپنا اڃان ساپيان ٿيڻا هيا اڃان سندس هڪ جيڏن سان حجتون ڪرڻ گڏجي سماج مان اڻبرابريءَ واري نظام کي ختم ڪري هڪ سيبتو ۽ سهڻو نظام آڻڻ لاءِ پاڻ پتوڙڻو هيو جنهن لاءِ هن جدوجهد جي جتيءَ ۾ اڃان مس پير ئي ته پاتو هو، پر سماج جي نام نهاد ٺيڪيدارن وانگيان موت کي به سندس اڙانگن پنڌن جو اهو سفر قبول نه هيو جو ڪيس بي وقتو علي شير جي هٿن مان زوريءَ کسي هميشه لاءِ ڏور ڏاڍو ڏور ڪٽي ويو هليو، پاڻ واري سادڙي سڀاجهي يار علي شير جيڪو شايان جو اهو بدنصيب پيءُ آهي جنهن کي پنهنجي ڳيرو پٽ جي ڪلهي تي ڪڄي اٺموٽ ماڳ ڏانهن وڃڻ بجاءِ پيري جوانيءَ ۾ پنهنجي جگر جي ٽڪري جو ئي ڪلهي ڪانڌي ٿيڻو پيو ڪيترن ڏينهن کان اسرار پئي ڪيائين ته شايان تي ڪجهه لفظ لکي ڏيو، ڏاڍو ٽنايومانس ڇو ته قوهه

جوانيءَ ۾ پنهنجي ٻيرو ياءُ جو لاش ڪلهن تي ڊوئڻ ڪان پوءِ من اندر جي موسم ۾ اها سگهه ناهي رهي ته وري ڪنهن ٻيروءَ جي اڻمندائتي وڇوڙي تي قلم ڪٽي سگهان پر يار اصل نه ڇڏيو وٽ وٺان لائي ڏنائين بس زوريءَ قلم ڪٽي اڄ هي آڏيون ابتيون سٽون لکان پيو جيڪا يقينن شايان ڪي پيتا ته نه ٿي تي سگهي ڇو ته شايان پنهنجي مختصر عمر ۾ جيڪو ڪردار ادا ڪيو ۽ سماج جي سڌاري لاءِ جيڪي تنظيمي سرگرميون جاري رکيون ان تي لکڻ لاءِ ڪا وڏي سگهه گهرجي بس هي چند سٽون لکان پيو انهي اميد سان ته شايان جي ڪيل جدوجهد ۽ علي شير جي ان اٿاهه پيار جو ڪجهه قرض لهي سگهي شايان سان منهنجي ڪا گهٽي ويجهڙائي يا ڏيٺ ويٺ ڪونه هئي پر سندس سماجي ۽ سياسي سرگرمين ڪان پليءَ پت واقف هيس هن پنهنجي سياسي ڪيريئر جي شروعات سڄاڳ بار تحريڪ ڪان ڪئي جنهن ڪانپوءِ سنڌي شاگرد تحريڪ ۽ عوامي تحريڪ ۾ به هڪ سرگرم ورڪر طور پنهنجا فرض نڀايا جنهن ڪان بعد عوامي جمهوري پارٽي جوائن ڪري ان ۾ پنهنجيون سرگرميون جاري رکيون سندس وڏو ڪارنامو سنڌي اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن جو جوڙڻ هيو، جنهن کي آخري دم تائين بهتر انداز سان هلائيندو رهيو. 14 مئي 2017 جو اهو اڀاڳو ڏينهن ڪڏهن پي وساري نه ٿا سگهون جنهن ڏينهن شايان پنهنجي والد اسان جي جگري يار علي شير کي بچائيندي پاڻ بجليءَ جي ڪرنٽ جو شڪار ٿي اسان ڪان هميشه لئه جدا ٿي ويو، دعاگو آهيون ته الله پاڪ کيس جنت الفردوس ۾ اعلي مقام عطا ڪري ۽ اسانجي پياري معصوم دوست علي شير ڳورڙ جنهن جو جيءُ جهري پيو آهي ان کي به هي صدمو برداشت ڪرڻ جي توفيق عطا ڪري، آءُ شايان جي سهڻي سنگت کي اپيل ٿو ڪريان ته هو سنڌس اڌ ۾ ڇڏيل مشن کي جاري ۽ ساري رکي ڪري سنڌس سپنن کي ساپيائن جو روپ ڏيڻ جي ڪوشش جاري رکن جنهن سان شايان جي روح کي به سڪون حاصل ٿيندو.

# ادب ۽ اخلاق جو مالڪ

## قادر بخش چانڊيو

اليگزينڊر 20 سالن جي عمر ۾ بادشاھ بڻيو. ۽ ھو 23 سالن جي عمر ۾ مقدونيا کان نڪتو ھن سڀ کان پھرين يونان فتح ڪئي ان کان پوءِ ھو ترڪي ۾ داخل ٿيو. پوءِ ايران جي دارا کي شڪست ڏنائين پوءِ ھو شام پھتو آخر ۾ ھندستان آيو. ھن ھندستان ۾ پورس سان جنگ وڙھي. ھن پنھنجي عزيز گھوڙي جي ياد ۾ پھاليا شھر آباد ڪيائين. مڪران کان ٿيندو ھن واپسي جو سفر شروع ڪيو. رستي ۾ ھو ٽائفائيڊ جي بخار ۾ مبتلا ٿيو. 33 سالن جي عمر ۾ بخت نصر جي محل ۾ وفات ڪري ويو .

شايان ٻورڙ 6 سالن جو ھو تہ ھن کي شاگرد سياست ڪرڻ جو شوق پيدا ٿيو. ھن پنھنجو سياسي سفر سجاڳ ٻار تحريڪ کان شروع ڪيائين. سجاڳ ٻار تحريڪ ۾ تمام گھڻو سرگرم رھيو. آمر مشرف واري دور حڪومت ۾ جتي سڄي سنڌ گھٽ ۽ ٻوسٽ واري ماحول مان گذري رھي ھئي. اتي شايان ٻورڙ ٻارڙن جي تفريح ذھني اوسر لاءِ پروگرام ارينج ڪندو ھو. جڏھن ھو 20 سالن جو ھو تہ سنڌي شاگرد تحريڪ ۾ سرگرم ٿيو. پر پوءِ شايان ٻورڙ ۽ اسان سڀ دوست عوامي تحريڪ کي ڇڏي. عوامي جمھوري پارٽي ۾ سرگرم ٿياسين. شايان ٿورڙي عرصي ۾ اي جي پي جي يوٿ ونگ جو مرڪزي آرگنائيزر پڻ ٿيو. منھنجي شايان سان تفصيلي ڪچھري انھن ڏينھن ۾ ٿي. جڏھن عوامي جمھوري پارٽي جو نئون قيام عمل ۾ آيو ۽ ان جي اسٽوڊنٽ ونگ جي پھرين ميٽنگ ھئي ۽اسان انھن ڏينھن ۾ عوامي تحريڪ کي ڇڏي اي جي پي ۾ سرگرم ٿيا ھئاسين. سنڌ ۾ يوٿ ونگ لاءِ ميٽنگ ھئي شرڪت ڪرڻ لاءِ مون سميت احمد خان. منظور. قاسم سولنگي ۽ شايان ٻورڙ. حيدرآباد لاءِ ميھڙ کان پنھنجي گاڏي ۾ حيدرآباد لاءِ روانا

ٿياسين. ميهڙ کان حيدرآباد تائين سياسي ڪچهري کان علاوه شعرو شاعري .جو مباحثو ٿيو. مون ڏنو ته شايان ڳورڙ وٽ شاعري جو تمام گهڻو مواد هو. ۽ تمام گهڻي انقلابي شاعري پڻ ياد هوس. ۽ شاعري پڙهڻ جو انداز پڻ شاندار هو. ۽ مون شايان کي چيو. ته تون سنو ڪمپيئر ٿي سگهين ٿو. ۽ محنت ڪر سائين احمد خان پڻ شايان کي استاد بخاري، شاه عبدالطيف ڀٽائي، ابراهيم منشي، ڊاڪٽر آڪاش انصاري ۽ زاهد شيخ جا ڪتاب پڙهڻ جي صلاح ڏني. ائين سياسي ڪچهري ۾ اسان جو سفر وارو ٽائيم به جلد گذري ويو. ۽ ڄامشوري پهچي ويا سين. ڄامشوري ۾ ڇانهن پيئڻ سان تازهه ٿي حيدرآباد يوٿ ڪنوينشن ۾ شريڪ ٿياسين. يوٿ ڪنويشن ختم ٿيو. رات حيدرآباد ۾ رهياسين. رات جو پراڻن ڪامريڊ دوستن سان وڏيون ڪچهريون ٿيون ۽ شايان سان دوستن جو تعارف ڪرايوسين. سڀ اهي دوست گڏ هئاسين جيڪي عوامي تحريڪ ۾ تمام گهڻا سرگرم هوندا هئاسين. ۽ تقريبن سمورن پروگرامن ۾ شرڪت هوندي هئي. شايان انهن دوستن سان ملي ڏاڍو خوش ٿيو.

مون ڪجهه سالن کان پوءِ پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ شموليت ڪئي. منهنجي ٻي ملاقات شايان سان رئيس مظهر علي ڳورڙ جي پڳ رسم ۾ ٿي جنهن ۾ سائين علي شير ڳورڙ. جنهن کي اسان دوستن چرچن چرچن ۾ چيو ته شايان هاڻي توکان وڏو ٿي ويو آهي تڪڙ نه ڪجانس. .... ان تي شايان چيو چاچا مون کي بابا سائين دوستن جيئن پيار ڪندو آهي. ۽ اسين دوست آهيون.

شايان ڳورڙ ۾ مون اڪثر ڏٺو ته هو سائين علي شير جي دوستن سان نرم لهجي ۾ ڳالهائيندو هو. ادب ۽اخلاق جو مالڪ هو. سندس ان اخلاق جي ڪري سائين علي شير جا سمورا دوست شايان سان محبت ڪندا هئا. منهنجي لاءِ اهو منحوس ڏينهن هو جنهن ڏينهن منهنجي پاسي ۾ وينل هڪ دوست موبائل تي ڪنهن سان ڳالهه ٻولهه پئي ڪئي ۽ بار بار شايان ڳورڙ جو نالو پئي ڪنيائين ۽ وڏي افسوس سان چوڻ لڳو. يار شايان ڪيئن مري ويو ڇا ٿيو، بجلي ۾ ڪيئن ڦاٿو. مون هن کان پڇيو يار تون ڪهڙي شايان جي ڳالهه ٿو ڪرين. پر مون هن جي اکين ۾ پاڻي ڏٺو. ۽ روئڻ هارڪو

ٿيندي چيائين مدينا ڪالوني جو منهنجو دوست آهي. سچ پڇو منهنجون هزارين دعائون شايان جي خيريت لاءِ منهنجي اندر مان نڪتيون.

وري مون ان دوست کان تفصيل سان پڇيو. جڏهن ان سائين علي شير جو نالو ڪنيو تہ منهنجي اکين مان پاڻي اچي ويو ۽ مون اها ڏک ڀري خبر مون وڪيل امجد علي ٻلهڙو کي ٻڌائي تہ هن رڙ ڪري چيو تہ ڪئين ۽ ڇا ٿيو. مون ڏٺو تہ شايان لاءِ رڳو اسين غم زده ناهيون پر جيڪو خبر ٻڌي ٿو اهو مون وانگي شايان جي هن ڏک ڀري خبر جي غم ۾ غمزده ٿي وڃي ٿو .

ائين اسان کان هڪ مستقبل جو سنو دوست. ڀائٽيو . ادب ۽ اخلاق جو مالڪ ۽ بهترين سياسي ورڪر ۽ هڪ سنو ڪمپيئر سنو انسان اسان کان هميشہ لاءِ وڇڙي ويو.

# پڳو آءُ نہ چوان ماريو تہ وسهان

## ساجد علي چانڊيو

پڳو آءُ نہ چوان، ماريو تہ وسهان،
ڪانڌ منهن ۾ ڌڪڙا، سيڪيندي سونهان.
تہ پڻ لڄ مران ، جي هُونس پٺ ۾،

لطيف سائين عظيم ڪردارن لاءِ لکيو آهي تہ جنگ جي ميدان ۾ مري پوڻ تہ اها ڳالهہ انهن جي وارثن لاءِ فخر جو باعث آهي، نہ پڇڻ ۽ ڪنڌ ڪڍائڻ.

اهڙي طرح اسان جو نوجوان دوست بہ بجلي جي شاڪ سان ويڙهاند ڪندي، پنهنجي والد محترم کي بچائيندي شهيد ٿي ويو، پر پوئتي نہ هٽيو.

شايان ننڍڙي عمر کان پنهنجي والد محترم جي دست فيض هيٺ سجاڳ بار تحريڪ جو ميمبر ٿيو، بعد ۾ مختلف عهدن تي رهيو ۽ مرڻ گهڙي تائين انقلابي سياست سان منسلڪ رهيو.

جڏهانڪر ٿيام، ساجهہ سُپرين سين،
تڏهانڪر تِر جيتري، ويل مَ وسريام.

اسان جي سياسي استاد محترم رسول بخش بروهي مرحوم سان جڏهن منهنجي ياءُ وقاراحمد حيدرآباد ۾ ملاقات ڪئي، ۽ ان بعد جڏهن مامي رسول بخش بروهي مون سان وقار جي ملاقات متعلق ڳالهہ ٻڌائي تہ هُن مون کي مبارڪ ڏني ۽ اها ڳالهہ ٻڌائي تہ وقار جا وطن دوست خيالات ۽ انقلاب پسند نظريا ۽ زبردست تربيت جو نتيجو آهن، تہ اهڙي طرح اسان جي ويجهو وابستگي جي اهميت آهي.

هُونءَ تہ زندگي ۽ موت اڻل معاملا آهن، پر زندگيءَ ۽ موت لاءِ جيڪڏهن ڪا ڪسوٽي آهي تہ، اها آهي جدوجهد ۽ وابستگي .

www.sindhsalamat.com

مرندو هرڪو ڪونہ رهندو ڪو هِتي،
ڪو گنگا جي گود ۾ تہ سنڌوءَ جي پرڪو،
اهڙو ڪم ڪرڪو، جيڪو ماري موت ڪي،

چين جي اندر ٿيندڙ عظيم جدوجهد لانگ مارچ جي شهيدن جي قبرن جي ڪتبن تي هي لفظ لکيا ويا تہ:

“عظيم زندگي، شاندار موت”

جيڪڏهن اسان اهي ساڳيا لفظ شهيد شايان ڏانهن بہ منسوب ڪريون تہ وڌاءُ نہ ٿيندو.

شايان صرف ٻڌ سُڌ وارو ڪارڪن نہ هو، بلڪ هڪ تمام ذهين ۽ محنتي ۽ جدوجهد ۾ اڳرائي ڪندڙ نوجوان هو، جنهن جا ڪيترائي مثال دوستن بيان ڪيا آهن.

تہ ڪر ڪيئن سُئي جي سيرنہ گهڙي سهٽي.
هِت حياتي ڏينهڙا، هَڏنهن تان نہ هُئي،
چُڪي تنهن چريڪي ڪئي، جا ڏِنس ان ڌُهي.
هُونءَ بہ هوند مُئي، پر ٻُڏيءَ جا بيٽا ٿيا.

اهڙي طرح شهيد شايان بہ پنهنجي زندگي نظرياتي، سائنسي اصولن مطابق گذاري، جيڪي نظريا هِن ڪريپ جهڙي سماج کي تبديل ڪرڻ جو گس ٻڌائين ٿا ۽ نئين سماج اڏڻ جي نويد ڏين ٿا.

واقع اهي فڪر عظيم آهن، جيڪي نئين انسان تخليق ڪرڻ جو بنياد فراهم ڪن ٿا، تہ اهڙي وابستگي سيني انسانن کي ميسر نہ هوندي آهي، بلڪ هي شايان جي پنهنجي چونڊ هئي، سندس انسان دوستي هئي، سندس پورهيت دوستي هئي، جنهن ڪيس هن محبت ۾ جڪڙي ڇڏيو هيو ۽ هُن انسانيت جي آجپي جا نعرا پئي هَنيا. ۽ سڀ انقلابي گيت ۽ نظم پئي اچاريا جيڪي اعلان بغاوت بہ آهن، نئين سماج اڏڻ جا خواب بہ آهن، تہ اسان جي زندگيءَ جا عين نصيب العين بہ آهن.

۽ يقينًا سيني دوستن، جيڪي بہ شهيد شايان جا گهرا دوست هئا، اهي چڱي نموني ڄاڻن ٿا تہ شهيد شايان وٽ عظيم زندگي، شوشا واري نہ هئي، بلڪ انقلابي ڪردار کي اجاگر ڪرڻ واري هئي، هُن ڪڏهن والدين لاءِ ڪي فرمائشون ڪونہ رکيون، پر سڄي

www.sindhsalamat.com

سماج جي درد کي پنهنجو درد سمجهي، انقلابي دوستن جي سٿ سان ڳڏ ٿي بيٺو.

ڪَچين ڪاچوٽي، نانگن ٻُڌي نينهن جي،
جهــڙا آئيــا جــڳ ۾، تهــڙا ويــا مــوٽي،
سِــڪ نــہ سُــتا ،ڪــاپڙي، لاهــي لانگــوٽي.
تنــين جــي چــوٽي، پــورب ٿينــدي پــڌري.

# شايان ڳورڙ جو وڇوڙو

## اقرار چانديو

شايان ڳورڙ جي حادثاتي طور وڇڙي وڃڻ جي خبر مون سميت سندس چاهيندڙن،دل گهرين دوستن مٽن مائٽن سنگتين ساٿين پارٽي ورڪرن اڳواڻن ۽ وارثن جا جيءَ جهوري ڇڏيا.ڏک سکن جي سونهن هوندا آهن انساني تاريخ گواهه آهي تہ انسان جي دردن تڪليفن وڇوڙي جي ڏنل ڪهائن جو تعلق خانداني رشتن ناتن جي سطح تائين محدود ناهي هوندو پر سدائين ڏک درد رنج علم زندگي ۾ عطا ٿيل سکن خوشين تي سدائين حاوي رهندا آيا آهن انسان جي زندگي جو اعلي مقصد ٻين ڪاڻ جيئڻ آهي جيڪي انسان ٻين ڪاڻ جيئندي جيئندي هن دنيا مان حادثاتي يا فزيڪلي طور زندگيءَ جو مشن پورو ڪندي وڇڙي ويندا آهن تہ انهن جي وڇوڙي جو درد سندن خانداني فردن سنگتين ساٿين ۽ اعلي آدرشي مقصدن سان سلهاڙيل پارٽي ورڪرن ڪارڪنن اڳواڻن ڪي اوتروئي درد تڪليف ايندي آهي جيتري سندن ماء پي ياء ڀيڻ ۽ ٻين گهر ڀاتين کي ٿيندو آهي اهڙو ئي هڪ حادثو اسان جي پراڻي ساٿي سائين علي شير ڳورڙ جي وڏي پٽ سان پيش آيو آهي عوامي جمهوري پارٽي جي اسٽوڊنٽ ونگ ايس ايس او جي (مرڪزي) اڳواڻ نهايت اعلي دلير سمجهہ ڀريو عقلمند ڏاهو ذهين شاگرد سائين علي شير ڳورڙ جي گهر جو چراغ لخت جگر چپر چانو اکين جو تارو روشن ڏيئو شايان ڳورڙ هميشه لاء اجهامي سڄي گهر ۽ ويڙهي کي اونده جي انڌ ۾ لپيٽي سموريون حسرتون خواب چڪناچور ڪري سڄي عمر جو گهاء ڏيئي ويو. انهن نہ پرجندڙ گهائن سان گڏ هو پنهنجي زندگي جو پل پل پنهنجي والد محترم جي ڏسيل وات تي ثابت قدمي سان بيهي سندس ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي سموري گهر جو پرجهلو ٿي بيهڻ سان گڏ معاشري ۾ معياري سنو ۽ ساراهہ جوڳو ڪردار ادا

www.sindhsalamat.com

ڪري دوستن سان گڏ پنهنجي سياسي مخالفن وٽ بہ اهم جاء ناهي. پنهنجي وارثن کي بچائيندي جان جو نذرانو ڏيئي ويندي ويندي ٻين ڪاڻ جيئڻ جو اعلي درس ڏيئي معاشري ۾ پنهنجي والد سميت سموري ڀورڙ برادري جو ڳاٽ اوچو ڪيو. ايس ايس او جي مرڪزي اڳواڻ شايان ڀورڙ جي اڻمندائتي موت تي سندس وارثن سان ڏک جي گهڙي ۾ گڏ آهيون ۽ ڏاڍي در دعاڳو آهيون تہ پنهنجي ساٿي شايان ڀورڙ کي جنت الفردوس ۾ جاء ڏي.

# ها شايان تہ هليو ويو

## گلاب ڳن

شهيد شايان علي ڳورڙ هي سباجهڙو نوجوان پڙهيل خاندان ۾ پيدا ٿيو شايان پيدا تہ ميهڙ شهر کان 15 ڪلو ميٽر اتر طرف ۽ انڊس هاءِ کان هڪ ڪلو ميٽر اولهہ طرف ڳوٺ سوجهرو ڳورڙ ۾ پيدا ٿيو شايان اجا ننڍڙو ئي هيو تہ ان جي خاندان پنهنجو اباڻو ڳوٺ ڇڏي اچي المدينہ ڪالوني ۾ رهائش اختيار ڪئي، جتي شايان بہ پهريون پيرو المدينہ ڪالوني جي پرائمري اسڪول ۾ داخل ٿيو، جتان پرائمري پاس ڪري ڳورنمينٽ هاءِ اسڪول ٿو ۾ داخلا وٺي ميٽرڪ کان پوءِ ڊگري ڪاليج ۾ داخلا ورتي ان کان پوءِ وڌيڪ تعليم لاءِ بي اي شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۽ سول انجنيئرنگ مونوٽيڪنيڪل ميهڙ مان پاس ڪئي.

هي نوجوان محنت ۽ جفاڪشي ڪندي مختلف تنظيمن ۾ رهيو. اهو 14 مئي تاريخ شايان جي لاءِ منحوس ثابت ٿيو، ۽ هو هڪ اهڙي پاسي هليو ويو جتان هن وقت تائين واپس ئي نہ ٿيو، هو پنهنجي خاندان ۽ دوستن کي هميشہ لاءِ ڇڏي هليو ويو.

ها شايان تہ هليو ويو پر اها مدينہ ڪالوني جنهن ۾ هي نوجوان دوستن سان گڏ گهمندو هيو ۽ هر طرف رونق ئي رونق هوندي هئي، پر اها رونق اڄ ختم ٿي وئي، اهي شايان جا دوست اباڻڪا گهمندي نظر آيا ۽ ان جي خاندان جي تمام گهڻي مايوسي نظر آئي، ڇاڪاڻ تہ شايان جي اوچتي موت جيڪو بجلي جي ڪرنٽ لڳڻ سبب واقعي ٿيو.

اسان ڊاڪٽر آزاد ۽ مان جڏهن سائين علي شير ڳورڙ جيڪو شايان جو والد آهي ان سان عذرخواهي ڪندي ان وقت سائين علي شير تمام ڏکارو نظر آيو هي سائين اهو ماڻهو آهي، جيڪو جڏهن بہ اسان سان مليو تہ کلندي نظر ايندو هيو ۽ دوستن جي مختلف

پروگرامن ۾ هن جي اچڻ سان ماحول تمام خوشگوار ٿي ويندو هيو اڄ علي شير تمام ڏکارو هيو ۽ ڪلڻ ڪان رسي ويو هجي.

منهنجي خدا جي در دعا آهي تہ شل ڪڏهن بہ والد ڪان نوجوان اهڙي وقت نہ ڪسجي جڏهن هنن والدين ڪان نوجوان سهارو ڏيڻ وارا هجن اسان سائين علي شير ۽ ان جي خاندان سان هن جي ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون، الله سائين هنن کي هي ڏک برداشت ڪرڻ جي همت عطا ڪري.

گهوڙن ۽ گهوٽن ،جيئڻ ٿورڙا ڏينهڙا،
ڪڏهن منجهہ ڪوٽن، ڪڏهن راهي رڻ جا.

# شهيد شايان شير ڳورڙ سان گذاريل ڪجهہ گهڙيون

## ڊاڪٽر قادر ٻگهيو

شهيد شايان شيرڳورڙ زنده دل کل يوڳ ڪندڙ ۽ مثبت سوچ رکندڙ نوجوان هيو، آءُ هن سان ميهڙ ۾ اکثر مخلتف پروگرامن تي ملندو رهندو هيس. واقفيت تہ گهڻو اڳ کان هئي، پر ويجهڙائپ تڏهن ٿي جڏهن هُو چانڊڪا ڪاليج ۾ اسان جي روم نمبر 6 تي رهڻ آيو هن جي اسان سان رهڻ تي ڏاڍي خوشي ٿي هئي جي ميڊيڪل جي تعليم ڏاڍي ڏکي هوندي هئي، ۽ اسان جي مزاج ننڍين وڏين پريشانين ۾ جڪڙيل ڪئمپس کان موٽي جڏهن روم تي ايندا هئاسون تہ شهيد شايان جي مرڪ اسان جو آڌرياءُ ڪندي هئي، هن جي موجودگي جڻ اسان جا ٿڪ لاهي ڇڏيندي هئي، جن ڏينهن ۾ آيو هو تن ڏينهن ۾ چانڊڪا ۾ نئين بيچ آئي هئي، پوءِ اسان شايان کي ساڻ ڪري ڪيمپس ۾ دوستن کي شايان جو تعارف نئون سليڪٽ ٿيل شاگرد ٻڌائيندا هئاسون، هن کي شايد هڪ ٻہ ڪلاس ٻہ اٽينڊ ڪرائيندا هئاسون، روم تي شايان سان مختلف موضوعن تي بحث مباحثا هلندا هئا. اسان کان عمر ۾ چار سال ننڍو هيو، پر تنهن عمر ۾ بہ سماجي، مذهبي فطرتي مسئلن جي چڱي ڄاڻ هيس شايان وٽ ادب سان لاڳاپيل ٿي کان چار ڪتاب بوڪ ضرور هوندا هئا، مون کي پڪو ياد آهي تہ هن مون کي ميڪسم گورڪيءَ جو لکيل ڪتاب ماءُ ناول پڙهايو، اهو ڪتاب منهنجن انهن چند ڪتابن مان هيو جنهن منهنجي ادب سان لڳاءُ کي وڌايو شايان جي ان احسان جو سڄي عمر ٿورائتو رهندس، شهيد شايان اسان جي روم تي روشن ستاري وانگر هيو، ان جا ٽهڪ اڄا بہ هاسٽل 3 جي روم 6 ۾ گونجندا هوندا، پر افسوس جو شايان پاڻ نہ رهيو، جڏهن مون کي هن جي اوچتي وڇوڙي جي خبر پئي تہ يقين نہ پئي آيو، آءُ لاهور ۾ هيس، روم ۾ ڪو ڪتاب پڙهي رهيو هيس،

www.sindhsalamat.com

جڏهن خبر ميسيج ۾ پڙهيم تہ مون کان ڇڻ پنهنجو حال گهڙي کن موڪلائي ويو ۽ مان ماضي وجي پهتس، يڪدم شايان سان گڏ گذاريل آخري لمحا ياد اچي ويا، ذهن جي سامهون ملاقات جو چٽو نقشو ٺهي آيو، مان ماسات بدر ساجد ٻگهيو چانهہ پيئڻ لاءِ سينڊل مهيسر هڪ هوٽل تي ويناسون جتي شايان اڳ ۾ ڪن دوستن سان وينو هو، اسان جي ڪافي منع ڪرڻ جي باوجود بہ پنهنجي سنگت کي ڇڏي اسان سان اچي وينو ۽ اسان ٽنهي کي چانهہ پياري ۽ تقريبن 15 منٽن کان پوءِ هڪ ٻئي کان موڪلايوسون بهرحال موت جي اڳواٽ خبر هجي تہ انسان ان کان پري نہ ٿئي  شايان بہ ايترو جلدي هن جهان مان هليو ويو، جو اجان کي چند گهڙيون گڏ گذارڻ جو موقعو ئي نہ مليو، مار پوي هن موت کي جنهن اسان کان اسان جو نوجوان ساٿي کسيو موت اچڻو آ، هر ڪنهن کي اچڻو آ، پر ايترو جلدي هرگز نہ اچي، بهرحال چوندا آهن، لکيئي جي ليک کي ڪير ٽاري نٿو سگهي، آءُ شايان جي مغفرت ۽ آخر ۾ اعليٰ درجات لاءِ هردم دعاگو رهندس.

شال رب پاڪ سندس والد ماما علي شير ۽ امڙ سميت هر گهرياتي کي شايان جي جدائي برداشت ڪرڻ جي سگهہ ڏئي. (آمين)

# رهيون اڏ ۾ ساجن سموريون رهاٽيون

## عذير ڪلهوڙو

شايان جي موت جي خبر ٻڌي ڪي ماڻهو ڏک جي شدت هيٺ دٻجي ويا تہ ڪن کي هن سان گهاريل گهڙيون ياد آيون، ڪي هن جي گهاريل مختصر زندگي ۽ هن جي ڪيل ڪنن جدوجهد تي بحث ڪرڻ لڳا، هن جي وڇوڙي جي خبر ٻڌي جيڪو ڪجھ ٿيو، جيئن جيان ۾ ٿيندو آهي، جيان ماڻهن جي احسان ڪي سمجهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، چوتہ هو هر وقت مسڪرائيندا ۽ کلندا آهن، ايستائين جو جڏهن ٻن گاڏين جو ايڪسيڊنٽ ٿيندو آهي، تڏهن بہ اهي هڪ ٻئي سان وڙهڻ بدران مرڪي ملندا آهن، ٻئين، چوندا آهن، تہ منهنجي غلطي آهي معاف ڪندا، يعني يلي قيامت برپا ٿي وڃي پر هنن جو رويو ساڳيو رهندو، اهوئي سبب آهي، جو جپانين کي سڄي دنيا ۾ مڪار سمجهيو ويندو آهي، چاڪاڻ تہ هو چاهين چاتا. هو سوچين چاتا، هنن جا احساس ۽ جذبا ڪهڙا آهن، اها ڳالھ سمجهي نٿي سگهجي چو تہ کلڻ ۽ مسڪرائڻ هنن جي روايت بڻجي چڪو آهي ساڳيءَ طرح اسان جون روايتون وري اسان سان ساڻ آهن، اسان وٽ ڪنهن مٽ مائٽ، يار دوست جو وڇوڙو يقينن پوري شهر يا پاڙي ۾ ڏک جي ڪيفيت پيدا ڪندو آهي، ۽ هر ماڻهو ڏکارو هوندو آهي، اهو بلڪل ائين هوندو آهي، جيئن جپاني ماڻهو هر وقت ڦڪي کل کلندا آهن، يعني اهو ڏک يا غم هڪ رواجي ڪيفيت هوندو آهي پر شايان ڳورڙ جي موت جي خبر ان ڏک کان مختلف هئي، اهو ڏک اهڙو ڏک نہ هو جيڪو ڪنهن ياءُ ڪنهن پائٽي يا ڪنهن مائٽ جي موت تي ٿيندو آهي، هي ڏک واقعي بہ هڪ الڳ قسم جو ۽ منفرد ڏک هيو، ٽيئگور لکيو آهي.

If you cry becomes the run has gone out of your life, your tears will prevent you to see the stars.

يعني جڪڏهن توهان رڙيون ٿا ڪريو چاڪاڻ تہ توهان جي

زندگيءَ مان سچ هليو ويو آهي، توهان جي زندگي جو سچ لهي ويو آهي تہ توهان جا ڳوڙها توهان کي تارن ڏسڻ کان بہ روڪيندا.

تنهن ڪري اسان رڙيون ڪرڻ سڪيائي ناهيون. "بڌ" جي ان فلسفي وانگر جڏهن اسان کي ڪو ويهي لتون هڻندو آ، تڏهن بہ ائين محسوس ٿيندو آهي، تہ اهو تشدد اسان تي نہ پر ڪنهن ٻئي تي ڪيو ٿو وڃي.

واقعي بہ اهڙو واقعو (شايان جو اوچتو موت) ڪنهن ٻئي سان ٿئي ها تہ انهن جي حالت تمام خراب هجي ها. هڪ نوجوان پٽ جو وڇوڙو چا ٿيندو آهي، اهو توهان کي گرو رجنيش اوشو جي ليڪچرس ۾ ملي نہ سگهندو. هڪ نوجوان ياءُ جو موت ڪهڙي قيامت برپا ڪندو آ. اها خبر تہ خليل جبران کي بہ نہ هئي.

جنهن باغي زال ۽ قاتل ڪنوار جهڙيون ڪهاڻيون لکيون، اهو تہ صرف توهان کي سائين علي شير ڳورڙ ۽ بصير ڳورڙ ئي ٻڌائي سگهن ٿا. جيڪي هڪ نوجوان پٽ/نوجوان ياءُ جو ئي نہ پر هڪ سياسي فڪر جي وارث جو ڏک ڪٽي بہ لوڪ کان لکي لڙڪ لاڙيندا آهن. ائين سائين علي شير ڳورڙ جا ٽهڪ اڄ بہ محفلن ۾ ائين گونجندا آهن، جئين شايان جي موت کان اڳ گوجندا هئا. چوندا آهن تہ.

When pain is over the remember once of it often becomes pleasure

مطلب تہ جڏهن ڏک جي شدت وڏي ويندي آهي تہ پوءِ جڏهن ان ڏک کي ياد ڪيو ويندو آهي تہ ان ڏک جي يادگيري هڪ خوشي بڻجي ويندي آهي.

چوندا آهن تہ ڪنهن ماڻهوءَ جي اجائي تعريف ڪرڻ ان جي بي عزتي آهي. هي سڀ ڪجھ اجائي تعريف ناهي سنڌ جي ان سياسي ڪارڪن جي جنهن جو نالو شايان ڳورڙ هو، نہ ئي هي لفظ فقط لکڻ خاطر لکي ڇڏيا آهن، نہ ائين بہ نہ آهي، هيءَ هڪ نندڙي پيتا آهي، چاپائين ڏاڙهي واري هڪ نوجوان جيڪو اڄ اسان جي وچ ۾ نہ رهيو آهي، اهو دور جنهن دور ۾ سياست ڪرڻ گناهہ هجي، جنهن دور ۾ سياست جهڙي مقدس لفظ کي بدنام ڪيو ويو هجي ان دور ۾ هن جيڪا عملي سياست ڪئي. مان جڏهن ان تي ويهي

سوچيندو آهيان تہ الائي چو مون کي هڪ انگريز ڏاهي فرانسس بيڪن جا اهي لفظ ياد ايندا آهن.

A wise man will make more opportunties than he finds

(هڪ ڏاهي ماڻهوءَ کي جيترا موقعا ملندا آهن، ان کان وڌيڪ موقعا پاڻ پيدا ڪندو آهي)

ها واقعي بہ هن رڳو سياست ئي نہ ڪئي هئي پر هن پڙهيا هئا هڪ روسي اديب جا اهي لفظ تہ سيني کي دنيا کي تبديل ڪرڻ جو فڪر آهي پر ڪو بہ پاڻ کي تبديل ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي. يا وري مولانا رومي جون اهي سٽون تہ:.

Yesterday jwas clver so I wanted to change the world today Iam wise so I want to change my self.

(ڪالهہ مان هوشيار هيس تنهن ڪري دنيا کي تبديل ڪرڻ پئي چاهيو پر اڄ مان ڏاهو آهيان تنهن ڪري مان پنهنجو پاڻ کي تبديل ڪيان ٿو)

اهو ئي سبب آهي جو اڄ ڪو بہ شايان جي ڪردار تي آڱر نہ ٿو کڻي، شايان هڪ منفرد ۽ معتبر اهو ڇوڪرو هو جنهن سنڌ جي سياسي اتهاس ۾ پنهنجا پال پلايا.

انقلابي سپنا ڏسندڙ اهو انسان پنهنجي ٿهيءَ جي سمورن ماڻهن کان مختلف هيو، اهو ڇوڪرو جيڪو صرف هڪ سياسي ڪارڪن ئي نہ پر هڪ ادبي شاگرد بہ هو جيڪڏهن ننڍڙو ماڻهو شايان جي ڪردار تي آڱر کڻي ۽ هروپرو حملا ڪري تہ ان لاءِ ڀڳت ڪبير جون اهي سٽون ئي ڪافي آهن تہ:- جيڪڏهن ڪنوڻ وچ سمنڊ ۾ ڪري پوي تہ اها سمنڊ جو ڇا بگاڙيندي. هن دنيا جي وٿ ونان ۾ هر ماڻهو ٻئي کي متاثر ڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهي. هڪ ماڻهو جيڪو ٻئي کي متاثر ڪرڻ ٿو چاهي اهو وري ڪنهن ٻئي جو راضپو ٿو چاهي ان دور ۾ هي شهرت کان پري ڀڄندڙ اهڙو شخص هيو، جنهن کي معلوم هيا، اهي لفظ :-

People do not care about how much you know but about how much you care for then.

(ماڻهو کي ان ڳالهہ جي ڳڻتي نہ هوندي آهي تہ توهان ڪيترو ڄاڻو پر ماڻهن کي ان ڳالهہ جي ڳڻتي هوندي آ تہ توهان انهن جو ڪيترو خيال رکو ٿا)

يعني هن دور ۾ ماڻهن کي ان ڳالهه کان سواءِ بي ڪا پرواهه ئي نه هوندي آهي ته توهان انهن کان ڪيترو متاثر آهيو ۽ هنن جي ڪيتري تعريف ٿا ڪريو هن ڦرلٽ جي دنيا ۾ هڪ پرائمري ٽيچر جي گهر ۾ جنم وٺندڙ اهو ڇوڪرو هن دنيا جي ريتن ۽ رسمن کان بغاوت ڪندو هو، ڇو ته هن جي ڇهري تي رکيل چاپائين ڏاڙهي بلڪل اهڙي هوندي هئي. جيئن ڇي گويرا.

# شهيد شايان جو وڇوڙو
## (توسان گڏجڻ جون حسرتون رهنديون)

علي شير ٻورڙ

انسان جڏهن جمي ٿو ته ان کي اها ڄاڻ نه ٿي رهي ته هُو ڪاٿي ۽ ڪنهن وٽ پيدا ٿيندو، يا پنهنجي زندگي ڪيتري ماڻيندو ۽ ان ۾ ڇاڇا حاصل ڪندو، اهو هڪ وڏو رب جو ڳجهه ٿئي ٿو، اسان جهڙي ملڪ جي ماڻهن جي دنيا جهان کان ئي ڪهاڻي الڳ ٿئي ٿي. اسان جو حسب نسب اٿڻي ويهڻي، طور طريقا مناس محبت وارا ۽ سرائيڪي زبان جنهن کي دنيا خاص ڪري برصغير جا ماڻهو منڙي زبان يا ٻولي قرار ڏيندا آهن، هڪڙو ته زبان جو اثر ٻيو جيڪي مٽي سان لاڳاپي هئڻ جي ڪري اسان جي وڏڙن جي ضمير ۽ ضمير ۾ ڪوڙ سارا چڱا گُڻ جيڪي فطري هئا ۽ اهي خود جڻ مون کي ورثي ۾ مليا. جن ۾ هڪٻئي کي اوکي سوکي، آنڌي مانڌي ۾ ڪم اچڻ، اذرات مذرات ۾ سڏ ۾ سڏ ڏيڻ ۽ هڪڙي ڪُني مان ذرو ذرو ڳوٺ جي آخري حد تائين پهچائڻ هر گهر پنهنجي ذميداري سمجهندو هو، اها ڳالهه پوءِ دير سان بلڪ گهڻو دير دنيا جي ڏاهن فلسفي ۽ نظرئي دانن سمجهائي ته مساوات ۽ برابري انسانيت جو اعلىٰ ترين گُڻ آهي، ان ماحول جو اثر هو جنهن ۾ آءُ نپيو هيس، جتي نه ڪو تڪبر نه ڪو نسلي فرق سڄو ڳوٺ جڻ هڪ فيملي جيان رهندو هو، اسان جي ڳوٺ سوجهرو خان ٻورڙ جون اهي روايتون جن کي پوءِ دنيا جي وڏن ڏاهن ڪامياب قرار ڏنو، دنيا ۾ توڙي جو جاگيردارانه سرمائيدارانه نسلي ۽ مذهبي فرق ڪٿي آهستي ته ڪٿي شدت سان ڪَرَ ڪڍڻ لڳو، پر سنڌ جي اڪثريت قبيلن جيان اسان جو به قبيلو پُر امن هو. ۽ پُر امن رهڻ پسند ڪيو،

گهٽي هيچ ۽ حَوَس نہ رهي اسين ڳوٺ ڇڏي ميهڙ مدينہ ڪالوني ۾ رهائش اختيار ڪئي، ان جو سبب اهو هئو تہ ڳوٺ ۾ بدامني ۽ صحت جوڳا انتظام نہ هئڻ ۽ تعليم جي سهولت جي کوٽ هئي.

مجموعي طورتي مان پنهنجي حصي پتي جو سنڌ توڙي انسان ذات جي ڀلي ۽ بهتري خاطر جدوجهد ڪندو رهيس، تعليم کاتي ۾ نوڪري هجڻ جي ناتي سماج ۾ ۽ هُون ئي هڪ سٺي نگاهہ سان ڏٺو سڃاتو پئي ويس، پر پنهنجي ڪردار کي هڪ استاد ۽ وڏڙن جي تاريخي پس منظر ۽ اڄي اجري ڪردار هجڻ جي ناتي کي ميرو ٿيڻ نہ ڏنم، پنهنجي استاد برادري لاءِ بہ جدوجهد ۾ هميشہ اڳرو رهيم، پنهنجي قبيلي لاءِ وِت ۽ وَس آهر بہ پاڻ پتوڙيندو رهيو آهيان ۽ قومي تنظيمن ۾ بہ باقاعدا نشانبر رهيو آهيان، پنهنجي مزاج ۾ ڪَسَ رَسَ ڪائڻ وارو ۽ جتي بہ رهيو آهيان، اتي ڏڦيڙ تضادات کي گهٽائيندو رهيو آهيان ان ڪري ئي ڪافي هنڌن تي امين جي حيثيت ۾ عزتون ماڻيندو رهيو آهيان، اهي سڀ شيون شعوري طور تي ۽ نسلي طورتي منهنجي شهيد شايان ۾ منتقل ٿيون.

هُو شخص بہ ننڍڙي عمر ۾ پنهنجي شاندار ڪردار جنهن کي اسان خانداني طورتي وڏي ميراث سمجهندا آهيون، وڏو نالو ڪمايو ۽ پنهنجي محنت، جدوجهد ۽ حسنِ اخلاق جي ڪري تمام هڪ نرالي شخصيت ٿي اڀريو جيئن سنڌ جا هيرا هوشو، هيمو، ڪالاٽي ۽ ڀڳت سنگهہ ننڍڙي عمر ۾ وڏو نالو ڪمايو، ائين ئي منهنجو شهيد شايان جوجڏهن اوچتو وڇوڙو هڪڙو وڏو حادثو ۽ سانحو منهنجي گهر ۾ نہ بلڪ سنڌ جي تمام حلقن ۾ سوڳ جي لهر ڇانيل رهي، پر اسان سيني مائٽن مِتن، دوستن ۽ سياسي سماجي ۽ علمي ادبي حلقن ان جي تڏي تي آيل هزارين ماڻهن ۽ تاثراتي نوٽ بوڪن مان اهو نتيجو ڪڍيو تہ هي نوجوان عام رواجي نہ هو هڪ شاندار نظريي سان سلهاڙيل هيو ۽ هن جيڪو شينهن جي وات ۾ هليو وڃي ۽ اتان مورڙيي جيان پنهنجي عزيزن کي ڇڪي ڪڍي هن جي ان عمل کي ڏسي اسان پنهنجي درد کي وساري هن جي ڇڏيل مشن کي هٿ ۾ کڻڻ جو فيصلو ڪيو ۽ ميهڙ شهر جون گهٽيون، چوڪ، هوٽل هن جي ذڪر ، فڪر، نعرن ۽

تعزيتي ميڙاڪن سان گونجي اٿيو، ۽ ميهڙ جي نوجوانن لاءِ هڪ وڏو اتساهه جو سبب بڻيو جو اڄ به شهيد شايان يادگار ڪاميٽي جوڙي اسٽيڊي سرڪل (Study Circle) هلايا پيا وڃن جيڪو اسان جي خاندان لاءِ هڪ وڏو اعزاز ۽ هڪ وڏو تعارف ۽ هڪ سڃاڻپ ڏيئي ويو آهي.

جيڪو وڏن وڏن ارب پتي ۽ نالي وارن جي نصيب ۾ ڪونه ايندو آهي، شهيد شايان جو وڇوڙو لطيف سائين جي معنىٰ ۽ مفهوم ۾ ائين سمجهيون ٿا، جيئن لطيف سائين فرمايو:

الســـت بـــربڪم جـــڏهن ڪـــن پيـــوم،
قـالو بلـيٰ قلـب سـين، تـڏهن تـت چيـوم،
تنهـين ويـر ڪيـوم، وچـن ويـڙهيچن سـين.

اهو واعدو هيو جيڪو پورو ٿيو، اسين پلي هاٽي کهڙيون به ڳالهيون ڪيون، پر اهو ڪيل واعدو پورو ٿيو، ۽ ان کي روڪڻ نه ڪنهن جي وس ۾ هيوئي ڪونه، ان لاءِ اسين پڻ اوڏانهن ئي وڃڻا آهيون نه جيئن سياڻي واري ملاقات ٿئي نه اڪيون اڪين سان ملائي سگهجن ۽ مياري نه ٿيون.

بـــي خبـــر نـــاهي، پـــر مـــرڻ ڪـــان پـــوءِ
تـــو ســان گـــڏجڻ جـــون حســـرتون رهنـــديون

# هو وري ايندو

## گوهر گل ٻورڙ

ٻوٽ سوجهرو ٻورڙ جي ڪلراڻي زمين جي مٽيءَ تي سائين علي شير ٻورڙ جي گهر ۾ تاريخ 01-01-1996 تي جنم وٺندڙ شايان ٻورڙ (جنهن جو اصل نالو عبدالباسط آهي) جيڪو اڄ اسان وٽ جسماني طور موجود نہ آهي، جنهن جي قوهہ جواني جوڀن ڪُمهلي وڃوڙي تي نہ فقط هن جا ويجها عزيز، مائٽ ۽ دوست سوڳوار آهن، پر ميهڙ شهر جي ميندي جي رنگت ۽ مائي جي مناس پڻ سوڳوار آهن، ميهڙ شهر جو گهنٽاگهر چونڪ روڊ رستا ۽ مدينہ ڪالوني جون گهٽيون پڻ شايان شير جي موت تي ماتم ڪري رهيون آهن، ڪنهن ٿي ڄاتو تہ ننڍڙي عمر ۾ هن جي ڪيل سياسي، سماجي خدمتن جي سفر ۾ هو ايڏو جلدي پنهنجي صلاحيتن ڪي مڃائي نروار ٿيندو، سائين علي شير ٻورڙ جي اوطاق تي سدائين سياسي، سماجي ۽ قلمي قبيلي جي ماڻهن جا ميلا متل رهيا آهن، شايان شير جي وڇوڙي کان پوءِ سائين علي شير ٻورڙ جي اوطاق تي اڄ وقتي طور مڪلي جهڙي ماٺ ڇانيل آهي، اها ماٺ وقت جي حالتن موجب ڇانئجي وئي آهي، جيڪا عارضي آهي، سائين علي شير ٻورڙ هڪ سنو استاد آهي، جيڪو پنهنجي شاگردن کي سچائي، اخلاق، ماڻهپي ۽ سڄاڳي جو درس ڏيندو رهي ٿو، شايان شير ٻورڙ آرٽ گريجوئيٽ ۽ سول ڊپلومہ جي ڊگري حاصل ڪري پنهنجي سياسي جدوجهد جي شروعات سڄاڳ بار تحريڪ کان ڪئي، ان سان گڏ عوامي جمهوري پارٽي جي مرڪزي ڪاميٽي جو ميمبر ۽ عهدي دار پڻ رهيو، ساڳي پارٽي جي شاگرد ونگ سنڌي اسٽوڊنٽ آرگنائيزيشن جو ميهڙ ۾ بنياد وجهندڙ پڻ پهريون جاڪوڙي ماڻهو هيو سنڌ جي مختلف اهم اشوز تي شايان شير ٻورڙ مختلف قومپرست اڳواڻن سان پيادل لانگ مارچ

جو اڻ ٿڪ سفر نهايت ئي سچائي سان پنهنجي زندگي جي آخري هڏڪيءَ تائي جاري رکيو، سائين علي شير ٻُورڙ پنهنجي مالي وسيلن جي سگهه آڌار پنهنجي اولاد جي تمام سهڻي ۽ بهترين تربيت ڪئي آهي، خاص طور تي پنهنجي نيٽن جي نار مويي پٽ ڳڀرو جوان شايان شير ٻُورڙ کي هميشه پاڻ سان گڏ رکيو ۽ هن جي دوستن جيان پيار ۽ هج جي ماحول ۾ پالنا ڪئي، جنهن مان شايان شير ٻُورڙ کي بيحد حوصلو ۽ اُتساهه مليو اهوئي هڪ پُراعتماد سياسي ڪارڪن تي اُڀريو شايان شير ٻُورڙ جي جدائي تي سائين علي شير ٻُورڙ جي دل مان ڏک جي صدا هنن سٽن جي صورت ۾ ضرور اُڀري هوندي ته :

دوست ڪنهن کان جدا، خدا نہ ڪري،
ڪنهن کي هي غم عطا، خدا نہ ڪري.
(احمدخان مدهوش)

تاريخ 14-05-2017 بروز آچر تي شايان شير جو جسماني وڇوڙو ضرور ٿيو آهي، پر هن جي کيل ڪم ۽ جدوجهد تي ڪڏهن بہ زوال نہ اچڻو آهي، هو سنڌ ۽ سنڌي قوم جي عاشقن جي لسٽ ۾ پنهن جو نالو لکرائڻ ۾ ضرور ڪامياب ٿيو آهي، ۽ تاريخ جي ورقن ۾ هن جو ذڪر بہ اچڻو آهي، شايان شير ٻُورڙ هڪ عشق جو نالو آهي، ۽ عشق ڪڏهن بہ مرندو يا فنا نہ ٿيندو آهي، شايان شير مکڙيءَ مان ٽڙيل تازي گلاب مثل هو جنهن جي ڪنواري خوشبوءِ جي واس مان ڌرتيءَ جي باغ جي پئنورن جي روح جي راحت پڻ اٽپوري ۽ اجاري رهجي وئي آهي، شايان شير اسان وٽ هن ڌرتيءَ تي نئين جنم ۽ روپ ۾ هر هر ايندو رهندو ۽ سنڌ ڌرتيءَ جي باغ جي اُجاري ۽ اداس پئنورن کي بيهر پنهنجي نرالي خوشبوءِ سان واسيندو سائين احمد خان مدهوش جي چواڻي جيان تہ:

اي زمانا وري وري ايندس
عشق آهيان تري ايندس.
احمدخان مدهوش

# شايان تنهنجو شان ڪيئن ڪيان بيان!

## حسين بخش ڳورڙ

شهيد شايان سنڌ ڌرتي جي قديم ڳوٺ سوجهرو ڳورڙ ۾ 1996-1-1 ع سياري جي سخت سردين ۾ ڄائو ان جو عقيقو تمام وڏي پيماني تي ڳوٺ سوجهرو ڳورڙ ۾ ملهايو ويو، هو جنهن ۾ مٽ مائٽ، دوست، عزيز شريڪ ٿيا هئا. ان موقعي تي استاد سائين محمدڄام چانڊيو سڄي فيملي سميت اسان جي خوشين ۾ شريڪ ٿيو هيو، شايان ننڍپڻ کان ئي سلڇڻو ۽ سدورو پار هو ان ۾ ادب ۽ احترام جا وڏا ڳڻ هئا. شايان سميت ۽ ٻيا سيئي پائٽيا پائٽيون مون کي بابا وڏا ڪري مخاطب ٿيندا آهن، شهيد جي ادب ۽ احترام تي مون کي ياد آئي آهي ته هڪ دفعي مون وٽ سائين محمد يوسف ڪوريجو ۽ ٻيا دوست مهمان ٿي آيا. اوطاق ۾ ويٺا هئاسون ته بجلي بند ٿي ويئي گرمي ٻه گهٽي هئي، سو سائين ڪوريجو صاحب چيو ته وڻن جي ڇانوَ ۾ هلي ويهون مون چيو مانس چوڪرا گهر ڪونهن ڪرسيون کير ٻاهر ڪڍي هلي، ائين ڪندي منهنجا پائٽيا شايان ۽ عاقب ٻئي آيا. مون چيو بابا هي ڪرسيون وڻن ڏانهن ڪڍي هلو اسان اتي ويهنداسين، ٻئي پائٽيا ڪرسيون ڪڍي هليا اسان اتي ويناسين ته ڪوريجو صاحب منهنجي پائٽن کان پڇيو ته سائين توهان جو ڇا ٿئي؟ هنن ٻنهي وراڻيو ته بابا وڏو آهي، هنن ائين نه چيو ته اسان جو چاچو آهي، ڪوريجو صاحب اچرج ۾ اچي ويو ته چاچو نتا چون بابو وڏو ٿا چون، مهمانن منهنجي پائٽين کي چيو ته اڄ جي دور ۾ ايڏي شناس ۽ ادب وڏي ڳالھ آهي.

شايان ۾ ادب ۽ احترام وڏو هوندو هو، ننڍي وڏي جي تمام وڏي عزت ڪندو هو، هن جي ملڻ جلڻ جو پنهنجو منفرد انداز هو، ڪچهري جو ڪوڏيو هو، شهيد شايان جڏهن ڪلندو ۽ مرڪندو هيو ته اهو هن جو وڻندڙ ۽ نرالو انداز هوندو هو ان جي اٿڻي ويهڻي

نرالي هئي، گهر ۾ گهٽو گوڙ گمسان کان پاسو ڪندو هيو. ڪائڻ پيئڻ ۾ ڪڏهن گهڻي ڪروڌ نہ ڪيائين وڏو صابرين ۽ ننڍن وڏن ڪي سٺي ٽيڻ جي تلقين ڪندو هيو، شهيد شايان هڪ دلير ۽ بهادر مڙس هو، شهيد شايان ۾ سهپ ۽ بردباري تمام گهڻي هئي، جو ساڻس اوڙي پاڙي ديسي پرديسي بہ پيار ڪندا هئا. ان جي شهادت تي ميهڙ شهر ۾ سوڳ جي لهر هئي، پاڙي جي گهرن ۾ بہ روج راڙو هيو، ائين محسوس پئي ٿيو جڻ سڄي سنڌ ۾ تڏا وڇايل هئا. شهيد شايان جي جنازي نماز ميهڙ جي مشهور ماڳ شهيد عاشق حسين جتوئي پارڪ ۾ مولانا علي حسن پنهور پڙهائي جنهن ۾ سياسي سماجي، واپاري، هاري ۽ مزدور طبقن جي ماڻهن تاريخي ۽ وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي، سندس تدفين اباڻي ۽ تاريخي قبرستان سيد فريد شاهہ واري قبرستان ۾ ڪئي وئي جيڪو اسان جي وڏڙن جو آخري آرامگاهہ آهي.

شهيد شايان جي وڇوڙي ڪي گهڻا ڏينهن تہ نہ ٿيا آهن، پر اجان تائين جدائي جا گهاءُ تازا آهن، شهيد جون تصويرون جيڪي عوامي جمهوري پارٽي ۽ سنڌي اسٽوڊنٽ آرگنائيزيشن جي دوستن پاران پاڙي واري چونڪ ۽ سندس گهٽي ۾ لڳايون آهن، جيڪي ماڻهو اتان گذرندا آهن، تہ ڪجهہ لمحا بيهي روئي ۽ ڳوڙها ڳاڙي هليا ويندا آهن، شهيد شايان جي وڇوڙي تي اسان جي گهرن ۽ دلين ۾ سوڳ واري ڪيفيت آهي، مان جڏهن گهر کان ٻاهر نڪرندو آهيان تہ شهيد شايان جي تصوير ڏانهن ڏسي نہ سگهندو آهيان ان جي وڇوڙي منهنجي جيءَ ڪي جهوري وڌو آهي، شهيد شايان پاڻ تہ هليو ويو، پنهنجي پيءُ ڪي بچائي پاڻ امر ٿي ويو. ۽ شهادت جو رتبو حاصل ڪري ويو. الله تعالیٰ کان دعا آهي تہ ڪيس سهڻي حبيب ﷺ جي ڪچهري ۽ پنجتن جي سائي ۾ رکي.

ڪٽا منجهہ قرار هئا، هيڪاندا سنگ ۾،
ڳاهي ڳاهہ فراق مان ڪيا ڏارو ڏار
نہ جاڻان پيهار ڪير ملندو ڪنهن سان.

# اونداهيءَ ۾ سوجهرو

## شعبان علي ٻوزڙ

جــانِ مـــن جـــانِ وفـــا جـــانِ بهـــار
جـــان محفـــل، دلربـــا صـــد افتخـــار،
اوچتـــو محفـــل ڇـــڏي راهـــي ٿئـــين،
هـــر بشـــر تـــولاءِ ڏســـان تـــو ســـوڳوار.

اڄ بہ دل ۾ نگاهون شهيد شايان کي ڳوليندي نهاريندي ڏسن ٿيون تہ ڪا پيڻ اداس آ تہ ڪو ياءُ غمگين آ تہ ڪو چاچو پريشان آ تہ ڪو سئوٽ بي حال آ ۽ دوست مائٽ خاندان سڀ ڏک ۾ ورتل آهن. هن جو اخلاق ڪردار اٿڻ ويهڻ ۽ دوستڻ مائٽن سان ايتري تہ سادگي سان پيش ايندو هو جو ڪڏهن بہ ڪنهن سان ڏاڍيان بہ نہ ڳالهائيندو هو، خوش مزاج ڪل يوڳ ۽ ڪچهري جي سونهن هوندو هو، جنهن ڪچهري ۾ هوندو هو تہ ٽائيم جي خبر نہ پوندي هئي تہ رات هجي يا ڏينهن ائين گذري ويندو هو، جڻ منٽ گذري ويا هجن، نہ پنهنجو پاڻ پڏائڻ نہ ڊاڙ ٻٽاڪ هڻڻ ائين ئي پيش ايندو هو، جڻ تہ ڪو عام ماڻهو آهي هاڻي ماڻهو ائين چون ٿا تہ هي ڪو وڏو ماڻهو وڏي ليول جو هيو، پر ڪڏهن هن نہ ٻڌايو تہ مان اهڙن عهدن تي آهيان، يا جدوجهد ڪريان ٿو اهڙا ماڻهو تمام گهٽ هوندا آهن جيڪي پاڻ کي گهٽ ٻي کي وڏو تسليم ڪرڻ اها تہ ولي يا بزرگ جي نشاني آهي، ائين ئي محسوس ڪيون ٿا جڻ تہ ڪو هو ولي هيو، چو تہ هن کي ڪو بہ منهن تي تنقيد ڪندو هو تہ رکو ڪلندو ۽ مرڪندو هيو، چوينس تہ هو چا ٿا چون ڪو جواب تہ ڏي چوندو هيو تہ مان جو پنهنجو پاڻ کي وڏو تسليم ڪيان تہ رب پاڪ ناراض ٿيندو، ڪنهن جي چوڻ سان ڪجھ نہ ٿيندو، عزت ذلت منهنجي رب وٽ آهي، ڏسجي ٿو تہ هي وڏا لفظ آهن جيڪي ڪجھ

چون ٿا تہ هو تمام با اخلاق سلڇڻو، سباجھڙو، انسانيت سان ۽ سنڌ ڌرتي سان پيار ڪندڙ هو. جڏهن هن جي عمر رانديڪن سان کيڏڻ جي هئي تہ هن سجاڳ ٻار تحريڪ (S.B.T) جو مدينہ ڪالوني ۾ يونٽ کوليو جنهن جو صدر ٿيو ۽ سنو ڪم هلايو، مدينہ ڪالوني جا ڪيترائي ٻار ميمبر ٿيا ۽ انهن ٻارن جون تصويرون ۽ تقريرون اخبارن ۽ رسالن ۾ پڻ شايع ٿينديا هئا. هُو ننڍپڻ ۾ ئي تمام ذهين هوشيار هيو، هن کي رب سائين نيڪ صورت ۽ نيڪ سيرت ۽ خوبصورت انداز ۽ قدآور هيو، جو جيڪا ڊريس جسم تي پائيندو هيو، تہ ائين لڳندو هيو ڄڻ سڀ شيون هن لاءِ نهيل آهن، هو خوش لباس ۽ سني پرسنلٽي وارو هيو، موت هڪ اهڙو ذائقو آهي، جو هر انسان کي چکڻو آهي، رب العالمين هر انسان کي اشرف المخلوقات جو درجو ڏنو آهي، پر کي انسان سُهڻا سنا تہ کي بهادر پر سڀ الله ئي پيدا ڪيا آهن، تہ وري کي انسان عقلمند ذهين هوشيار بهادر تہ کي گهٽ بہ هوندا آهن، اها سڀ قدرت جي هٿ وس آهي، نيڪ صورت نيڪ سيرت بااخلاق ۽ ڏاهپ سچاٽپ جي ڏات ڪنهن ڪنهن کي نصيب ٿيندي آهي، شهيد شايان بہ انهن مان هڪ هو.

ماڻڪ مٽ سندوم، اونداهيءَ ۾ سوجهرو.
حشر ويل حساب ۾، چڏي نہ ويندوم،
ساريو سڏ ڪندوم، کوهيارو کيچ ڏٽي،

هر انسان هڪ ڏينهن ماءُ جي پيٽ مان جنم وٺندو آهي، خواب وانگر ٻئي ڏينهن ڌرتي ماءُ جي هنج ۾ هليو ويندو آهي، زندگي خواب وانگر گذري ويندي آهي، خبرئي نہ پوندي تہ زندگي جو باب ختم ٿي ويندو آهي، هڪڙا انسان سؤ سال جي زندگي گذاريندا آهن، پر کي اهڙا انسان ٿوري زندگي ۾ اهڙو ڪردار ادا ڪندا آهن، ۽ اهي سؤ سال تہ ڇا پر اهي تاريخ تي وجن ٿا. جو اها تاريخ ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيندي آهي، شهيد شايان قومپرست سياست ۾ ايڪٽو تہ هيو وڏن عهدن تي رهيو ۽ پنهنجو پاڻ سنو اڳواڻ ٿي مڃرايو، وهنجڻ لاءِ تيار وينو هيو تہ وهنجڻ وجان پر اوچتو دانهن ٿي تہ ابو بجلي ۾ آيو آ، ائين ڪمري مان آيو ڀيو ڪجھ ڏسڻ ۾ نہ آيس صرف نگاهہ پنهنجي والد ۾ هيس تہ بس ابو وٺ پهچان هن

پنهنجي زندگي کي نہ ڏنو نہ ڇاتو ڪيان، جڏهن مٿان رب ڪان ڪو حڪم ٿيو هجي تہ شهادت جو تہ وچ پنهنجي پيءُ کي بچايو ۽ شهادت ماڻيائين اها بہ ڪا رب جي رضا هئي ۽ ائين ڪرڻو هيس، پيءُ پٽ جي هڪ ٻئي سان ايتري تہ محبت هئي جو انهن ڪان ڪو سِڪي شهيد شايان ۾ ڪو ڪم هوندو هو تہ علي شير کي چوندا هئاسين تہ شايان کي ننڍ مان اٿار ڪم اٿس چوندو هيو، ننڍ آ جڏهن پاڻ اٿي مان ڪون اٿاريندو مانس، ايتري تہ انهن ۾ محبت هئي جيئن حضرت يعقوب عليہ اسلام جي پنهنجي پٽ حضرت يوسف عليہ اسلام سان هئي، جنهن جو ذڪر قرآن پاڪ ۾ پڻ موجود آهي، هن عقل سڄاڻپ ڏاهپ هوشيارپ ايتري تہ تيز هئي، جو اسان جي خاندان يا گهر جو ڪو مسئلو حل ڪرڻ بہ هن سان مشورا صلاحون هونديون هيون، هي نہ هوندو هو تہ ڪابہ صلاح يا مشورو ئي نہ ڪندا هئاسين، هن ۾ رب سائين اهڙي تہ ڪا طاقت رکي هئي جو عمر ۾ تہ ننڍڙو هيو، پر اسان وڏا هن جو ايترو تہ احترام ڪندا هئاسين، جو اڄ محسوس ڪريون ٿا تہ هُو وڏي هستي هئي، ڪافي مسئلا پاڻ حل ڪري پاڻ کي تڪليف ڏيندو هو پر ڪنهن ٻئي کي تڪليف نہ ڏني اها هن جي برداشت سهپ ۽ بردباري هئي، اڄ اسان پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪريون ٿا. پنهنجي پاڙي يا برادري يا خاندان ۾ غمي يا شادي هوندي هئي تہ اسان وڏن کي هي سڄاڻ ڪندو هو تہ ڇا ڪرڻو آهي، ڇا تياري آهي، جڏهن سڀ اٿي ويني جو وزن هن تي هيو ۽ اسان سان گڏوگڏ هوندو هو، ڪاش رب تعاليٰ هن کي اجان وڌيڪ حياتي ڏئي ها تہ اسان جي تڪليف ۽ ڏکاين ۾ هُو پرجهلو ٿي بيهي ها ۽ اسان جون تڪليفون ۽ مسئلا ان جي ڪري گهٽ ٿي وڃن ها.

دوست ڪهائي، دادلا محب مارائي،
خاص خليلن کي سختيون سهائي،
الله صمد بي نياز سا ڪري جا چاهي،
انهي منجهہ آهي، ڪا اونهي ڳالهہ اسرار جي.

# پتنگ جيئن پيدا ٿيو
## اهڙا ماڻهو مرڻا ناهن

نويد حيدر

شهيد شايان منهنجو ماسات هو، ۽ هُو منهنجو ياڻيٽيو به هو، منهنجي شهيد سان ايتري قدر محبت هئي، سا اچ مان بيان به نٿو ڪري سگهان شهيد شايان مون سان گڏ ڏکي سکي وقت ۾ گڏ رهيو هو، شهيد شايان مون کي ڪڏهن به نالي سان سڏ نہ ڪندو هو ۽ مان به شايان کي ڪڏهن ابا تہ ڪڏهن ماسات ڪري سڏ ڪندو هيس، شهيد شايان جو مون سان ساٿ هميشہ رهندو هو، گهر ۾ هجان يا اسپتال ۾ ڪاروبار جي سلسلي ۾ ٻاهر پر مون سان گڏوگڏ منهنجي پاڇي جيان هوندو هو، جڏهن منهنجي شاديءَ جي تاريخ طئي ٿي هئي تہ سڀ کان وڌيڪ شايان کي خوشي ٿي ۽ منهنجي شادي ۾ ڀرپور خوشي ڪئي. اسان شهيد شايان کان جڏهن بہ ڪنهن ڳالهہ جي صلاح وٺندا هياسين، تہ هو وڏي عمر وارن جيان اسان کي صحيح صلاح ڏيندو هو، شهيد شايان جي عمر 21 سال 5 مهينا هئي، ان جي ننڍي عمر ۾ بہ ان جو دماغ هڪ وڏي عمر وارن جيان ڪم ڪندو هو، شايان مون کان عمر ۾ ننڍو ضرور هو، پر شايان جي محبت جي اثر ان عمر جو فرق محسوس نہ ٿيڻ ڏنو.

شايان جڏهن جائو هو تہ مان ۽ علي شير ڳوٺ سوجهرو ڳورڙ ۾ هياسين، ڳوٺ سوجهرو ڳورڙ ۾ شايان جي جمڻ جي خبر ڳوٺ جي ماڻهن ۾ خوشي جي لهر پيدا ڪري ڇڏي. ڳوٺ سوجهرو ڳورڙ ۽ ان جي آس پاس وارن شهرن جي ماڻهن اسان کي مبارڪون ڏنيون، شهيد شايان مون سان هر ڳالهہ شيئر ڪندو هو. اسان جڏهن گڏ هوندا هئاسين تہ ماڻهو اسان کي چوندا هئا تہ توهان ڀائر آهيو يا دوست؟ اسان ماڻهن کي چوندا هئاسين توهان جيڪو سمجهو، منهنجو وڏو پٽ جنهن تي منهنجي بابا سائين جو نالو آهي، علي

حيدر خان، منهنجو ننڍو پٽ جنهن تي منهنجي نانا سائين جو نالو راوت علي خان اهي شايان کي ادا ڪري سڏيندا هئا. شايان جي وڇوڙي تي اهي منهنجا ٻئي پٽ اداس نظر اچن ٿا. جيڪي شايان سان تمام گهڻو خوش رهندا هئا. انهن جي شاپنگ به شايان ڪندو هو، عيد هجي يا شادي جيڪو پاڻ پائيندو هو ته اهوئي منهنجي پٽن لاءِ آڻيندو هو. منهنجي وڏي پٽ کي نوين ۽ ننڍي پٽ کي متين پيار مان شايان اهي نالا رکيا. شايان جو رعب تاب اسان کي تمام وڻندو هو. ۽ اسان جا ٻار به شايان کي اوترائي وڻندا هئا.

منهنجو سدا حيات ماسات اسان سان جسماني طور ته جدا ٿي ويو آهي، پر اسان سان هو روحاني طور گڏ آهي، شهيد شايان جو وڇوڙو اسان جي خاندان ۾ هڪ وڏو خال آهي، جنهن جو پرجڻ ناممڪن آهي، اسان جي دلين ۾ ان جي خوشي اڌوري رهجي وئي، اسان جي دل وَ دماغ تي جيڪو پهاڙ ڪِريو آهي، اسان ۽ علي شير، شايان لاءِ دعاگو آهيون. جنهن ڪڏهن به اسان کي ڪنهن ڳالهه تي اسان جي دل نه رنجائي، الله پاڪ شهيد شايان کي جنت ۾ اعلىٰ مقام عطا فرمائي. آمين

سـي جـيءَ جيـارا مـاڻهو هـا،
سـي سـپ ڪـان پيـارا مـاڻهو هـا،
جـن سـاهه ڏيئـي ويسـاهه ڏنـو،
جـي دل ۾ درد دڪـائي ويـا.

# چني گل گلاب جا ڪيئي ڏارو ڏار

## انجنيئر جاويد ٻوڙ

چني گل گلاب جا ڪيئي ڏارو ڏار،
اڙي موت ميار، ايڏو ساڙ سڱند سان.

اهو آچر جو ڏينهن هيو، مان ۽ ادا اعجاز ٻوٽان موٽي رهيا هئاسين، اجان ميهڙ جي ويجهوئي هياسين ته فون آئي شايان کي بجلي جو ڪرنٽ لڳو آهي، جلدي سان سندن والد ڀاءُ علي شير کان معلوم ڪيو، جنهن ٻڌايو ته واقعي مون کي بچائيندي شايان کي بجلي جو ڪرنٽ لڳو آهي، ۽ هن کي اسپتال وٺي ويا آهن، اسان ڪجھ ئي منٽن ۾ تعلقه اسپتال ميهڙ پهتاسين، جيئن ئي اندر پهتاسين ته هڪڙو قيامت خيز منظر هيو، شايان کي واپس ايمبوليسن ۾ رکي رهيا هئا. چاڪاڻ ته هو هميشه جي لاءِ اسان کان موڪلائي چڪو هيو، سندن والدين ۽ ٻيا گهرياتي انهيءَ آس ۾ وينا هئا. کهڙي مهل ٿو اسان جو ٻچڙو گهر ٿو اچي، پر انهن کي اها خبر ڪانه هئي ته هو، اسان کي سڄي عمر جي جدائي ڏئي هليو ويندو.

ڀاءُ علي شير رشتي ۾ اسان جو ماروٽ ٿئي، پر هن سان جو تعلق تمام ويجهو ۽ ڀائرن وانگر رهيو آهي، پر شايان جي فواد سان دوستي ۽ ويجهڙائپ جي ڪري گذريل ڪجھ سالن کان دادو ۾ اڪثر اچڻ ٿيندو هيو، جنهن ڪري ساڻس تمام گهڻيون ڪچهريون ٿينديون هيون.

شايان جي ٻچپن ۽ جواني جون انگڙايون ويجهي کان ڏٺيون، هن ۾ ڳالھ رکڻ ۽ ڳالھ ڪرڻ جو وڏو ڏانءُ هيو، سچ ته هُو پنهنجي عمر جي لحاظ کان تمام پڪو ۽ پختو لڳندو هيو. ڀاءُ علي شير جي ڪري به شايان کي سيني سياسي ڪارڪنن، اديبن ۽ مٽن مائٽن ۽

هر مڪتبہ فڪر جي ماڻهن وٽان بہ بيحد پيار نصيب ٿيو، ۽ باقائدي سياسي، تربيت ملي.

شايان هڪ محنتي، بااخلاق، ارڏو ۽ ڪمٽيڊ انسان هيو، هن سياسي ۽ پوءِ چاهي اهي عوامي مسئلن لاءِ احتجاج هجن، تعليمي ريليون هجن يا ثقافتي ڏهاڙا هجن، پنهنجو ڪردار ڀرپور نموني سان نڀايو، هن جو گجگوڙ جهڙو آواز اڪثر پروگرامن ۾ گوجندو هيو، ميهڙ ۽ آس پاس ۾ ٿيندڙ سياسي ۽ سماجي پروگرامن ۾ اڪثر ميزباني جا فرائض شايان ئي سرانجام ڏيندو هيو. هن جو شمار تہ عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻن ۾ ٿيندو هيو، مطلب تہ ماڻهو جيڪو سڄي عمر ۾ مشڪل سان ڪري سگهندا آهن، شايان اهو ڪم پنهنجي ننڍڙي عمر ۾ ڪري ڏيکاريو بحرحال ڏک ان ڳالھ جو ناهي شايان اسان کان جلدي جدا ٿي ويو، پر روئڻو ان ڳالھ تي ٿو پوي تہ محنت ڪري ڪو ذهن قومي ڪم لاءِ ناهجي ٿو ۽ اهو جلدي اسان کان ڪسجي ويندو ۽ اسان کان ايڏو جلدي هليو ويندو اهو يقين ئي نٿو اچي.

ڪافي ڏينهن کان شايان لاءِ تعزيتي مضمون لکڻ کان پئي لنوايم چاڪاڻ تہ اهڙي پياري ماڻهو کي پيتا ڏيڻ لاءِ مان لفظ ڪٿان آڻيان جو ان غم جو مان مڪمل اظهار ڪري سگهان، جواني ۾ شايان اسان کان وڇڙي ويو، جن جي هٿن تي اڃا مهندي بہ ڪانہ لڳي هئي، ائين شايان جي امڙ ۽ بابا جون اميدون اڌوريون رهجي ويون، شايان جي ادڙين جون اميدون تہ ياءُ کي پلئون ڏينديون سين، اهي آسون آسون ئي رهجي ويون ۽ اسان سڀ هن کي گهوٽ جي روپ ۾ ڏسي نہ سگهياسين ۽ شايان جو وڇوڙو سڄي عمر جو خال رهندو.

# قربان ٿيڻ جو جذبو سيکاري ويو

## شعيب عزيز ڳورڙ

شايان هڪ فرمان بردار، فرض شناس اسان جو دوست ۽ قومپرست نوجوان هو، شايان پنهنجي والد جي جان بچائڻ لاءِ پيرين ۽ پُني اُگهاڙي موت سان مهاڏو اٽڪايو، شايان جو وڇوڙو جنهن انداز سان ٿيو اهو غير فطري هو، شايان پنهنجي والد جي جان بچائيندي بچائيندي پنهنجي جان جو نذرانو ڏنو ۽ شهادت جو درجو ماڻيو، شايان جي اوچتي وڇوڙي هڪ اهڙو خال پيدا ڪيو آهي، جنهن جو پرجڻ مشڪل آهي جنهن جو ازالو ناممڪن آهي. شايان پنهنجي والد جي زندگي بچائڻ لاءِ پنهنجي زندگي جي قرباني ڏئي ڪري اهو مثال پيدا ڪيو آهي ته فرض شناس ڪيئن ٿجي، ٻين جي زندگي جي خوشين لاءِ پنهنجي زندگي ۽ خوشيون ڪيئن قربانيون ڪبيون آهن.

آ مرڻو هر ڪنهن ماڻهو کي،
پر ائين نه مرنداسين ساٿي،
ڪا آگ لڳائي وينداسين،
ڪو ٻارڻ ٻاري وينداسين.

شهيد شايان پنهنجي زندگي جي قرباني سان ٻين لاءِ قرباني ڏيڻ واري جذبي جو ٻارڻ ٻاري ويو آهي، ۽ شايان اهو سيکاري ويو آ ته فرض شناسي وارو ڪردار ڪيئن نڀائجي، انسان دوستي واري رشتي سان نباهه ڪيئن ڪجي، ائين ڪرڻ سان موت به هن کي مات ڏئي نه سگهي، شهيد شايان جسماني طور تي اسان کان وڇڙي ويو پر سيني جي دلين ۽ ذهنن ۾ هميشه لاءِ گهر ڪري ويو.

شهيد شايان پنهنجي والدين، فيملي، مٽ مائٽ ۽ دوستن لاءِ اثاثو به هيو، پر ان سان گڏوگڏ شايان قومي ا ثاثو به هيو، شايان هڪ عام رواجي شاگرد ٻاويهه سالن جي عمر ۾ پنهنجي پروفيشنل

۽ اڪيڊمِڪ تعليم پوري ڪئي، سول انجنيئرنگ ۾ ڊپلوما ڪئي، پر ان سان گڏوگڏ علمي، تعليمي، ادبي، سياسي ۽ سماجي ڪمن ۾ به ڀرپور حصو ورتو.

ڪنهن قوم جي تقدير بدلائڻ لاءِ سياسي، سماجي، علمي ۽ ادبي تحريڪن جو وڏو ڪردار هوندو آهي، ۽ انهن تحريڪن جي ڪاميابي ۾ وري شاگردن جو وڏو اهم رول هوندو آهي، شايان به قومي مسئلن جي حل لاءِ پنهنجي حصي پتي جو ڀرپور ڪردار ادا ڪري پئي سگهيو، چو ته شهيد شايان سجاڳ ٻار تحريڪ (SBT) جي هنج ۾ پليو هيو، سنڌي شاگرد تحريڪ (SST) ۾ به متحرڪ رهيو ۽ آخر ۾ عوامي جمهوري پارٽي (AJP) جي اسٽوڊنٽ ونگ سنڌي اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن (SSO) جي به مرڪزي اڳواڻن مان هيو، ٻاويهه سالن جي هن ننڍڙي زندگي ۾ شهيد شايان ڪي جيڪو سياسي، ادبي، ۽ سماجي تجربو هيو ۽ شايان جي جيڪا مثبت ۽ تعميراتي سوچ هئي، ان جي آڌار تي اهو چئي سگهجي ٿو ته شايان مستقبل ۾ اسان جي معاشري ڪي درپيش مسئلن جي حل لاءِ مؤثر ڪردار ادا ڪري پئي سگهيو.

تاريخ ۾ اهي ماڻهو ۽ ڪردار هميشه لاءِ زنده رهندا آهن، ۽ امر ٿي ويندا آهن، جن جون تمام گهڻيون خدمتون ۽ قربانيون هونديون آهن. شهيد شايان به پنهنجي ڪردار، خدمتن ۽ قربانين جي ڪري اسان جي هن خطي ۽ ميهڙ جي تاريخ ۾ هميشه زنده رهندو.

شهيد شايان ٻين سيني خوبين سان گڏوگڏ هڪ سنو دوست چورائڻ جو حقدار به هيو، شايان هڪ محبت ڪندڙ ۽ وفادار دوستن مان هيو، منهنجي ننڍي ڀاءُ مطهر عزيز جي ويجهن دوستن مان هيو، شايان سيني دوستن ڪي گڏ ڪڻڻ وارن دوستن مان هيو، ننڍين ننڍين ڳالهين ڪي برداشت ۽ درگذر ڪرڻ ۽ دوستي ۾ ڏينهون ڏينهن وڌيڪ مظبوطي پيدا ڪرڻ وارين خوبين جو مالڪ هو، شايان سان جڏهن مان، منهنجا ڀائر، بابا، چاچا، وارا مذاق ڪندا هئاسين ته ان جي جواب ۾ مذاق نه پر شايان جي چهري تي مسڪراهٽ هوندي هئي، اسان جي مذاق جو جواب هو ڪل ۽ مسڪراهٽ سان ڏيندو هو ۽ هن جي اها عادت اسان ڪي شايان اجا به وڌيڪ ويجهو ڪندي هئي.

احساسات ۽ جذبات جو جيڪو رشتو هجي ٿو، ان رشتي سان شهيد شايان اسان سان هر وقت گڏ هوندو آهي ۽ گڏ رهندو ايندو، هيئر بہ اهو محسوس پيو ٿئي تہ شايان اسان کي اتساهيندو هوندو ۽ اهوئي چوڻ چاهيندو هوندو تہ:

وڻـــــي هـــــر جـــــنم وربـــــو،
مـتـــــا مهـــــراڻ ۾ ملبـــــو،
خـــــتم ٿـــــي وينـــــدي اونـــــداهہ
چـٽـــــي چانـــــداڻ ۾ ملبـــــو.

# شايان ڳورڙ جو مڪمل تعارف ۽ سياسي سماجي وابستگيون

## ڏٽي بخش ڳورڙ

مــار پــوئي مــوت ، اڻ منــدائتو آئــين،
ڪــرين هـا جـي تـارو ، ڪانـہ پـوئي هـا ڪـوت ،
گهايئي اهڙا گهوٽ ، جنين مند نہ هئي مرڻ جي.

شهيد شايان ڳورڙ تي لکڻ کان اڳ ۾ دل مڃي ئي نہ پئي تہ ڪو شهيد شايان ڳورڙ اسان کان جدا ٿي ويو آهي اسان تہ اڄ بہ هن کي پاڻ سان گڏ محسوس ڪيون ٿا هو اسان جي دلين ۾ هميشہ زنده رهندو ۽ هن جون سياسي ۽ سماجي خدمتون هن کي زنده رکنديون بهرحال دل تي پٿر رکي لکڻ شروع ڪيم سائين علي شير ڳورڙ وارن سان اسان جي وابستگي تمام گهڻي پراڻي ۽ گهري آهي چاڪاڻ تہ اسان هڪ ڳوٺ جا آهيون ۽خاص ڪري هنن جي خاندان سان تمام ويجهڙائي هئي ۽ آهي ۽ الله سائين اسان کي نڀائڻ جي توفيق ڏيندو اسان جڏهن سمجهہ سان ٿياسين تہ اسان پاڻ کي هنن سان گڏ ڏٺوسين چو تہ اسان جي والد صاحب جو چاچي علي اڪبر خان چاچي علي حيدر خان ۽ چاچي نظر علي خان وارن سان ڀائرن جهڙا تعلقات هيا ۽ اسان بہ انهيءَ رشتي کي نڀائڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون ۽ ڪنداسين چو تہ انهن جا ڀائر ۽ پٽ بہ اسان سان گهڻي محبت ڪندا آهن، جيڪي سرائي مظهر علي خان ڳورڙ ( جنهن کي اسان جي برادري ۽ ڳوٺ وارن تازو ڳوٺ سوجهرو خان ڳورڙ جي پڳ ٻڌرائي آهي ) سائين حسين بخش ڳورڙ، سائين علي شير ڳورڙ، علي حسن ڳورڙ، سائين شعبان علي ڳورڙ، سرائي نويد علي خان ڳورڙ، خادم حسين خان ڳورڙ ۽ سئوٽ عبدالقدير جي صورت ۾ مليا آهن، اتي سرائي بخت جمال خان ڳورڙ، سائين

منور علي خان ڳورڙ ۽ مقصود علي خان جو ذڪر ڪرڻ لازمي آهي، ڇاڪاڻ ته هو هن دنيا ۾ نه رهيا آهن، پر اسان جي دلين ۾ سدائين زنده رهندا. بحرحال اهو 14 مئي 2017ع جو بدنصيب ڏينهن هيو جيئن ته اسان جي آدمشماري جي ڊيوٽي هئي مان سرڪل آفيسر هيس ۽ سرڪل وزٽ ڪري اچي گهر ۾ آرام ڪرڻ لاءِ سمهي پيس ته موبائل جي رنگ وڳي فون اٽينڊ ڪيم، دوست ٻڌايو ته سائين جو پٽ شايان علي بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب شهيد ٿي ويو. اهو ٻڌي مان ۽ توصيف احمد جيڪو منهنجو پاڻٽيو آهي، مدينه ڪالوني ۾ پهتاسين ته پوري ڪالوني ۾ روڄ ۽ راڙو هو، هر اک آلي هئي، هر ڪو غم ۾ بيحال هو، آهون ۽ اوڇنگارون هيون ۽ اتي قيامت صغرىٰ منظر هو، جڏهن اوطاق تي پهتاسين ۽ سائين وارا سڀ پائر، سوٽ، رشتيدار، دوست ۽ پاڙي وارا حال ڪان بيحال هيا، مان پنهنجي دلي ڪيفيت بيان ڪرڻ ڪان قاصر آهيان، ۽ جڏهن شام جو جنازي نماز ٿي ته اتي به سخت گرمي هئڻ باوجود ماڻهن جي شرڪت جو ڪاٿو لڳائي نه پيو سگهجي.

شايان نرالي شخصيت جو مالڪ هو، هن جي محبتن جو هڪ الڳ جهان هو، هو پيار جو پيڪر هو، تڏهن ته هيترا سارا ماڻهو ان سان محبت ڪن ٿا. شايان جمندي ڄام هو، هو سياسي، سماجي پنڌ تي ڪڏي به نه ٿڪو، هُو مسلسل جدوجهد جي جهان ۾ هو، سندس حوصلا هماليه وانگر بلند هئا. هن جون ڪوششون ڪارونجهر هيون، هو نهايت محنتي ۽ پيار ڪندڙ انسان هو، ۽ سندس ڇپن تي سدائين مرڪ هوندي هيس، هن جي شهادت تي. پهريون تعزيتي ميڙاڪو دعا هوٽل تي سنڌي اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن ۽ عوامي جمهوري پارٽي پاران ڪرايو ويو، جنهن ۾ جيئي سنڌ محاذ جي مرڪزي اڳواڻ علي نواز ٻٽ، عوامي جمهوري پارٽي جو مرڪزي اڳواڻ صدرالدين پنهور، ايس ايس او(SSO) جو مرڪزي اڳواڻ عادل چانديو، قومي عوامي تحريڪ جو منور علي جتوئي، شهري اتحاد جا اڳواڻ، سول سوسائٽي ۽ برادري جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

ٻيو ميڙاڪو پيپلز پارٽي يوٿ طرفان مير صدام حسين ٻلهڙو جي نگراني ۾ ٿيو، جنهن جي صدارت غلام دستگير خان ڳورڙ

چيئرمين ٽائون ڪاميٽي راڌڻ جنرل سيڪريٽري پاڪستان پيپلز پارٽي ضلع دادو ڪئي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي اڳواڻ رياض احمد ڪوسو، رياض احمد چانڊيو، سنڌي ادبي سنگت جو آزاد انور ڪانڌڙو ۽ پير آف ميهڙ سيد محمد شاهه شرڪت ڪئي، ۽ جڏهن اسٽيج تي ايڊووڪيٽ امجد علي ٻلهڙو آيو ته هن سڄي پنڊال کي روئاري ڇڏيو ۽ ائين محسوس ٿيو ته شهيد شايان علي ٻورڙ تي پر پنهنجي ننڍي ڀاءُ تي ڳالهائي رهيو آهي، ۽ اسان کي اهو يقين ٿيو ته ايڊووڪيٽ امجد علي ٻلهڙو ۽ مير صدام حسين ٻلهڙوجي هوندي وڏڙن واري ڀائپي وڌيڪ مضبوط ۽ سگهاري ٿيندي.

ٽيون تعزيتي ميڙاڪو حق فائونڊيشن طرفان چيئرمين حق فائونڊيشن عبدالشڪور ٻگهيو جي نگراني ۾ گورنمينٽ پرائمري اسڪول دائود مهيسر ميهڙ ۾ ٿيو، جنهن ۾ سنڌي ادبي سنگت گلشن حديد طرفان محمد امين مگسي، حبيب الله ڏيرو (حبيب حضوري) ايڊووڪيٽ ساجد علي ٻورڙ، ايڊووڪيٽ فاروق احمد ٻورڙ شرڪت ڪئي. ان ميڙاڪي ۾ غوث جتوئي جڏهن شهيد شايان ٻورڙ تي ڳالهائڻ شروع ڪيو، ته هر ماڻهو پنهنجي پاسي ۾ ڏسڻ لڳو، ته شايد شايان علي منهنجي پر ۾ ويٺو آهي، ۽ پوري پنڊال تي سڪتو طاري ٿي ويو مان غوث جتوئي صاحب جي حالت ۽ ڪيفيت بيان نٿو ڪري سگهان چاڪاڻ ته انهيءَ ڪيفيت کي بيان ڪرڻ لاءِ مون کي لفظ نٿا ملن آخر ۾ مان اهو چوندس ته شايد شهيد شايان علي ٻورڙ جهڙن ماڻهن لاءِ چيو آهي ته:

اسان جي مئاسين، سفر ۾ اوساتي،
ته ماڻيندا منزل، پنهنجا ڊول ڊاتي.

شايان جهڙا ماڻهو قسمتن سان پيدا ٿيندا آهن. اهڙن ماڻهن جو خال پرجڻ مشڪل نه پر ناممڪن آهي مان پراميد آهيان ته شايان جو مشن ان جا دوست ۽ سچا ساٿي پنهنجي تڪميل تي پهچائيندا ۽ ان جي ٻاريل شمع روشن رکڻ لاءِ پنهنجون سڀ صلاحيتون ۽ خوبيون استعمال ڪندي ان جي خواب کي حقيقت جو روپ ڏيندا.

تم کیا گئے کہ روٹھ گئے دن بہار کے

## اعجاز ڳورڙ

ویسے تو بھی موت کے منتظر رہتے ہیں۔
اچانک تیری جدائی نے سب کو رلا دیا۔
تم کیا گئے کہ روٹھ گئے دن بھار کے۔

هونئن ته زماني ۾ انسان ڏک سک ڏسندو رهي ٿو، ڪن جو اثر گهڙي ڪن رهي ٿو، ۽ ڪي دل ۽ دماغ تي اثر ڇڏي وڃن ٿا، پر بدنصيب گهڙي 14 مئي 2017 جي جنهن ۾ اسان جي شايان جي شهادت جي خبر ملي چوندا آهن ته ذهن جي اسڪرين ڪمپيوٽر ۽ ٻين جديد آلات کان ڪيئي دفعا وڌيڪ تيز آهي، ان ذهن جي اسڪرين تي ياد آيل 21 سال 5 مهينا اڳ سوجهرو ڳورڙ ۾ پنهنجي دوست ۽ عزيز جي پهريني ۽ مويي پٽ شهيد شايان جي ڇٽي جي خوشي ۾ نه رڳو آءٌ پر بابا، امان ۽ سائين محمدڄام چانڊيو فيملي سميت گهرمان نڪرڻ وقت ئي دل ئي دل ۾ خوشيون ڪندا شريڪ ٿياسون، ۽ ڌام ڌوم سان سندس تي نالو عبدالباسط ۽ شايان رکيو ويو، جڏهن ايندڙ وقت به ڪنهن کي خبر هوندي آهي ۽ چوندا آهن ته اميدن تي دنيا جهان هلندو آهي، هر والدين جيان ادا علي شير به پنهنجي فرزند ۾ ڪوڙ ساريون اميدون رکيون هونديون، ٻچڙا ته سڀ ڪنهن کي آهن، ۽ خواهش به سڀ ڪنهن کي هوندي آهي، ته اولاد چڱو نالو ڪمائي ۽ تربيت ۾ به ڪو ڪسر ڪونه ڇڏيندو آهي، پر دنيا جا سڀ ڏاها ۽ انسانن جا ٻار ان ڳالهه تي متفق آهن ته فطرت ۾ سيا جو وڏو عمل دخل آهي.

هونئن ته اسان جي فيملي سوجهرو ڳورڙ ۽ آس پاس جي ڳوٺن تي منهنجي والد محترم سائين الهرکيو ڳورڙ جي محنت جفاڪشي ۽ جدوجهد ، سچائي جي ڪري ڪافي حوالن کان اسان

www.sindhsalamat.com

جي خاندان / پاڙو ڪافي شين ۾ اڳيرو هيو، جنهن جو ويجهڙائي ۾ مثال نٿو ملي، منهنجو بابا سائين جو خاص زور علم حاصل ڪرڻ ۽ ان جي شمع جي جلائڻ تي هيو، ايتري تائين جو چاچا خادم حسين ابڙو ٻڌائيندو آ ته اسان رضاڪارانه حيدرآباد جي پسگردائي جي علائقن ۾ ورهائي ڪنيا هئا ۽ اتي تعليم ۾ ائين مشغول رهياسين جيئن پنهنجي اولاد کي پڙهائبو آهي، ان ئي شخصيت جو اثر ۽ اولڙو فطري اسان جي خاندان جي نوجوان شايان تي پوڻو هو، جو ته انسان رڳي اندروني اثر نه قبوليندو آهي، پر خارجي اثر به قبوليندو آهي، ڪي سڌي طرح ڪي اڻ سڌي طرح ، نوجوان به آئيڊيل ناهيندا آهن، ۽ پوءِ ان منزل طرف پنهنجا رخ رکندا آهن، اسان جو پيارو شايان به متين طرز ۽ ماحول کي نظر ۾ رکي ڪري پنهنجي زندگي ننڍڙي لاڪون اهڙي رستي تي وني ويو جن سبقن پڙهائڻ ۾ سالڪن استادن ۽ فلسفين کي سال ٿيندا آهن، شايان پنهنجي تعليم سان گڏوگڏ هڪ فرض شناس پٽ جيان پيءُ جو پرجهلو به ٿيندو رهندو. هو هڪ سجاڳ ٻار جيان سجاڳي جي رستي تي نه صرف پاڻ هليو، پر هڪ جيڏن کي به سجاڳي جي صلاح ۽ گڏ ڪٽي هلڻ ۾ ڪوشان هيو، پر افسوس موت اٽٽر آهي، پر هڪڙي شهادت ۽ صاف شفاف آئيني جهڙو جيون سيني کي نصيب نه ٿيندو آهي، جهڙو شايان جون ڪافي ساريون خوبصورت يادون اسان سان هميشه گڏ رهنديون ۽ اسان جي دوست ياءُ علي شير جي لاءِ اتساهه ۽ ڏي جو سبب بڻبيون، هو يقينن وڏي دل رکندڙ پيءُ آهي جنهن جي مجتا نه رڳي مان ڪيان ٿو پر هر ماڻهو جي وات ۾ آهي، ۽ هن جي صبر رب جي رضا تي راضي رهڻ ۽ بينو رهڻ هڪ وڏي ڳالهه آ، اسين هن سان توڙي هر وقت هر هنڌ هر محاذ تي گڏ گڏ هوندا آهيون ۽ هڪ ٻئي سان ڏک سک جا ساٿي به آهيون، چوته اسان جو رڳي رت جو رشتو نه آهي، پر شعور ۽ ضمير جو رشتو آهي، جيڪو متي ۽ تمام متي آهي.

شايان اهڙو جيون گذاريو ۽ اهڙي ئي بهادري سان محبت ۽ دليري جو ثبوت ڏيندي موت سان اکيون اکين ۾ ملائيندو هيو، جهڙو صرف اسان ڪن ناولن، فلمن يا دنيا جي موجوده گوريلا ويڙهه ۾ ڪٿي هيري جهڙو وڙهڻ ۽ شهيد ٿيڻ ٻڌندا پڙهندا ۽ ڏسندا

آهيون، حياتي تہ هونئن بہ بي بقا آهي، پر شهادت عظيم موت آهي، هن جي زندگي کي پيٽا ڏجي تہ بہ هڪ باب ٿي سگهي ٿو، پر جيڪڏهن شهادت تي لکجي تہ ڪو پلوڙ سنڌ جو شاعر ڪيڏارو لکي سگهي ٿو، منهنجي پيٽا، شايان لاءِ يا ان جي خاندان لاءِ صرف لفظ يا پنا پرڻ جي ناهي منهنجو روح منهنجي دل اڄ بہ ڏڙڪي ٿي ۽ جيئن ڏڙڪندي گڏوگڏ ڏڙڪندي رهندي، يقينن روح سان رچيل سون لفظن ۾ ساھ وجهڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم.

# جدائي جو جام

## علي اڪبر “عاقب”

ڇا زندگي ۾ ڪو خواب آهي يا بس اسان جي سوچ آهي.

14 مئي ڪان پوءِ مون کي ائين پيو محسوس ٿئي ته ڄڻ مان ڪو خواب پيو ڏسان ۽ اچانڪ منهنجي اک کلي ته مون سان ڪوئي هٿ ڇڏايون پيو وڃي، ۽ پنهنجون اکيون بند پيو ڪري جيڪي مان سوچي به نٿو سگهان ته ائين اچانڪ بند ٿيون، اهي هٿ پيو ڇڏائي جيڪي منهنجو سهارو هيا، اهي چپ هميشه لاءِ خاموش پيا ٿين جيڪي هميشه مسڪرائيندا هئا.

14 مئي مون ڪان منهنجو ساٿي، سهارو، ڏک، سک ۾ هميشه گڏ بيهڻ وارو منهنجو شايان مون ڪان کسيو.

جڏهن ڪان هوش سنڀاليو آهي ته مان ۽ شايان هميشه گڏ هوندا هئاسين. ڏينهن هجي يا رات، اُس هجي يا چانڊوڪي هجي يا گرمي بس ائين ڇئجي اسان هڪ ٻئي جي اهڙي عادت بڻجي ويا هئاسين جيڪا اسان ڪڏهن به ڇڏي نه سگهون ها، ڪم منهنجو هجي يا شايان جو پر ويندا هميشه گڏ هئاسين.

هاڻي جڏهن مان گهران نڪران ٿو ته اڪيلو ئي نڪرندو هان ته متان شايان ٻاهر بيٺو هجي ۽ مان ان جي جڳهه ٻئي ڪنهن کي ڪيئن ڏيان هاڻي به ائين لڳندو آهي ته يا ڪو برو خواب آهي يا شايان شهر ڪان ٻاهر ويل آهي، جيڪو ڪيڏي مهل به اچي سگهي ٿو هاڻي به جڏهن بابا علي شير ڏي ويندو هان ته پڇندو هان شايان ڪاٿي آ؟ اڃا تائين مان پاڻ کي سمجهائي ناهيان سگهيو ته شايان مون ڪان رسي ويو آ، هن اهڙي ڪاوڙ ڪئي آ جو مون سان ڪڏهن نه ڳالهائيندو نه مون ڏي نماڻين اکين سان ڏسندو ۽ نه ئي ان گلاب جهڙن چپن سان مون کي سڏ ڪندو گهر وارن يا بابا وارن کي اسان ۾ ڪو ڪم هوندو هيو ته اسان ٻنهي مان ڪنهن هڪ سان رابطو

ڪندا هيا تہ اِها پڪ هوندي هئن تہ اسان ٻئي گڏ هونداسين.

گڏ هوندا هياسين تہ هي شهر، ڳوٺ، رستا مون کي پنهنجا لڳندا هئا ۽ هاڻي مون کي سڀ اجنبي ٿا لڳن رستا بہ پڇن ٿا تہ ڪاڏي ويو تنهنجو ساٿي شايان تون اڪيلو ڇو آهين.

هاڻي بہ منهنجي گهر وارا، چاچا وارا، بابا علي شير سئوٽن ۽ (چاچي) شايان جي امڙ جو اڪيون مون کان اهوئي پڇنديون آهن.

ڪاڏي ويو شايان توسان گڏ هوندو اڄ تون گهر اڪيلو آيو آهين........... مان نظرون هيٺ ڪري پاڻ کان پڇندو هان تہ ڪاڏي ويو شايان جنهن کان سواءِ مان ٻاهر نہ ويندو هيس ۽ نہ ئي ان کان سواءِ گهر ايندو هيس.. ڇا مون کان ڪا اهڙي غلطي ٿي آهي جو شايان مون سان ڪاوڙجي ويو آهي، اڄ قلم بہ منهنجي هٿن جو ساٿ نٿو ڏئي ۽ ڇوي ٿو تہ جنهن جو نالو سرائي شايان ڪري لکندو هئين اڄ تون ان کي شهيد ٿو لکين پاڙي وارن، مٽن مائٽن، دوستن سان تمام گهڻو پيار ۽ چاهہ رکندڙ انسان هو.

ان سان گڏوگڏ هڪ سٺو شاگرد ۽ سياسي سماجي اڳواڻ بہ هيو، ننڍي عمر ايڏا وڏا ڪم شايد ئي ڪنهن ڪيا هوندا جو هر ماڻهو جي دل ۾ چانيل آهي.

جيڪو چاهيون پيا اهو ٿيو ڪون جنهن جو تصور بہ نہ هيو اهو ڏينهن زندگي ڏيکاري ڇڏيو اهو قيامت کان گهٽ نہ هيو مون تي.

مان جن دوستن کي شايان جي شادي جا ڪارڊ ڏيڻ پيو چاهيان، مان خيرات جي ماني جا ڪارڊ پيو ڏيان.

اهڙو ڏينهن بہ ايندو مان سوچيو بہ نہ هيو.

جدائيءَ جو جام، ڏنائون ڏکيءَ کي،
منگل منهنجي مَنَ ۾ ، ٻاريو هوت حمام،
ارکِ ٿيو آرامُ، ڪاڪُل پسي ڪانڌ جو،
(شاهہ)

جڏهن بہ دوست پاڻ ۾ ويهندا آهيون تہ ڪو ڪو دوست شايان جو نالو ضرور ڪٽندو آهي، ۽ ان کان پوءِ موت مار خاموشي ٿي ويندي آهي، ۽ هاڻي اهو محفل جو مور ۽ راڻو اسان جي وچ ۾ ناهي رهيو هميشہ لاءِ موڪلائي ويو آهي.

www.sindhsalamat.com

شايان هميشہ چوندو هيو تہ خوشنصيب آهي اهو ماڻهو جنهن کي سڀ دوست آلين اکين سان مٽي ماءُ حوالي ڪن.

امر آهي اهو ماڻهو جنهن کي هن دنيا ڇڏڻ جي باوجود بہ هزارين دلين ۾ ياد ڪيو وڃي ٿو ۽ شايان بہ امر آهي، اجا زنده آهي، اسان جي سوچ ۽ ذهن ۾.

اهـــڙا مـــاڻهو مرڻـــا نـــاهن،
ويـــس مٽـــائي ، ورڻـــا آهـــن.

# شهيد شايان هڪ تبديلي پسند اڳواڻ

## ايڊووڪيٽ ساجد علي ڳوربڙ

شهيد منهنجو پائنيو به هو ته منهنجو نظرياتي دوست ۽ ساٿي به هو. اسان جون ڪافي ڪچهريون ٿينديون هيون پر شايان سدائين پُرجوش نظر آيو، ۽ محسوس ٿيندو هيو ته شايان لطيف سائين جون هي سٽون سمجهي ورتيون هيون ته:

سِيوا ڪر سمنڊ جي ، جتي جر وهي ٿوجال،
سوين وهن سير ۾ ماڻڪ موتي لال،
جي ماسو ملئي مال ته پوڄارا پر ٿين.

جنهن جو مطلب ته انسان جو مقصد تمام اُوچو هجڻ کپي جيئن اگر ماڻهو سمنڊ ۾ هيرا ۽ جواهر ڳوليندو ته ٿائيم، محنت ڪرڻي پوندي پر جي اتان ذرو به حاصل ٿيو ته ان جي اهميت تمام وڏي هوندي ۽ ائين ئي شايان جومقصد تمام اوچو ۽ عاليشان هو ۽ ڪو عام رواجي نه هو جيئن اسان وٽ هر ماڻهو عام رواجي ٿئي ٿو، ته بس زندگي گذارڻي آهي، نوڪري ڪرڻي آ گهر هلائڻو آهي، پوءِ آخر ۾ واپس وڃڻو آهي، جن ڪم ڪيو ۽ ان جي ڪري اسين سڀ شايان کي ۽ سندس ڪردار کي ياد ڪري رهيا آهيون ۽ ڪندا رهنداسين ته شايان سنڌ ڌرتي تي جهالت ۽ خراب نظام ۾ تبديلي جي لاءِ عملي جدجهد ڪئي، ان سلسلي ۾ انقلابي شاعريون پڙهي سنڌ جي ماڻهن کي تبديلي جو پيغام ڏيندو رهيو، ان کان علاوه سنڌ ۾ تعليمي ايمرجنسي لاڳو ڪرائڻ لاءِ شايان انقلابي مارچ ۾ ڀرپور حصو ورتو ۽ سنڌ جي ماڻهن کي اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ان کان علاوه شايان ننڍا وڏا تمام گهڻا پروگرام ڪرايا، گهڻن ۾ حصو ورتو ۽ ائين ئي سنڌ ۾ تبديلي جي تحريڪ هلائيندو رهيو ان ڪري ئي مان سمجهان ٿو ته شايان جو هڪ اعلىٰ مقصد هو، ۽ ان مان ڪافي لاپ ٿي مثال طور ڪيترن ٻارن ۾

شاگردن ۾ تبديلي پسند سوچ آئي، تنهڪري چئي سگهجي ٿو ته شايان جو مقصد شاهه صاحب جي شعر جيان هڪ اعليٰ ۽ اوچو مقصد هو ۽ ٿوري عمر ۾ ئي جيڪو حاصل ٿيو ۽ اعليٰ مقصد هئڻ ڪري ٿوري وقت ۾ به گهڻو ڪجهه حاصل ٿيو، جنهن جي تمام وڏي اهميت آهي، ۽ اهڙا ماڻهو دنيا جي تاريخ جي ورقن ۾ عام نه پر خاص لکيا ويندا آهن، ۽ انهن جي ٿوري حاصل ڪيل مقصد جي اهميت تمام وڏي هوندي آهي، شايان سان اڪثر ڪچهريون ٿينديون رهيون، S.S.O جي باري ۾ تمام گهڻو ٻڌائيندو هو، ۽ ائين لڳندو هو ته شايان S.S.O سميت سنڌ ۽ ان جي مظلوم ماروئڙن کي پنهنجو ڪري پيو. جنهن مان لڳندو هو ته شايان هڪ ذميوار ماڻهو هو.

شايان جون ٻيون ته گهڻيون خوبيون پر شايان ۾ مون ڪنهن ٻئي ماڻهو لاءِ ساڙ يا حسد نه ڏٺو ۽ ان مان محسوس ٿيندو هو ته شايان هڪ اهل ماڻهو آهي، ڇاڪاڻ ته اهل ماڻهو اڳتي ضرور نڪري ايندا آهن، پر ٻين سان ساڙ يا ڪين جي ڪوشش سان نه پر پنهنجي گهر وارن جو اثاثو ته هو، پر شايان اسان جي خاندان جو اثاثو هو ۽ ان سان گڏ سموري سنڌ جو به اثاثو هو.

مون سان تمام گهڻي لڳندي هيس، ۽ منهنجي به شايان سان ذهني هم آهنگي هئي. حقيقت ۾ شايان جي وڇوڙي سان اسان جو نقصان ٿيو آهي، ڇاڪاڻ ته شايان جي شروعات ئي اجا هاڻي ٿي هئي جيئن ان جو خواب هو ته مان سنو وڪيل ٿيان وغيره ته هو اجا وڏيڪ نالو ڪمائي ها پر زندگي ڪيس ساٿ نه ڏنو، پر ننڍي عمر ۾ شايان جيڪو ڪم ڪيو، ان موت کي به مات ڏني ۽ شايان زنده رهندو اسان جي يادن ۾، اسان جي جذبن ۾، خيالن ۾ شايان جي مقصد کي اسين سڀ دوست پنهنجي منزل تائين پهچائڻ جي ڪوشش جاري رکنداسين.

# شهيد شايان ڳورڙ جي خاندان جي مختصر تاريخ

## حسين بخش ڳورڙ

سرائي رانجهو خان جونيئر جي وفات 20 جولاءِ 1969ع تي ٿي ان کان پوءِ سندس اڪيلي پٽ سرائي علي نواز خان کي پڳ ٻڌرائي وئي جنهن پهرين مارچ 1975ع تي وفات ڪئي، ان جي وفات کان پوءِ سندس چوٿين نمبر پٽ سرائي بخت جمال عرف سرائي راوت علي خان کي پڳ ٻڌرائي وئي، جيڪو پوليس ڊپارٽمينٽ ۾ ملازم هيو، نوڪري ۾ مصروف هئڻ سبب ڳوٺ ڳورڙ برادري جون ذميواريون اسان جو چاچو سرائي علي حيدرخان سنڀاليندو هيو، ۽ فيصلا وغيره نبيريندو هيو، جيڪو پڻ 15 جنوري 1980ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو ان کان پوءِ سندس وڏو ڀاءُ سرائي علي اڪبر خان ولد سرائي حسين بخش ڳورڙ ڳوٺ ۽ برادري جون ذميواريون سنڀالڻ لڳو، جنهن ۾ ڳوٺ جا مسئلا جنهن ۾ ڳوٺ جي چوڪي، واهن جي ڪاٽي، کوهن جي ڪاٽي ۽ ٻيا سماجي ڪم ۽ فيصلا وغيره ڪندو رهيو، ان دوران اسان جو ماما سائين الهرکيو خان جوڻو اهم ڪردار رهيو ۽ مسئلن ۾ گڏ گڏ هوندا هئا. بابا سائين سرائي علي اڪبر خان کي دل جي تڪليف سبب 2 مئي 1985ع ۾ هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو، ان کان پوءِ ڳوٺ ۽ برادري جون ذميواريون اسان جي سؤٽ سرائي منور علي خان سنڀالڻ شروع ڪيون، جيڪو پڻ پرائمري استاد هيو ۽ پنهنجون ذميواريون تمام سٺي نموني سرانجام ڏنيون، هن ۾ برادري جي ماڻهن سان سٺا رويا ننديي، وڏي جي عزت ڪرڻ ۽ سڀني کي گڏ ڪٺي هلڻ جون صلاحيتون موجود هيون، ڪنهن ۾ ڪو فرق نه ڪيائين ۽ سندس وفات 13 آگسٽ 2016ع تي ٿي. جنهن کان پوءِ سندس وڏي ڀاءُ سرائي مظهر علي خان کي 26 مارچ 2017ع تي پڳ ٻڌرائي وئي، جيڪو وڏي پئماني تي تاريخي پروگرام ٿيو، جنهن ۾ پنهنجي ڳورڙ برادري سميت ٻين قبيلن جي سردارن ۽ چڱن مڙسن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، سرائي حسين بخش ولد سرائي علي بخش خان جي ٻئي نمبر پٽ کي چار پٽ چار نياڻين جو اولاد هيو.

www.sindhsalamat.com

# ذهين ڀاءُ

## طاهر شعبان ڳوري

ڪرڪٽا لاهي، سڪ نہ ستا ڪڏهن،
اوسيئڙو آهي ، ڪاهوڙين کي پنڌ جو.

ڀائو شهيد شايان علي ڳوري جي ڦوهہ جواني ۾ اوچتي وڇوڙي اسان جي جيءُ کي جهوري وڌو آهي، ڀائو شايان اسان سان ڀائرن وانگر پيش ايندو هو، ۽ وڏن سان ادب سان پيش ايندو هو، ۽ ننڍن سان بہ پيار، محبت سان پيش ايندو هو، ڀائو شايان هڪ سٺو انسان ۽ ذهين هوندو هو ۽ هڪ بهترين شاگرد اڳواڻ هو، ڀائو شايان جتي بہ سياسي سماجي پروگرام ٿيندا هئا تہ اسان کي پاڻ گڏ وٺي هلندو هيو، ڀائو جڏهن بہ اسٽيج تي ڪمپئرنگ لاءِ چڙهندو هيو تہ شينهن جي گجگوڙ وانگر ۽ زوردار آواز سان شعر پڙهندو هو تہ پنڊال ۾ ماڻهو تاڙين کان سواءِ رهي نہ سگهندا هئا. جڏهن ڀائو آخر ۾ اسٽيج تان لهندو هو تہ ماڻهو اسان کان پڇندا هئا تہ هي ڪير آهي؟ تہ اسان سڀ وڏي فخر سان چوندا هياسين تہ هي اسان جو وڏو ڀاءُ شايان ڳوري آهي.

سنڌ جو غريب عوام تعليم جي زيور کان محروم رهيو آهي، ان جي ڪري عوامي جمهوري پارٽي ان جو نوٽيس وٺندي، سڄي سنڌ ۾ پيادل لانگ مارچ تعليمي جاڳرتا لاءِ اعلان ڪيو، جنهن ۾ ڀائو شايان ان جدوجهد ۾ حصو ورتو اهو قافلو نصير آباد کان نڪرندي ڀائو شايان ڪمپئرنگ ڪندي پنهنجي ڳوٺ سوجهرو ڳوري ۾ پهتا جتي ڳوٺ جو چڱو مڙس سرائي چاچا منور علي خان ڳوري ۽ سندس ڀاءُ سرائي چاچا مظهر علي خان ڳوري جي اوطاق

تي رهائش پذير ٿيا، جتي سڄي قافلي جي پاءُ شايان ۽ چاچا علي شير ميزباني ۽ خدمتون ڪيون ۽ رات جو اڳواڻن سان ڪچهريون ڪيون، ڳوٺ سوجهرو ڳورڙ جو چڱو مڙس ۽ ڳوٺ بهاول خان ڳورڙ جو چڱو مڙس پنهنجن برادرين سميت پاءُ شايان سان گڏ هئا ۽ سڄي قافلي ڪي رهائش ۽ ماني ۽ بسترن جو بندوست ڪيائين رات جو سڄي قافلي آرام ڪيو ۽ صبح جو ڳوٺ سوجهرو ڳورڙ مان 8 بجي نڪتا مرڪزي اڳواڻ حسين بخش ناريجو، پائو شايان، علي شير ڳورڙ جي اڳواڻي ۾ قافلو روانو ٿيو، برادري اسٽاپ تي چاچو علي شير ڳورڙ، پائو شايان، محترم منظور مهيسر، محترم احمدخان چانديو ماني جو بندوبست ڪيو، سياسي، سماجي ۽ سول سوسائٽي جي ماڻهن وڏي انگ ۾ استقبال ڪيو ۽ اڳواڻن تي گلن جي ورڪا ڪئي، وري پيرين پنڌ قافلو روانو ٿيو، پائو شايان سڄي قافلي سان رستي ۾ ڪمپئرنگ ڪندي جذباتي نعرا هڻائيندي سيني ماڻهن ڪي جوش ۽ جذبي سان جهومائي ڇڏيو ۽ هر اسٽاپ تي سندن آجيان ڪئي وئي، گلن جي ورڪا ڪئي، اهڙي طرح سڄي سنڌ ۾ پيادل لانگ مارچ هلندو رهيو، جنهن جي نتيجي ۾ حڪومت نوٽيس وٺندي تعليم لاءِ ايمرجنسي لاڳو ڪري ڇڏي ۽ بايو ميٽرڪ سسٽم متعارف ڪرائي گهوسٽ استادن ڪي ريگيولر بڻائڻ بند پيل اسڪولن ڪي سختي سان ڪولرائڻ جو بندوبست ڪيو، شهيد شايان ڪي سنڌ جي هر مسئلي تي چاهي ايڪتا جو ڏينهن هجي، ۽ واپڊا لوڊشيڊنگ خلاف ۽ هر اشو تي پنهنجو آواز اٿاريو، هر سال ثقافتي ڏينهن ملهائيندو هو ته مدينه ڪالوني مان موٽر سائيڪلن جي ريلي ڪڍندو هو ۽ انهن جي اڳواٽي پائو شايان ڪندو هو ۽ 2010 ۾ ايڪتا جي حوالي سان A.J.P جي پليٽ فارم تان ڪميونٽي سينٽر ميهڙ ۾ پروگرام منعقد ڪرايو، جنهن ۾ A.J.P اڳواڻن محترم ڪرم حسين وساڻ، محترم حسين بخش ناريجو، محترم آزاد انور ڪانڌڙو، محترم پرفيسر منظور حسين چچڙو، محترم منظور مهيسر، محترم احمد خان چانديو، محترم چاچا علي شير ڳورڙ ۽ شهر جي اديبن دانشورن، شاعرن، استادن، سگهڙن ۽ ميهڙ جي باشعور عوام وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ۽ ان پروگرام ۾ پائو شايان ڪمپيئرنگ ڪئي ثقافتي پروگرام شاندار رهيو ۽ راڳ

رنگ ٽيبلوز خاڪا ۽ قومي گيتن تي ننڍڙن ٻارن توڙي وڏن زبردست رقص ڪري پنڊال کي جهومائي ڇڏيو.

خلائـــن مـــان مـــون ڪـــي نـــہ آواز ڏي،
اجـــا هـــن دنيـــا ۾ رهـــڻ ٿـــو گهـــران،
اي مـــوت منهنجـــو آ مقصـــد عظـــيم،
مـان انسـانيت لاءِ ڪجهہ ڪـرڻ ٿـو گهـران.

# راڻي رڻ ڪيو، جيڏيون منهنجي جيءَ سين

## شاهه پسند ڳورڙ

ڏينهن آچر موڪل جو هيو، معمول مطابق مان ان ڏينهن ٿورو دير سان اٿيس، موڪل ڏينهن اسان دوست گڏجي ڪو گهمڻ يا ڪچهري جو پروگرام ڪندا آهيون. ان ڏينهن بہ اسان وٽ ڪجھ دوست آيل هئا ۽ ڏاڍو خوشگوار موڊ ۾ ڪچهري ۽ وڏا ٽهڪ پئي ڏناسين، ايتري ۾ منهنجي گهر جي نمبر تان فون آئي، روئڻ جو بہ آواز آيو Network نہ هجڻ ڪري آواز صحيح سمجھ ۾ نہ آيو تہ پريشاني ٿي. ڪمري مان ٻاهر نڪري آيس ۽ ٻيهر ڪال ملائي، جنهن ۾ جنيد سان ڳالھ ٿي. جنيد روئيندي ٻڌايو تہ شايان بابا علي شير کي بجلي جو ڪرنٽ لڳو آهي، پر شايان تمام گهڻو سيرئيس آهي، خبر ٻڌندي ئي جسم مان ست ڇڏائي ويو ۽ سوچ ختم ٿي وئي، زمين پيرن جو ساٿ ڇڏي ڏنو، قدم وڌائيندي بہ ائين پئي لڳو، جيئن زمين گول گهمي رهي آهي، ايتري ۾ دوستن پريشاني ڏسي، مون سان مخاطب ٿيا ۽ پڇندا رهيا تہ ڇا ٿيو آهي، خير تہ آهي، منهنجي زبان جيئن بند ٿي وئي هئي، روئڻ کان سواءِ ڪو لفظ نہ پئي نڪتو، آخر انهن سان مون ڳالھ ڪئي، تہ منهنجي ننڍڙي ڀاءُ کي بجلي جو ڪرنٽ لڳو آهي، ايتري ۾ جنيد جي وري ڪال آئي تہ شايان بابا علي شير کي بچائيندي شهيد ٿي ويو آهي، پوءِ تہ ڇرين وانگر ڳالهائڻ ڪجھ چاهيان ۽ نڪري ڪجھ ٻيو پئي ويو، ايتري دير ۾ منهنجي دوستن گاڏي گهرائي جنهن تي مون سان گڏجي بس اسٽاپ تي ڇڏڻ لاءِ هليا ۽ سيٽ بڪ ڪرائي بس ۾ ويهاري واپس موٽي ويا. Time 4:30 p.m تي راولپنڊي کان روانو ٿيس. نہ ڪٽڻ جهڙا ڏکيا وڏا پنڌ پوري رستي ۾ آءُ شايان جي ياد ان جون ڳالهيون، ان جون ڪچهريون ۽ اڄڻ واري موت جي باري ۾ سوچيندو رهيس زارو زار روئندو رهيس، ٻئي ڏينهن صبح جو 10:45 تي لاڙڪاڻي ۾ لٿس، معمول مطابق لاڙڪاڻي کان ميهڙ جو

رستو هڪ ڪلاڪ جو آهي، پر ان ڏينهن مون کي اهو هڪ ڪلاڪ ورهين جو پئي محسوس ٿيو. اچي ميهڙ پهتاسين، ائين پئي لڳو جيئن ڪنهن ٻئي شهر ۾ اچي پهتو آهيان، پنهنجو شهر پنهنجو ڪونہ پئي لڳو، ۽ شايان شايان ڪندي گهر پهتس، بدنصيبي جو آخري ديدار بہ پنهنجي دلبر جو نصيب نہ ٿيو. شايان جو مطلب وڏي شان وارو آهي، منهنجي ننڍڙي ياءُ کي الله پاڪ ايڏوئي شانءِ مانَ وارو بنايو هو، وڏي سوچ ۽ سمجهہ نندي ۽ وڏي جي سڃاڻ، عزت ۽ احترام سان ڳالهائڻ مائٽن جي قدر رشتن جي سڃاڻ چاچن، مامن، سئوٽن، ماروٽن ۽ ننڍڙن وڏڙن ٻارڙن سان ان جو تمام گهڻو لڳاءُ ۽ پيار هيو، شايان دوستن جو دوست ۽ يارن جو يار هو، خود اعتمادي، وڏن سگهڙن وانگر ڳالهائڻ ڪچهري ڪندي ماڻهن کي پاڻ ڏانهن مائل ڪرڻ، مني ٻولي ڳالهائڻ ائين سيني کي مطمئن ڪري ڇڏيندو هو، جو وڏا وڏا ماڻهو حيرت ۾ اچي ويندا هئا. شايان جون ڳالهيون لکندي لکندي ڪيترائي ڏينهن لڳي وڃن، ڪيترائي پنا ۽ بوڪ پرجي وڃن پوءِ بہ نہ گهٽجڻ واريون آهن، شايان جڏهن مون کي ياءُ ڪري سڏيندو هو، تڏهن منهنجي جان ۾ جان اچي ويندي هئي، ۽ سڀ ڳالهيون ڇڏي پهرين ان جي ڳالهہ ٻڌندو هئس، شايان منهنجو ماروٽ ۽ ڀڳات بہ هو، پر ان کان وڌيڪ منهنجو رشتو ان سان دوستي وارو هو، منهنجي دل جي جيڪي بہ ڳالهہ هوندي هئي، مان شايان سان شيئر ڪندو هئس، شايان عمر ۾ مون کان ننڍو ضرور هو، پر جيڪا بہ ڳالهہ ۽ ڪو مسئلو هوندو هو، آءٌ شايان کان مشورو ضرور وٺندو هيس، ۽ شايان بہ وڏن ماڻهن وانگر وڏي سوچ رکي ڪري سنو مشورو ڏيندو هيو، حال ۽ مستقبل سان هلندي تمام بهترين طريقي سان مطمئن ڪندو هو، شايان سان گذريل وقت منهنجي زندگيءَ جو مثالي وقت آهي، مون کي ياد آهي، تہ جنهن ٽائيم منهنجي شادي ٿي رهي هئي، ان وقت مون سان گڏ منهنجو ننڍڙو ياءُ هر ڳالهہ ۾ ائين صلاح ۽ مشورو ڏيندو هو، جيئن وڏو ياءُ ننڍي ياءُ کي سمجهائيندو آهي، منهنجي شاديءَ جي تيارين ۾ ۽ مون کي سينگارڻ ۾ تمام گهڻو خوش ٿيو هو.

شايان تمام گهڻو خوش مزاج هو، هن جي ڪوشش هوندي هئي تہ هميشہ مسڪرائيندو رهجي ۽ ٻين کي خوش رکجي، شايان

وڏي دل وارو انسان هو، جيڪا ڳالهه به سچي هوندي هئي سا منهن تي چئي ڏيندو هو، ۽ سچي ماڻهوءَ جون اُهي نشانيون آهن.

راڻي رڻ ڪيو، جيڏيون منهنجي جيءَ.سين،
مـــن مينـــدري وڍيـــو، ڏبـــي ڏڙپيـــو،
ٻجهـان، ٻهـر ويـو، هنئـون هنڌ نـه هيڪـڙي.
شاهه

# شهيد شايان تنهنجي جدوجهد کي سلام

## ساگر حسن ڳورڙ

موت زندگي جي اها حقيقت آهي، جنهن کان ڪير بہ انڪاري نہ آهي، پر اسان جي پياري سئوٽ شهيد شايان شير جي اوچتي وڇوڙي اسان جو جيءُ جهوري وڌو آهي.

ڪلهوڪو ڏينهن آهي، جو هو اسان سان گڏ هو ۽ اڄ اهو ڏينهن آهي، جو هو اسان کان هميشہ جي لاءِ جدا ٿي ويو آهي. فقط ان جون يادون اسان وٽ موجود آهن، سندس ماٺيني طبيعت مان ائين محسوس ٿيندو رهيو تہ سندس ذهن ۾ بيشمار سوچون ۽ سيني ۾ الاهي محبتون موجود آهن، هو هڪ سنو انسان هيو، ائين چئجي تہ وفائن جو نمونو هو.

شهيد شايان نہ صرف ذهين بلڪ بهترين انسان سان گڏوگڏ هڪ سچو شاگرد اڳواڻ بہ هيو، پاڻ سدائين وڏن سان ادب ۽ ننڍن سان پيار سان پيش ايندو هو.

شهيد شايان شير تعليم جي شعبي ۾ تمام ذهين ۽ هوشيار هوندو هو، شهيد شايان وٽ هر ڪتاب هوندو هو. چاهي سفرنامو هجي، چاهي ناول هجي، چاهي شاعري وغيره هجي.

هو اڪثر ڪري اڪيلائي ۾ استاد بخاري جي شاعري جا ڪتاب پڙهندو هو، هن پاڻ کي سياسي ميدان ۾ بہ پاڻ مجرايو، هميشہ تعليم جي جاگرتا ريلي ۾ شريڪ ٿيندو. هو تقريبن ڏهن يا نون سالن جي عمر ۾ ننڍن ٻارن جي اڳواڻي ڪئي، پاڻ جڏهن جوان ٿيو تہ هن عوامي جمهوري پارٽي (A.J.P) جوائن ڪئي.

ڪجھ سالن بعد ۾ هن هم خيال دوستن سان گڏجي (S.S.O) “سنڌي اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن” جو بنياد وڌو پاڻ (A.J.P) پاران نڪتل تعليمي جاگرتا ريلي سکر کان حيدرآباد تائين ۾ شرڪت ڪئي ۽ ان جي اڳواڻي بہ ڪئي.

شايان (S.S.O) ۽ (A.J.P) ۾ مرڪزي جنرل سيڪريٽري ۽ خزانچي بہ رهيو. جڏهن علي قاضي صاحب ايڪتا ڏي ملهائڻ جو اعلان ڪيو تہ شايان هر سال ميهڙ ۾ (A.J.P) طرفان موٽرسائيڪلن جي اڳواڻي ڪندو هو. شهيد شايان مختلف پروگرامن ۾ اسان ڪي گڏ وٺي هلندو هو، ۽ اسان ڪي چوندو تہ توهان بہ تقريرن ۾ حصو وٺو ۽ سنا سماجي ڪارڪن ٿيو، شايان ڪمپئرنگ ۾ پنهنجو پاڻ مجرايو، سندس آواز ۾ ايڏو رعب ۽ مناس هوندو جو جڏهن بہ اسٽيج تي چڙهندو هو ۽ ڪمپئرنگ شروع ڪندو هو تہ سڄو پنڊال تاڙين جي آواز سان گونجندو هو.

شايان اسان کان جسماني طور تي تہ جدا ٿي ويو آهي، پر سندس يادون اڄ بہ اسان جي سيني ۾ موجود آهن، ان جون ڪاوشون ان جي تعليم لاءِ جاکوڙ ۽ ان جي 21 سالن جي زندگي ۾ ڪيل جدوجهد اسان ڪي ياد رهندي، شهيد شايان اسان ٻارن لاءِ هڪ رول ماڊل آهي، ايتري ننڍي عمر ۾ ڪيل جدوجهد هڪ عظيم ڪارنامو آهي، ۽ اسين وچن ٿا ڪريون تہ سندس ٻاريل مشعل ڪي ڪڏهن بہ وسامجڻ نہ ڏينداسين.

الله سائين پنهنجي ڏنل شيءِ واپس ورتي، بس اسان ڪي رب جي رضا ۾ راضي رهڻو آهي.

وڏا وس ڪيا مون، وڃڻ وارا ويا هليا،
جدائي جو ڏئي ڏک، گڏ رهڻ وارا ويا هليا.

# مهان ماڻهو

**علي حسن ڳورڙ**

شايان وٽ هڪڙو مقصد هيو، هڪڙي منزل هئي، عملي جدوجهد هئي، رعبدار نعرا هڻائڻ واري لغت کان اتم هيو.

هن کي صرف آئينده جا مقصد حاصل ڪرڻ جو اونو هيو، جيئن ته مافيہ هر دؤر ۾ رنگ ڍنگ بدلائي پئي، حق سلب ڪيا آهن، جن جي خلاف وڏي اورچائي ۽ سورهيائي، سان جدوجهد هلندڙ آهي، شهيد شايان ٻہ اهڙن ڪردارن ۾ سورمن مان هڪ ارڏو اڳواڻ هيو.

آءُ صرف ايترو چوندس تہ مبارڪ آهن، اهي وڪون جيڪي انهي واٽ تي هليون، مقدس هئي اها دل جنهن پنهنجو فرض نڀايو فرض سمجهي، جيتوڻيڪ شهيد شايان اجا مس مس جواني موڙي سجاڳ ٿي هئي، جنهن هر جڳهہ محبت جو مچ مچائي ڇڏيو.

دلين جي داغدار دنيا کي صاف ڪري ڇڏيو، اهو ئي مهان هيو، اهوئي شهيد شايان هيو.

# صحافيءَ جي ڊائري

## فاروق پنگوار ملير ڪراچي

14 مئي اسان لاءِ اياڳو ۽ بد قسمت ڏينهن هو. پنهنجي دوستن ايڊووڪيٽ فاروق ڳورڙ ۽ صداقت ڳورڙ وارن سان گڏ گلشن معمار جي هوٽل تي ويناهئاسين تہ فاروق صاحب ڏانهن جون آئي ۽ ٿوري دير سان فاروق زاروقطار روئڻ لڳو ۽ اسين حيران ۽ پريشان ٿي وياسين. سائين کان پڇيو تہ سر خير تہ آهي جنهن تي چيائين تہ ادا ظلم ٿي ويو اسان جو ڪنڌار ياءُ شايان ڳورڙ شهيد ٿي ويو. اها منحوس خبر ٻڌي اسان جي پيرن هينان جڻ تہ زمين ڪسڪي وئي اها خبر اسان مٿان وڄ ٿي ڪڙڪي جنهن اسان جا هوش حواس ساڙي پسم ڪري ڇڏيا ۽ هن جي يادگيرن جا بند نيڻن مان ٽٽي پيا اسانجي حوصلن لڙڪڻ شروع ڪيو آڪاش چواٽي تہ:

بنـــد اکـــڙين جـــا بنـــد پچنـــدا رهيـــا
يـــادگيرين جـــا ســـيلاب اينـــدا رهيـــا
چنـڊ چتـرون کيـون دل جـي تنهـائيءَ تـي
هـــن آکـــاش جـــي اڪيلائـــيءَ تـــي
طنـــز ســـاڻ تـــارا تڪينـــدا رهيـــا
يـــادگيرين جـــا ســـيلاب اينـــدا رهيـــا.

سائين علي شير ۽ فاروق صاحب جي فيملي جو هي ارڏو، ارٻنگ ۽ سرڪش پٽ ايترو جلدي ۾ اسان کان پرواز ڪري ڏور غفائن ۾ هليو ويو. شايان جنهن جي خوابن جو مرڪز سنڌ،سنڌي ماڻهو ۽ روءِ زمين جا محڪوم ۽ مظلوم ماڻهو هئا هن سنڌ جي آجپي ۽ خوشحالي جا سندر سپنا اٽياهيا. هن ۾ هيمونءَ جي همت ۽ هوش محمد شيدي وارو حوصلو هو. چيگويريا اسٽائيل ڏاڙهيءَ واري هن نوجوان جي مون جڏهن ڊائريءَ ۾ ڇيءَ جو هي قول پڙهيو تہ “موت جتي بہ آيو اسين سندس مرڪندي آجيان ڪنداسين”

چي گويريا ۾ دنيا جا ٻيا غريب پرور ۽ مظلوم جا حامي ۽ پرجهلا اڳواڻ هن جا آئيڊيل هئا ۽ انهن کي پنهنجو رول ماڊل سمجهندا هئا شايان مئڪسم گورڪي، ميخائيل شولو خوف، آنهه ڊڪ، يانگمُو جي ناولن ۾ ڪهاڻين جو هڪ انقلابي ڪردار هو. شايان ڳورڙ عوامي تحريڪ جي اسڪول اُف ٿاٽ جو شاگرد هو. ستن سالن جي ٻالڪپڻي ۾ ئي هن جي سنڌ سان جند جڙي

سنڌ سان اهڙي جند جڙي
جو ٻيا سڀ نعرا وسري ويا

شايان کي ٻين پارٽين يعني اقتداري پارٽين جي ماڻهن ۽ انهن جماعتن ۾ ويٺل سنڌس عزيزن ۽ دوستن خوب لالچايو ته شايان اوهان هوشيار،ذهين ۽ قابل قومي ڪارڪن آهيو انائونسمينٽ جا ٻه بادشاه آهيو اچو ڪنهن وڏيري، پوتار يا سردار جي پاسي اهي اوهان کي ٽيڪائي ڇڏيندا پوءِ وري ان کي مثال ڏيندا هئا ته ڏس تنهنجي والد جو فلاڻو فلاڻو دوست اقيداري پارٽين جو انائونسر آهي انهن ڪيڏو مال ڪمايو آهي. پر شايان شهيد ڪو معمولي ماڻهو ته نه هو جو انهن لالچن ۽ ڳالهين ۾ اچي پنهنجن آدرشن تان هٿ ڪڍي ۽ هو انهن کي سر عام چوندو رهيو ته:

ايءَ نه مارن ريت، جون سيسڻ مٽائين سون تي
اچي عمر ڪوٽ ۾، ڪنديس ڪا نه ڪريت
پکن جي پريت ماڙيئين مون نه مٽيان.

هن ۾ لطيف جي سورمن واريون خوبيون هيون 22 سالن جي مختصر عمر ۾ هن اهڙا ڪم ڪيا جو هتي 80 سال وارن ٻه شايد نه ڪيا هجن سجاڳ ٻار تحريڪ، ايس ايس ٽي، عوامي تحريڪ کان عوامي جمهوري پارٽي يا شاگردن جي سنڌ گير تنظيم ناهڻ ۾ ٻه هن جو بنيادي ڪم ۽ ڪردار هو. عورتن جي حقن ۽ انهن کي سجاڳ ڪرڻ جي حوالي سان ٻه هن جو عملي ڪم ڪيو هو رسول بخش پليجو جر گهر واري ادي زاهده شيخ، مريم پليجو، ادي نظير قريشي صاحبه واريون ٻه شهيد جي ڪوٽ ۾ دعوت تي سنڌس گهر آيون هيون جنهن ۾ هن پنهنجي فيملي سميت 200 کان وڌيڪ سنڌياڻيون گڏ ڪري ڪانفرس ڪرائي هئي.

اهڙي قومي ڪردار ۽ اسان جي سورمي شايان شهيد جو

تعزيتي ميڙاڪو ڪوٺائڻ ملير پريس ڪلب ۾ مون لاءِ فخر ۽ اعزاز جي ڳالهه آهي.

جوڳيءَ تي جڙاءُ نسورو ئي نينهن جو،
پتنگ جيئن پيدا ٿيو، سامي سج وڙاءُ
آيو ڪاڪ تڙاءُ ڪنوارن ڪڪوريو.
شاه

# هڪ روشن شمع اجهامي وئي

## سراج احمد ايس ايس راڏڻ

سرنهن جي ڦولار ساوڪ سان سرجيل ميهڙ تعلقي جي ڪشمير وادي روشنين جي ڳوٺڙي يعني سوجهرو ڳورڙ ۾ محبت ۽ پيار، امُن ۽ سِڪ جا سنيها ڏيندڙ قلم سان نئين نسل کي حق، سچ جي واٽ ڏيکاريندڙ سائين علي شير ڳورڙ جن جي گهرڙي ۾ پريت جي پل ۾ امن جي شمع روشن ٿئي ٿي يعني عبدالباسط جو جنم هڪ سنڌ ماتا امڙ جي جهولي ۾ مرڪون مک تي سچائي، ويڳاڙن هيسا پل جهرن تي شانتي ۽ چاهه جا چٽ چٽي ٿو 01-01-1996ع جي دلربا گهڙي هئي جنهن گهڙي هڪ روشني جي ڪرن سائين علي شير ڳورڙ جي گهر نمودار ٿئي ٿي جا هڪ روشن شمع بڻجي هر وادي روشن ڪري ٿي پوءِ چاهي پرائمري اسڪول هجي يا هاءِ اسڪول اتي باسط جي روشني اڳ ڪان اڳري ان ڪان وڌ يونيورسٽي چو نه هجي. باسط سنڌ ڌرتي جي حقن ۽ شاگردن لاءِ شايان جي روپ ۾ جيئي سنڌ تحريڪ،عوامي تحريڪ، سجاڳ بار تحريڪ:-

سنڌ سجاڳ تحريڪ ۽ ٻين سياسي سماجي پليٽ فارمن تي آزادي امن جو جهندو ڪٽي شايان جي روپ سان آزادي سفر ڏانهن نڪري پيو هر ظالم سان مهاڏو اٽڪائڻ لاءِ پنهنجي سفر جي شروعات ڪئي ۽ نروار ٿيو.

هر ميدان پليٽ فارم تي اول چيف هوندو هو ھي هر ميدان ۾ هوشو ڪاتي هيمو ڪٽ دودي جيان ڌرتي جي حقن لاءِ پاڻ پتوڙيو چاڪاڻ تي سنڌ جي جنون ۾ ڪم ڪري هن چيو ته،

"مرسون مرسون سنڌ نه ڏيسون"

هن سنڌ لاءِ آخر گهڙي تائين جنگ جوٽي اها گهڙي هڪ پل جي نه پر صدين جي گهڙي هئي جا قيامت بڻجي هن گهر تي ڪِري

هن تي هيرو شيما غم جيان ڪيترن ئي دلين جو خون ڪيو.

سا 14-05-2017ع جي گهڙي هئي هُون تي شعبان اسلامي مهينو امامن جي لاءِ خوشين جو مهينو آ پر هن گهر لاءِ محرم مهينو ٿي نِسريو. جن هٿن تي ميندي جا رنگ لڳڻ سي ميندي بنا پينرن جي ڳانن ٻڌڻ جي حسرت سڪٽي ميندي جا ارمان لوڙهي ماءُ جي لبن تي سِهرن جي جاءِ تي روح راڙا ڏيئي پيءُ جي حيات کي رکي تاحيات پاڻ ظالم بجلي جي وڪڙ ۾ اچي پيءُ کي سورن جو جنڊ پيهڻ لاءِ ابدي ننڊ ۾ هليو ويندو آ جا امن جي شمع روشن هوندي آ سا سورن جي جهوٽن ۾ اجهامي ويندي هميشه لاءِ اهو ڪنهن سوچيو به نه هو ڪڏهن.

بچڙا اس ادا سي ڪي رت هي بدل گئي
اڪ شخص ساري شهر کو ويران ڪر گيا.

# عوامي جمهوري پارٽي پاران شايع ٿيل رسالي “نئون ويساهہ” ۾ شايان جي شايع ٿيل رپورٽ

ميھڙ تعلقي ۾ عوامي جمهوري پارٽي، عوامي جمهوري ڪائونسل ۽ سنڌي اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن پاران جيڪي بہ سرگرميون، پروگرام ۽ مظاهرا ڪيا ويا آهن. انهن جو مختصر جائزو ۽ رپورٽ پيش ڪجي ٿي.

ميھڙ ۾ عوامي جمهوري ڪائونسل جڙڻ کان بہ اڳ دوستن جون مختلف فورمن جي پليٽ فارم تان سرگرميون جاري هيون، ميھڙ جي دوستن پاران نوجوان دانشور احمد مشتاق کان ليڪچر پرگرام ڪرايو ويو، جنهن ۾ محترم نورنبي راهوجو سميت شهر جي نوجوانن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. 12-12-210 تي عوامي جمهوري پارٽي پاران ميھڙ جي ڪميونٽي سينٽر ۾ ايڪتا ڏينهن ملهايو ويو، جنهن ۾ سوين شهرين شرڪت ڪئي، پروگرام ۾ حسين بخش ناريجو سائين ڪرم حسين وساڻ، سائين منظور چڄڙو ۽ ٻين خطاب ڪيو. پرگرام ۾ قومي گيتن تي ٽيبلوز پيش ڪيا ويا.

16-7-2010 تي A.J.P جي مرڪزي اڳواڻن محترم ابرار قاضي، محترم وشنومل ميھڙ ترڙي محبت جو دورو ڪيو. ميھڙ شهر ۾ ڪارڪنن سان گڏجاڻي ۽ ترڙي محبت جو دورو ڪيو. ميھڙ شهر ۾ ڪارڪنن سان گڏجاڻي ۽ ترڙي محبت ۾ سنڌ جو آئيندو؟ جي موضوع تي ليڪچر پروگرام ٿيو جنهن ۾ ڊاڪٽر آزاد منگي، منظور مهيسر، قادر چانڊيو، وشنومل خطاب ڪيو ۽ ابرار قاضي صاحب موضوع تي ليڪچر ڏنو.

3-4-2010 تي شاگردن جو قومي ڏهاڙو ملهايو ويو. جنهن ۾ مشتاق راڄپر، حريف خان چانڊيو ۽ نورنبي راهوجو پڻ خطاب ڪيو.

25-11-2010 تي ميھڙ ۾ ليڪچر پروگرام ڪيو ويو، جنهن ۾ مشتاق راڄپر، حريف خان چانڊيو ۽ نورنبي راهوجو شريڪ ٿيا.

www.sindhsalamat.com

19-1-2011 تي A.J.P ميھڙ پاران A.J.P جي دوست ساجد ڳورڙ کي لنڊن مان قانون جي ڊگري وٺڻ تي پروقار آجياڻو ڏنو ويو، جنھن ۾ ايڊووڪيٽ سيد لال شاھ، منظور مھيسر، سائين علي شير ڳورڙ ۽ ٻين خطاب ڪيو.

5-2-2011 تي ميھڙ ھاءِ اسڪول (1) ۾ A.J.P ضلع دادو جو ڪنوينشن ۽ ھاري اڳواڻ ڪامريڊ غلام رسول عرف ٻگن چانڊيو جي ورسي ملھائي علي احمد لغاري، سائين سراج سيال، مختيار عباسي ۽ ٻين خطاب ڪيو.

7-6-2011 تي SSO ميھڙ پاران ڪيڊٽ ڪاليجن ۾ انٽري ٽيسٽ ۾ پاس ٿيل شاگردن صبور ٻگھيو، سمير جھتيال ۽ ٻين جي مانءَ ۾ پر وقار آجياڻو ڏنو ويو، جنھن ۾ خان چانڊيو، نورنبي راھوجو، پائو درمحمد ٻرڙو ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

18-11-2010 تي نوجوان دانشور احمد مشتاق جو سنڌ جا مسئلا ۽ ان جو حل جي موضوع تي ليڪچر ڪرايو ويو. جنھن ۾ نوجوانن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي.

19-10-2011 تي مرڪزي اڳواڻ حريف خان چانڊيو، نورنبي راھوجو ميھڙ جو دور ڪيو ۽ تنظيمي معاملن تي غور ويچار ڪيو ويو.

23-10-2011 تي SSO ميھڙ پاران ٽرڙي مان ڌاڙيلن ھٿان اغوا ڪيل شاگردن جي بازيابي لاءِ شايان ڳورڙ صداقت ڳورڙ ۽ عرفان ڪوسو جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو.

12-4-2011 تي SSO ميھڙ پاران شايان ڳورڙ صداقت حسن پرٽ عرفان ڪوسو جي اڳواڻي ۾ آدمشماري دوران انگن ۾ ھيراڦيري خلاف مظاھرو ڪيو ويو.

28-11-2010 تي SSO پاران اسڪولي ٻارن جي ايڪتا جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي وئي.

1-1-2011 تي SSO تي مرڪزي صدر خان چانڊئي ميھڙ تعلقي جو تنظيمي دورو ڪيو، جنھن ۾ ميھڙ سٽي، ٻيٺو، عاقل سولنگي، سوجھرو ڳورڙ ۾ شاگردن جي گڏجاڻين ۽ آجياڻن کي خطاب ڪيو. ۽ ڳوٺ عاقل سولنگي ۾ پرائمري اسڪول کولڻ جو اعلان ڪيو ۽ SSO اڳواڻن جي ڪوشش سان ڳوٺ ۾ ھڪ اسڪول کوليو ويو آھي. جنھن ۾150 ٻار تعليم پرائي رھيا آھن.

www.sindhsalamat.com

SSO تعلقہ ميھڙ جي باڊي
صدر: صداقت ڳورڙ
ج س: عمران چانڊيو
جوائنٽ س: عادل چانڊيو
ن صدر: ايم حسين پرٽ
خزانچي: عاقب ڳورڙ
پريس س: ڪاشف سھول
SSO سوجھرو ڳورڙ يونٽ
صدر: مجيب الرحمان ڳورڙ
ن صدر: ايم عثمان
ج س: غلام رسول ڳورڙ
خزانچي: شايان ڳورڙ

4-10-2011 تي ميڊيا فورم پاران ثقافتي جلوس ۾ SSO.AJP پاران منظور مھيسر، علي شير ڳورڙ، شايان، سجاد ڍھر، ماجد پنھور، صداقت ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پارٽي جھنڊن سان ڀرپور شرڪت ڪئي وئي.

4-10-2011 تي شام جو AJP جسقم STP پاران گڏيل ثقافتي شو ڪرايو ويو، جنھن ۾ سمورن پارٽين جي مرڪزي اڳواڻن شرڪت ڪئي، AJP جي پاران ڀائو درمحمد ٻرڙو خطاب ڪيو، ان موقعي تي ٽيبلوز ۽ صوفياڻو راڳ جي محفل بہ منعقد ٿي، پروگرام ۾ SSO.AJP جي ڀرپور شرڪت رھي.

AJP ميھڙ جي باڊي
صدر: منظور مھيسر
ج س:عبدالصمد ٻگھيو
خزانچي: ماجد پنھور
پريس س: سجاد ڍھر

سال 2010 ۽ 2011 ۾ A.J.C - S.S.O - A.J.P پاران ڪيل پروگرام ۽ سرگرميون

4-3-2010 ميھڙ ۾ AJP طرفان 4 مارچ جو ڏينھن ملھايو ويو. نورنبي، ڀائو در محمد ۽ ٻين جي شرڪت.

16-7-2010 محترم ابرار قاضي ۽ ڪامريڊ وشنومل جوميھڙ ۾

ڪارڪنن کي خطاب ۽ ترڙي ۾ ليڪچر پروگرام ٿيو.

18-11-2010 ميهڙ ۾ حريف خان چانڊيو، نورنبي راهوجو ۽ مشتاق احمد جو ليڪچر.

1-12-2010 تي AJP ميهڙ پاران ايڪتا ڪلچرل پروگرام حسين بخش ناريجو، ڪرم حسين وساڻ، پروفيسر، منظور چچڙو ۽ ٻين جي شرڪت.

19-1-2011 AJP پاران عباس هوٽل ۾ ساجد ڳورڙ کي آجياڻو ايڊووڪيٽ لال شاهه ۽ ٻين جي شرڪت.

5-2-2011 AJP ضلع دادو ڪنوينشن ۽ ڪامريڊ غلام رسول عرف بگن چانڊيو جي ورسي، مهمان ابرار قاضي، سائين خادم حسين ٽالپر، سائين سراج ،غوث جتوئي ، علي احمد لغاري، مختيار عباسي ۽ ٻين جي شرڪت.

8-6-2010 تي SSO پاران عبدالصبور ٻگهيو ۽ ٻين کي پروقار آجياڻو.

29-10-2011 نورنبي راهوجو، حريف خان چانڊيو جو تنظيمي دورو.

4-11-2011 SSO.AJP پاران جسقم STP سان گڏجي ملهايل ثقافتي شو.

5-11-2011 SSO.AJP پاران ايڪتا ريلي ۾ سائيڪل موٽر ريلي جي صورت ۾ شرڪت.

1-10-2011 تي SSO جي مرڪزي صدر جو ميهڙ جو دورو، ميهڙ سٽي، ٻينو، عاقل سولنگي ۾ گڏجاڻيون ۽ آجياڻا.

*(ويساهه رسالي جي پيج نمبر 21 تان ورتل)*

www.sindhsalamat.com

# شهيد شايان جي ياد ۾ ٿيل تعزيتي ميڙاڪاٺ تقريرون

# SSO جي مرڪزي اڳواڻ شهيد شايان ڳورڙ جي ياد ۾ ٿيل تعزيتي ميڙاڪي جو اکين ڏٺو احوال

آچر 21 مئي 2017ع

## رپورٽ: بصير احمد ڳورڙ

اهـــڙا مـــاڻهو، مرڻـــا نـــاهن
ويـــس متـــائي، ورڻـــا آهـــن

14 مئي 2017 سنڌ ۾ خاص طو تي عوامي جمهوري پارٽي ۽ سنڌي اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن SSO لاءِ "بليڪ ڊي" ۽ اياڳو ڏينهن، جنهن ڏهاڙي اسان جو بهادر ۽ سورهيه ساٿي AJP ۽ SSO جو باني ڪارڪن ۽ اڳواڻ ساٿي عبدالباسط شايان ڳورڙ پنهنجي والد محترم ۽ پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ سائين محترم علي شير ڳورڙ جي جان بچائيندي 21 سال 5 مهينن جي ڦو ھ جواني ۾ شهادت ماڻي تاريخ جي ورقن ۾ امر بڻجي ويو، ضلع دادو ۽ ميهڙ جي دوستن شهيد شايان ڳورڙ کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ سندس ياد ۾ SSO ۽ AJP طرفان ميهڙ جي دعا ريسٽورنٽ ۾ تعزيتي ميڙاڪي جو اهتمام ڪيو، مئي 2017ع تي ٺيڪ 9:30 بجي جڏهن AJP ضلع دادو جي سيڪريٽري اقرار چانڊيي لطيف سائين جي رزميه شاعري سان ميڙاڪي جي پروگرام جي شروعات ڪئي، اسٽيج تي AJP جي مرڪزي رهنما سائين ڪامريڊ صدرالدين پنهور AJP قمبر شهدادڪوٽ جي رهنما ايم آر ڊي تحريڪ جي اسير ڪامريڊ محمد صلاح چانڊيو، SSO جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري عادل چانڊيو، سينيئر صحافي ۽ AJP اڳواڻ منظور مهيسر، جيئي سنڌ محاذ جي اڳواڻ علي نواز ٻٽ، قومي عوامي تحريڪ جي منور جتوئي، صحافي رياض چانڊيو، سماج سڌارڪ عبدالشڪور ٻگهيو کي

اسٽيج تي ويهاريو ويو، پروگرام ۾ شهيد جي چاچي سينيئر استاد ۽ تعليمي ماهر سائين حسين بخش ڳورڙ صاحب تلاوت ڪلام پاڪ سان ڪئي، شهيد شايان ڪي پيٽا لاءِ احمدخان ڪي سڏيو ويو، جنهن چيو ته "شهيد شايان جي جدوجهد نوجوانن لاءِ مشعل راهه ڪي آهي، هو نوجوانن لاءِ رول ماڊل هو". قومي عوامي تحريڪ جي منور جتوئي چيو ته "شايان جو اوچتو وڇوڙو شاگرد سياست ۽ قومي تحريڪ جو وڏو نقصان آهي". ڪامريڊ محمد صلاح چيو ته "شايان جي جدوجهد تي اسان سموري پارٽي کي فخر آهي، اسان کيس سرخ سلام پيش ڪيون ٿا.

سينيئر صحافي رياض چانڊيو، حق فائونڊيشن جي چيئرمين شڪور ٻگهيو چيوته "شهيد شايان سنڌ جي لکيل پڙهيل ۽ نظرياتي ڪارڪنن لاءِ وڏو سرمايو هو، هن جي جدوجهد تي قوم کي فخر رهندو". جيئي سنڌ محاذ جي اڳواڻ ۽ سائين جي ايم سيد جي ويجهي ساٿي علي نواز ٻٽ چيو ته "شايان جو وڇوڙو منهنجو پنهنجو نقصان آهي، نوجوانن کي گهرجي ته شايان جي جدوجهد مشعل راهه بڻائين ، SSO جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري عادل چانڊيي چيو ته "شهيد شايان مون کي SSO جو ميمبر بڻايو ۽ پوءِ اسان گڏجي شاگردن جي حقن لاءِ آواز بلند ڪيو. AJP جي مرڪزي رهنما ڪامريڊ صدرالدين پنهور چيو ته "شايان SSO جو نهايت سنجيده بردبار بهادر ۽ اڻ موٽ اڳواڻ هو، هن ننڍي ڄمار ۾ زبردست ڪم ڪيا آهن، جيڪي وطن ۽ ڌرتي جي بهبودءَ ڀلائي وارا هئا. شايان جي جدوجهد تي اسان ۽ پارٽي کي هميشه فخر رهندو، تعزيتي ميڙاڪي کي صدام ٻلهڙو، بصير ڳورڙ، مشرف ڳورڙ صداقت ساگر ۽ عاقب ڳورڙ پڻ خطاب ڪيو.

آخر ۾ اظهارالحق صديقي شهيد شايان کي نظرانه عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ پنهنجي شاعري ترنم ۾ ٻڌائي سڄي پنڊال کي روئاري ڇڏيو.

## سائين علي شير ٻگهيو ڳورڙجي فرزند ارجمند ۽ SSO جي مرڪزي اڳواڻ شهيد شايان علي ڳورڙجي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪي جو اکين ڏٺو احوال

27 جون 2017ع

**رپورٽ: اوشاق احمد ڪانڌڙو**

14 مئي 2017ع سنڌ ۾ خاص طورتي حق فائونڊيشن ۾ ٻين سماجي تنظيمن جي لاءِ هڪ ڏکوئيندڙ ڏينهن آهي، هن ڏينهن تي اسان جو بهادر ساٿي حق فائونڊيشن جو ميمبر ۽ AJP ۽ SSO جو باني ڪارڪن ۽ اڳواڻ ساٿي عبدالباسط شهيد شايان ڳورڙ پنهنجي والد محترم علي شير ڳورڙ جي جان بچائيندي 21 سال 5 مهينن جي ڀرپور جوانيءَ ۾ شهادت ماڻي تاريخ جي ورقن ۾ امر بڻجي ويو، ضلع دادو ۾ ميهڙ جي دوستن شهيد شايان علي شير ڳورڙ کي ڀيٽا پيش ڪرڻ جي لاءِ سندس ياد ۾ حق فائونڊيشن طرفان ميهڙ شهر جي دائود مهيسر پرائمري اسڪول جي گرائونڊ تي تعزيتي ميڙاڪي جو اهتمام ڪيو، 27 جون 2017ع تي شام جو 7:30 بجه حق فائونڊيشن جي چيئرمين عبدالشڪور ٻگهيو لطيف سائين جي شاعريءَ سان پروگرام جي شروعات ڪئي.

اسٽيج تي مهمان خاص ليکڪ، شاعر ۽ سنڌي ادبي سنگت شاخ گلشن حديد جي سيڪريٽري سائين محمد امين مگسي صاحب، محمد يوسف پنهور صاحب هاءِ ڪورٽ، خان پنهور دادو، سينيئر استاد حبيب حضوري، عوامي جمهوري پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ غوث بخش جتوئي، الشفيق ويلفيئر اسيوسيشن جي صدر شفيق احمد صاحب، ايوان صحافت جي صدر سينيئر صحافي آزاد انور ڪانڌڙو صاحب، يوسي گاهي مهيسر جي ڪائونسلر ايڊووڪيٽ عبدالحليم ٻگهيو صاحب، ايڊووڪيٽ ذوالفقار علي ڪوسو صاحب، ايڊووڪيٽ فاروق احمد ڳورڙ صاحب، سينيئر صحافي رياض احمد

چانڊيو صاحب، شاعر محبوب علي ڏيپر صاحب، هاري ڪاميٽي جي اڳواڻ سڪندر علي سوڍر صاحب کي اسٽيج تي ويهاريو ويو.

پروگرام جي شروعات محترم سائين حبيب حضوري تلاوت ڪلام پاڪ سان ڪئي، مهمانن کي آجياڻو سپيريئر لاڪاليج لاهور جي شاگرد عبدالصبور ٻگهيو ڏنو، شهيد شايان ٻورڙ کي پيٽا پيش ڪرڻ جي لاءِ عذير عابد ڪلهوڙو کي سڏيو ويو، جنهن چيو ته "شهيد شايان علي شير ٻورڙ اسان نوجوانن لاءِ مشعل راهه هيو، ۽ اسين نوجوان تعليم ۽ خدمت خلق تي يقين رکندڙ تنظيمن کي ترقي ڏيارڻ لاءِ ڀرپور نموني سان پنهنجو ڪردار ادا ڪنداسين.

عوامي جمهوري پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ غوث بخش جتوئي ميڙاڪي کي شهيد جون محنتون ۽ جفاڪشيون ٻڌائي روئاري ڇڏيو.

ڪڪول واهه آبادگار جدوجهد ڪاميٽي جي اڳواڻ سڪندر سوڍر چيو ته حق فائونڊيشن جي ساٿي بهادر نوجوان شهيد جي جدوجهد تي هن قوم کي فخر آهي.

ان موقعي تي شاعرن محبوب علي ڏيپر، سنياسي چانڊيو، منظور مولائي ڪوسو، احمد ٻگهيو، وفا اشفاق مگسي ۽ ٻين شاعري ٻڌائي ۽ اظهارالحق صديقي ترنم ۾ شاعري ٻڌائي سڄي ماحول کي سوڳوار ڪري ڇڏيو، ميڙاڪي کي خطاب ڪندي سينيئر صحافي رياض احمد چانڊيئي چيو" ته اسان کي اجان تائين يقين نه پيو اچي اهڙو جو شيلو جوان، سنڌ جو هڏ ڏوڪي، همدرد اسان کان جدا ٿي ويو آهي، اهڙي ڏک جي گهڙي ۾ سائين علي شير ٻورڙ سان اسين سيئي گڏ آهيون ۽ ڪوشش ڪنداسين ته اهڙا نوجوان پيدا ڪري سگهون جيڪي سنڌ جي خدمت ڪندا رهندا.

محترم احمد خان چانڊيو ميڙاڪي کي خطاب ڪندي چيو ته "شهيد شايان ٻورڙ اسان جو ساٿي هيو، اسين شهيد شايان کي ڪڏهن به وساري نه ٿا سگهون، ۽ اسين سنڌ جي نوجوانن مان اميدون رکون ٿا ته هو شهيد جي خواب کي پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا، اسان جو ساٿ سهڪار رهندو"

سينيئر صحافي ايوان صحافت جي صدر آزاد انور ڪانڌڙو ميڙاڪي کي خطاب ڪندي چيو ته "شهيد شايان ٻورڙ ۾ ڪارڪن

www.sindhsalamat.com

۽ اڳواڻ وارا اهي سڀ گڏ موجود هئا، ۽ زندگي جيڪڏهن هن جو ساٿ ڏئي ها تہ هو سنڌ جي تمام وڏي خدمت ڪري ها، شهيد جي محنت تي اسان کي فخر آهي. سائين حبيب حضوري ۽ عابد حسين ڪلهوڙي مقالا پيش ڪري شهيد شايان ڳورڙ جي ياد تازه ڪري ڇڏي، ايڊووڪيٽ عبدالحليم ٻگهيو ايڊووڪيٽ ذوالفقار علي ڪوکر صاحب، ايڊووڪيٽ فاروق احمد ڳورڙ صاحب، ايڊووڪيٽ ساجد علي ڳورڙ صاحب، sso جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري عادل چانڊيو، منصور علي ٻگهيو، پ پ يوٿ ونگ جو جنرل سيڪريٽري صدام حسين ٻلهڙو، بصير ڳورڙ پڻ خطاب ڪيو. آخري خطاب مهمان خاص سنڌي ادبي سنگت شاخ گلشن حديد جي سيڪريٽري سائين محمد امين مگسي صاحب، چيو تہ اهڙا پروگرام ڪرڻ محنت ڪش نوجوانن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ بهترين عمل آهي آءُ حق فائونڊيشن کي جس ٿو ڏيان جيڪا سماجي تنظيم پنهنجي شهيد ٿيل ساٿين کي بہ نہ ٿي وساري، يقينن شهيد زنده آهن، شهيد شايان جون يادون هن جا ڪيل ڪم ۽ هو پاڻ اسان سان گڏ آهي.

شهيد شايان علي شير ڳورڙ نہ صرف حق فائونڊيشن جو ساٿي هيو بلڪ هو گهڻ رخي شخصيت پڻ هيو.

شهيد شايان جي محنت، ڪم، سوچ اسان جي نسل جي لاءِ مشعل راهہ آهن ۽ اسين اهڙن نوجوانن سان گڏ آهيون.

آخر ۾ چيئرمين حق فائونڊيشن پروگرام ۾ آيل سيني دوستن جا ٿورا مڃيا.

# حق فائونڊيشن پاران ڪرايل تعزيتي ميڙاڪو
# شهيد شايان ڪي ڀيٽا

## غوث جتوئي جي ڪيل تقرير

اڄوڪو هي پروگرام جيڪو تعزيتي پروگرام آهي، ميهڙ جي سرزمين جيڪا شعور سان سرسبز آهي، هر عيد تي اسان جي مختلف تنظيمن جي طرفان ڪونہ ڪو پروگرام ٿيندو رهندو آهي اهائي، سڄاڻپ آهي تہ ميهڙ ۾ ميهڙ جي ماڻهن ۾ ميهڙ جي دوستن ۾ هڪ شعور آهي، هڪ جاڳرتا آهي، هڪ ٻڌي آهي ۽ ان جو ثبوت اهو آهي تہ هر دفعي اسان پنهنجي خوشين جي ٽائيم تي گڏ ٿيندا آهيون اڄوڪو جيڪو ڏينهن خوشي جو ۽ عيد جو ڏينهن آهي اڄ ان عيد جي ڏينهن تي حق فائونڊيشن جي سٿ جي طرفان اسان ان پنهنجي ساٿي دوست پنهنجو ننڍڙو ان جي اوچتي وڇوڙي تي الڳ ٽيڻ تي اڄوڪي عيد واري ڏينهن تي اسان ان کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيا آهيون، هتي جيڪو تعزيتي ميڙاڪو ڪيو آهي، مان حق فائونڊيشن جي سڄي سٿ کي سلام ڪيان ٿو انهن بهترين ڪم ڪيو آهي، اسٽيج تي ويٺل اسان جو استاد محمد امين مگسي صاحب عوامي جمهوري پارٽي جو مرڪزي نائب صدر، ايڊووڪيٽ لياقت ملڪ صاحب، سائين حبيب حضوري صاحب، سائين ذوالفقار ڪوکر صاحب، سائين محبوب ڏيپر صاحب، وڪيل ساجد ٻورڙ صاحب، وڪيل فاروق احمد ٻورڙ صاحب ۽ ٻيا دوست ۽ هيٺ ويٺل سائين علي شير ٻورڙ، احمد خان چانڊيو، منظور مهيسر ٻيا جيڪي بہ دوست ويٺا آهن سائين روشن علي ٻگهيو صاحب، پائو يوسف پنهور صاحب، خان پنهور صاحب، اعجاز ٻورڙ ۽ سڀ اسان هتي گڏ ٿيا آهيون ڪو مقصد آهي، ڪا ڳالھ آهي، جنهن جي ڪري اسان گڏ ٿيا آهيون مان اهو چوان ٿو تہ اسان جنهن ماڻهو کي ياد ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيا آهيون منهنجي نظر ۾ منهنجي خيال ۾ تہ ٿوروئي ٽائيم ٿيو

www.sindhsalamat.com

آهي ته مان ان کي الڳ ٿو سمجهان تصور به ائين نٿا ڪري سگهون ته هو اسان کان الڳ ٿي ويو آ. شهيد شايان کي اسان ان کي ائين به نٿا چئي سگهون ته هو وفات ڪري ويو آ. پر منهنجي ذهن ۾ منهنجي خيال ۾ منهنجي سوچ ۾ هو هن مهل به زنده آهي، اسان جي وچ ۾ هن ميڙاڪي ۾ اسان سان گڏ وينو آهي، ڇو ته عيدن تي يا ڪي ٻيا پروگرام ڪندا هئاسين ته شايان ائين ئي اسٽيج سنڀاليندو هو ائين ئي اچي اناؤسمينٽ ڪندو هو، ائين ئي شعر پڙهندو هيو، ائين اسان جي پروگرامن جون اڳواٽيون ڪندو هيو، جئين هڪ وڏو ليڊر ڪندو آهي، اسان جي سٽ ۾ هوندو هيو سرگرم هوندو ان جي سرگرمي ان جو ايترو باشعور ٿيڻ ان جو ننڍي لاءِ ڪا وني ننڍڙي عمر ۾ هڪڙو وڏي اسٽيج تي اچڻ ۽ منهنجي خيال ۾ سنڌ جا جيڪي سنا سنا اناؤنسر آهن، اهو اناؤنسر ٿيڻ ان ۾ هو اوچتو نه ٿيو پر اسان سمورن دوستن روشن ٻگهيو صاحب، سائين علي شير ٻورڙ، احمدخان چانڊيو، اسان جو اعجاز ٻورڙ انهن اهو سوچيو هو ته اسان جيڪو ڪردار ادا ڪيون ٿا ذرو پُرزو يا گهٽيون ڪوشِشون ڪيون ٿا ته هن سماج کي سڌارڻ لاءِ اسان پنهنجي علائقي کي سڌارڻ جي لاءِ اسان سنڌ ۾ جيڪا جهالت آ ان کي ختم ڪرڻ لاءِ ٿورو يا گهڻو ڪردار ادا ڪريون ٿا. اسان ته ڪريون ٿا پر اسان کان پوءِ چاهوندو (؟) ته ان کي اسان برقرار رکڻ لاءِ ان سلسلي کي جاري رکڻ لاءِ اسان پلاننگ ڪئي ته اسان پنهنجي گهر ۾ پنهنجي نوجوانن کي پنهنجي اولاد کي تيار ڪيون ۽ انهن کي اها تربيت ڏيون ته اڳتي هلي اسان واري جيڪا گيپ آ اها گيپ نه رهي، اهو تسلسل جاري رهي اسان سمورا دوست ڳالهائي ويناسين تعريف ته ڪري ويناسين، پر شايان ٻورڙ جو ڏک سائين علي شير کي هوندو اهو مان تصور به نٿو ڪري سگهان ته ان کي ڪيترو ڏک آهي ان جي اولاد اڳي ان جي سڄي زندگي پڳل هڏ جيان چيندي رهندي ۽ هو اهو سوچيندو رهندو ڇو ته هر انسان هڪ جانور پاليندو آهي، هڪڙو پکي پالي ٿو ۽ ان جي وڇڙڻ تي به ڏک ٿيندو آهي، پنهنجو هڪ جگر آهي، اوچتو ئي اوچتو هليو ويو اوچتو موڪلائي ويو ۽ اهو اولاد جنهن کي اسان شعور ڏنو سون پيار ڪيو سون هي اڳتي هلي اسان جي سنڌ جو وڏو ليڊر

ٿيندو اهو ليڊر رات اسان کان هليو ويو پر ان ڏک جي جڏهن مون کي اها خبر پئي ته شايان اسان کان جدا ٿي ويو آ اسان لاءِ هڪڙو چئلينج هيو ته سائين علي شير کي اسان کهڙي آڌت ڏيئي سگهنداسين ته کهڙي نموني سان ان کي سمجهائي سگهنداسين ته سائين توهان دلجاءِ ڪريو شايان ويو هليو ته اسان ان کي ڪيئن آٿت ڏيئي سگهنداسين، اهو اسان لاءِ چئلينج هو پر پوءِ به اسان اهو چئلينج قبول ڪري رکو اسان نه پر ميهڙ جي ماڻهن ميهڙ جي دوستن سمورن جيڪي سائين علي شير جا ساٿي آهن، استاد سڀ انهن سان گڏ اهو وچن ڪيوسين سائين علي شير جي اولاد هيو پر اسان جو به اولاد هيو، اسان جو پاءُ اسان جو ننڍڙو هيو مون کي ياد آ جڏهن اسان دوست عوامي تحريڪ کان الڳ ٿيا هئاسين ته الڳ ٿيل ،مايوس ٿيل دوستن کي گڏ ڪري جڏهن جدوجهد هلائي هئي ته انهن کي گڏ ڪري هڪ تنظيم ناهي ان ۾ شاگرد سياست جي تنظيم ۽ شاگردن جي ضرورت هئي . 2011ع ۾ اسان پنهنجا دوست پنهنجي اولاد کي گڏ ڪري شايان کي چيوسين توکي سنڌ جو وڏو ليڊر ٿيڻو آهي، توکي اڳتي اچڻو آ، چيائين ته چاچا اسان توهان سان گڏ آهيون توهان جيڪو حڪم ڪندئو مان توهان سان گڏ هوندس. پوءِ پهريون پيرو اسان پارٽي ناهي ، عوامي جمهوري پارٽي جي شاگرد ونگ ايس.ايس.او جو ان کي مرڪزي جنرل سيڪريٽري چونڊيوسين، هن سڄي سنڌ ۾ هڪ جهاد ڪيو چوته هن دؤر جو جهاد ته سمورا جهاد پنهنجي جڳهه تي هر جدوجهد پنهنجي جڳهه تي هڪڙو چوندا آهن ته عظيم جهاد اهو آهو آ ته اسان جي سنڌ جي تعليم کي بچائڻ لاءِ جيڪا جدوجهد آ، اها سنڌ جي حقن لاءِ سنڌ جي بقا لاءِ هڪ عظيم جهاد آهي، ان جهاد ۾ سکر کان لاڙڪاڻي ويندي حيدرآباد، ميرپورخاص، ڪراچي تائين شايان اسان سان ان جدوجهد ۾ گڏ هيو پيادل هيو، مارچ ڪيائين، احتجاجن ۾ گڏ هيو، شارٽ مارچ ۾ گڏ هيو، سيمينارن ۾ اسان سان هر هنڌ گڏ هيو، اسان هر وقت هر هنڌ گڏ هيو، ان اهو احساس نه ڏياريو ته اڃا ننڍو آهيان پر هو اسان سان دوست بڻجي هڪڙو بهادر بڻجي باشعور بڻجي هن اسان سان جدوجهد ڪئي ۽ آخر وقت تائين جڏهن به اسان کي ڪا ضرورت پوندي هئي ميهڙ ۾ ڪا ميٽنگ ڪرڻي پوندي هئي، يا

www.sindhsalamat.com

ڪو سيمينار ڪرڻو پوندو هو ته اسان ٽيليفون سائين علي شير کي ڪرڻ بجاءِ شايان کي ڪندا هئاسين ته شايان چاچا ڏي احوال هي ڪم ٽيندو؟ چوندو هيو ٿي ويندو چاچا معنىٰ نه ٽيڻ جي ڳالھ هن جي شعور ۾ ئي نه هئي ذهن ۾ نه هئي چاچا ٿي ويندو ڪو مسئلو ئي ناهي ڪري ويندا سين ۽ ڪري ويندو هيو، اهڙا نوجوان اهڙا باشعور ساٿي وري ملندا آهن ته اهو هڪ باشعور نوجوان آخري وقت ۾ جڏهن ته نوجوانن جي دؤر ۾ ائين آ ته جڏهن پيءُ ماءُ پوڙها ٿين ٿا انهن سان جيڪا ويڌن ٿئي ٿي، جيڪو اولاد انهن سان ڪري ٿو پر هي اها اولاد هئي جو جڏهن پيءُ کي بچائي ، وڃڻو سائين علي شير کي هيو پر هڪڙي جنگ ڪري پنهنجي پيءُ کي بچائي ۽ پنهنجي زندگي ڏني، مان اهو  سمجهان ٿو ته جيڪڏهن پلي اسان مذهبي طورتي قومي طور تي ڪنهن ڳالھ ۾ ڪنهن ماڻهو کي لقب ڏيندا آهيون پر منهنجي نظر ۾ اهو آ ته شايان واقعي شهيد آهي، اصلي شهيد اهو آ جو هن پنهنجي پيءُ کي بچايو ۽ ان جو پيءُ اهو آهي جيڪو استاد آهي، استاد معنىٰ تعليم ڏئي معنىٰ سنڌ ۾ شعور پيدا ڪري معنىٰ سنڌ جي شعور کي بچائڻ جي لاءِ هن پنهنجي جان قربان ڪئي، هن پنهنجي زندگي ڏئي ڇڏي ۽ هن پنهنجي سنڌ جي شعور کي بچائي ورتو ته تنهن جي ڪري واقعي شايان شهيد آهي ۽ سچو پچو شهيد آهي، آءٌ ان کي  سلام پيش ڪريان ٿو ۽ ان جي جدوجهد کي اسان رڳو هي ان جي تعريف ۾ ڳالهيون نٿا ڪيون جو اسان جو پنهنجو ٻچو هو اسان جو ننڍڙو ڀاءُ هو ۽ اسان جو دوست هيو . هن سنڌ جي قومي حقن لاءِ جدوجهد ڪئي، جنگ ڪئي، ويڙھ ڪئي ۽ اڳين صفن ۾ ويڙھ ڪئي توهان آزاد انور ڪانڌڙي صاحب کان  پڇا ڪيو ته جڏهن ڪلچرل ڊي ٿيندا هيا ته شايان اڳيان اڳيان هوندو هو ته اڳيان اڳيان نعرا هڻندو هو، پنهنجي ڪلچر کي بچائڻ جي لاءِ پنهنجي تعليم کي بچائڻ جي لاءِ ته پنهنجي شعور کي بچائي ٿو پنهنجي ڌرتي کي بچائڻ لاءِ جدوجهد ڪري ٿو ته اهواسان جو رهنما آهي، اسان جو اڳواڻ آهي، اسان جو رهبر آهي، ۽ شايان واقعي ئي اسان جو اڳواڻ هو، اسان جو ليڊر رهيو، جيڪو اسان کان وڇڙي ويو آ، پر منهنجي نظر ۾ اسان سڀ پاڻ گڏ ٿيون ٿا سائين محمد امين جهڙو ماڻهو ٻيا دوست محبوب ڏيپر جهڙو ماڻهو

پوئتي ويهي جڏهن ان کي ياد ڪيون ٿا سڀ ماڻهو ياد ڪنداسون سنڌ جي ميهڙ جي ڪريم آ، جڏهن ان کي ياد ڪيون ٿا ته اسان ان کي (فِيل) محسوس ڪيون ٿا ته سائين علي شير شايان زنده آ، شايان زنده آهي، شايان اسان جي دلين ۾ آهي، اسان جي شعور ۾ آهي، اسان جي ذهن ۾ آهي، شايان زنده رهندو ۽ ان جي ڳالهه زنده رهندي ۽ تون اڪيلو نه آهين، اسان سڀ تنهنجا يائر آهيون، اسان جي اولاد تنهنجي اولاد آ، تو دل نه هارجان تون ائين نه چئجان اسان شايان کي ائين پيٽا ڏيون ٿا ته شايان اسان جو آهي، تنهنجي دل ۾ به رهندو ۽ سنڌ جي تاريخ ۾ شايان جو ڪردار برقرار رهندو ۽ مان وري به سمورن دوستن کي اڄ جيڪو حق فائونڊيشن جيڪو پروگرام ڪيو آ، هن ڪان اڳ ۾ SSO ۽ AJP پروگرام دعا هوٽل تي ڪيو ان ڪان پوءِ سنڌ پيپلزيوٿ ونگ طرفان به شاندار تعزيتي ميڙاڪا ڪيا ويا يعني هي ٽيون وڏو تعزيتي ميڙاڪو آهي، اها نشاني آهي ته شايان جو مانَ مرتبو هيو، ان کي اسان پيٽا ڏيون ٿا، ان کي مانَ مرتبو ڏيون ٿا، اها اسان سنڌ جي ميهڙ جي ماڻهن جي شعور جي نشاني آهي مان وري به سمورن دوستن جو شڪرگذار آهيان شايان کي ياد ڪيو، توهان سنڌ جي تعليم کي ياد ڪيو ۽ شايان جو جيڪو پيغام آهي، ان کي گهر گهر پهچايو سنڌ جا اسڪول کولرايو سنڌ جي تعليم بحال ڪرايو سنڌ جو امن بحال ڪرايو، اسان سمجهندا سون ته اسان شايان کي شايان جيڪو شعور آ جيڪا ڳالهه هئي، ان کي جاري رکنداسين مان اهي لفظ چئي پنهنجي جڳهه وننڊس وري به حق فائونڊيشن جي سٿ کي ساراهيان ٿو شايان لاءِ پروگرام ڪيو آهي، ۽ اميد ٿا ڪريون ته اهڙا سمورا ماڻهو جيڪي سنڌ جي شعور لاءِ سنڌ جي جدوجهد لاءِ سنڌ جي سجاڳي لاءِ ويڙهه ڪن ٿا. انهن کي اسان ياد ڪنداسين ۽ حق فائونڊيشن پنهنجو اهو ڪردار ادا ڪندي رهندي. مهرباني

www.sindhsalamat.com

# پيپلزپارٽي يوٿ ونگ پاران شهيد شايان جي ياد ۾ ڪرايل تعزيتي ميڙاڪي ۾ ڪيل تقرير

(28 مئي 2017ع آچر)

## غلام دستگير ٻورڙ

(پ پ پ جنرل سڪريٽري ضلع دادو)

اسان جي اسٽيج تي ويٺل سيد محمد شاهه سرائي مظهر علي خان صاحب، آزاد انور ڪانڌڙو صاحب، رياض چانڊيو صاحب، منهنجا سائين جيئن ته هي جيڪو پروگرام آهي، اهو هڪ نوجوان شايان ٻورڙ جي شايد شايان شان نه هجي، مگر ايترو مان ضرور چوندس ۽ جس ڏيندس صدام کي ته هن هڪڙو ته سيني کي گڏ ڪري ۽ اهو پيغام ڏنو ته شايان جيڪڏهن زندگي ۾ جيڪو ڪم ڪري ويو، ته اسان جي ميهڙ جا ماڻهو ايترا فرسوده ناهن جو پنهنجي نوجوانن کي پنهنجي محسنن کي ياد نه ڪن، اسين جيئن ته تمام ڏکويل آهيون، اسين سنڌي ماڻهو ڏاڍا ڏکويل آهيون، اسين ڏاڍا سنا سنا ماڻهو جيڪي ڇڏي هليا ويا آهن، اسين وڃايا آهن، ۽ اسان کان کسيا ويا آهن، مگر تقدير جي ڪري ئي آهي، هي دنيا جو جهان هلندو رهندو، اسان جي ننڍڙي برادري آهي، ميهڙ تعلقي ۾ ان جو هي هڪ موتي داڻي جهڙو ماڻهو جنهن پنهنجي ننڍڙي عمر ۾ مان سمجهان ٿو وڏو ڪارنامو سرانجام ڏنو، ڇگن پلن ماڻهن لاءِ وڏا وڏا ارب پتي، ڪرب پتي ماڻهو گذاري ويندا آهن، مگر انهن لاءِ اهڙا ميڙاڪا ڪونه ٿيندا آهن، ۽ هي مقام حاصل ڪرڻ لاءِ ماڻهن کي ڏاڍي تڪليف ڪرڻي پوندي آ، وڏا ڪشالا ڪرڻا پوندا آهن، مگر هي ڪنهن ڪنهن جي نصيب ۾ اهڙي ڳالهه ايندي آهي، جو انهن جي مرڻ کان پوءِ به انهن جي ياد ۾ اهڙا سنا سلجهيل سڄاڻ ذرين جا دوست گڏجي ڪنا تي هڪ آواز تي چون ته شايان جهڙو ماڻهو ڪونه ٿيندو، سائين منهنجا اسان جي هن معاشري ۾ معاشرو

هميشه تبديلي جي لاءِ واجهائيندو آ. معاشري کي فرد ناهيندا آهن ۽ فردن مان توهان کي ٻڌايان تعليم جيڪڏهن ڪتابن ۾ هجي ها ته پوءِ يونيورسٽيون، اسڪول ۽ وڏا ڪاليج قائم نه ٿين ها، صرف لائبرريون هجن ها، يا ڪتابن جا وڏا دڪان هجن ها، انهن تان وٺي وڃي گهر پڙهون ها، مگر اسان جي تربيت گاهون به آهن.

يونيورسٽيون به آهن، ڪاليج به آهن، مدرسا به آهن، اتي سڀ شاگرد پڙهن ٿا. ۽ سيئي ليڪچر به وٺن ٿا. سيني کي سبق به ملي ٿو، مگر ڪي ڪي دوست آهن، جيڪي جيڪي اتان نڪري ٿا اچن اها هڪ اهڙي شئي آهي، هر انسان کي الله سائين صلاحيتون ڏنيون آهن، مگر انهن صلاحيتن کي استعمال ڪرڻ جو ڪنهن کي موقعو ملي ٿو. ڪنهن کي نٿو ملي، سوال هي آهي ته جيڪڏهن موقعو نٿو ملي ته موقعا پيدا ڪبا آهن، ماڻهو هڪڙا اهڙا پتوڙيندڙ ماڻهو آهن، جيڪي مون کي خبر آهي، جيڪي موقعي جي تلاش ۾ آهن ته اسان کي موقعو ملي ته اسان صلاحيتون اجاگر ڪيون اسان وٽ ڪيئي مثال آهن، جيڪي ماڻهو ننڍين ننڍين پوزيشن تي هئا ۽ وڏي وڏي منزل تي پهچي ويا. ننڍي ننڍي عمر ۾ هيا. وڏي وڏي منزل تي پهتا چاڪاڻ ته انهن پنهنجي مشن ، پنهنجي پروگرام سان سچائي جو ثبوت ڏنو مان چوان ٿو توهان ڪهڙي به مڪتبه فڪر سان تعلق رکو، توهان ڪهڙي به سياسي جماعت سان تعلق رکو مگر ياد رکو توهان جنهن به نظرئي تي آهيو، ان نظرئي سان سچا هجو ۽ نظرئي جي سچائي توهان کي منزل پهچائيندي. سياسي جماعت پلي توهان ڪا مذهبي جماعت مان ڪٽي چوان پل جماعت اسلامي جوائن ڪيو. مگر سياست ضروري آ، سياست ۾ ئي اسان جو مستقبل آهي، سياست جوائن ڪرڻ سان اهو ٿيندو ته توهان کي خبر پوندي ته صحيح ڇا آهي، غلط ڇا آهي، پر جيڪڏهن توهان پاڻ ان ۾ شامل نه ٿيندئو ته ٿي سگهي ٿو ته توهان کي ڪوڇڻ مون جهڙو پلائي به سگهي ٿو، تنهنڪري مان چوندس ته شايان ننڍڙي عمر ۾ ٿي ڪري هڪ اهڙي جدوجهد جو هڪڙو اهڙو ٻوٽو پوکيو آ. جيڪي اسان جي ايندڙ نسلن لاءِ مشعل راهه آهي، اڄ اسان جا هي نوجوان ڏسن ٿا. ته 21 سالن جي عمر ۾ شايان جيڪڏهن بجلي جي جهٽڪي سان اسان ڪان ڏار ٿي ويو ته پرواهه ناهي.

www.sindhsalamat.com

الحمدالله علي شير وينو آ، بهادر ماڻهو آ، هن کي الله سگهه ڏيندو ۽ طاقت ڏيندو اولاد جهڙي صدمي کان وڏيڪ ٻيو ڪوبہ صدمو ناهي مگر مان ان کي چوندس منهنجا ڀاءُ علي شير تون گهٻراءِ نہ تنهنجو شايان هميشہ زنده آهي، چاڪاڻ تہ هو، اهڙي مشعل ٻاري ويو آهي اهڙي شمع روشن ڪري ويو آ. جو جنهن تي هميشہ پروانہ پيا جهومندا توهان يقين رکو تہ شايان سان منهنجون ٿورڙيون ملاقاتون ٿيون ۽ جڏهن بہ ٿينديون هيون تہ مان يقين سان چوندو هيس تہ هن ماڻهو ۾ مون کي مٽيا نظر اچي ٿي چاڪاڻ تہ ان جو ڳالهائڻ، ان جو انداز، اخلاق ۽ رويو (Behavior) بہ اهڙو هوندو هو جيڪو مان سمجهان ٿو تہ ڪنهن وڏي ماڻهو پڙهيل لکيل ماڻهو ۽ تجربيڪار ماڻهو ۽ وڏي اٿيل ويٺل ماڻهو مان مون کي محسوس ٿيندو هو، تہ ننڍڙي عمر ۾ ايترو عقل پرايو جو مان سمجهان ٿو تہ ادب ان کان پري ٿي نہ هو تہ پيارا ساٿيو مان توهان کي ٻڌايان ٿو تہ جيئن تہ اسان هن معاشري سنڌ جي معاشري ۾ رهون ٿا. اسان هي معاشرو پاڻ ناهيندا‌سين اسان اڄ جنهن منزل تي آهيون، اها اينڌڙ منزل هنن نوجوانن جي آ. اسان کان هي اڄان اڳتي بہ وڏي سگهن ٿا. اڄان اڳتي اينڌڙ وقت هنن جو آ. توهان نوجوان جيڪڏهن تعليم حاصل ڪيو ٿا تہ ان تعليم تي عمل ڪرڻ جي سگهہ بہ هجڻ ڪپي اسان جيڪڏهن ڪو علم ۽ ادب سان تعلق رکون ٿا. اسان اهو بہ سوچون تہ جيڪڏهن مون کي ڪا تعليم ملي آهي، تہ آيا هن تعليم جو منهنجي ٻين تي ڪيترو فائدو پهچي سگهي ٿو. جيئن چوندا آهن، جانور ۽ انسان ۾ ڪهڙو فرق آهي، جانور ۽ انسان ۾ هڪڙو فرق آ. تہ جيئن جانور پنهنجي لاءِ بس سوچيندو، ۽ انسان ٻين ڪاڻ سوچيندو آ. ايترو فرق آ، هاڻي جيڪڏهن اسان سيئي گڏجي ٻين لاءِ سوچڻ شروع ڪيون تہ هن اسان جي معاشري مان ڪافي گندگيون دور ٿي وينديون. تہ اسان وٽ انشاءالله تعاليٰ تہ هي معاشرو جيڪو آ. اهڙو ٿي پوندو ماڻهو اسان جي لاءِ جتي ڪٿي چوندا تہ سنڌ جو معاشرو عظيم معاشرو آ، تہ مان سمجهان ٿو تہ سيني هتي شريڪ ٿي شايان کي جيڪا پيتا ڏني آ، جيئن اسان جي سائين انور ڪانڌڙو صاحب چيو اسان جي رياض چانڊيو صاحب بہ چيو حقيقت آ، واقعي اين جي اوز يا سماجي تنظيمون ڪڏهن بہ انقلاب ناهن

آٽينديون . انقلاب ته سياسي، جماعتون آٽينديون آهن، مگر سياسي حالات ، سماجي حالات ليڊر پيدا ڪندا آهن ۽ اهي ليڊرئي گڏجي قومن کي وٺي هلندا آهن، جڏهن ڪٽي ائين ٿيندو هو، جو موت! موت ته بر حق آ، پر ان کان ڪير انڪار نٿو ڪري سگهي مگر ڪي ڪي اهڙا ماڻهو آهن. جيڪي موت سان مهاڏو اٽڪائن ٿا. جن کي خبر آهي، ته اسان جو اينڊڙ وقت ڏاڍو ڏکيو آ. هي شايد اسان لاءِ موت جو پيغام ڪٽي اچي مگر ان جي باوجود به ان پنهنجي ارادي تي اٽل رهن ٿا. چاهي موت اچي، ڀلي اچي پر اسان انهي ڳالهه تان نه هٽنداسين.

محترمه بينظير ڀٽو صاحبه جڏهن پاڪستان پئي آئي ته آمريڪا ۾ هئي، اجا ته ان کان پوءِ دبئي ۾ اچٽو هو، اتي ڪنهن صحافي سوال ڪيو ته محترمه توهان پاڪستان وڃون ٿا؟ خبر پئي آ ته توهان لاءِ اتي ڏاڍي ڏکيائي آ، اتي ڪجهه خوڪش بمبار آهن، توهان جي پويان ماڻهو لڳل آهن، جيڪي چون ٿا ته بينظير صاحبه ايندي ته اسان ان کي مارينداسين، ۽ ان تي حملا ڪنداسين، ان کي زنده ڪونه ڇڏينداسين، ان باوجود به وڃڻ چاهيو ٿا؟ ته محترمه خوبصورت جواب ڏنو. محترمه چيو زندگي ۽ موت منهنجي الله جي هٿ ۾ آ، جيڪڏهن مرڻو هوندو ته مان ڪنهن واشنگٽن جي روڊ تي گاڏي جي هيٺان اچي مري وڃان، اتي پنهنجي پائرن سان ان کان بهتر ناهي، ته مان پنهنجي سنڌ جي ڌرتي تي وڃي اتي شهيد ٿيان. اهو بهتر آهي، ته پيارا ساٿيو موت برحق آهي، موت انسان کي انسان کان ڌار ڪري سگهي ٿو، مگر مان سمجهان ٿو موت انسان کي پنهنجي معاشري کان الگ ڪڏهن به نٿو ڪري سگهي چاڪاڻ ته ان جون ڪيل خدمتون هميشه ياد رهنديون ۽ جيڪي معاشرا سڌريل معاشرا آهن، جيڪي به اسرنڊڙ معاشرا آهن، اهي پنهنجي محسنن کي ياد رکن ٿا. جيئن اڄ اسان جي ميهڙ ۾ هي ميڙاڪو آ، هن مان ثابت ٿيو ته اسان جو نوجوان سمجهي ٿو ته اسان کي اڳتي لاءِ ڇا ڪرڻو آ. توهان سڀني جي مهرباني توهان سڀني مون کي ٻڌو هنن لفظن سان چوندس ته مان آخر ۾ علي شير کي سائين حسين بخش، سائين علي حسن، سائين اسان جي شعبان، اسان جي نويد کي سڀني کي ته سائين منهنجا توهان يقين رکو ته هي الله جي

طرفان هڪڙي شي آ جيڪو توهان کان ڏار ٿي ويو آ، ان جون يادون توهان سان گڏ هونديون، توهان کي الحمداللّٰه ٻيو ٻه اولاد آهي، انشاءَاللّٰه تعالىٰ اهي ٻه شهيد شايان جي نقش قدم تي هلن ، جيڪي ٻه خواهشون هونديون ته انشاءَاللّٰه پوريون ٿينديون.

آخر ۾ جيئي ڀٽو، جيئي سنڌ، وڏي مهرباني.

# ڪکول واهه آبادگار جدوجهد ڪاميٽي جي ڪنوينر سڪندر سوڍر پاران شهيد شايان ڪي پيٽا ڏيڻ لاءِ ڪوٺايل تعزيتي ميڙاڪي ۾ ڪيل تقرير

(27 جون 2017ع)

## سڪندر علي سوڍر

ماڻهو سڀ نہ سهڻا، پکي سڀ نہ هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ، اچي بوءِ بهار جي.

استيج تي ويٺل سائين محمد امين مگسي صاحب، حبيب حضوري صاحب، محترم غوث جتوئي صاحب، اسان جو سگهڙ شاعر محبوب ڏيپر صاحب سيئي صحافي ۽ سنڌي ادبي سنگت جو محترم آزاد انور ڪانڌڙو صاحب، ايڊووڪيٽ ساجدعلي ڳورڙ صاحب، ايڊووڪيٽ فاروق احمد ڳورڙ صاحب، ايڊووڪيٽ عبدالحليم ڀڳهيو صاحب ۽ هيٺ ويٺل سائين علي شير ڳورڙ صاحب ۽ ٻيا ساٿيو جيئي سنڌ جو سلام پيش ڪريان ٿو، منهنجا دوستو اڄوڪو ڏينهن اڄوڪي گهڙي اڄوڪو لمحو اسان کي انهي شخصيت جي پٽ شهيد شايان علي ڳورڙ جنهن گڏ ڪرڻ تي مجبور ڪيو، مان حق فائونڊيشن جي دوستن کي سلام پيش ڪريان ٿو جيڪي ماڻهن کي ياد ڪن ٿا. ۽ هن جي ٿوري عرصي ۾ هي ٽيون تعزيتي ميڙاڪو آ، شهيد شايان جو ميڙاڪو آهي، آءٌ گذارش ڪندس سائين علي شير ڳورڙ صاحب کي تہ مان استيج تي ضرور ويٺو هيس، پر نظر منهنجي شهيد شايان ڳورڙ جي والد صاحب تي هئي، تہ مون کي مايوس ۽ اکين مان ڳوڙها وهندي نظر آيا. سائين توهان اسان جا استاد آهيو، توهان هن سماج ۾ هڪڙي تربيت ڏيڻ جا ماهر آهيو، جو شايد هر ڪنهن انسان ۾ اها صلاحيت شايد نہ هجي، خوشنصيب والد آهيو، توهان پنهنجو اهڙو اولاد ڄڻيو آ، جو ان اسان سيني کي هتي گڏ ڪرڻ تي مجبور ڪيو آ، خوش نصيب توهان جا

ٻيا پٽ ٻہ آهن، خوش نصيب تہ شايان جون پينرون ٻہ آهن، ان جا ڪزن آهن ۽ ان جي ڳوٺ وارا آهن جو اڄ هن پروگرام ۾ انهي جي بابا جي وچن ڪي ورجايو پيو وڃي انهي ڪي شهادت جو لقب ڏنو پيو وڃي ۽ هن جي ڪيل جدوجهد تي ڳالهايو پيو وڃي توهان تہ خوش نصيب آهيو.

مايوس ٿيڻ جي بجاءِ توهان پنهنجي اولاد ڪي حوصلو ڏيو تہ اڄ حوصلي جو ڏينهن آ، پلي منهنجو ان سان تعلق گهٽ هيو، پر توهان سان گهٽو ۽ ويجهو تعلق هيو ۽ آهي پر توهان ڪي ياد هوندو تہ ڪڪول واهہ متعلق هلايل تحريڪ دوران عورتن جو جلوس روڊ بند ڪرڻ جو پروگرام هيو، تہ سائين احمدخان چانديو ڪي مون چيو هيو تہ ڪمپئرنگ لاءِ مون ڪي هڪڙو دوست ڪپي تہ احمدخان چانديو صاحب چيو تہ سائين علي شير جو پٽ آهي، انهي ڪي اسين آٽيننداسين تہ توهان ڪي ياد آهي تہ باربار چيو هو، سائين ڪمپئرنگ جي لاءِ توهان پنهنجي پٽ شايان ڪي آٽجو پر توهان ڪان شايد وسري ويو، اسان باربار توهان ڪي سلام پيش ٽا ڪريون تہ توهان خوشنصيب پيءُ آهيو، خوشنصيب شهيد شايان آ، خوشنصيب امڙ جو پٽ آ ۽ هن سنڌ ۾ اسان ڪي هن سماج ۾ حوصلي ڏيڻ جي لاءِ اهڙين مائرون ۽ والدين جي ضرورت آ. جو جيڪڏهن سڀ والدين پنهنجي اولاد جي اهڙي تربيت ڪن تہ هي تعليم لاءِ ٻہ جدوجهد هلي تہ پاڻي جي ڪوٽ خلاف ٻہ جدوجهد هلي تہ ٻين سماجي براين خلاف ٻہ جدوجهد هلي سماج ۾ ظالم ذهن برايون پيدا ڪن ٽا. انهن خلاف ٻہ جدوجهد هلي اسان ڪي توهان جهڙن والدين ۽ استادن جي ضرورت آ ۽ انهن ذهنن جي ضرورت آ جيڪي اڄ پنهنجي ماڻهن ڪي ياد ڪرڻ جي لاءِ حق فائونڊيشن جهڙا دوست گڏ ڪري شهيد شايان ڳورڙ ڪي پيٽا پيش پيا ڪن تہ جيڪڏهن ٿوري مختصر ٽائيم ۾ تہ جيڪڏهن هڪڙوئي شهيد شايان تي ڳالهائيندس تہ شايد سڄ ايري ويندو ۽ ڪافي دوست وينا هوندا، انهن ڪي ٻہ ٽائيم نہ ملندو اسان ڪي سڪٽو آ ۽ سمجهٽو آ. اسان جا وڪيل دوست اسان جا سيئي دوست ۽ دانشور اجان وينا آهن، انهن ڪان سڪنداسين انهي شعر سان گڏوگڏ چوتہ هي مجموعو اڄ جيڪو ميڙاڪو آ تہ ماڻهو تہ سڀ ڪو مري ويو، وڏيرا ٻہ مرن پيا سردار مرن پيا سڀ ڪو مري پيو، پر هي ميڙاڪا ڪنهن ڪنهن جي لاءِ ٿيندا آهن. جيئي سنڌ...مهرباني

www.sindhsalamat.com

# پيپلز يوٿ ونگ تعلقہ ميھڙ ضلع دادو پاران، ايس ايس او جي مرڪز اڳواڻ شھيد شايان ڳورڙ جي ياد ۾ ٿيل تعزيتي ميڙاڪي جو اکين ڏٺو احوال

**تحرير: مير صدام ٻلھڙو**
**پيپلز يوٿ ونگ جنرل سيڪريٽري تعلقہ ميھڙ**

ميھڙ شھر جي ميندي جھڙي خوشبوءِ رکندڙ نوجوان ساٿي شاگرد اڳواڻ ۽ ھروقت پنھنجي چھري تي مُرڪ سجائي رکندڙ شھيد شايان علي شير ڳورڙ جي وڇوڙي جي ان وقت نياڳي خبر ملي جڏھن آءُ سيتا استيشن ۾ لغاري ھائوس تي پنھنجي پارٽي جو اجلاس اٽينڊ ڪري رھيو ھيس، ان وقت آچر 14 مئي ھئي، اھا خبر ٻڌندي ئي زمين پيرن ھيٺان ھلي وئي پھرين تہ آءُ خبر ڏيندڙ پنھنجي ننڍي ڀاءُ ۽ شھيد شايان جي ويجھي ساٿي دوست مير صداقت سان مسڪرائي رھيو ھئس تہ شايان نہ ھوندو تون مذاق پيو ڪرين، پر پوءِ ڏٺم مون سان گڏ اجلاس ۾ وڏو ڀاءُ سينيئر وڪيل امجد حسين ٻلھڙو جي اکين منجھان لڙڪ وھي رھيا ھئا. آءُ وري پڇو تہ ادا اوھان اجلاس ۾ روئي رھيا آھيو؟ چوڻ لڳو ادا شايان بجلي ڪرنٽ لڳڻ سبب پيءُ کي بچائيندي شھيد ٿي چڪو آھي، نيٺ دل کي دلاسو ڏيئي سندس وڇوڙي کي قبوليو، اھڙي طرح اسان کان مستقبل جو ھيرو ۽ ارڏو ۽ ڳڀرو نوجوان ھميشہ لاءِ وڇڙي ويو، شھيد شايان جو ڏک ۽ درد ۽ دل مٿان ھماليہ جبل جھڙو غم گھٽائڻ لاءِ پنھنجي ساٿي جي ياد پنھنجي پارٽي جي تنظيم پيپلزيوٿ آرگنائيزيشن جي پليٽ فارم تان تعزيتي ميڙاڪو ڪونايو ۽ ڪيس لفظن جي ڀيٽا پڻ پيش ڪئي وئي.

28 مئي آچر ڏينھن پيپلزيوٿ آرگنائيزيشن ضلع دادو جي اڳواٽن پنھنجي اڳواٽي ۾ ميھڙ ٻاءِ پاس لڳ پنھنجي تنظيم جي آفيس ۾ شام جو نيڪ 6 وڳي پروگرام جي شروعات الله پاڪ جي

ڪلام پاڪ تلاوت سان ڪئي وئي. قرآن پاڪ جي تلاوت سنڌ جي مشهور درگاهه سائين حضرت سعدي موساٽي جي گادي نشين فقير گلاب احمد پيرزادو ڪئي ۽ شهيد ڪي مغفرت بخشڻ لاءِ ڏٽي در دعا پڻ گهري.

تعزيتي ميڙاڪي جي استيج آءُ پاڻ سنيالي رهيو هيس جڏهن مون سان گڏ شهيد شايان جو ننڍو ڀاءُ بصير ڳورڙ به شهيد جون سڪون لاهي رهيو هو.

پروگرام ۾ شريڪ پيپلزپارٽي ضلع دادو جي جنرل سيڪريٽري غلام دستگير ڳورڙ تحريڪ پاڪستان ۾ حصو وٺندڙ باني قائدِاعظم جي ويجهي ساٿي سيد علي اڪبر شاهه رحه جي فرزند سماجي اڳواڻ سيد محمد شاهه آف ميهڙ p.p.p جي انتهائي سينيئر اڳواڻ ۽ سينيئر وڪيل امجد حسين ٻلهڙو p.p.p ميهڙ سٽي جي صدر انجنيئر رياض ڪوسو اي.جي.پي اڳواڻ احمدخان چانڊيو، سنڌي ادبي سنگت (مرڪز) جو پريس سيڪريٽري ۽ سينيئر صحافي آزاد انور ڪانڌڙو، p.p.p دادو جو اڳواڻ دانشور ۽ ليکڪ رياض احمد چانڊيو، اي.جي.پي جي ضلع صدر منظور مهيسر شهيد شايان جي والد محترم سائين علي شير ڳورڙ برادري جي چڱي مڙس سرائي مظهرعلي خان ڳورڙ، سرائي بهاول خان، شاعر گوهرگل ڳورڙ سميت مذهبي اسڪالر علامه عابد حسين عرفاني، هاءِ اسڪول 2 ميهڙ جي هيڊ ماستر سائين بشيراحمد مهيسر، شاعر منظور ڪوسو، شاعر محبوب ڏيپر ۽ ميهڙ شهر جا سياسي سماجي اڳواڻ پڻ پروگرام ۾ شريڪ ٿيا.

شهيد جي ياد ۾ ڪوٺايل تعزيتي ميڙاڪي ۾ جتي سياسي سماجي اڳواڻ ڪارڪنن ڳورڙ برادري سان گڏ اتي شهيدشايان جي ساٿي دوست سنڌ يونيورسٽي ۾ اعلیٰ تعليم پرائيندڙ مختلف ڊپارٽمينٽ جا شاگرد پهتا ۽ پڻ شريڪ ٿيا.

شهيد شايان جي زندگي تي ڳالهائيندي صدارتي مهمان سردار غلام دستگير ڳورڙ چيو ته شايان هڪ اهڙو گل هيو جنهن جي خوشبوءِ ڪومائجي وڃڻ کان پوءِ به برقرار رهندي ۽ سندس سياسي، سماجي خدمتون تاريخ جي سهڻن اکرن ۾ لکي وينديون، ايڏا وڏا پروگرام ۽ تعزيتي ميڙاڪا ڪنهن ارب پتي ،ڪرب پتي

ماڻهن جي نصيب ۾ به نه ٿيندا آهن، مذهبي اسڪالر علامه عابد عرفاني چيو ته (شايان علي) جو مطلب آهي ته وڏي شان وارو هن چيو ته نوجوان شاگرد اڳواڻ جو وڇوڙو ۽ شهادت سندس دوست وچ ۾ هڪ وڏو خال پيدا ڪري ويو جيڪو ڪڏهن به پرجي نه سگهندو.

سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي خزانچي سينيئر صحافي آزاد انور ڪانڌڙو چيو ته ميهڙ جي سياست ۾ اهم ڪردار ادا ڪندڙ شاگرد اڳواڻ شهيد شايان علي شير ڳورڙ پنهنجي ٿوري ئي عرصي ۾ هڪ اهڙو مثال قائم ڪيو جيڪو سوين سالن تائين ياد ڪيو ويندو، هن چيو ته پاڪستان خاص ڪري سنڌ اندر جيڪي به (اين جي اوز) ڪم ڪري رهيون آهن

انهن اڄ تائين سماج ۾ ڪابه مثالي تبديلي ناهي آندي جڏهن ته شاگرد سياست ۾ تڪڙو اڀري ايندڙ شايان اهڙو ته پنهنجو شان ناهي ويو جو هر ماڻهو سندس زندگي کي ياد ڪري روئي رهيو آهي.اها تبديلي ڪنهن (اين جي اوز) يا سماجي تنظيم جي ناهي پرسني سياست جي تبديلي آهي اهڙي طرح اڄ جي نوجوانن کي گهرجي ته ڪنهن به سٺي سياسي پارٽي جو حصو بڻجي ( شايان) بڻجي وڃي سياسي سماجي اڳواڻ سيد محمد شاهه آف ميهڙ چيو ته شايان جي شهادت جي خبر سوشل ميڊيا ۽ پرنٽ ميڊيا ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا تي چانيل رهڻ سبب ميهڙ جو ماحول لڳاتار سوڳوار بڻجي ويو، هن چيو ته ٻن هفتن تائين سندس شهادت جو ذڪر ٿيندو رهيو ته شاگرد اڳواڻ شهيد شايان سنڌ جي سياست ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. هو ماڻهن جي دلين ۾ زنده رهندو، پيپلزپارٽي جي سينيئر وڪيل اڳواڻ ۽ شهيد شايان جو وڏي ڀاءُ جيان رهندڙ سينيئر وڪيل امجد حسين بلهڙو جڏهن اسٽيج ڪان دائيس طرف شهيد جي زندگي بابت ڳالهائڻ آيو ته ٻن ٻن ٽي جهري پيو ۽ اکين مان نير هاريندي چيو ته شايان جي اها مرڪ اڄ به مون کي ياد آهي، شايان جون يادگيريون اسان کان وسرڻ جوڳيون ناهن، سندس وڏيڪ چوڻ هو ته مون کي جيڪڏهن هي لُڙڪ اجازت ڏين ته آءُ اجان به ڪيترين ئي شهيد جون خوبيون ۽ مرڪون بيان ڪري سگهان ٿو پر آءُ اڄ پنهنجي لڙڪن ۽ شهيد جي اچانڪ وڇوڙي هٿان ايترو ته مجبور آهيان جو ڪنهن

موضوع تي ڳالهائي نتو سگهان جنهن کان پوءِ پنڊال ۾ وينل سوين ماڻهن کي سوڳوار ماحول ۾ ڇڏي ڊائيس تان مائيڪ ڇڏي پنهنجي ڪرسي تي وينو.

دانشور، اديب، ليکڪ رياض چانڊيو چيو تہ هن وقت اسان جي هتي گڏ ٿيڻ جو سبب شهيد شايان جو اوچتو وڇوڙو سائين علي شير ڳورڙ جيڪو ننڍڙي فيملي سان تعلق رکي ٿو پر اڄ هزارين آلين اکين ۾ شهيد شايان سمايل آهي انهيءَ جو سبب سائين علي شير ڳورڙ جي بهتر تربيت ۽ سٺي سوچ سماجي خدمتن ۽ بهتر سياست سان گڏ اعليٰ حڪمت عملي پڻ شامل آهي.

جنهن سبب اسين اڄ سنڌس نوجوان فرزند جي شهادت تي غمگين آهيون هن چيو تہ شايان جون تقريرون ۽ شاعري جي پڙهڻ جو انداز ۽ آواز اڄ بہ منهنجن ڪنن ۾ ڪڙڪات ڪري گونجي رهيو آهي. تعليمي جاڳرتا ريلي هجي يا ڪالاباغ ڊيم خلاف مظاهرو هجي هر فورم تي سنڌ دشمن منصوبن ۽ جمهوريت دشمن قوتن خلاف شهيد جون ارڏايون اڄ بہ منهنجي اندر ۾ سمايل آهن.

آءُ پنهنجي ساٿي دوست شهيد شايان جي ياد ۾ پنهنجي تنظيم پاران تعزيتي ميڙاڪي ۾ آيل عزت ماب مهمانن ۽ مقررين جي اجازت سان پنڊال ۾ وينل سوين شهرين ۽ پارٽي ڪارڪنن کي شهيد جي زندگي بابت گهٽو ڪجھ ٻڌائڻ پئي چاهيو پر ٽائيم کي نظر ۾ رکندي شهيد سان گهاريل اهي يادگيريون ۽ يادگار لمحا ڪٿي ٿا وسرن جو آءُ هڪ مقرر تي ڪري وينلن کي مخاطب ٿي سگهان.

شهيد پنهنجي والد محترم کي بچائيندي امر ٿي ويو، پر اسان جي وچ ۾ هڪ اهڙو خال پيدا ڪري ويو آهي، جو ڪڏهن بہ پرجي نہ سگهندو.

بهادر ساٿي جون مرڪون ۽ سنڌ جو ڏک اکين ۾ اڳيان تازو بينو آهي، آءُ سنڌس جي وڇوڙي بابت ايترو چوندس.

تـــوکي کيـــر وســاري ســـائين،
تـــوکي وســـارڻ اوکـــو هونـــدو،
پنهنجـــو پـــاڻ ســان دوکـــو هونـــدو،
جيســـين مـــوت نـــہ مـــاري ســـائين،
تـــوکي کيـــر وســـاري ســـائين،

www.sindhsalamat.com

شهيد جي وڇوڙي کان ڇهه مهينا اڳ منهنجي ننڍڙي ڀاءُ جي شادي ٿي هئي جنهن ۾ شهيد جون خوشيون ائين پيون لڳن ڄڻ ته باغي کي پنهنجو ديس آزاد مليو هجي، ان جي اها خوشي اڄ به ساهه ۾ سانڍيل آهي، شهيد پنهنجي زندگي ۾ خوش مزاج ۽ قربائتو هيو، جڏهن مير صداقت جي شادي تي ايڏي خوشي جو سبب پڇيو ته شايان مرڪندي وراڻيو هي قرض طور ڏيون پيو وڃان چاڪاڻ ته ايندڙ سال هن ئي مهيني ۾ جڏهن سنڌ پنهنجو سائو ويس مٽيندي ته آءُ به ان وقت لائون لهندس ۽ پوءِ اوهان هي منهنجو قرض لاهجو پر اسان کي ڪهڙي خبر ته سنڌ ڌرتي جي گرم موسم ۾ ٿڌي طبيعت جو مالڪ 14مئي تي اسان کان وڇڙيو ڀٽائي جي بيت کي ساپيان ڪندو.لطيف سائين اهڙن گهوٽن ۽ جوڌن ارڏن پٽن بابت فرمايو ته:

گهـــوڙن ۽ گهـــوٽن ، جيـــئن تـــورا ڏينهـــڙا،
ڪڏهن منجهه ڪوٽن، ڪڏهن راهي رڻ جا.

# 18 مارچ ٿيون ڏينهن وڪا موري کان نصيرآباد

## ”تعليمي انقلاب ڪتاب تان ورتل“

ڪتاب جو نالو: تعليمي انقلاب، پيج 110 کان 113 تائين ورتل
مرتب: دين محمد ڪلهوڙو، منظور چجڙو، ياٺو درمحمد ٻرڙو
ڇپائيندڙ: نئون ويساھ پبليڪيشنز حيدرآباد سنڌ، ڊسمبر 2014ع
ڇپيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي

ان تان ورتل 18 مارچ ٿيون ڏينهن وڪا موري کان نصيرآباد پيج 110 کان 113 تائين ورتل. تعليم بچايو- سنڌ بچايو لاءِ هڪ عظيم الشان تاريخي پيادل لانگ مارچ 16 مارچ کان 19 اپريل 2014ع تائين لاڙڪاڻي کان ڪراچي سنڌ اسيمبلي تائين پيرين پنڌ مارچ ڪيو ويو ٽيئن ڏينهن جمع جو وڪا موري کان نڪري قافلو نصيرآباد جي ويجهو رسيو ته وارھ ڳوٺ آڊو خان لاشاري مان 27 ڄڻن جو هڪ جٿو اچي قافلي ۾ شامل ٿيو، جنهن ۾ وارھ مان کهي آيل دوست علي اصغر ميراڻي، محمد جمن ميراڻي، عبدالوحيد تنيو شامل هئا، قافلو ڊگري ڪاليج نصيرآباد پهتو هت ڪاليج جي استادن مان پروفيسر سڪندر ڳائينچي (پرنسپال)، پروفيسر اختر علي ڪلهوڙو، سميت اي-جي-پي جي مرڪزي اڳواڻ منظور چجڙي، جساف (بشير قريشي گروپ) جي مجاهد سومري، منور ميراڻي، آفتاب قلپوٽي، (جنرل سيڪريٽري) پڻ قافلي جي مرحبا ڪئي ۽ اي جي پي جي هن قدم کي ساراهيو، قافلو نصيرآباد شهر ۾ پهتو ته شهرين هن قافلي جو ڀرپور استقبال ڪيو ۽ گلن جي ورکا ڪئي. شهر جي مين چوڪ تي عوامي جمهوري پارٽي جي اڳواڻن حريف خان، چانڊئي، حسين بخش ناريجي، نورنبي راهوجي، صلاح چانڊئي، فقير هدايت الله چانڊئي، رياض چنجڻي، سجاد ٻرڙو ۽ ٻين خطاب ڪيو قافلو ڏامراھ واھ تي پهتو ته اتي ڳوٺ قائم خان مغيري جي رهواسين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري

قافلي جي پرجوش آجيان ۽ گلن جي ورڪا ڪئي ۽ هنن قافلي جي ساٿين کي ڪول ڊرنڪ ۽ ٿڌا پاڻي پيئاريا ۽ ڳوٺ سوجهري خان ڳورڙ تائين قافلي سان گڏ لانگ مارچ ڪيو چوٿہ رات ترسڻ جو پروگرام ڳوٺ سوجهري خان ڳورڙ ۾ سائين علي شيرڳورڙ وٽ طئہ ٿيل هو.

گنجڙوٺ شاخ تي ڳوٺ سوجهري ڳورڙ جي ماڻهن قافلي جو ڀرپور استقبال ڪيو آجيان ڪندڙ ۾ اي جي پي اڳواڻن مان غوث جتوئي، منظور مهيسر، احمدخان چانڊيئي، S.S.O جي اڳواڻن شايان ڳورڙ، جنيد ڳورڙ، فاروق ڳورڙ، صداقت ڳورڙ، بصير ڳورڙ ۽ ڳوناڻن مان ڳوٺ سوجهري ڳورڙ جو چڱو مڙس سرائي منورخان ڳورڙ،سرائي مظهر علي خان ڳورڙ، ڳوٺ ٻهاول خان ڳورڙ جي چڱي مڙس سرائي ٻهاول ڳورڙ شوڪت علي نديم ڳورڙ ۽ ٻيا شامل هئا. قافلو ڊامراهہ واهہ جي پرسان ڳوٺ سوجهرو ڳورڙ ۾ سائين علي شير ڳورڙ وٽ ترسيو.

# 19 مارچ (چوٿون ڏينهن) سوجهرو خان ڳورڙ ڪان ميهڙ

## (ڪتاب تعليمي انقلاب پيج نمبر 116 تان ڪنيل)

19 مارچ (چوٿون ڏينهن) سوجهرو خان ڳورڙ ڪان ميهڙ: سنڌ ۾ تعليم بچايو جي بحالي تعليمي ايمرجنسي جي نفاذ لاءِ نڪتل پيادل لانگ مارچ چوٿين ڏينهن، ڳوٺ سوجهري ڳورڙ بعد منجهند جو پير بري دائريو ۾ پهتو جتي S.S.O جو مرڪزي اڳواڻ شايان ڳورڙ شفيق، گل بهادر، تابش، طالش، عاقب، ڪاشف پٽي، بشير پٽي، سرفراز، منور علي، سرائي مظهر علي خان ڳورڙ، مدد علي ڳورڙ، شوڪت علي، ڪاشف علي سهول، نديم ۽ ڳورڙ برادري جي ٻين دوستن سائين علي شير ڳورڙ جي اڳواٽي ۾ مانجهاندي جو بندوبست ڪيو، مانجهاندي ڪان پوءِ اندس هاءِ وي ڪان پنهنجو سفر جاري رکندي رستي ۾ شايان ڳورڙ جا پر جوش نعرا ۽ خطاب قافلي کي گرمائيندا ۽ همتون ڏياريندا رهيا، شايان خطاب ۾ چيو ته پيرن ۾ لڦون پيلي هجن پر منهن تي مرڪ هجي سسئي جا پنڌ لطيف لکيا پر اوهان جا پنڌ تاريخ لکندي ان سفر ۾ حسين بخش ناريجي، پائو درمحمد ٻرڙي، اياز چانڊئي، ڪليم ملڪ، محمد صلاح چانڊئي، ايڊووڪيٽ لياقت ملڪ، احمد خان چانڊئي، منظور مهيسر، سائين علي شير ڳورڙ جي اڳواٽي ۾ شام جو 4 وڳي ميهڙ پهتو، لانگ مارچ جي قافلي کي ميهڙ جي ڳوٺن سوجهرو ڳورڙ، بهاول ڳورڙ، عاقل سولنگي، ڪوٽ بخشل خان ڍهر، پير بري دائريو، گل محمد واهه، راڄ واهه سميت مختلف ڳوٺن جي ماڻهن گلن جي ورڪا ڪئي، ۽ ڀرپور استقبال ڪيا جڏهن قافلو ميهڙ ٻاءِ پاس پهتو ته S.N.M سنڌ نيشنل مومينٽ جي اڳواڻ سڪندر علي سوڍر جي اڳواٽي ۾ گلن جي ورڪا ڪئي ۽ جڏهن قافلو ميهڙ پهتو ته تعلقي اسپتال وٽ جسقم ايس.ٽي.پي سنڌ نيشنل مومينٽ، سنڌي ادبي سنگت پي.ٽي.الف سي.ڊي.سي جيئي سنڌ تحريڪ، شيخ اتحاد سميت شهر جي سياسي سماجي تنظمين سول سوسائٽي جي ڪارڪنن ۽ شهرين

گلن جي ورڪا ڪري قافلي جي ڀرپور آجيان ڪئي ۽ تعلقي اسپتال ميھڙ ڪان اي.جي.پي مرڪزي اڳواڻ سائين علي شير ڀُورڙ، منظور مهيسر، احمدخان چانڊئي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ شاندار ريلي ڪڍي وئي، گھنٽاگھر وٽ جلسو ٿيو جنھن جي انائونسمينٽ ايس.ايس. او جي مرڪزي اڳواڻ شايان ڀورڙ ڪئي، جلسي کي ميھڙ بار ايسوسيئشن جي جنرل سيڪريٽري عبدالحليم ٻگھئي، ايڊووڪيٽ ساجد ڀورڙ پروفيسر منظور چچڙي، پائو درمحمد برڙي، حسين بخش ناريجي ۽ اقرار چانڊئي خطاب ڪيو، اڳواڻ علي شير ميھڙ ۾ قافلي جي آجيان ڪئي، آجيان ڪندڙن ۾A.J.P جي دوستن سميت جسقم جو اڪبر ڪوڪر، شيخ برادري جو صدر انور شيخ، شھري اتحاد ميھڙ جو اڳواڻ عبدالستار چنو، عبدالحليم ٻگھيو، ايڊووڪيٽ اقرار چانڊئي، عاشق سولنگي، اعجاز چانڊئي، سڪندر علي سوڍر ۽ ٻيا شامل ھئا.

ميھڙ ۾ آجياڻو اقرار چانڊئي ڏنو، جسقم اڳواڻ اڪبر ڪوڪر خطاب ۾ اي.جي.پي جي لانگ مارچ سان سات نڀائڻ جو يقين ڏياريو چيو تہ پنجاب سامراج سنڌي قوم کي غلام بڻايو آھي، انور شيخ خطاب ۾ چيو تہ ھن رياست ۾ سنڌي ماڻھن سان ويساھ گھاتي ڪئي پئي وڃي، ۽ اسان جا تعليمي ادارا ھٿ وٺي تباھ ڪيا پيا وڃن، ھن سڀني کي اپيل ڪئي اچو تہ اي.جي.پي وارن جو سات ڏيون S.N.M جي اڳواڻ سڪندر سوڍر تقرير ۾ A.J.P جي ھن قدم کي ساراھيو ۽ پنھنجي تنظيم طرفان مڪمل سات ڏيڻ جو يقين ڏياريو، ايس، اين، ايم جي اڳواڻ سڪندرسوڍر، پاويل جوڻيجو، حبدار چانڊئي، لياقت ڏيپر، غلام نبي سوڍر، غلام مصطفىٰ چانڊئي، صفدر چانڊئي، منير سوڍر ۽ ٻين اڳواڻن قافلي جي نعيم پنڌ،اسحاق سوڍر، اشرف چانڊئي، امتياز علي چانڊئي، خالد حسين چانڊئي پانڌيئڙن کي مقامي هوٽل ۾ آجياڻو ڏنو، غلام مصطفىٰ، سنڌي ادبي سنگت جي آزاد انور ڪانڌڙي صحافي رياض چانڊئي، پاويل جوڻيجي پڻ خطاب ڪيو ۽ مارچ جي پانڌيئڙن کي خراج عقيدت پيش ڪئي، قافلي جي رات جي ماني ۽ رھائش جو بندوبست ميھڙ ۾ ايڊووڪيٽ عبدالحليم ٻگھئي ڪيو، ۽ صبح جو ناشتو S.N.M جي اڳواڻ سڪندر سوڍر ڪرايو، جيڪو پانڌيئڙن سان ٻاءِ پاس ميھڙ تائين گڏ ھليو ۽ قافلو ڪي.اين. شاھ لاءِ روانو ٿيو.

# شاگرد اڳواڻ شهيد شايان ٻورڙ جي ورسي جو اکين ڏٺو احوال

## ڪيڊٽ فراز غوث جتوئي

12 مئي ڇنڇر 2018ع تي سنڌ جي مشهور ۽ تاريخي ڳوٺ سوجهرو خان ٻورڙ ۾ اسان کان وڇڙي ويل پياري دوست ۽ ڀاءُ ادا شايان ٻورڙ جي پهرين ورسي جو پروگرام رٿيل هو. عوامي جمهوري پارٽي ضلع دادو پاران قومي سٽ جي بهترين ۽ جاکوڙي ساٿي جي پهرين ورسي ۾ شرڪت لاءِ آءٌ بابا سان گڏ حيدرآباد کان 11 مئي تي پنهنجي ڳوٺ ٻيٽو جتوئي پهتس.

جيئن ته ورسي تقريب وارو پروگرام 12 مئي ڇنڇر تي شام 7 بجه رکيل هو. آءٌ بابا ۽ چاچا احمد خان سان گڏجي ٺيڪ 5 وڳي ڳوٺ سوجهرو ٻورڙ پهتس.

جتي خوبصورت پنڊال سجايو پئي ويو S.S.O جا سرگرم دوست شهيد جو ڀاءُ محمد علي، بصير ٻورڙ، نديم ٻورڙ، وڪيل صداقت علي ٻورڙ، ساگر حسين ٻورڙ، طاهر شعبان ٻورڙ، امان الله ٻورڙ، ڪاشف سهول ۽ ٻيا ڳوٺاڻا اسان سان وڏي پيار ۽ پاٻوهه سان مليا. ڪجهه لمحن کان پوءِ چاچا نور نبي راهوجو، محترم سائين واحد بخش لانگاهه ۽ خوبصورت شاعر محترم رحمت آخوند وارا به اچي پهتا. پروگرام شروع ٿيڻ کان اڳ شهيد کي ڀيٽا ڏيڻ لاءِ ان جي مزار تي A.J.P جو جهنڊو ۽ گلن جي چادر چاڙهڻ لاءِ فريد شاهه قبرستان (ساٿين جي وڏي قافلي جي صورت پهتاسون) چاچا سائين علي شير صاحب پنهنجي وڇڙي ويل ڪنڌار پٽ جي قبر مٿان هڪ خوبصورت مزار جوڙائي آهي.

ڪتبي مٿان جمن دربدر جي شاعري جون هي امر سٽون لکيل هيون.

وني هر هر جنم ورٻو
مِنا مهراڻ ۾ ملبو.

www.sindhsalamat.com

دل ئي دل ۾ پنهنجي سورهيه ساٿي کي سرخ سلام ڪيم. مونکي عظيم چيني اڳواڻ جا اهي لفظ ياد آيا ته: "شاندار زندگي ۽ عظيم موت!" ها واقعي هن جي عظيم زندگي هئي هن جي ڪشادي سيني ۾ سنڌ هئي ۽ سنڌ جا سور هئا. دنيا جي عظيم گوريلا ليڊر چي گويرا جي چاپائين ڏاڙهي کان متاثر ٿي اهڙي اسٽائيل جي ڏاڙهي رکائيندڙ شهيد شايان ڳورڙ کي عقيدت جا گل ارپڻ لاءِ ڏسندي ڏسندي سنڌ جي ڪُنڊ ڪڙڇ مان سندس ساٿين ۽ دوستن جا قافلا اچڻ شروع ٿي ويا. بلوچستان جي دنگ واري ضلعي جيڪب آباد مان جکراڻي سردارن جو نوجوان ۽ A.J.P جو مرڪزي رهنما محترم تاج خان جکراڻي، امر جليل جو ڳوٺائي ۽ A.J.P جو مرڪزي اڳواڻ چاچا حڪيم زنگيجو صاحب پهتا ته اسٽيج تان سندن پرپور آجيان ڪئي وئي.

شهيد شايان اسان جي پارٽي ۾ هڪ پرجوش اناؤ نسر طور سڃاتو ويندو هو.

پر اڄ جڏهن مون شهيد جي ننڍي ڀاءُ ادا بصير کي شايان جهڙي انداز سان اناؤنسمينٽ ڪندي ڏٺو ته اياز جون هي سٽون ذهن تي تري آيون ته:

جي راهه اجل ڪنهن ورتي آ
هن پونءِ ڪئي ٻي پرتي آ

هڪڙو پرجوش قافلو ميهڙ لڳ سيد جو ڳوٺ مان سيد نويد شاهه، الطاف حسين خاصخيلي، ڳوٺ گنجا مان الطاف حسين ملاح، صداقت ملاح جي اڳواڻي ۾ پهتا. ٻيو پرجوش قافلو موهن جي دڙي ۽ ڪامريڊ سوڀي جي پاڙيسري ڳوٺ عمر پيو مان شفقت چنه، نياز چنه، ڳوٺ بچل شاهه مان آصف چنه، معراج چنه، ڳوٺ چتو واهڻ مان صدام چنا، حاجي شاهه محمد چنا، فريد آباد مان اقرار چانڊيو، قمبر شهدادڪوٽ مان ڏٽي بخش بليدي، وارهه مان ڪامريڊ محمد صلاح چانڊيو، چامشورو مان نور نبي راهوجو، رحمت آخوند، دولت پور مان سائين واحد بخش لانگاهه، لاڙڪاڻو مان چاچا محمد يوسف پنهور، نري ميرواهه مان چاچا روشن علي ٻگهيو، ميهڙ سٽي مان شهيد شايان ڳورڙ لائبريري جو انچارج سائين سيد اعظم علي شاهه صاحب، تعليمي ماهر سائين عبدالرحيم شاهه جا فرزند سيد فهيم

شاهه صاحب، سائين روي ڪمار صاحب، رضوان حيدر تنيو، ماجد پنهور، نوشاد ٽيبو جي قيادت ۾ قافلا پهتا.

سماجي تنظيم حق فائونڊيشن جو قافلو چيئرمين سائين عابد ڪلهوڙو، وڪيل ساجد علي چانڊيو، صمد ٻگهيو جي قيادت ۾ پهتو سمورن قافلن جي ڀرپور آجيان ڪئي پئي وئي.

نيڪ 8 وڳي پروگرام جي شروعات سائين حبيب حضوري جي تلاوت سان ڪئي وئي. آجيان لاءِ شهيد جي سئوٽ ناماياري وڪيل محترم فاروق احمد ڳورڙ صاحب کي سڏيو ويو. جنهن مهمانن جي آجيان ڪئي. اسٽيج تي A.J.P جي اڳواڻن محترم نور نبي راهوجو، محترم حڪيم زنگيجو، محترم تاج خان جکراڻي، محترم واحد بخش لانگاهه، اقرار چانڊيو، محترم غوث جتوئي، محترم منظور مهيسر، محترم وڪيل فاروق احمد ڳورڙ، پ پ اڳواڻ سردار غلام دستگير ڳورڙ، سنڌي ادبي سنگت جو اڳواڻ ۽ سينيئر صحافي آزاد انور ڪانڌڙو ۽ ٻين کي ويهاريو ويو ۽ خطاب ڪيو.

ساس ٽرڙي محبت جي اڳواڻ ۽ سينيئر صحافي ڊاڪٽر آزاد منگي ترنم ۾ گيت ٻڌائي داد حاصل ڪيو. ان موقعي تي مقررن شهيد شايان ڳورڙ کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو تہ "شهيد شايان ڳورڙ قومي تحريڪ جو اثاثو هو. هن ننڍپڻ کان ئي سنڌي قوم جي خوشحالي ۽ آجپي جي دل ۾ آس رکي جدوجهد ڪئي. هو ڪميٽيڊ ڪارڪن هو."

تقريرن جي نشست ڪانپوءِ آيل سوين مهمانن کي ماني کارائي وئي.

ٻئي نشست ۾ صوفياڻي محفل جو اهتمام هو. جنهن ۾ نوابشاهه مان آيل نوجوان صوفي راڳين رضوان چانڊيو ۽ ڪامران چانڊيو، سچل سائين، ٻُلهي شاهه، سلطان باهو، اعجاز سائين جا صوفياڻا ڪلام ٻڌائي محفل ۾ ويٺل سوين ماڻهن تي وجداني ڪيفيت طاري ڪري ڇڏي. ورسي جي تقريب رات دير تائين هلندي رهي.

# شهيد شايان جي باري ۾ لکيل تاثرات

## ”شايان علي گهوٽ اٽموٽ“

ڪڏهن ڳاڙهو گهوٽ،
ڪڏهن مڙهه مقام جو.

اڄ شايان جي وڇوڙي تي هي تاثراتي بوڪ آٽائڻ به ڄڻ وڏو دل تي پٿر رکڻو آهي. پر حقيقت ڪان منهن نٿو موڙي سگهجي. شايان گهوٽ اڻ موٽ هو. اسان جي شايان تي محنت، تربيت هئي. هن ۾ جوهر به هئا، هو اسان جي مستقبل جو تمام وڏو ماڻهو هو. پر افسوس زندگي ساٿ ايترو نه ڏنو. اميد ته پونيئرن کي خاص ڪري سائين علي شير کي رب سائين صبر جي توفيق ڏيندو.

**روشن علي ٻگهيو**

**سينئر سول جج ٺري ميرواهه**

۱۱۱

## با اخلاق، با ڪردار ۽ سلڇڻو جوان

اسان جي شايان علي ڳورڙ جي اوچتي وڇڙي وڃڻ جي خبر تي مون کي ذاتي طور سخت صدمو پهتو آهي. شايان هڪ با اخلاق، با ڪردار، نهٺو، ۽ سلڇڻو جوان هو. شايان اسان جو دوست، پائيٽو ۽ سياسي سماجي جدوجهد جو ساٿي ۽ اڳواڻ هو. سائين علي شير ۽ سندس خاندان جو ته هڪ وڏو نقصان ته آهي ئي آهي. پر سنڌ جي نوجوان سياست جو هڪ ناقابل نقصان پڻ ٿيو آهي.

شايان ڳورڙ پنهنجي زندگي سنڌ جي تباهه ٿيل تعليم کي بچائڻ لاءِ سدائين ميدان عمل ۾ رهيو.

عوامي جمهوري پارٽي جي شاگرد محاذ سنڌي اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن جو بنيادي مرڪزي جنرل سيڪريٽري ۽ پوءِ مرڪزي نائب صدر رهيو. ميهڙ سميت سموري سنڌ ۾ سياسي سماجي ثقافتي سرگرمين ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندو رهيو.

شايان ڳورڙ منهنجي ۽ سمورن جي دلين ۾ زنده رهندو.

**غوث جتوئي**

**مرڪزي اڳواڻ A.J.P سنڌ**

111

## شايان جي جدو جهد کي سلام

اڄ شايان ڳورڙ جي اوچتي وفات تي مون کي سخت ڏک پهتو آهي. شايان ڳورڙ اسان جي تنظيم s.s.o جو مرڪزي عهديدار هو. اسان جو سياسي دوست ۽ سچو انسان هو.

**حسنين رضا ملاح**

**اڳوڻو مرڪزي جنرل سيڪريٽري**

**s.s.o سنڌ**

111

### اڙي يار!

اڙي يار! شايان ايترو جلدي وڇوڙو ڪري ويندين! سوچيو نہ هو. ياءُ شايان سان ملندي ڪجھ عرصو ٿيو هو. اڄ شايان جي وڇوڙي جو ٻڌي ڪري يقين ئي نہ ٿيو!

اڻ مندائتو موت، شل رب ڪنهن کي نہ ڏي.

**سجاد حيدر سولنگي**

**سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو**

111

### وڇڙيو آهين، وسريو ناهين.

شايان جي باري ۾ لکجي تہ هو هڪ سٺو دوست هو. شايان سان ڍاڪو ڪن ملاقاتون هيون، پر جڏهن بہ مليو سدائين کلندي مذاج ۾ مليو، عاقب جي ڪري اسان کي ڀائرن وانگر عزت ڏيندو هيو. کل، مذاق، مشڪري، دوستن کي کلائڻ ۾ جيترو ڪنڌار مڙس هو اوترائي ڪنڌار ٺهڪ ڏيندو هيو. الله تعالیٰ کيس اعلیٰ مقام عطا فرمائي.

**عباس علي سولنگي**

111

### توکان ٿيندي ڌار!

اڙي! شايان بس اوهان جي باري ۾ ڇا چوان؟ اوهان سان ملاقاتون تہ چند ٿيون. پر اوهان سان جڏهن بہ مليس تہ ڏاڍو مزو آيو ۽ خوشي ٿيندي هئي. اوهان کان ڌار ٿيندي ڏاڍي تڪليف ۽ ڏک ٿيو.

**شاهزيب ماڇي**

**سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو**

111

**تون شير آهين.**
**شايان شير، واقع تو شير آهين.**

دنيا کی عادت ہے بدل لیتی ہے آنکھیں
میں اس کی دم لینے کی سبب سوچ رہا ہوں

مون ڪڏهن اهو سوچيو نہ هو تہ مان شايان تي تاثرات لکندس. شايان اهو شخص هو. جيڪو سدائين خوشگوار موڊ ۾ هوندو هيو، سياسي پروگرام ۾ هجي، غمي، شادي جو موقعو هجي اتي شايان سدائين اول پهچڻ وارو شخص هو.

سانسوں کی مہلت کب تک ختم ہو جائے معلوم نہیں
دکھ کوئی ملا ہو میری ذات سے تو معاف کرنا

**محمد حسن پرٿ ميهڙ**

ا ا ا

بچھڑا اس ادا سے کہ رت ہی بدل گئی،
اک شخص سارے شہر کو ویران کر گیا۔

We Always For Ever love With U

**سجاد علي ڳورڙ**

ا ا ا

شايان ڳورڙ جي وڇوڙي تي تمام گهڻو صدمو پهتو. سندن يونيئرن سان ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون.

**محمد نوح تيوٽو**
**استاد هاءِ اسڪول (1) ميهڙ**

ا ا ا

## اسان جو سياسي دوست

اڄ اسان کي شايان جي اوچتي خبر حيران ۽ پريشان ڪري ڇڏيو ۽ حقيقت ۾ڪلاڪن تائين يقين نہ پئي آيو.

شايان اسان جو ڀائٽيو بہ هيو تہ اسان جو سياسي دوست بہ شايان سان منهنجون ڪچهريون ڏينديون رهنديون هيون. لڳندو هو تہ شايان سنڌ لاءِ هڪ بهترين ثابت ٿي سنڌ ڌرتي لاءِ ڪردار ادا ڪندو. پر شايان پنهنجو سفر پنهنجي سياسي ساٿين لاءِ ڇڏي هليو ويو. جيڪو اسان کي ياد رهندو ۽ شايد ڪنهن شايان لاءِ چيو هيو تہ.

اســان جــي مئاســين، ســفر ۾ اوســاتي.
تــہ ماڻيــندا منــزل، پنهنجــا ڊول ڍاتــي.

**بيريسٽر ساجد علي ڳورڙ**
**اڳواڻ P.T.I سنڌ**

l l l

شايان جي اوچتي وڇوڙي تي تمام گهڻو ڏک پهتو آهي. شايان با اخلاق با ڪردار ماڻهو. هن جو هر ڪنهن سان سٺي نموني پيش اچڻ جو رويو تمام گهڻو متاثر ڪندڙ هو، شايان جو اخلاق، سياسي، سماجي خدمتون هميشہ ياد رهنديون.

**ڊاڪٽر ماجد علي ڳورڙ ميهڙ**

l l l

مند نہ جن جي مرڻ جي،
مار پوئي موت، اڻ مدائتو آئين،

گهايئي اهڙا گهوٽ مند نہ جن مرڻ جي، مولا علي ع جن. فرمايو تہ " انسان کي موت ايندو آهي پر ان جي ڪردار کي نہ" چو جو انسان جوڪردار تہ زنده هوندو آهي، شايان جو ڪردار تمام بلند ۽ اعليٰ هو. انجون جيڪي ڳالهيون سندس عزيز دوست ۽ ساٿي ڪن ٿا سي بلڪل درست آهن، مولا کيس اعليٰ درجو عطا ڪري .

**عاشق حسين چنو چتو واهڻ ڏوڪري**

l l l

## جيئڻ تورا ڏينهڙا

گهوڙن ۽ گهوٽن جيئڻ تورا ڏينهڙا،
ڪڏهن منجهه ڪوٽن، ڪڏهن راهي رڻ جا،
شاهه

شايان جي موت جي خبر جيئن ئي سائين شعبان ٻڌائي ته زمين پيرن هنيان نڪري وئي ۽ مان ڪٺ جي ٻانهين ۾ هٿ وجهي ويهي رهيس، هوش حواس گم ٿي ويا ته هي اچانڪ ڇا ٿي ويو. اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا، ڇا ته هن جو اخلاق هو، کلڻو ملڻو ماڻهو اسان کان جدا ٿي ويو. ڌڻي شل سندس خاندان کي صبر عطا فرمائي.

امجد علي ڪوسو ميهڙ

l l l

بسم الله الرحمن الرحيم

اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّااِلَيۡہِ رَاجِعُوۡن

الصلواة وسلام عليڪَ يا رسولَ الله عليہ وسلم

جيئن فون جي ڪال آئي ۽ خبر پئي ته محترم جناب علي شير ڳورڙ جو فرزند ارجمند شايان جي بجلي ڪرنٽ لڳڻ جي ڪري شهادت ٿي وئي آهي. ته ان وقت زمين پيرن هينان نڪري وئي، تمام گهڻو ڏک رسيو، جنهن جي حد نه رهي، پر الله جي رضا ۾ بندي کي راضي رهڻو آهي. اهوئي پنهنجي حڪمت جو مالڪ ۽ صاحب آهي. والدين لاءِ نوجوان پٽ جو وڇوڙو جهوريندڙ آهي. پر پاڻ سڳورن جو ارشاد آهي ته "نوجواني جو موت شهادت آهي ۽ حادثي جو موت به شهادت آهي" الله تعالىٰ هن جي قسمت ۾ شهادت لکي ڇڏي هئي. ان جي ايتري زندگي هئي. الله تعالىٰ ان کي جنت الفردوس ۾ جڳهه عطا فرمائي آمين، شايان جهڙو ان جو نالو هيو اهڙوئي اخلاق وارو، جسامت وارو، برد بار نوجوان، جڏهن به ان سان ملڻ ٿيندو هيو ته وڏي ادب ۽ احترام سان پيش ايندو هو، اسان ان جي وڇوڙي تي رشتيدارن سان ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون. دعا آهي ته رب پاڪ کيس جنت الفرودس عطا فرمائي.

بنده ناچيز

مولوي عرض محمد طاهري، ميهڙ

www.sindhsalamat.com

ا ا ا

**گهايئي اهڙا گهوٽ**

مــــاري پــــوئي مــــوت شـــل، اڻ منــــدائتو آئــــين،
گهـايئي اهـڙا گهـوٽ، جـن جـي منـد نـه هئـي مـرڻ جـي.

شايان ڳورڙ جي اوچتي وڇوڙي جو ٻڌي يقين نه پئي آيو ته شايان اسان کان جدا ٿي ويو آهي.

سائين علي شير ۽ شايان اسان ڇڻ ته هڪ ئي گهر جا ڀاتي آهيون، شايان هڪ بردبار، بااخلاق ۽ باڪردار نوجوان هو، هن ۾ تقرير ۽ ڪمپئرنگ جا به وڏا گڻ هئا. اسان سندس خاندان  سان هن سانحي ۾ برابر جا شريڪ آهيون.

**عبدالصمد ٻگهيو**

**هـ م دائود مهيسر اسڪول**

**خزاچي پ ث الف ميهڙ**

ا ا ا

## منهنجو پيارو شاگرد

شايان منهنجو پيارو شاگرد ۽ ٻچو هو. مون هن جي تربيت ڪئي ۽ اسٽيج جي دنيا تائين پهچايو، تمام سٻاجهڙو ۽ پيارو ٻچو هو، نه فقط شايان پر سيئي ٻورڙ منهنجا يائر، وڏا ۽ دوست آهن، مان پنهنجو پاڻ کي جڻ ته ٻورڙ فيملي جو ڀاتي سمجهندو آهيان، اڄ جڏهن ان جي اوچتي موت جي خبر پئي ته تمام گهڻو ڏک ۽ صدمو پهتو. دل جي ڳالهه اها آهي ته هن تمام ننڍڙي عمر ۾ جڻ ته پنهنجي الڳ تلڳ سڃاڻپ ۽ شخصيت ناهي ورتي هئي ۽ اها ان جي شخصيت متاثر ڪندڙ شخصيت هئي. هن تمام ننڍڙي عمر ۽ عرصي ۾ هڪ تعليمي، سماجي ۽سياسي حيثيت ۾ مختلف حلقن ۾ هڪ شاگرد اڳواڻ جي حيثيت ۾ پنهنجي سڃاڻپ ڪرائي. اگر جي خدا ان کي اجان حياتي ڏيئي ها ته هو مستقبل ۾ هڪ قومي اڳواڻ جي حيثيت ۾ سنڌي قوم لاءِ ضرور پنهنجو متحرڪ ڪردار ادا ڪري ها!.

تـــوکي ڪيــــر وســـاري ســـائين،
تـــوکي وســـارڻ اوکـــو هونـــدو،
پنهنجـــو پـــاڻ ســـان دوکـــو هونـــدو،
جيســـين مـــوت نـــه مـــاري ســـائين،
تـــوکي ڪيــــر وســـاري ســـائين.

**منور جتوئي، ٻيٽو**
**مرڪزي اڳواڻ قومي عوامي تحريڪ**

111

## گهوڙن ۽ گهوٽن جيئڻ تورا ڏينهڙا.

اڄ سائين علي شير ٻورڙ جو نوجوان، بااخلاق، ذهين ۽ فضيلت ڀريو لائق فرزند پياري شايان علي جي بي وقتائتي رخصتي تي تمام ڏک رسيو، شال ڌڻي تعاليٰ سوڳوار خاندان کي صبر جي توفيق عطا فرمائي.

**لياقت علي ڏيپر**
**هاءِ اسڪول ٽيچر**

111

www.sindhsalamat.com

اڄ اسان کي دلي صدمو پهتو آهي. اسان جو جيءُ جهري پيو، جڏهن اسان کي اسانجي پياري دوست علي شير ڳورڙ جي فرزند جي اوچتي وفات جي خبر پئي. مولا پنجتن جي ڇانو هوندس.

**رئيس پرويز احمد چانديو، ميهڙ**

l l l

پياري دوست سائين علي شير جي فرزند جي اوچتي وڇوڙي تي سخت صدمو رسيو ڏٽي در دعا آهي ته سندس درجات بلند رهن.

**SIP اميدعلي شيخ، ميهڙ**

l ll

**گيت اڌورا آءُ نہ هوندس**

ڪڏهن هوا دروازو کولي
منهنجي گهر ۾ پيهي ايندي،
۽ مون کي ڪرسي تي ڳولي.
مايوسي مان موٽي ويندي،
منهنجي ميز مٿان سڄ ڪاغذ،
پکڙيل هوندا آءُ نہ هوندس.
گيت اڌورا آءُ نہ هوندس
۽ پيو چاچا آءُ نہ هوندس.

اسان جي يار سائين علي شير ڳورڙ جي نوجوان فرزند شايان ڳورڙ جو اوچتو ڏکوئيندڙ وڇوڙو سندس خاندان لاءِ وڏي صدمي سان گڏ اسان لاءِ بہ هڪ صدمي کان گهٽ نہ آهي.

شايان ڳورڙ هڪ متحرڪ ۽ سرگرم سياسي ڪارڪن قومي ڪارڪن هو، هونئن تہ پڙهيل لکيل نوجوانن جو تعداد سون هزارن ۾ هجي ٿو. پر انهن ۾ ٿورڙا نوجوان هجن ٿا، جن کي پنهنجي ماٿهن ،ديس ڌرتي قوم جو فڪر، تبديلي ۽ آزادي جي سوچ سندس ذهن ۾ هجي ٿي ۽ کيس بيقرار بہ ڪري ٿي. شايان ڳورڙ بہ قومي

سوچ جي جذبي سان سرشار هو. ۽ هن پنهنجي ديس ڌرتي ۽ ماڻهن جي خوشحالي لاءِ سياست جي شاگرد ونگ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو، هڪ سڀاجهو، سادو، محبتي نوجوان هو. سندس ڪمهلو وڇوڙو ڏاڍو ڏکوئيندڙ آهي.

**آزاد انور ڪانڌڙو**

**مرڪزي ترجمان سنڌي ادبي سنگت**

l l l

شايان علي ڳورڙ جو ننڍي عمر ۾ وڇوڙو وساري نٿو سگهجي. شايان علي بهترين انسان هيو، شايان علي جي ننڍي عمر ۾ سوشل ڪمن کي وساري نٿو سگهجي

**ذوالفقار علي کوسو**

**جنرل سيڪريٽري گسٽا ضلع دادو**

l l l

شايان جي موت مائٽن کان سواءِ دوستن کي به صدمي ۾ وجهي ڇڏيو آهي.

**گلاب خان ڳڻ**

**رپورٽر: عبرت ٽرڙي محبت**

l l l

شايان جي موت جي خبر ٻڌي سچ ته جڻ اکين آڏو اونده ٿي وئي هئي. هو نه صرف اسان جو مائٽ هيو. پر جڻ ته دلي دوست به هو. شايان يارن جو يار هو. اهڙا مکڻ ماڻهو صدين بعد پيدا ٿيندا آهن.

**ڊاڪٽر ذوالفقار ڳورڙ**

l l l

### رهنمائي ڪندڙ

شايان علي جو اوچتو وڇوڙو ڪنهن صدمي کان گهٽ نہ آهي. آءٌ نواب شاهہ هيس تہ منهنجي ڀائٽي، شايان علي جي شهادت جي خبر ڏني. يقين ئي نہ پئي آيو. تہ ڪو شايان اسان کان جدا ٿي ويو.

آءٌ اهو چوندس تہ شايان منهنجي رهنمائي ڪندڙ هيو. ننڍڙي عمر ۾ شايان هڪ ليڊر طور اڀريان آيو. وڏين خوبين جو مالڪ هيو. شايان جو خال پرڻ ڏکيو آهي.

**حاجي عبدالشڪور ڀڳهيو،**
**چيئرمين حق فائونڊيشن، ميهڙ**

l l l

شايان جي وڇوڙي کي وساري نٿو سگهجي، هو بهترين انسان هيو. هن ننڍڙي ڄمار ۾ پنهنجي جدا سڃاڻپ پيدا ڪئي.

**غلام مصطفي ڀڳهيو، چارو**
**سوشل ورڪر، ميمبر حق فائونڊيشن**

l l l

### هڪڙو قومي نقصان

اڄ سائين علي شير جي فرزند شايان جي تڏي تي دعا گهرڻ آياسين. شايان جي وفات سائين علي شير لاءِ تہ وڏو صدمو آهي. پر مان سمجهان ٿو تہ اهو هڪڙو قومي نقصان بہ آهي، جو تہ 22 سالن جو ڳڀرو نوجوان ميهڙ شهر جي عوامي ۽ قومي مسئلن تي هميشہ اڳڀرو رهيو ۽ وڏي جوش ۽ جذبي سان بي لوث خدمت ڪيائين ۽ جيڪڏهن موت ڪيس هڪ موقعو ٻيو ڏئي هاتہ گهڻو ڪجهہ ڪري وڃي ها.

پر اڄ سنڌس مائٽ روئندڙ ۽ سِسڪندڙ حالت ۾ آهن ۽ پاڻ اهڙي ڏيهہ هليو ويو آهي. جو ڪيس ڳولڻ بلڪل ناممڪن آهي.

ميں تيرے اجنبی شہر ميں ڈونڈتا پھر رہا ھوں تجھے ،
مجھ کو آواز دے مجھ کو آواز دے،

**گل حسن مغيري، وڪيل**

111

اسان جي مئاسين، سفر ۾ او ساٿي،
تہ ماڻيندا منزل، پنهنجا ڍول ڍاٿي.
انتهائي ڏکوئيندڙ خبر ڪالهہ شام ڏاري ڳذري، تمام گهڻو ڏک ٿيو. اسان جي سفر جي ساٿي سائين علي شير جي جوان فرزند جي وڇوڙي دل کي جهوري وڌو، اسان سندس خاندان سان ڏک ۾ شريڪ آهيون.

**ايڊووڪيٽ اعظم خاصخيلي**
**عوامي تحريڪ ميهڙ**

111

**رب جي رضا تي راضي رهڻو آهي.**

شايان جي شهادت جي خبر ٻڌي يقين ئي نٿي آيو. تہ ڪو شايان اسان کان وڇڙي ويو آهي، شايان سلڇڻو ۽ بااخلاق نوجوان هيو.

**فقير شمس الدين آڳرو ميهڙ**

111

اسان جي مئاسين، سفر ۾ او ساٿي،
تہ ماڻيندا منزل، پنهنجا ڍول ڍاٿي.
شل ڪنهن جو نوجوان پٽ ڪنهن کان جدا نہ ٿئي!!!!!!.

**فياض احمد انصاري ميهڙ.**

111

### شايان گهوٽ

ادا علي شير منهنجا ياءَ کهڙا تا ٿرات لکون، بس شهيد گهوٽ کي لڙکن جي پيٽا ڏيون ٿا

عاشق علي کوسو
P.T.I مڊل اسڪول منگواڻي

l l l

### با صلاحيت نوجوان جو وڇوڙو.

سماجي ڪمن ۾ هميشہ اڳيرو رهندڙ شهيد شايان ڳورڙسنڌ جو عاشق هو. تمام گهڻين خوبين ۽ صلاحيتن جو مالڪ هو. پاڻ سدائين انساني خدمتن ۾ اڳيرو رهندو هو. سدائين نوجوانن جي دلين ۾ زنده رهندو.

شفيق احمد چنہ
صدر الشفيق ويلفيئر ايسوسيئشن
لال شاھ ڪالوني ميهڙ.

l l l

### موت بر حق آهي.
### شايان ! اُف

اها خبر تہ شايان جيڪو مون کي پنهنجي پٽ وانگي پيارو هئو، هن دنيا ۾ نہ رهيو آهي تہ منهن جي لاءِ وڏو صدمو هئي. شايان پنهنجي ننڍڙي عمر ۾ هڪ وڏي سوچ جو مالڪ هيو، هو هر ڪنهن جو هر دلعزيز ۽ پنهنجي حلقءِ احباب جي اکين جو تارو هئو. ۽ مون اهڙا نوجوان تمام گهٽ ڏٺا آهن. موت بر حق آهي. مگر ڪي ڪي ماڻهو پنهنجي ڪردار سان گفتار سان ۽ عمل سان موت جهڙي

پيانڪ شئي کي بہ شڪست ڏئي ويندا آهن. شايان انهن مان هڪ آهي.

اسان جي دعا آهي خاص طور سائين علي شير ۽ سائين حسين بخش ڳورڙ لاءِ اها آهي.

(p.t.c) تہ هو هميشہ خوش رهن ۽ ڪين هن صدمي کي سهڻ جي رب پاڪ کين توفيق عطا ڪري ۽ شايان شهيد کي الله تعاليٰ جنت ۾ جاءِ ڏئي آمين.

**غلام دستگير ڳورڙ**

**چيئرمين ٽائون ڪاميٽي راڏڻ ۽**

**جنرل سيڪريٽري پ پ ضلع دادو.**

l l l

جيڪـــي جـــيءَ ڪـــي جيـــارين
ســـي لاهـــوتي لـــڏي ويـــا

شايان علي ڳورڙ جي اچانڪ وڇوڙي تي دلي صدمو رسيو آهي. هن گهوٽ پٽ جي وڇوڙي تي رب پاڪ ان جي والد سائين علي شير کي صبر جي توفيق فرمائي.

اسان محترم علي شير سان ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون.

**بدرالدين سهول**

**سابق صدر ميهڙ پريس ڪلب**

l l l

شايان علي ڳورڙ جي اوچتي وڇوڙي تي ميهڙ واسين ۽ دوستن کي دلي صدمو رسيو. هن جو خال تمام ڏکيو پربو.

**شوڪت علي پلھ، احسان علي پلھ**

**ميونسپل ڪاميٽي ميهڙ.**

l l l

شهيد شايان علي ڳورڙ هڪ مدبر، غيرت مند ۽ جوش جذبي رکڻ وارو شاگرد هو. جڏهن اسڪول ايندو هو ته پار سندس صحبت ۾ ويهندا هئا. ۽ پار چوندا هئا. ته شايان کان اسان گهڻو ڪجهه سکي رهيا آهيون. ان کان علاوه سماجي مسئلا به پاڻ ۾ بين سان گڏجي حل ڪرائڻ ۾ مدد ڪندا هيا. سندس اچانڪ وڇوڙي تي سڄي ميهڙ سوڳوار ٿي وئي.

**سيد ذوالفقار علي شاهه**

H.S.T **هاءِ اسڪول ون.**

l l l

محترم سائين علي شير ڳورڙ جي جوڏي ۽ ارڏي پٽ شايان علي ڳورڙ جي اوچتي وڇوڙي تي سڄي ميهڙ سوڳوار نظر آئي، موت ته هڪ اٽل حقيقت آهي. مگر شايان علي جي شخصيت يا ان جي تصوير وڏيڪ چٽي نظر آئي. جڏهن ان جي جنازي نماز ۾ مڪمل ميهڙ ۽ آسپاس جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري ان جي با اخلاق هجڻ جو ثبوت ڏنو. اسان جي دعا آهي. ته محترم شايان علي شهيد جي ناتي جنت ۾ هوندو، شايان جي جملي خاندان کي هن ڏک سهڻ جي طاقت عطا فرمائي.

**اقبال احمد لاکير**

**ه پ گ اسڪول نئون ڳوٺ**

l l l

مــار پــوئي مــوت گهــايئي اهــڙا گهــوٽ.

منـــد نـــه جـــن جـــي مـــرڻ جـــي.

اهڙا جوڌا صدين کان پوءِ پيدا ٿيندا آهن، جيڪي تاريخ ۾ ياد رهن ٿا. سائين علي شير جي فرزند ارجمند جي حياتي ۾ والدين جو حق ادا ڪيو. محترم شايان علي جو چهرو جهڙو حسين هيو. اوترو ئي نيڪ سيرت هيو.

**احمد رضا بن مولوي**

**حزب الله آڳرو ميهڙ**

l l l

www.sindhsalamat.com

شايان ڳورڙ جي خبر پئي ته دل مڃي نه پئي. ته نوجوان شاگرد ائين وڇڙي ويندو. اهو تمام وڏو صدمو آهي.
شايان اسانجو پائيٽو هيو. جتي ملندو هو. لک عزتون ڏيندو هيو. اڄ هو اسان کان هميشه لا ءِ موڪلائي ويو آهي ڏٽي در دعا آهي سندس خاندان هي صدمو سهي سگهي، مونکي دلي طرح ڏاڍو ڏک ٿيو آهي پر ڇا ڪجي موت کي.

**فاروق سومرو ڳاهي جو ڳوٺ**

l l l

شهيد شايان ڳورڙ وڏو همدرد انسان هيو. هن ميهڙ جي مظلوم ۽ محڪوم ماڻهن جي حقن لاءِ آواز اٿاريو.

**ايڊووڪيٽ اسدعلي مهيسر**

**ميهڙ**

l l l

شايان ڳورڙ هڪ بهترين شاگرد اڳواڻ ذهين، سوبر ۽ مدبر ماڻهو هو. هن جو اوچتو وڇوڙو خاندان سميت دوستن لاءِ وڏو صدمو پڻ آهي.

**جميل احمد مهيسر**

**سابق صدر ميهڙ پريس ڪلب**

l l l

پياري دوست علي شير جي ڳيرو پٽ شايان جي اوچتي وڇوڙي تي مون کي تمام گهڻو ڏک ٿيو. سندس لاءِ هميشه دعاڳو آهيون.

**سراج احمد پنهور**

**محبان حبيب و**

**جماعت غوثيه مخدوميه، ميهڙ**

l l l

www.sindhsalamat.com

اسان جي ياءُ روشن علي جي دوست علي شير ڳورڙ جو وڏو پٽ شايان تمام پيارو ۽ دلبر منهنجو ڀائٽو هو. هميشہ دل ۽ جان سان ملندو هو. تمام هوشيار ۽ ذهين هيو. اهڙا ماڻهو تمام ٿورڙا آهن. هو سستي شهرت جو قائل نہ هو ۽ نہ ئي لئي جي بک هيس. هميشہ جستجو ۾ رهندو هيو. هن جو خال رهندو ۽ ان جون يادون رهنديون.

**ايڊووڪيٽ عبدالرشيد ٻگهيو**

lll

**شايان سان پهرين ملاقات**

اڄ کان ڪافي سال پهرين جڏهن آءُ نادر ٻرڙو، نور جتوئي، راشد چنو ۽ ٻيا دوست S.B.T ۽ S.S.T ۾ سرگرم هئاسين ۽ ان کان پوءِ هڪ ننڍڙو، سهڻو نوجوان پڻ هيو، جيڪو هر وقت ايڪٽو، پوءِ شاعري هجي يا تقرير بازي، اهو هو اسان جودوست شايان علي ڳورڙ ۽ ان کان پوءِ اسان تہ پنهنجي ڪمن ۾ مصروف ٿي وياسين. پر اها ٽيم شايان جي اڳواڻي ۾ تمام گهڻو سرگرم ٿي ۽ پوءِ شايان ۾ جيڪي لڪل خوبيون هيون اهي ظاهر ٿيڻ لڳيون S.S.T ۽ عوامي تحريڪ جي سفر کان A.J.P تائين شاگرد ونگ ۾ اڳيان اڳيان رهيو. شايان ۾ هڪ ليڊر وانگر خاصيتون هيون. پڙهائي جي ميدان ۾ بہ پاڻ ملهايائين پر ڪنهن کي ڪهڙي خبر تہ اسان جو پيارو دوست اسان کان ائين ئي جلدي وڇڙي ويندو، بهرحال شايان سان گهڻي ذهني ويجهڙائي رهي. جنهن ۾ هن جون مسڪراهٽون هر وقت ياد رهنديون .

**وحيد لاشاري**

**ميهڙ**

lll

شايان اسان جو پارٽي دوست هيو. آءُ جڏهن قومي عوامي تحريڪ ۾ شامل ٿيو هيس. تہ منهنجي پهرين ملاقات شايان سان ٿي هئي.

**علي احمد هالو**

**جنرل سيڪريٽري**

**قومي عوامي تحريڪ ميهڙ**

ااا

پياءُ شايان جو اڻ مندائتو وڇڙي وڃڻ ڏاڍو دل کي ڏاريندڙ لمحو آهي، ڇو تہ اسان جا ڪافي سالن کان سائين علي شير سان وڏي پائرن جهڙا تعلقات رهيا آهن. اسين. جڏهن بہ ملندا آهيون تہ تمام وڏي سڪ ۽ چاهہ سان ملندا آهيون۽ ان دوران شايان سان بہ ائين ئي پنهنجائپ وارو رشتو رهيو. جتي بہ ملندو هو تہ مرڪي اچي ڪيڪار ڪري ملندو هيو.

مون وٽ ايترا لفظ نہ آهن، جو اڄ هن ڏک ڀرئي لمحي تي آءُ بيان ڪري سگهان.

بس ڏٽي در دعا آهي تہ رب هن کي جنت ۾ جاءِ عطا فرمائي.

**ذوالفقار علي چانديو وڪيل**

**صدر عوامي تحريڪ تعلقہ ميهڙ**

ااا

شايان علي ڳورڙ جو وڇوڙو نہ رڳو هن جي خاندان لاءِ پر سڄي شهر ۾ هن جي موت تي سوڳ ڇانيل آهي. شايان خود شايان شان هو.

هن جي اوچتي وڇوڙي تي دل کي ايترو تہ صدمو رسيو جو لفظ ناهن جو بيان ڪجن. الله پاڪ کان دعا آهي تہ سندس والدين کي صبر ۽ تحمل عطا ٿئي.

**سيد محمد شاهہ آف ميهڙ**

ااا

هونءَ تہ هرهڪ ڪي هيءَ دنيا ڇڏڻي آهي پر ڪجھ حادثا ۽ واقعا ايترو تہ اثر ڇڏيندا آهن. جن ڪي نہ وساري سگھبو آهي. شايان علي جو حادثاتي موت بہ انهن واقعن ۾ هڪ واقعو آهي. سندس والدين ۽ عزيز تہ جلدي ڪين نہ وساري سگھندا. پر جيڪي بہ شايان کي سڃاڻيندا هوندا اهي بہ هن جي اخلاق ۽ جواني واري حادثي کي ڪافي ٽائيم تائين ڪونہ وساري سگھندا.

**پروفيسر واحد بخش ٻگهيو، ميهڙ**

l l l

شايان علي ٻورڙ جو جواني ۾ اوچتو حادثاتي موت تمام گھڻو ڏکوئيندڙ ۽ صدمي پريو آهي. جيڪو ڪڏهن بہ نہ وسرندو.

**محمد يوسف مرڙاٽي چانديو، ميهڙ**

l l l

شايان علي ٻورڙ پنهنجي ننڍڙي عمر ۾ تمام وڏا ڪم ۽ جدوجهدون ڪيون . هو ميهڙ جو هر دلعزيز شاگرد اڳواڻ هيو، جنهن نوجوانن جي تربيت ڪئي.

**محبوب علي ٻگهيو، ميهڙ**

l l l

شايان کي هڪ بهترين فرمانبردار، محنتي ۽ سنجيده شاگرد طور ڏٺو. هي منهنجو ڪجھ وقت شاگرد رهيو، ان عرصي دوران هي پنهنجي پڙهائي ۾ تمام گھڻو سنجيده رهيو، استاد کي عزت ڏيڻ ۽ انجو خيال رکڻ هن جي پهرين ترجيح هئي. هميشہ خوش مزاج رهندو هو. مسڪراهٽ هن جي چهري تان نہ ويندي هئي.ڪلاس ۾ بہ ڪلاس فيلوز سان بہ هن جو انتهائي بهترين ۽ مطمئن ڪندڙ رويو هيو. ڪڏهن ڪنهن دوست تي ڪابہ ٽوڪ نہ ڪندو هيو. نہ ئي ڪنهن جي خلاف سازش ڪندو هيو. سمورن کي

گڏ ڪٽي هلڻ جي طبيعت رکندڙ هو. هن ۾ ليڊر شپ اسڪلز هئا. دوستن کي ليڊ ڪرڻ، بهترين نموني دوستن جا مسئلا حل ڪرڻ ۾ اڳيان هوندو هيو، خصوصي طور تي اسڪول يا ڪاليج ۾ شاگردن سان ٿيندڙ مسئلن تي شاگردن سان گڏ هوندو هيو. سماج کي سڌارڻ ۽ بهتر بنائڻ لاءِ سدائين سرگرم رهيو. ڪانفيڊنس ليول بهتر هيس، اسٽيج تي پنهنجو ڪيس تمام بهتر انداز سان پيش ڪرڻ، ڪنهن آفيسر سان ڳالهائي پنهنجو مسئلو حل ڪرائڻ هن جي طبيعت هئي.

شايان جو وڇوڙو نه صرف والدين پر اسان سمورن لاءِ وڏو صدمو آهي. ۽ اڄ شاگرد جدوجهد کي وڏو ڌڪو رسيو آهي. ڏاڍي ڏک سان هن جي خاندان کي صبر ۽ تحمل ڏئي. ۽ هو جنت ۾ اعليٰ مقام تي هجي، آمين.

**A.D ميمڻ، ميهڙ**

l l l

شايان شهيد اسان جي شهر جو باشعور ۽ متحرڪ نوجوان هيو. هن جي وڇوڙي تي دلي صدمو پهتو آهي.

**عبدالوحيد ملڪ، ميهڙ**

l l l

شهيد شايان علي ڳوري اسان جي علائقي جو نهايت باشعور نوجوان هيو. هن جمهوري ۽ انساني حقن لاءِ هميشه آواز بلند ڪيو. ڏاڍي در دعا آهي ته سندس خاندان سندس وڇوڙي تي صبر ڪري ۽ شهيد لاءِ دعاڳو رهن.

**شاه رخ طلعت اقبال مهيسر**
**ڳاهي مهيسر**

l l l

شهيد شايان ڳورڙ نهايت سلڇڻو نوجوان هيو. هن جي ننڍپڻ کان ئي صبر واري طبيعت هئي. شايان پنهنجي بابا کي بچائيندي شهادت جو جام پيتو. رب پاڪ والدين کي صبر جي توفيق عطا فرمائي.

**ڊاڪٽر اخلاق احمد سمون**

**ميهڙ**

l l l

آءُ ان ٽائيم تمام گهڻو پريشان ۽ خاموش ٿي ويس، جڏهن ڪنهن دوست ٻڌايو ته سائين علي شير جو جوان پٽ وڇڙي ويو آهي. مان خاموش ٿي ويس ۽ سوچڻ لڳس ته اسانجو دوست علي شير جوان پٽ جو صدمو ڪيئن برداشت ڪندو. آءُ شايان کي ان ٽائيم کان سڃاڻان جڏهن هو پارٽي پروگرامن ۾ ڪمپيئرنگ ڪري رهيو هو. هو تمام هوشيار ۽ بهادر هو. رب علي شير کي صبر جي توفيق ڏيندو.

**رياض حسين ڏيرو**

**ايڊووڪيٽ ميهڙ**

l l l

گيت آزاديءَ جاگونجن جيئن ئي،
ڪير جي گا گهر قبر تي هارجانءِ
تون سوين ڏيئاپتين تي ٻارجانءِ

شايان کي هميشه مون متحرڪ ڏٺو، هن ننڍڙي زندگيءَ ۾ وڏا ڪم ڪيا ۽ ايترا وڏا ڪم، جو مون کي سندس زندگي ۾ ڪٿي به ڪا ساهي يا ڪاما نظر نه آئي بلڪ مون ڪيس شروعات ۾ ڏٺو ۽ آخر ۾ وري سندس زندگي جو فل اسٽاپ نظر آيو.

ڪانظر لڳي وئي، جڻ گهرجي بهارن کي،
ڪو نانگ سراپي ويو، نينهن نظارن کي.

**رياض چانڊيو، ميهڙ**

**سياسي تجزيه ڪار**

**نوجوان صحافي**

l l l

www.sindhsalamat.com

گهـــوڙن ۽ گهـــوٽن، جيـــئڻ تـــوروڙا ڏينهـــڙا،
ڪـڏهن منجهـ ڪـوٽن، ڪـڏهن راهـي رڻ جا.

منهنجو محبوب دوست ۽ پيارو سوٽ شايان شير ڳورڙ جنهن جو اوچتو وڇوڙو اسان لاءِ تمام وڏي اذيت آهي. شايان ڳورڙ خوش اخلاق، باڪردار، باعمل ماڻهو هو. جڏهن به مليو ته مسڪرائي مليو. هن جي طبيعت ۾ مزاح جو پهلو به هيو، منهنجي زندگي جو گهڻو وقت هن جي صحبت ۾ گذريو.

شايان سان ادب، سياست، عشق ۽ انقلاب تي وڏيون ڪچهريون ٿينديون هيون، هو انهن موضوعن تي وڏي ڄاڻ رکندو هيو، هو انقلابي سوچن ۽ خيالن جو ماڻهو هو. هن سان روح جا ناتا هئا. هن جي وڇوڙي ڪان پوءِ اسان ذهني طور فنا ٿيا آهيون.انهن خوشين جي بحالي ناممڪن آهي. شايان اسان جي دلين ۾ زنده رهندو.

**ڳورڙ دانيال بدر**

l l l

محترم سائين علي شير جو فرزند شايان علي ڳورڙ جيڪو سماجي ۽ سياسي ڪارڪن ۽ اڳواڻ جي حيثيت ۾ سڃاتو ويندو هو، هن جي شهادت اسان سمورن باشعور ماڻهن لاءِ وڏو صدمو آهي.

**محمد اسلم پنهور**
**پرائمري استاد پٽائي محلہ، ميهڙ**

l l l

شهيد شايان ڳورڙ هڪ نيڪ انسان ۽ اسان جي شهر جو متحرڪ ۽ جاکوڙي ڪردار هو. هن جي وڇوڙي سندس خاندان کي لوڏي ڇڏيو آهي.

**رضامحمد پٽو**
**H.S.T هاءِ اسڪول (1) ميهڙ**

l l l

وينـــي نـــت نهاريـــان، راڻـــا تنهنجـــي راهہ
موٽـــائي مـــاڳن تـــي شـــل آڻينـــدئي اللهہ
سوڍا تو ۾ ساهہ نہ تہ راڻا گهٽا آهن راڄ ۾.

اڄ منهنجو سوٽ ۽ جان کان بہ وڌيڪ پيارو دوست شايان علي ڳورڙ اسان کي اڪيلو ڪري ويو. جيڪو منهنجي زندگي جو وڏي ۾ وڏو صدمو آهي. شايان هميشہ خوش مزاج هر ڪنهن سان دوستن وارو رويو هوندو هيس. شايان اسان جو ٻچپن جو ساٿي هيو، هميشہ ڪان گڏ گهمندا ڦرندا هئاسين. شايان سان سياست ۽ سماجي ڳالهين تي بحث ٿيندو رهندو هيو.

شايان اهو شخص هو جنهن سان ڪچهريون ڪندي ڪڏهن بور نہ ٿيندا هياسين. جنهن ڏينهن شايان سنگت ۾ نہ هوندو هو. ائين لڳندو هو تہ سنگت ۾ سڀ گونگا آهن. شايان کي گهمڻ ڦرڻ ۽ فوٽوگرافي جو وڏو شوق هوندو هو.

شايان هڪ بهترين دوست سان گڏ هڪ دلير پٽ هئڻ جي ثبوت ڏئي ويو. آخري وقت تي پنهنجي والد صاحب جي جان بچائيندي پاڻ شهيد ٿي ويو. ۽ سڄي سنگت کي اڪيلو ڪري ويو.

**مطهر عزيز ڳورڙ، ميهڙ**

lll

اڄ زندگي جي ڪاري رات آهي. اڄ منهنجي ننڍپڻ جو دوست ۽ پيارو ساٿي اچانڪ اسان  کان وڇڙي ويو آهي. هن جي اچانڪ وڇوڙي دلي صدمو پهچايو آهي. دل مڃڻ کان انڪاري تہ ڪو شايان وڇڙي ويو آهي. اسان اڪثر گڏ هوندا هئاسين. جڏهن هن جو يادون ذهن تي اچن ٿيون تہ دل رت جا ڳوڙها ٿي ڳاڙي. شايان هڪ بااخلاق ۽ باڪردار انسان هو. اڄ شايان جو اچانڪ وڇڙڻ منهنجي لاءِ ڪنهن مصيبت کان گهٽ ڪونهي.

**عاشق علي پيرٽ، ميهڙ**

lll

www.sindhsalamat.com

جيئين تہ نورچشم شاياں علي شير ڳورڙ جي شهادت جي اوچتي خبر پئي. ڪافي وقت تائين يقين نہ پئي آيو. پر سمورن کي هلڻو آهي. شاياں علي جي موت جو صدمو سيني ياتين کي پهتو. پر ان سان گڏ سموري برداري ڏک ۾ ورتل آهي. افسوس ٿيو جو برادري هڪ با صلاحيت نوجوان کان محروم ٿي وئي.

**ديدار حسين ڳورڙ**
**ڳوٺ سرائي ولي محمد ڳورڙ**

l l l

اسان جي پياري دوست سائين علي شير جي موبي پٽ شاياں علي ڳورڙ جي اوچتي وڇوڙي جو ٻڌي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ افسوس ٿيو، شاياں سلڇڻو ۽ عزت ڏيڻ وارو دوست هيو.شاياں هر ڳالهہ جو مسڪرائي جواب ڏيندو هيو. پر مون سان گڏ ڊپلومہ ڪيائين جتي بہ ڏسندو هو اچي ملندو هو. شاياں سياسي ۽ سماجي ورڪر هيو ۽ سدائين پروگرامن جي اڳواٽي ڪندو هيو. سندس آواز ۾ وڏو مناس هوندو هو. اهڙي بهادر پٽ جي وڇوڙي تي صدمو پهتو آهي.

**ايڊووڪيٽ رضوان حيدر تنيو**
**A.J.P ميهڙ**

l l l

جتـي جيتريـون، لکيـون لـوح قلـم ۾،
اتـي اوتريـون گهڙيـون گهـارڻ آئيـون.
**(لطيف)**

سائين علي شير جي پٽ شاياں علي ڳورڙ جي وفات جو ٻڌي ڏاڍو صدمو رسيو، نوجوان اڳواڻ شاياں علي ڳورڙ جي وڃڻ جا ڏينهن تہ نہ هئا، پر تقدير جا فيصلا اٽل آهن. صبر کان سواءِ ٻيو ڪوبہ چارو نہ آهي. اسان جون همدرديون، سائين وارن سان گڏ آهن. الله تعالىٰ کين صبر، همت ۽ حوصلو عطافرمائي. آمين.

**حافظ نوراحمد جتوئي، ميهڙ**

www.sindhsalamat.com

l l l

اڄ منجهند جو محترم سائين علي شير ڳورڙ جي پٽ شايان علي ڳورڙ جي وڇوڙي جي خبر ٻڌي تمام گهڻو صدمو ٿيو، تازو شايان علي ڳورڙ مون مسڪين طرفان سائين عبدالله شاهه گودڙيو تي ڏنل دعوت ۾ شريڪ هو. ۽ تمام سڪ ۽ محبت سان شامل ٿيو.
سندس يادگار تصويرون مون وٽ سانڍيل آهن، ڪيس اسان پاران مليل پيار ۽ محبت ڪي ڏسندي شايان علي هميشه اسان جي پروگرامن ۾ پاڻ شامل ٿيندو رهيو. اها منهنجي پٽ صدام حسين جي شادي هجي يا ٻيو ڪو پروگرام، شايان علي هميشه اسان سان گڏ رهيو. تازو سرائي مظهر علي خان ڳورڙ جي پڳ واري رسم ۾ ڪمپئرنگ ڪندي به هو مون سان گڏ رهيو. ۽ منهنجي مدد ڪندو رهيو، سندس اخلاق ۽ محبت ڪي وساري نٿو سگهجي.

**مدد علي ڳورڙ، سوجهرو ڳورڙ**

l l l

موت پوئي موت تون، جي آئين اوچتي،
گهڻا ڪونڌر گهائيا، ارڏا ۽ اڻموت،
لاڙو ڪرين ها لطيف چئي ڪانه پوي ها ڪوت.
گهايئي اهڙا گهوٽ، جن جي مند نه هئي مرڻ جي.

آءُ دلي طور تي سائين علي شير ڳورڙ جي ڏک ۾ برابر جو شريڪ آهيان، سائين جي نوجوان ۽ ڪونڌر پٽ جي المناڪ شهادت، مظلوم قومن ۽ طبقن ڪي جهوري وڌو آهي.

**حافظ رسول بخش مينگل**
**رهنما نيشنل پارٽي**
**ضلع لسبيلا بلوچستان**

l l l

www.sindhsalamat.com

اڄ منهنجو دوست منهنجو  ڀاءُ شايان علي ڳورڙ اسان کان هميشہ لاءِ وڇڙي ويو. شايان جهڙا بااخلاق ۽ بهترين دوست ڀاڳن وارن کي ملندا آهن، هن جي بغير اسان پاڻ کي اڪيلا محسوس ڪنداسين.

دعا آهي تہ شل ڌڻي پاڪ هن جي خوابن کي ساڀيان ڪري.

**مير صداقت علي خان ڀلهڙو**

**ميهڙ**

l l l

اسان جو پيارو ساٿي شايان علي اسان وٽ موجود نہ آهي، پر سندس جذبا ۽ جدوجهد عوامي جمهوري پارٽي جي قافلن سان گڏجي هلڻ واريون يادون، هميشہ اسان وٽ ياد رهنديون.اسان سندس وارثن جي ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون.

**ڏٽي بخش بليدي**

**ج س A.J.P ضلع قمبر شهدادڪوٽ**

l l l

مار پوئي موت، تون اڻ مندائتو آئين،
گهايئي گهٽا گهوت، مند نہ هئي مرڻ جي.

**محمد صلاح چانديو**

**A.J.P اڳواڻ، ڪائونسلر**

**وارھ ضلع قمبر**

l l l

نہ سي وونئن وٽن ۾، نہ سي ڪاتاريون،
پسيو بازاريون، هينئڙو مون لوڻ ٿئي.
(شاهہ)

ڪالهہ جڏهن محمد يوسف پنهور صاحب پاران فيس بوڪ تي مهربان، ملنسار، ڪشاده دل سائين علي شير ڳورڙ صاحب جي نوجوان فرزند، نالي شايان علي جي اوچتي وڇوڙي واري پوسٽ پسيم هيڪر تہ ڏک ۽ افسوس واري ڪيفيت سان من ٻڌار ٿي ويو. مرحوم جومنهنجي خيال ۾ شهيد ٿي ويو آهي، ظاهري جسامت ۾ نهايت خوب صورت ۽ وٽندڙ شخصيت جو مالڪ ٿي لڳم، اهو سوچي مون کي تہ ڳالهہ سمجهہ کان مٿي لڳي تہ ان صدمي کي ابي، امان، ڀينرن ۽ ڀائرن ڪيئن منهن ڏنو هوندو! رب ڪريم پنهنجي بيپرواهي ۽ بي نيازي کي عجب طريقن سان پيو ظاهر ڪندو آهي. هن جي فيصلن آڏو اسان هيڻن ۽ بيوس انسانن وٽ سواءِ صبر جي ٻيو ڀلا ڪهڙو هٿيار آهي، يا واهہ آهي. شهيد پنهنجي تعليم ۽ تربيت جو صحيح اسعمال ڪرڻ وارو هن معاشري جو هڪ ڪارائتو فرد هيو. جنهن جو وڇوڙو جتي سندس خاندان لاءِ انتهائي صدمي جو باعث هوندو. پر ساڳي وقت شهر ميهڙ ۾ اسانجو سنڌي سماج هڪ هونهار شخصيت جو نقصان جهيلندي محسوس ٿئيم ٿو. اڄ سائين حضور بخش جتوئي سان گڏ شهيد جي وڇوڙي تي سائين علي شير ڳورڙ سان رضا الاهي ڪندي، هن کي صبر ڪرڻ جي تلقين وارا لفظ ادا ڪري نہ سگهيس، جو هن جو صدمو الاهي وڏو ۽ هي لفظ تمام ننڍا لڳم.

شال رب ڪريم پنجن پارنهن جي مهابي شهيد کي جنت الفردوس ۽ خاندان کي صبر عطا فرمائي آمين ثم آمين.

**سيد اشرف علي شاهہ**
**حضور بخش جتوئي**
**لاڙڪاڻو هاءِ ڪورٽ**



www.sindhsalamat.com

شايان ڳورڙ جي شهادت جي خبر اسان لاءِ وڏو صدمو هئي، شايان ڳورڙ ميهڙ شهر جو نهايت متحرڪ ۽ باشعور نوجوان هيو، هن جو شاگرد سياست ۾ به اهم ڪردار هيو، هو ميهڙ ۾ اسان سمورن دوستن کي ياد رهندو.

**نياز علي ٻرڙو**
**اڳواڻ P.T.I ضلع دادو**
**ڪائونسلر ايم سي ميهڙ**

l l l

مسڪرائي ملندڙ ۽ سدائين کلندڙ، شايان ڳورڙ جي منهن تي مون ڪڏهن به ڪاوڙ نه ڏٺي، ۽ ڪڏهن به ڪنهن تلخ ڳالهه تي هو تيز نه ڳالهائيندو هو ۽ سمجهائيندو هو، فرق نه ڪندو هو، ته هي منهنجو پاءُ آهي۽ هي منهنجو سوٽ آهي، يا هي ڪو منهنجو پري جومائٽ آهي. هو سيني مائٽن ۽ دوستن جي انصاف سان هڪ جيتري عزت ڪندو هو، هو سنو ماڻهو ۽ سمجهدار هو، سچائي جي عزت ڪندو هو. ڪوڙ سان نفرت ڪندڙ هيو ۽ ڪوڙي ماڻهو تي ڪرڙي نظر رکندو هيو، شايان جهڙي ارڏي، نوجوان قومپرست پٽ کي وسارڻ سؤلو ته ناهي، پر پاڻ سان دوکو ڪري هن جي وجود کي وساري سگهجي ٿو ته شايان شايد دادو يا لاڑڪاڻي ڪنهن ڪم سان ويو آهي، ۽ شام جو موٽي ايندو ته سندس ننڍو بصير جيڪو سمجهي پيو ته اڄ هن کان سندس طاقت جدا ٿي رهي آهي. ته اهو عجيب اداس، تمام مايوس چهري ۽ سواليه نظرن سان خدا کان سوال ڪري رهيو هيو. ته اي خدا! مون کان منهنجو پيارو وڏو ڀاءُ جيڪو ماءُ پيءُ جي برابر هوندو آهي. اهو ڦوهه جواني جي عمر ۾ ڇو اسان کان جدا ٿي رهيو آهي.؟

اي خدا! بس اوهان جي رضا تي اسان کي راضي رهڻو آهي، انسان ته ويچارو بيوس آهي ۽ دعا ڪري سگهي ٿو.

**سردار علي ڳورڙ**
**مدينه ڪالوني ميهڙ**

l l l

www.sindhsalamat.com

شايان سان تمام گهڻيون يادون وابسته آهن. ڪجهڙين يادن جو ذڪر ڪجي.هن جي لاءِ جيڪا اسان جي دل ۾ ننڍن ڀائرن وانگي جيڪا محبت هئي. ان جو اظهار ڪهڙن لفظن ۾ ڪري ڪهڙن لفظن سان ڪجي. شايان سان جيڪو ننڍڙن ڀائرن جو رشتو هيو. اهو هڪ ته هن جي طبيعت ۽ مزاج هو، جيڪو يڪدم پنهنجو ڪنڌڙ هو. ۽ ٻيو ماما علي شير جي وڏي فرزند هجڻ جي ڪري به هو. اسان کي ماما علي شير کان جيڪو قرب ۽ پيار هميشه ملندو رهيو آهي. انجوئي وري اظهار اسان جي طرفان شايان ڏانهن محبت ۽ شفقت وارا لاڙا هوندا هئا. آخري سالن ۾ شايان جي جيڪا منهنجي ننڍي ڀاءُ مطهر ۽ سوڻن وقار، فواد ۽ عمير سان جيڪا ويجهڙائپ پيدا ٿي ان ته اجان به شايان جي اسان جي دلين ۾ هڪ خاص مقام پيدا ڪري ڇڏيو. شايان جسماني طور تي اسان جي ذهنن ۽ دلين ۾ هميشه ياد رهندو. اسان جي دعا آهي ته شايان کي ڏٽي جنت الفردوس عطا ڪري آمين.

**شعيب عزيز ڳورڙ**

l l l

مون غريب سيد کي شايان اولاد جيان پيارو هو. انهيءَ واقعي جو ٻڌي پيرن هيٺان زمين نڪري وئي. شديد دلي صدمو رسيو. شايان هڪ فرمانبردار سلڇڻو نوجوان هيو. جتي به ملندو هو ادب ۽ احترام سان مليو. معتبر گهراڻي جو فرد هيو. رب پاڪ کيس شهيدن جو درجو عطا فرمائي، آمين.

**سيد غلام حسين ”غريب“ شاهه**
**ميهڙ، ٽيچر**

l l l

شهيد شايان ڳورڙ هڪ تمام سٺو ۽ ذهين شاگرد هو. هو غريب شاگردن جو همدرد ۽ هڏ ڏوکي هو. شهيد غريب ۽ امير ۾ فرق نہ ڪندو هو. هو مائٽن، دوستن جي وڏي عزت ۽ احترام ڪندو هيو. وڏو خوش مزاج انسان هو. دعا آهي تہ الله پاڪ کيس جنت الفردوس عطا ڪري، آمين.

**فرمان علي ڳورڙ، ميهڙ**

lll

سائين علي شير جي فرزند جي اوچتي وڇوڙي جي خبر ٻڌي بيحد ڏک ٿيو، چوندا آهن تہ پيءُ ماءُ اولاد تان قربان ٿيندا آهن. پر اي بهادر ۽ سورهيہ پٽ! تون پيءُ تان قربان ٿي شهادت جو جام پيتو. ۽ دنيا ۽ آخرت ۾ وڏو مان ۽ مرتبو ماڻيو. دعا آهي تہ سدائين امر رهين.

**الطاف احمد ٻلهڙو، ميهڙ**

F.A

G.H.S NO:2 Mehar

lll

اي شايان! مان توتي چا لکان؟ تنهنجي شهادت جي خبر ٻڌي هوش خطا ٿي ويا. تون دوستن جو دوست، يارن جو يار. منهنجو تہ ياءُ، دوست ۽ پاڙيسري هئين، تون دوستن لاءِ ڏيِ سهارو هئين. تنهنجو خال ڪڏهن بہ نہ پربو.

**اقرار احمد ٻلهڙو**

**ميهڙ**

lll

اڄ شايان جي تعزيت لکندي يقين ئي نٿو اچي ته شايان اسان کان جدا ٿي ويو آهي. شايان. واقعي شايان هيو. شايان جي شان جي ڪهڙي واکاڻ ڪري ڪهڙي واکاڻ ڪريان. ايڪتا جو ڏينهن هجي يا ٻيو ڪو ميڙاڪو هجي، شايان اتي پيش پيش هوندو هيو. منهنجو نه فقط پيارو شاگرد هو بلڪ هڪ مخلص دوست پڻ هيو. شايان کان سواءِ ڪابه محفل يا ڪابه ننڍي وڏي ڪچهري اڻ پوري هوندي هئي. آءُ ائين چوندس ته شايان نه فقط والدين يا ڳورڙ برادري جو اکين جو تارو هيو. بلڪ گهر گهر جو اوڙي پاڙي جو اکين جو تارو هيو، سندس جدائيءَ تي اهڙو ڪوبه گهر نه هو جو سوڳوار نه هجي. دعا آهي ته سندس والدين ۽ مٽن مائٽن کي شل رب ڪريم ڏک برداشت ڪرڻ جي سگهه عطا فرمائي آمين.

**امير بخش شيخ**
**وائيس پرنسپال وي آءِ پي هاءِ اسڪول ميهڙ**

l l l

هوا ڪي جهونڪي سي، طوفان رخ نهين بدلتا،
تاريخ گواهه هي، شهيد ڪبهي نهين مرتا،

اسان کي شهيد شايان ڳورڙ جي وڇوڙي تي تمام وڏو صدمو پهتو آهي. رب پاڪ ان جي ڏکويل خاندان کي صبر جي توفيق ڏئي.

**شوڪت علي سهول، ميهڙ**

l l l

اسان کي ادا علي شير ڳورڙ جي نوجوان فرزند ھر دلعزيز، شايان جي وڇوڙي تي سندس خاندان سان ڏک ۾ شريڪ آهيون. شايان انسان ذات جي ڀلائي لاءِ سڄي زندگي ڪوشان رهيو. هو بهترين انسان هو. دعا آهي ته رب پاڪ کيس اعليٰ مقام عطا فرمائي.

**غلام حسين سهاڳ**
**ترڙي محبت PS . W.H.C**

l l l

www.sindhsalamat.com

شايان ڳورڙ جي اوچتي شهادت جي خبر ٻڌي بيحد صدمو ۽ ڏک رسيو. ائين محسوس ٿيو ڄڻ پنهنجو ڪو ويجهو عزيز وڇڙي ويو آهي. شايان وڏو ذهين، هوشيار ۽ سماج سڌارڪ هو. هن جي دل ۾ انسانيت جو درد موجود هو. هن جو خال صدين تائين نه پرجي سگهبو.

**فيض محمد ٻلهڙو**
**نصيرآباد**

111

ياءُ شايان ڳورڙ جي اوچتي موت جي خبر ٻڌي تمام گهڻو صدمو پهتو. شايان علي هڪ بهترين يائرن جهڙو دوست هو. هو سماجي ڪمن ۾ تمام گهڻو ايڪٽو هوندو هو. هن سان ڪافي ڪچهريون ٿيون، هن جي چهري تي هميشه مرڪ هوندي هئي. شايان علي جي شروعاتي تربيت سجاڳ بار تحريڪ ۾ ٿي. هو ڪافي ايڪٽو به هوندو هو. هن دل ڏکائيندڙ واقعي ۾ برابر جا شريڪ آهيون.

**مير ڪوسو**
**صدر عوامي تحريڪ ضلع دادو**

111

شايان جي ڏکوئيندڙ وفات جي خبر ٻڌي انتهائي ڏک ٿيو. شايان جو خاندان ۽ منهنجو خاندان پاڻ ۾ سڳن يائرن جيان رهيو آهي. شايان جو والد، چاچا ۽ اسان هڪ ٻئي کي ياءُ سمجهندا آهيون. مون کي چاچا علي اڪبر ۽ چاچا علي حيدر جو قرب نصيب ٿيو. هو انتهائي قربدار هئا. شايان منهنجي خاندان جو فرد هيو. هن ۾ خدمت خلق جو جذبو هيو. هو پنهنجي هڏئون وڙئون عام خلق ۾ سجاڳي پيدا ڪري رهيو هو، سندس وڇوڙو هڪ سانحو آهي.

**علي نواز ٻٽ**
**مرڪزي جنرل سيڪريٽري جيئي سنڌ محاذ**

111

شايان جو وڇوڙو اسان سمورن لاءِ تمام وڏو سانحو آهي، هن جي جدوجهد محڪوم ۽ مظلوم قومن لاءِ هئي، اهڙا ماڻهو تاريخ ۾ زنده رهندا.

**ڊاڪٽر طفيل احمد ڳورڙ**

l l l

شهيد شايان ڳورڙ بهترين انسانن منجهان هو، هُو اسان جو بهترين دوست هيو، ۽ انسان ذات جو همدرد ۽ هڏڏوکي پڻ.

**ديدار علي ڏيپر**
**فياض ايڪسري ميهڙ**

l l l

جيتري قدر مان ڄاڻان ٿو ته شهيد شايان ڳورڙ هڪ بهترين انسان هيو. جڏهن به هن سان ملاقات ٿيندي هئي ته اهو محسوس نه ٿيندو هيو. ته هو ڪو پرائو آهي. هو اسان کي پنهنجن وانگر سمجهندو هيو. دعا آهي ته ڌڻي شل هن جا درجا بلند ڪرڻ فرمائي آمين.

**اشرف علي ڏيپر**
**الفلاح بينڪ ميهڙ**

l l l

شايان علي ڳورڙ جو وڇوڙو سائين علي شير جو نقصان آهي ئي آهي، پر ان سان گڏ سنڌ جي ترقي پسند، قومپرست علمي، ادبي لڏي جو نقصان به آهي.

**نثار علي پنهور دادو**
**غلام الله سهول ميهڙ**

l l l

www.sindhsalamat.com

ڳيرو شايان! تنهنجي وڇوڙي جو ڏک رڳو تنهنجي والدين ۽ عزيزن کي نہ آهي. پر ميهڙ جي ميندي جي خوشبو ۽ رنگ بہ تنهنجي اوچتي وڇوڙي تي سوڳوار آهي. تنهنجي ننڍي عمر ۾ سياسي، سماجي شعور ۽ جدوجهد جي ساک ميهڙ جون گهٽيون، چونڪ ۽ روڊ رستا بہ ڏئي رهيا آهن. تنهنجي هن ڪيل جدوجهد ضرور رنگ لائيندي تون تاريخ جي ورقن ۾ امرتا ماڻي ورتي آهي.

ڳيرو جوان شايان جي وڇوڙي تي آءُ جهري پيو آهيان، هئہ هئہ قوہ تنهنجي وهي.

**گوهر گل ڳورڙ**

**وليو ڪوسو**

l l l

زندگي هڪ خواب وانگر هڪ حسين پل آهي. جيڪو ماڻهوءَ جي ڪردار سان ياد ڪيو ويندو آهي. ۽ اهو ڪردار سان ياد ڪيو ويندو آهي. ۽ اهو ڪردار هر انسان کي نہ ملندو آهي. ان جي لاءِ جدوجهد ۽ ڪوشش ڪئي ويندي آهي. انهن ياد ڳيرين کي زندہ رکڻ لاءِ ڪردار اهم هوندو آهي. ساڳي طرح سان جواني ۾ ڪيل ڪم، جدوجهد هميشہ ياد ڪئي ويندي آهي. شايان بہ هڪ اهڙو ئي ڪردار جيڪو جدوجهد ڪندڙ ۽ هر دلعزيز انسان، سيني کي ڪم ايندڙ ڏکي وقت ۾ سات نڀائيندڙ ڪردار هيو، ۽ اهو ڪردار هر شخص جي حصي ۾ نہ ايندو آهي. جيڪو وقتن تائين ياد رکيو ويندو آهي. موت هڪ فطري عمل آهي. پر ڪردار ڪڏهن نہ مرندو آهي. شايان بہ اهڙي ڪردار جو مالڪ هيو. جيڪو مدتن تائين ياد ڪيو ويندو.

**شيراز احمد ڳورڙ ميهڙ**

l l l

اي موت توکي ائين نہ اچڻو هو.

اج سائين علي شير سان تعزيت ڪندي انتهائي ڏک ٿيو. سندن وڏو فرزند شايان علي ٻورڙ هن فاني دنيا کي ڇڏي مٽي ۾ مدفون ٿي ويو. ڳالهہ ڪجهہ ائين آهي آءُ رات جو ڪنهن هنڌ وينو هيس تہ اچانڪ سوشل ميڊيا تي هڪ خبر تي نظر پئي، جيڪا سائين منظور صاحب جي رڪيل هئي. مون بابا کي فون ڪري حقيقت معلوم ڪئي. دل ڏاريندڙ سانحو ۽ واقعو هو. شايان منهنجو پرسنلي دوست نہ پر ياءُ جيان هو. هن جو ذهن هر شئي ۽ صورتحال لاءِ تيار رهندو هيو.امتحانن جا مسئلا ۽ مشڪلاتون هجن يا قومي ايڪٽوٽيز هجن، هو اڳيان رهندو هو. شايان جي تربيت ۾ بابا جو وڏو ڪردار هو. آءُ بہ خواهش مند هيس تہ شل هن جهڙو ٿي پوان! هن جي ادب دوستي ۽ مطالعي هن کي الڳ مقام تي پهچائي ڇڏيو.

دعا آهي تہ الله پاڪ هن جا درجات بلند فرمائي.

**سعيد احمد خان چانڊيو**

**ڳاهي مهيسر**

**سنڌ يونورسٽي ڄامشورو**

l l l

منهنجي يائرن جهڙي دوست سائين علي شير ٻورڙ جي نوجوان پٽ جو وڇوڙو اسان سمورن دوستن لاءِ سانحي کان گهٽ ناهي.

آءُ سوڳوار خاندان سان غم ۾ شريڪ آهيان.

**رحيم بخش ٻگهيو وارهہ**

l l l

شايان جهڙي دلير، بهادر ۽ اڻ موت پٽن تي مائرون پيل مرڪن، هو ساهه ڏيئي ويساهه ڏئي ويو. هن عملي طور سر گھورڻ جون صدائون هنيون. ۽ سر گھورڻ جو حق ادا ڪيو. اهڙا ڪنڌار پٽ ويس متائي ورتا آهن آءُ پنهنجي دوست سان ڏک ۾ شريڪ آهيان.

**ممتاز علي ڪانڌڙو**

**حسين آباد حيدرآباد**

l l l

شايان ماڻهو سهڻو، موتي جو داڻو پيارو،
جدايون ڪري، اسان ڪان ويو آهي هي پيارو.

سائين علي شير صاحب منهنجو روحاني والد آهي. سائين وٽ مان هاءِ اسڪول ۾ پڙهيو آهيان. شايان جي وڇوڙي جي خبر وچ جيان وجود تي محسوس ڪيم. شايان منهنجو وڏو ياءُ هيو. دعا آهي ته رب پاڪ کيس جنت الفردوس ۾ جڳهه عطا فرمائي.

**اظهار الحق صديقي**

**ميهڙ باءِ پاس**

l l l

جڏهن ياءُ شايان جي وڇوڙي جي خبر بابا فون تي ٻڌائي تڏهن زمين پيرن هيٺان نڪري وئي. شايان پنهنجي بابا تي سر گھوري دنيا وارن لاءِ وڏو مثال ڇڏي ويو. هن قرباني جي تاريخ رقم ڪري ڇڏي.

**ابرار الطاف ٻلهڙو**

**سنڌ يونورسٽي، ڄامشورو**

l l l

www.sindhsalamat.com

مار پوئي ڙي موت، اڻ مندائتو آئين،
گهايئي اهڙا گهوٽ، مند نہ جن جي مرڻ جي.

شهيد شايان جي اوچتي وچوڙي پريشان ڪري ڇڏيو، دل مڃڻ لاءِ تيار نہ آهي، تہ ڪو شايان وڇڙي ويو آهي. ادا شايان سجاڳ ٻار تحريڪ جو اڳواڻ رهيو ۽ تعليمي لانگ مارچ ۾ وڏي جدوجهد ڪئي. هن سڄي عمر سنڌ جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندي گذاري ۽ هن جو موت پنهنجي پي کي بچائڻ جي جدجهد ۾ ٿيو! ادا شايان جي ڪچهري ۽ ان سان گذاريل وقت کي وساري نہ سگهنداسين.

**حسام اسلم مهيسر**

l l l

شايان علي ڳورڙ جي اوچتي موت جي خبر ٻڌي دل کي ڏاڍو صدمو پهتو،

هي نوجوان باادب، سلڇڻو، پيار ۽ احترام ڪندڙ هو. اسان جي دعا آهي تہ الله پاڪ سائين علي شير کي هي صدمو سهڻ جي توفيق عطا فرمائي.

**سيد فيض محمد شاهہ**
**سيد عطاءُالله شاهہ**
**سوجهرو ڳورڙ**

l l l

شايان اسان جو سنو دوست ۽ ساٿي هيو، طبيعت ۾ تمام بهترين قسم جو انسان هيو، ان ۾ بهترين خوبيون هيون، جيڪي اسان جي سماج جي نوجوان ۾ تمام گهٽ هجن ٿيون، شايان جو وڇوڙو دل جهوريندڙ آهي. الله سندس خاندان کي صبر عطا فرمائي.

**ايڊووڪيٽ خوش محمد ڪوسو**
**اڳواڻ عوامي تحريڪ ضلع دادو**

l l l

www.sindhsalamat.com

هن سان منهنجي روبرو تہ ڪا ملاقات نہ هئي. پر حسرت هئي تہ هن سان ملاقات ڪري ڪچهري ڪجي. شايان جا سڀ دوست منهنجا دوست آهن. هن جون تقريرون هميشہ دوستن وٽ ڏسندو هيس. اوچتو هن جي موت جي خبر ٻڌي افسوس ٿيو.الله هن کي جنت نصيب ڪري.

**جميل سائينداد ڪوسو**
**ڪي اين شاهہ**
**ڪيميسٽري ڊپارنمنٽ سنڌ يونيورسٽي**

l l l

شايان جي موت جي دردناڪ خبر اسان کي لوڏي ڇڏيو، نهايت سلجھيل، لکيل پڙهيل تعليم يافتہ، مستقبل جو وڏو مدبر ليڊر ٿي پئي سگهيو. پر افسوس جو موت هن کي مهلت نہ ڏني. موت سان مهاڏو اٽڪائي موت کي شانائتو ڪري ڇڏيائين. شل رب هن جا درجات بلند فرمائي، آمين.

**غلام قادر چانڊيو**
**ڪمال پور**
**ڊپٽي ڊي اي او**

l l l

شهيد شايان ڳورڙ جو منهنجي خيال ۾ موت هڪ اڻ موت، بيباڪ ۽ دلير پٽ جو موت آهي. موت هن کي مهلت ڏئي ها تہ هو علائقي جي غريب مزدورن ۽ هارين جو وڏو سهارو ۽ ڏڍ بڻجي ها. پر افسوس جو جلد اسان کان وڇڙي ڏور غفائن ڏانهن راهي ٿي ويو. اسان سندس خاندان ۽ پارٽي سان ڏک ۾ شريڪ آهيون.

**نورنبي ٻگهيو**
**وائيس چيئرمين، حق فائونڊيشن**

l l l

www.sindhsalamat.com

سائين علي شير جو بهادر پٽ ۽ اڻ موٽ فرزند شهيد شايان ڳورڙ جيڪو مون کي پنهنجي پٽن وانگر هو. جنهن ننڍڙي عمر ۾ وڏو نالو ڪمايو ۽ عزت ۽ شهرت ماڻي، هن پنهنجي والد کي بچائيندي شهادت ماڻي جيڪو قيامت ۾ شهيدن جي وچ ۾ هوندو.

اسان جي دعا آهي تہ رب سائين سوڳوار خاندان کي صبر جي توفيق عطا فرمائي، آمين.

**دعاگو**

**حزب الله قاسمي، ميهڙ**

l l l

شايان علي ڳورڙ اسان جي پياري دوست سائين علي شير جو موڀي پٽ هيو، جنهن جو وڇوڙو دل ڏاريندڙ سانحو آهي. الله پاڪ کيس جنت الفردوس عطا فرمائي، آمين.

**محمد رمضان مهيسر**

**H.S.T هاءِ اسڪول (2) ميهڙ**

l l l

سائين علي شير ڳورڙ جو سلڇڻو ۽ با ادب فرزند اڄ اسان کان وڇڙي ويو آهي. دعا آهي تہ رب سائين هن جا درجات بلند ڪرڻ فرمائي، آمين.

**علي نواز سولنگي**

**استاد هاءِ اسڪول (2) ميهڙ**

l l l

سائين علي شير ڳورڙ جي فرزند جي شهادت تي دلي صدمو ۽ ڏک پهتو آهي. الله پاڪ کيس جنت نصيب ڪندو.

**سڪندرعلي سودر**

**ڪنوينر ڪڪول واهہ جدوجهد ڪاميٽي، ميهڙ**

l l l

www.sindhsalamat.com

سائين علي شير جي نوجوان پٽ جو وڇوڙو اسان لاءِ وڏو سانحو آهي. دعا آهي تہ رب کيس جنت نصيب ڪرڻ فرمائي آمين.

**عبدالله چانڊيو**
**استاد گورنمينٽ هاءِ اسڪول (1) ميهڙ**

l l l

اسان جي محترم سائين علي شير ڳورڙ جي وڏي فرزند ارجمند شايان ڳورڙ جي شهادت جي خبر پئي تمام ڏک پهتو ۽ دلي درد جي خبر هئي. جواني جو وڇوڙو شهادت آهي.
الله پاڪ شهيد جا درجا بلند فرمائي، آمين.

**حافظ خليق الرحمان سومرو**
**(فهد) ميهڙ**

l l l

اي مــــوت شـــل! مــــوت پــــوئي،
تـــو ڪهـــڙا ڪهـــڙا، ڪونـــڌر ڳهايـــا.

شايان علي شير ڳورڙ جي اوچتي موت جي خبر وڄ جيان ڪڙڪي پئي، موت بيشڪ برحق آهي. پر جواني جو موت هڪ انتهائي ڏکوئيندڙ الميو آهي جنهن جو صدمو فقط ماءُ، پيءُ يا گهر ڀاتين کي ئي نہ پر. هر ان ڏڙڪندڙ دل کي ٿئي ٿو. جيڪي پنهنجي وجود ۾ احساس ۽ جذبا رکي ٿي. بهرحال الله جي رضا کي تسليم ڪرڻو آهي. دعا آهي تہ رب پاڪ سوڳوارن کي هي صدمو سهڻ جي توفيق عطا فرمائي.

**ڊاڪٽر آزاد منگي**
**صدر پريس ڪلب ٽرڙي محبت**

l l l

اسان جو ساٿي ۽ پائرن جهڙو دوست شهيد شايان ڳورڙ اسان کان وڇڙي ويو آهي. هن جون يادون سدائين اسان جي دل ۾ زنده رهنديون.

**عرفان بدر سهول**
**صحافي ميهڙ**

l l l

اسان شايان ڳورڙ جي وڇوڙي تي سائين علي شير ڳورڙ ۽ سندس خاندان سان ڏک ۾ شريڪ آهيون.

**اڪبر ڪوڪر**
**سماجي ڪارڪن ميهڙ**

l l l

قرباني ڏيندڙ ڪڏهن به مرندا ناهن. هميشه زنده رهندا آهن.

**علي انور شيخ**

l l l

وه عهدِ طفلي سي پيري مين پائون رکهتا هي،
کسي غريب کا بچه جوان نهين رهتا.

اسان جي پياري دوست سائين علي شير ڳورڙ جي نوجوان هونهار پٽ جي اوچتي وڇوڙي تي دلي صدمو پهتو آهي.
دعا آهي ته رب کيس جنت نصيب فرمائي آمين.

**نواز چانديو، ڪراچي**

l l l

اسان جي پياري دوست شايان علي ڳورڙ جي وڇوڙي تي تمام گهڻو ڏک پهتو.
الله پاڪ کيس جنت نصيب فرمائي، آمين.

**اويس علي سومرو**

**احمدخان، ميهڙ**

l l l

اسان جو پيارو ياءُ شايان علي تمام بهترين ۽ ڪلٽو ملٽو ۽ سهٽي زبان استعمال ڪرڻ وارو هيو.
الله پاڪ کيس جنت ۾ جاءِ ڏئي

**محمدعلي ڪانڌڙو**

**ايڊووڪيٽ ميهڙ**

l l l

ڪالھ شام جو جڏهن اسان جي پياري پائتي شايان علي ڳورڙ جي داڪدائڪ موت جي خبر پئي ته دل کي تمام وڏو ڌچڪو لڳو. شايان علي جڏهن به ملندو هو ته مون کي چاچا ڪري پڪاريندو هيو. سندس اهو انداز دل کي وڻندو هيو. اڄ مون کي هن جا بالڪپڻ منظر نظرن آڏو قرڻ لڳا. شايان اسان جي وچ ۾ ته نه رهيو پر هن جون يادون اسان جي دلين ۾ رهنديون. دعا آهي ته رب پاڪ سندس خاندان کي هي صدمو سهڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمين

**ايڊووڪيٽ**

**عبدالخالق ٻگهيو ميهڙ**

l l l

ڪالهه جڏهن شايان جي ڪمهلي موت جي خبر ٻڌي ته يقين ڪونه ٿي آيو. ته ڪو شايان اڄ سان ڪان هميشه لاءِ وڇڙي ويو آهي. شايان هڪ سنڌ دوست، قومي سوچ رکندڙ برجستو نوجوان هيو. اسان جي سٿ جو ساٿي هئو. اڄ هن ڏک جي گهڙيءَ اسان سنڌس والد علي شير ۽ سنڌس خاندان سان برابر جا شريڪ آهيون.

**ايڊووڪيٽ سعيد احمد پنهور**

**ميهڙ**

l l l

ڪالهه جڏهن شايان جي موت جي خبر پئي ته يقين نه ٿي آيو. شهيد اسان جو بهترين دوست هو. مرڪندڙ چهري جو مالڪ. اڄ اسان کان ڏور هليو ويو. پر اسان جي يادن ۽ خوابن ۾ زنده رهندو.

**امتياز چنجڻي، ميهڙ**

l l l

شايان جهڙي پياري، بااخلاق ۽ مهذب نوجوان جي اوچتي ۽ ڏکائيندڙ موت تي تمام گهڻو ڏک ۽ دلي صدمو پهتو آهي. شايان سان سنڌس پياري پيءُ سائين علي شير جي دوستيءَ سبب پيار ۽ پاٻوهه جو رشتو هو. هو مون لاءِ ڀائٽي جيان هو. سدائين چاچا ڪري مخاطب ٿيندو هو. ننڍپڻ کان ئي سنڌس پارٽي ۾ سرگرم ٿيڻ جي خواهش هوندي هئي. جيڪا S.S.O جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري ٿيڻ تائين ۽ پوءِ به جاري رهي. هڪ اتساهه واري نوجوان جي فوتگي تي تمام گهڻو صدمو رسيو آهي. سنڌس پيءُ، ڀائرن، چاچن ۽ سوٽن سيني مائٽن ۽ سنگت لاءِ همدردي ۽ دعا آهي ته هي ڏک پريو واقعو وسارڻ ۾ ڪين همت ۽ صبر ملي، پيءُ، ماءُ لاءِ ته هي صدمو وسارڻ يا برداشت ڪرڻ جهڙو آهي نه، منهنجي دعا آهي ته سائين علي شير جا ٻيا ٻارڙا پاءُ جي سڪ پوري ڪندا. ۽ پيءُ، ماءُ جو ڏڍ ٻڻجندا.

**ايڊووڪيٽ محمد علي نوناري، سانگهڙ**

l l l

www.sindhsalamat.com

ڪالهه جڏهن اسان جي پياري سوٽ شايان جي وڇوڙي جي افسوس ناڪ ۽ ڏکوئيندڙ خبر پئي ته اچانڪ ڄڻ پيرن هيٺان زمين نڪري وئي، دل کي تمام گهڻو صدمو رسيو ۽ دل ان ڳالهه کي تسليم ئي نه پئي ڪري.

شايان اسان جو سوٽ بلڪل پائرن وانگر هيو، تمام بااخلاق، باڪردار ۽ هميشه ڪل پوڳ ۽ چهري تي مسڪراهٽ رکڻ وارو هيو. شايان جي باري ۾ هن تاثراتي بڪ تي لکڻ ڏاڍو ڏکيو هو. پر دل تي پٿر رکي ڪري ان جي حقيقت کي تسليم ڪرڻو آهي.

دعا آهي ته شايان کي الله پاڪ جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏئي، ۽ پوري خاندان کي صبر جي توفيق عطا فرمائي.

**انجنيئر دانش بدر ڳورڙ**
**ميهڙ**

l l l

لڪان ته لڪي نٿو سگهان،
هن سرموڙ نوجوان جي،
وڇوڙي تي هئو صفا صاف سترو،
لڪان ته لڪي نٿو سگهان.

جيئن ته اسين آدمشاري جي ڊيوٽي جي سلسلي ۾ فيلڊ ۾ هئاسين، ته اچانڪ منهنجي پٽ عبدالجليل ٻڌايو ته شايان شهيد ٿي ويو آهي. شايان جي وڇوڙي پاڙي جي نوجوانن کي جهوري وڌو آهي. شايان تمام بااخلاق نوجوان هو، هن جو خال پرجڻ ۾ وڏو وقت لڳندو.

دعا آهي ته رب کيس جنت نصيب فرمائي.

**عبدالحفيظ جانوري، ميهڙ**

l l l

جئين تہ اوچتو پنهنجي آدمشماري جي ڊيوٽي دوران شايان علي ڳورڙ جي وفات جو ٻڌي ڏاڍو صدمو رسيو، جئين تہ شايان هڪ بهترين انسان هو سندس اها مسڪراهٽ اڄ بہ اسان جي اکين ۾ سمايل آهي، رب پاڪ کان دعا آهي تہ ڪيس جنت الفردوس ۾ جڳهہ عطا فرمائي.

**حافظ شميم حسين ٽيٻو، ٽيٻا**

lll

محترم سائين علي شير ڳورڙ جي وڏي فرزند جي اوچتي وڇوڙي تي اسان سمورا غمگين آهيون تہ الله پاڪ ڪيس جنت ۾ جاءِ ڏئي.

**زاهد حسين ڳورڙ**

**وليو ڪوسو**

lll

عاشقان رسول شهيد شايان علي ڳورڙ کي الله پاڪ شل جنت عطا ڪرڻ فرمائي، هي هڪ سچو ۽ عظيم انسان هيو.

**وحيد احمد شيخ عطاري ايڊووڪيٽ**

**ميهڙ**

lll

شايان علي ڳورڙ اسان جي ياءُ سائين علي شير جو بهادر فرزند جيڪو پنهنجي والد جي جان بچائيندي شهيد ٿي ويو جنهن تمام ننڍڙي ڄمار ۾ تمام وڏو نالو ڪمايو. آءُ ڪيس سرخ سلام پيش ڪيان ٿو.

**عبدالقيوم ٻگهيو، ميهڙ**

lll

مان پنهنجي پياري دوست، هر دلعزيز سائين علي شير ڳورڙ جي ڪونڌر پٽ شينهن جي اک جو ڏيک ڏيندڙ محترم شهيد شايان ڳورڙ کي دعا ڏيان ٿو. آءُ شايان کي زندگي ڀر نہ ٿو وساري سگهان. شايان توکي سلام.

**سجاد ڏهر ميهڙ**

l l l

اڄ اوچتو سائين علي شير ڳورڙ صاحب جي فرزند جي وفات جي خبر ملي، جنهن تي تمام دلي صدمو پهتو. سائين علي شير جي فرزند لاءِ اسين دعاڳو آهيون.

**منظور احمد پنهور صدر گستا دادو**

**قربان علي پنهور تعلق دادو**

l l l

سائين محترم علي شير ڳورڙ جو پٽ شايان ڳورڙ جيڪو سائين جو وڏو فرزند هو. شايان هڪ بهترين انسان هو. دوستن جو دوست هو. شايان عوامي جمهوري پارٽي جو بهترين اڳواڻ هيو.

**گلزار علي عباسي، ميهڙ**

l l l

قومون فردن جي اڻ ٿڪ محنت ۽ جدوجهد سان پنهنجو منزلون طئي ڪندي غلامي جا زنجير ٽوڙيندي، خود مختياري ۽ خوشحالي جي مومل ماڻيندين آهن. اڄ شايان ڳورڙ جي پٽر تي هي چند سٽون لکڻ بہ ايتريون آسان ناهن. اسان هڪ بهادر، سمجهدار ۽ ڏاهي نوجوان، ۽ قومي ڪارڪن جي وڇڙي وڃڻ تي تمام گهڻا ڏکارا آهيون. هي جيڏو وڏو نقصان سندس خاندان ۽ سائين علي شير ڳورڙ جو آهي. ان کان وڌيڪ سنڌي قوم جو نقصان آهي.خدا مرحوم کي بلند درجا ڏئي ۽ خاندان کي هي صدمو برداشت ڪرڻ جي سگهہ عطا ڪري.

**صدرالدين پنهور مرڪزي اڳواڻ**

A.J.P سنڌ

l l l

سائين محترم علي شير ڳوررُ صاحب جي فرزند ۽ مويي پٽ شايان ڳوررُ جو وڇوڙو سندس خاندان ۽ ٻين عزيزن لاءِ هڪ وڏي صدمي جي حيثيت رکي ٿو. شايان جي اوچتي وڇوڙي جو ٻڌي تمام گهڻو صدمو رسيو، شايان جو وڇوڙو سندس خاندانءِ اسان عزيزن لاءِ هڪ وڏي خال جيان آهي. شايان هڪ نوجوان محنتي ۽ جاکوڙي نوجوان هو، الله پاڪ سندس خاندان کي حوصلو عطا ڪري.

**ضمير علي ڳوررُ**
**صدر گسنا ميهڙ**

l l l

شايان ڳوررُ جنهن ننڍي عمر ۾ ڪافي منزل طئي ڪري چڪو هو. هو ارڏو، بهادر ۽ همت ڀريو نوجوان هيو، سندس اندر ۾ انيڪ صلاحيتون موجود هيون، هن سماج کي تبديل ڪرڻ ٿي چاهيو ۽ ان تبديلي لاءِ هو هميشه متحرڪ رهيو. هو سماج جي تبديلي لاءِ جاکوڙيندڙ هو. قومي تحريڪ جي اڳين صفن جو ڪارڪن به هو، ۽ اڳواڻ به. شايان اجان ته دنيا ۾ ذميوارين کڻڻ جهڙو هاڻي ٿيو هو. قوهه جواني سندس شاديءَ جون تياريون ۽ اميدون به اڌوريون رهجي ويون. هن سان گهاريل زندگيءَ جا تمام گهڻا لمحا هر وقت ذهن تي قرن پيا. هن سان ذهن ۽ ضمير جا رشتا هئا. اسان ڪيس ننڍپڻ کان ڏٺو هن جي تربيت ۾ اسان جو ننڍڙو ڪردار هو. هو تربيت سبب پنهنجي قبيلي اندر الڳ خوبين جو مالڪ ٿي ويو هو. ۽ خبر ئي نه پئي ائين وڇڙي ويندو. اسان لاءِ شايان هميشه دلين ۾ رهيو آهي ۽ رهندو. هن جي وڇوڙي سندس خاندان سميت اسان سموري سنگت کي جهوري وڌو آهي.

**منظور مهيسر، آواز ٽي وي**
**A.J.P ميهڙ**

l l l

## غير متوقع لمحو

قدرت جي ڪجھ منظم اصولن سان سڄي ذات حيات جو وايو منڊل گامزن آهي. ۽ جڏهن اهڙن لمحن ۾ غير متوقع لمحا اچي مٿان ڪرندا آهن تہ اهي ناقابل برداشت هوندا آهن. ان ڏينهن ڪنهن دوست جي نمبر تان ايس ايم ايس آيو تہ شايان ڀُورڙ جي شهادت ٿي وئي آهي. تہ هڪ پل لاءِ اڪيون خاموش رهجي ويون يقين نہ پئي آيو مون جلدي دوستن کان تصديق وٺڻ لاءِ رابطہ ڪيا، تہ مٿان اها ڳالھ ڪوڙي هجي مگر افسوس جو اها خبر حقيقت هئي. شايان سان گذاريل اهي لمحا اچانڪ سان ياد اچڻ لڳا جيڪي پاڻ گڏجي پارٽي پليٽ فارم تان گذاريل اهي شايان جا چيل شعر، اها جستجو، اهو ولولو جيڪو شايان جو حقيقت ۾ جڻ تہ عڪس هيون. اهي سڀ ياد آيا. جئين اکين جا لڙڪ لڙي آيا. اهي لمحا يقينن ڏاڍا ڏکيا لمحا هوندا آهن. ڪا ش ائين نہ ٿئي ها. ڪاش شايان اسان سان گڏ هجي ها. بس آءُ دعاڳو رهندس تہ شايان جي سمورو خاندان ان جي امڙ، ابي کي اهڙي وڏي غير متوقع سانحي کي برداشت ڪرڻ جي سگھ عطا فرمائي.

**طارق مرزا ڪوسو**
**ميهڙ**

lll

موت طئي ٿيل حقيقت آهي. ان کان تہ ڪنهن کي بہ انڪار نہ آهي. پر بي وقتائتو موت انسان جو جيءَ جهوري وجهندو آهي. ان سماجي اڳواڻ سائين علي شير ڀُورڙ جي دوست پٽ شايان ڀُورڙ جو وڇوڙو ڏاڍو جيءُ جهوريندڙ واقعو هيو.

بارگاھ الاهي ۾ دعا آهي تہ رب پاڪ کيس جنت ۾ جاءِ ڏئي آمين

**ڊاڪٽر وحيد درياڻي**

lll

اسان جو پيارو ياءُ شايان علي ڳورڙ تمام سهڻي اخلاق جو مالڪ هيو. ادا شايان سان منهنجون ڪافي ملاقاتون رهيون. ادا شايان جي خوش مزاجي مون کي ڏاڍو وڻندي هئي. دعا آهي ته سندس سوڳوار خاندان هن جي ٻاريل لاٽ کي روشن رکي.

**ايڊووڪيٽ اشرف علي ڪوسو، ميهڙ**

l l l

گهوڙن ۽ گهوٽن، جيئڻ تورڙا ڏينهڙا،
ڪڏهن منجهه ڪوٽن، ڪڏهن راهي رڻ جا.

اڄ اسان جي پياري دوست سائين علي شير ڳورڙ جو فرزند شايان علي ڳورڙ اوچتو ئي اوچتو اسان کان وڇڙي ويو.
سندس بي وقتائتي موت سبب منهنجي دل رت جا ڳوڙها ڳاڙي رهي آهي. دعا آهي ته رب سندن خاندان کي صبر عطا فرمائي، آمين.

**فاروق احمد سيال، ميهڙ**

l l l

يقين ٻڌجي ماڻهو، زندگيءَ ۾ ايندا آهن،
خواب ٻڌجي اکين ۾، سمائجي ويندا آهن،
پهريان يقين ڏيارينـدا آهـن،
پوءِ الائي ڇو اڪيلا ڇڏي ويندا آهن.

شايان شير ڳورڙ جي اوچتي وڇوڙي تي اسان کي دلي صدمو پهتو آهي. اسان جي هن سان گهري دوستي هئي. مائٽ ڪري مخاطب ٿيندا هئاسين. شايان سدائين مرڪندي ڏسندا هئاسين گلاب جي گل جيان پيو ٽڙندو هو. جتي به ويندو هيو ته خوشبو پکيڙيندو هيو. شايان وڇڙي ته ويو پر سڄي زندگي ياد رهندو.

**عاقب امير سهول**
**مدينه ڪالوني ميهڙ**

l l l

وني هرهر جنم وربو، منا مهراڻ ۾ ملبو،
ختم اونداهه ٿي ويندي، چٽي چانڊاڻ ۾ ملبو.

اڄ شايان جو اسان کان ائين وڇڻ وڏو صدمو آهي. جيڪو شايد ذهن قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ٿو. شايان سان منهنجو ڪافي وقت گذريو آهي. مون هن جي چهري تي ڪڏهن به اداسي نه ڏٺي . سدائين کل ڀوڳ جي موڊ ۾ رهندو هو. هن سان جڏهن به ويهبو هو ته وقت جي خبر ئي نه پوندي هئي. راتين جون راتيون گذري وينديون. خبر ئي نه پوندي هئي. اڄوڪو ڏينهن اسان سمورن لاءِ ڪارو ڏينهن آهي.
شايان سان گذاريل گهڙيون ۽ لمحا سدائين ياد رهندا دعا آهي ته اسان شهيد جي مشن کي اڳتي وڌايون، آمين.

**عمير احمد ڳورڙ، ميهڙ**

l l l

اڄ جيئن ته شايان علي ڳورڙ جي ٽڏي تي وڃڻ ٿيو. ان لاءِ اسان سيني کي ڏاڍو ڏک پهتو آهي جنهن جو ازالو ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. پر اسان شايان کي ڪڏهن به وساري نه سگهنداسين.

**برڪت علي ڏهر، ميهڙ**

l l l

نِنڍڙي شايان جي اوچتي وڇوڙي جو ٻڌي اکين مان آب وهي پيا، دوست سمورا روئي پيا.
مِٽ مائٽ به لڙڪ وهائي وينا. نه وهي هئي وڃڻ جي “مولائي منظور” ڦٽ سارا اٿلي پيا.
ننڍڙي شايان جي وڇوڙي اسان سمورن شاعرن، اديبن ۽ ساڃاهه وندن ساٿين کي جهوري وڌو آهي. شايان ميهڙ جي سياسي، سماجي، علمي، ادبي محفلن جو مهندار ۽ راڄو هيو. هن جو خال گهڻي وقت تائين پرجڻ مشڪل آهي.

**مولائي منظور ڪوسو، راڄ واهه ميهڙ**

l l l

www.sindhsalamat.com

موت هڪ حقيقت آهي. ان کان ڪوبہ انڪار نہ آهي. پر بي وقتائتو موت هر ڪنهن کي ڇرڪائي ڇڏيندو آهي. ۽ ڪي ڪي ماڻهو اهڙا هوندا. جنهن جي موت جي خبر ٻڌندي يقين نہ ٿو اچي. شايان ٻگورڙ بہ انهن ماڻهن مان آهي. جنهن جي موت جو يقين نٿو اچي.

شايان جو موت رڳوڳورڙ برادري جو نہ بلڪ پارٽي، ذاتي دوستي، پاڙي وارن ۽ سڄي ميهڙ جو نقصان آهي. شايان جهڙا ماڻهو پنهنجي ٿورڙي زندگيءَ ۾ هن جهان مان گذاري ويندا آهن. اهڙي زندگي ۾ وڏيون وڏيون شخصيتون بہ پنهنجي سڄي ڄمار ۾ اهڙا ڪم ڪري نہ سگهندا آهن. شايان نہ وسرڻ جو مرڪز رهندو. الله تعالىٰ سندس خاندان کي صبر ڏئي.

اسان بدين جا دوست سائين علي شير سان غم ۾ شريڪ آهيون.

**مير خيرمحمد ٽالپر اندهلو**
**بدين، ضلع اڳواڻ** A.J.P

ااا

اسان جي پياري دوست سائين علي شير ٻگورڙ جي وڏي فرزند شايان ٻگورڙ جي اوچتي وفات تي تمام گهڻو ڏک ٿيو. دعا آهي تہ ڌڻي سوڳوار خاندان کي حوصلو عطا فرمائي.

**مير جمن ٽالپر اندهلو**
**بدين ضلع اڳواڻ** A.J.P

ااا

گهوڙن ۽ گهوٽن، جيئڻ تورڙا ڏينهڙا،
ڪڏهن منجهه ڪوٽن، ڪڏهن راهي رڻ جا.

انتهائي خوبصورت دل جو مالڪ ۽ سلڇڻو يار شايان علي هميشه تمام گهٽي پيار ۽ اڪير سان مليو. تمام ٿوريون ملاقاتون رهيون، دلبر نوجوان سان پر هن جي سڀاءَ ۽ اڪير سدائين ياد رهندي. بهادر، سلڇڻو، انسان دوست پيار ڪندڙ شايان ائين موڪلائي ويندو اهو وهم گمان ۾ به نه هو. سائين علي شير لاءِ تمام وڏو سانحو آ. شال مضبوط رهي ۽ انهيءَ غم واري ڪيفيت مان پار اڪري.

ظهير الدين ابڙو ميهڙ

l l l

اسان جي پياري دوست سائين علي شير جي هر دلعزيز فرزند جي اوچتي وڇوڙي تي ڏک ٿيو. شايان هميشه پيار ڪرڻ ۽ مرڪڻ وارو هو. جنهن کي ڪڏهن به وساري نه ٿو سگهجي.

عبدالڪريم پنهور، ميهڙ

l l l

شايان علي ڳورڙ جي جدوجهد ۽ تحريڪ سنڌ ۽ سنڌين لاءِ هئي. هن هارين ۽ مزدورن سان گڏ شاگردن جي حقن لاءِ هميشه آواز بلند ڪيو. هن جو وڇوڙو وڏو سانحو آهي.

قربان علي آڳرو ايڊووڪيٽ
صدر ميهڙ بار

l l l

جيئن تہ هي شايان علي جو ڪمهلو وڇوڙو نہ رڳو سائين علي شير لاءِ وڏو سانحو ۽ الميو آهي، پر اسان سمورن ساڄهہ وندن جو وڏو نقصان آهي. دعا آهي رب پاڪ کيس جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏئي

**همت علي ڪوسو**

**J.S.T گورنمينٽ هاءِ اسڪول 1 ميهڙ.**

l l l

جيئن تہ ابهم، گلن جهڙو، نازڪ، پيارو شاگرد شايان علي هڪ سلڇڻو ۽ سباجهڙو هو. نوجوان اولاد جو جهان ڇڏڻ بہ دل کي ٻہ اڌ ڪري ڇڏي ٿو. شايان علي جو موت هڪ وڏو حادثو آهي. اهڙا انمول هيرا صدين پڄاڻان ڪا ماءُ پيدا ڪندي هر اڪ آلي آهي ابي امڙ لاءِ تہ ڪربلا کان گهٽ نہ آهي. هن اوچتي سانحي تي وڏو دلي صدمو پهتو آهي. پر قدرت جو قانون تبديل نہ ٿو ٿي سگهي. جيڪا نهي آهي، هڪ ڏينهن ضرور ڊهٽي آهي.

**عاشق علي ڪلهوڙو**

**ڪلهوڙا محلہ ميهڙ**

l l l

شايان علي ڳورڙ گلاب جو گل هو. بلند اخلاق جو مالڪ هو. پنهنجن وڏن، ننڍن ۽ پاڙي وارن سان اهڙو تہ سلوڪ رکندو هو. جو هر اڪ آلي آهي. هڪ وڏو هوشيار هيو. هن عوامي تحريڪ ۾ بہ وڏو ڪم ڪيو. پروگرامن ۾ اسٽيج بہ سنڀاليندو هيو. هن جي ڏاهپ ۽ سٺن ڪمن جي ڪري پنهنجن ۽ پراون کي وڏو صدمو ڏئي ويو آهي، هن جو موت شهادت جو موت آهي. شهادت جو موت تمام سٺن ماڻهن کي ملندو آهي.

**عبدالجبار واهوچو، نصيرآباد**

l l l

مون کي پنهنجي پياري شاگرد شايان علي جي اوچتي موت تي دلي صدمو پهتو آهي. دعا آهي تہ الله پاڪ کيس جنت ۾ جاءِ ڏي.

**عبدالمجيد ٻگهيو**

**ن م گ .پ مين اسڪول ميهڙ**

l l l

مون کي پنهنجي پياري دوست سائين علي شير جي فرزند شايان جي شهادت تي دلي صدمو پهتو آهي.

**بخشل خان سوڍر**

**ن. م گ .پ مين اسڪول ميهڙ**

l l l

شايان علي ڳورڙ اسان جي قبيلي ۽ برادري جو نهايت سلجهيل، با شعور انسان هو، هن سان اسان جا تمام ويجها تعلقات هئا. شهيد شايان جو وڇوڙو اسان سمورن ۽ برادري توڙي باشعور ماڻهن لاءِ وڏو سانحو آهي.

**علي حسن ڳورڙ**

**ڳوٺ ٻهال ڳورڙ، ميهڙ**

l l l

هر نفس کي موت جو ذائقو چکڻو آهي "القرآن"

شايان جي بي وقتائتي موت جي خبر منهنجي دل جي دنيا کي ويران ڪري ڇڏيو. دل جي ڌرتي تي وڄ جيان ڪڙڪي پئي.

سوچيان پيو تہ سندس والد کي ڪهڙي دلجاءِ ڏيان. شايان ڳورڙ هڪ بهترين انسان علم دوست، ادب دوست، انسان دوست ۽ صوفي منش ماڻهو هو. سندس وڇوڙي جيءَ کي جهوري وڌو آهي.

ماڻهو مڪڻ جهڙو، دل ۾ رکڻ جهڙو.

**لياقت سنڌي ميهڙ**

l l l

جيئن ته اسان جي پياري دوست علي شير ٻورڙ جي فرزند جي شهيد ٿيڻ جي خبر ٻڌي ڏاڍو دلي صدمو پهتو ۽ بيحد افسوس ٿيو. شايان علي ٻورڙ ڏاڍو سنو ۽ محبت وارو ماڻهو هيو. الله سائين کيس جنت فردوس ۾ جڳهه ڏيندس.

**عبدالغفار وڪو، ميهڙ**

lll

سائين علي شير ٻورڙ جو وڏو فرزند شايان ٻورڙ جيڪو هي فاني دنيا ڇڏي ويو آهي.سندس موت جو ٻڌي ڏاڍو ڏک ٿيو. شايان ٻورڙ انتهائي شريف ۽ ذهين ماڻهن ۾ شمار ٿيندو. انتهائي سلجهيل ۽ نيڪ سيرت جو مالڪ هو. اسان سائين علي شير سان هن ڏک جي گهڙيءَ ۾ گڏ آهيون. خدا کان دعا ٿا گهرون ته کيس اعلىٰ مرتبو عطا ڪري.

گهوڙن ۽ گهوٽن، جيئڻ ٿورڙا ڏينهڙا،
ڪڏهن منجهه ڪوٽن، ڪڏهن راهي رڻ جا.
شاهه

**امان علي سمون، ميهڙ**

lll

شاگرد اڳواڻ شايان ٻورڙ هڪ بهترين انسان ۽ سچو دلير انسان هو. شهيد شايان عوامي جمهوري پارٽي جي احتجاجن ۽ مظاهرن ۾ شريڪ رهندو هو. پنهنجي والد جو دوست پڻ هو. پنهنجي مختصر زندگي ۾ تمام وڏو ڪردار ادا ڪري ويو.

**امجد ڪوڪر**
**مينيجر U.B.L ميهڙ**

lll

شايان ڳورڙ جو اوچتو وڇوڙو اسان سمورن جو وڏو نقصان آهي. دعا آهي الله پاڪ کيس جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏي.
ڪچهريون روز پيون ٿينديون، مگر تون مان نہ هونداسين.

**ڪليم الله تيوٽو ميهڙ**

l l l

اسان شهيد شايان ڳورڙ جي اوچتي وڇوڙي تي سوڳوار خاندان سان ڏک ۾ شريڪ آهيون.

**محمد امين مگسي ميهڙ**

l l l

گهوڙن ۽ گهوٽن، جيئڻ تورا ڏينهڙا،
ڪڏهن منجهہ ڪوٽن، ڪڏهن راهي رڻ جا.

شايان علي ڳورڙ جي بي وقتائتي وڇوڙي اسان جي ذهن تي اهڙو تہ اثر ڇڏيو آهي، جو پاڻ سنيالڻ ڏکيو هو. هن جو هر نندي وڏي سان پيار هيو. اهڙا پٽ صدين پڄاڻان پيدا ٿيندا آهن. هن جهڙا پٽ وري ماءُ نہ ڄڻيندي.

**شاهد علي ڳورڙ ميهڙ**

l l l

عوامي جمهوري پارٽي ۽ ڪميونسٽ پارٽي ۽ خالق جوٽيجو گروپ پاران آدمشماري جاڳرتا بابت ميهڙ جي مقامي هوٽل عباس تي پروگرام هلي رهيو هو. جنهن جي صدارت امداد قاضي مهمان خاص عبدالخالق ڪري رهيا هئا. پروگرام ۾ اسٽيج تي هونهار نوجوان شيخ اياز جي شاعري پڙهي رهيو هو. مون احمد خان چانڊيي کان پڇيو هي نوجوان ڪير آهي؟ هن ٻڌايو شايان ڳورڙ، سائين علي شير جو فرزند آهي. علي شير بہ پرسان وينو هو. منهنجي نهارڻ تي ڪلي ڏنائين چيائين نٿو لڳئي نہ تہ مون ڪمزور

جو قداور پٽ!

شايان پنهنجي بابا جو نظرياتي ساٿي پڻ هو، ترقي پسند تحريڪ جو سجيلو نوجوان هو. سنڌ کي اهڙن ئي باشعور نوجوانن جي گهرج آهي. شايان جو وڇوڙو والدين لاءِ ناقابل برداشت آهي. ليڪن اسان سيني جو پڻ نقصان آهي. قحط الرجال دور ۾ جتي مردم سازي جو ڪم سست ۽ ناپيد هجي اتي جڙيل نظرياتي ساٿي جو وڇوڙو نهايت افسوس ناڪ آهي. خير هن جي مختصر وقت ۾ سندس جدوجهد ۽ ڪردار هميشه زنده رهندو.

**سليم مگسي ميهڙ**

l l l

شايان ڳورڙ هڪ بهترين انسان هيو هن سان منهنجي ملاقات اٺ ڏهه ڀيرا ٿي چڪي هئي. هي نوجوان با اخلاق ۽ پڙهيل ڳڙهيل انسان هيو. هن پنهنجي والد صاحب جي جان بچائيندي شهادت ماڻي. انجو رب پاڪ ڪيس اجورو ڏيندو.

**بابر اعجاز خان سهول**

**پ پ پ اڳواڻ**

l l l

سائين علي شير ڳورڙ جي پٽ شايان خان ڳورڙ جي اوچتي خبر پوڻ تي ڏاڍو ڏک ٿيو آهي. جيئن مون سان سرفراز علي ڳالهه ڪئي. ته مان هن سان چڙي ويس، ته ڪهڙي ڳالهه ٿو ڪرين! شايان فرمانبردار، هوشيار ۽ عقلمند هيو. هن جو وڇوڙو وڏو صدمو آهي.

**آفتاب احمد ٻلهڙو**

**مدينه ڪالوني**

l l l

شايان خان جي خبر پوڻ سان يونيورسٽي وڃڻ تي دل نہ چيو، شايان خان پيءُ جي مٿان شهيد ٿي ويو آهي. اسان جي سنگت ۾ وڏو خال پيدا ڪري ويو آهي. جيڪو ڪڏهن بہ پرجي نہ سگهندو. اسان جو بهترين دوست هو. دعا آهي تہ رب پاڪ کيس جنت عطا ڪري.

**بلخ آفتاب پلھڙو**
**سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو**

lll

اڙي موت! مٿان ڪو موت پوئي،
تو يارن کان هن يار ڇنيا،
تو پائرن کان هن پائر کسيا،
تو ماروئڙن کان مور ڇنيا،
تو چاچا کسيو هن دنيا کان،
توکي حيف هجي توکي حيف هجي،
تو شايان جهڙا شينهن کسيا.

شايان اسان جو پيارو دوست هيو. شايان خوش مزاج ۽ بهترين ماڻهو هو. شايان با اخلاق هو. جڏهن ايڪتا جو ڏينهن ٿيندو هيو. تہ سڀني ميهڙ مان ريليون ڪيرائيندو هيو. پوءِ شايان کي ڏسي ائين لڳندو هيو.تہ شايان مسقبل جو وڏو سياسي اڳواڻ ٿيندو. جڏهن شايان سان ڪچهري ٿيندي هئي. تہ سندس ڳالهين ۾ جذبو نظر پئي آيو. شايان کي ڏسي اهو بہ لڳو تہ سنڌ ۾ باشعور ۽ غيرت مند ماڻهو موجود آهن. شايان شينهن مڙس ۽ معتبر ماڻهو هو وسرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. ۽ اسان جي اها دعا آهي تہ رب پاڪ کيس جنت الفردوس ۾ جاءِ عطا فرمائي آمين.

**علي رضا ڳورڙ ميهڙ**

lll

## موت شل موت پوئي

بهترين زندگي خاندان کي جيارڻ ۾ هوندي آهي. ۽ بهترين موت بہ خاندان کي جيارڻ ۾ آهي. اسان جا پيارا دوست اسان لاءِ زندھ مثال آهيو.

**نادر منظور کوسو ميهڙ**

l l l

جيئن تہ سائين علي شير جي فرزند جي وڇوڙي جي خبر پئي تہ تمام وڏو افسوس ٿيو. پر ان وقت زبان تي هي لفظ تري آيا تہ موت هڪ حقيقت آهي. ان کان انڪار ڪري نٿو سگهجي.

**صابر حسين ٻگهيو ميهڙ**

l l l

شايان علي محنتي سياسي ورڪر هيو. جنهن جي وڇوڙي سان دلي صدمو رسيو. شايان سان ميهڙ کان حيدرآباد جو سفر ڪيم. عوامي جمهوري پارٽي جي پروگرام ۾ شرڪت لاءِ پي وياسين، سفر دوران شايان لطيف سائين جا بيت ۽ شاعري ٻڌائي. جنهن سان سفر گڏ ڪرڻ دوران مون کي شايان ۾ سياسي ورڪر واريون سموريون خوبيون نظر آيون. شايان سان اڪثر ڪري منهنجون فون تي رابطو ۽ ڪچهريون ٿينديون هيون. ويجهڙ ۾ منهنجي شايان سان رئيس جي پڳ رسم دوران ڪچهري ٿي جنهن جو وڇوڙو منهنجي لاءِ وڏو صدمو آهي.

ڪــي مــاڻهو، تــاريخ تــين تــا،
گهايــل ڌرتــي، جــي سـيني تــي،
اهــڙي گهــري، چــيخ تــين تــا.
جــا دنيـــا کـــي بـــدلاءِ تـــي.

**قادر چانڊيو**

**قاسم سولنگي ٽرڙي محبت**

l l l

شهيد شايان ڳورڙ جو تعلق نهايت لکيل پڙهيل خاندان سان هو. هن جي بي وقتائتي وڇوڙي جي خبر ڏاڍو صدموپهچايو، هن جي موت جي جنهن کي به خبر پئي، ان کان ڳوڙها ڳڙندا رهيا. اسان جي دعا آهي تہ رب کيس جنت عطا ڪري.

**عبدالحسين ڪانڌڙو نصير آباد**

l l l

ڪهلتي هين گل يهان کهلڪي بکهرني کو.

مون کي اهو ٻڌي ڏاڍو دلي صدمو پهتو تہ شايان علي ڳورڙ هن دنيا ۾ ناهي رهيو، جگر ٽتي پوندا آهن. مان تہ ائين سمجهان ٿو تہ هڪ ڏاهو، دانشمند، باشعور شايان علي ڳورڙ هن دنيا مان اسان کان وڇڙي ويو آ. ڄڻ تہ روشني موڪلائي وئي هجي ميهڙ مان.

**لياقت علي ڪوسو ڳوٺ ڪوندي**

l l l

اسان کي جڏهن خبر پئي تہ شايان علي هن دنيا ۾ ناهي رهيو تہ دلي صدمو پهتو. اسان سائين علي شير ۽ سندس خاندان سان ڏک ۾ شريڪ آهيون.

**لال بخش چانڊيو**
**مرڪزي رهنما A.J.P**

l l l

زندگي موت جي امانت آهي. اهو ٻڌندا هئا سين پر پهنجن جو وڇوڙو جڏهن ٿيو تہ ان جملي جي اهميت جي خبر پئي. سائين علي شير جي فرزند جي اوچتي وڇوڙي سچ پچ تہ جيءَ کي جهوري وڌو آهي، شايان گهڻ پاسائون ماڻهو هيو. هن ۾ تمام وڏيون خوبيون هيون، اڳواٽي جا گر هئا. دعا آهي تہ رب پاڪ کيس جنت نصيب فرمائي.

**محمد هاشم سودر ميهڙ**

l l l

www.sindhsalamat.com

شايان ڳورڙ منهنجي دوست علي شير ڳورڙ جو فرزند مون کي پنهنجي اولاد مثل هيو. سندس اوچتو موت سوشل ميڊيا تي پڙهيم. آءُ حيدرآباد ۾ هيس اهڙي با صلاحيت نوجوان ۽ سنڌ جي مسئلن تي ڪم ڪندڙ جو ٻڌي تمام گهڻو حد ڪان وڏيڪ دلي صدمو پهتو. هي رڳو علي شير جو نقصان نہ آهي پر هر دل رکندڙ ۽ سنڌ تي ڪم ڪندڙ جو نقصان آهي. نوجوان پٽ جو اوچتو وڇوڙو سندس والدين لاءِ برداشت جوڳو ناهي. الله پاڪ کين صبر جي توفيق عطا فرمائي.

**محمد هاشم ڏيرو**
**اڳوڻو ADEO تعليم ميهڙ**

111

جینا وہ ہے جو سانس لیکر جیئے۔
جینا وہ ہے جو، مرکر بھی زندہ رہے،

شايان ڳورڙ جو حادثاتي وڇوڙو، ضرور وارثن مٽن، مائٽن دوستن لاءِ غم جو داستان هوندو تہ شايان ڳورڙ مٿين اردو جي شعر جي عڪاسي ڪندي زندگي گذاري، شايان ڳورڙ جو جسماني وڇوڙو ضرور ٿيو آهي. پر روحاني طور صدين تائين ياد رهندو. سائين علي شير جي چيلهہ جو سندرو ٻٽيل سندس پٽ شايان ڳورڙ جي وڇوڙي تي صبر ۽ تحمل ڪرڻ جو دعاڳو رهندو.

**اقرار چانڊيو**
**جنرل سيڪريٽري عوامي جمهوري پارٽي**
**ضلع دادو**

111

شايان ڳورڙ جو اوچتو وڇوڙو اسان سيني لاءِ وڏو حادثو آهي. شايان جي ڪمي اسان کي گهڻي وقت تائين محسوس ٿيندي. الله سائين شايان کي جنت ۾ جاءِ ڏيندو. شايان کي اسان هميشه ياد ڪندا رهنداسين شايان ۽ مان شاگرد سياست گڏ ڪئي. ايس.ايس.او جا مرڪزي اڳواڻ هئاسين. شاگرد سياست تي تمام گهڻوڪم ڪيوسين. شايان سان جيڪي ڏينهن زندگي جا گڏ رهيا. اهي زندگي ڀر ياد رهندا.

**محمد خان چانڊيو**
**سابق مرڪزي صدر SSO سنڌ**

l l l

شايان ڳورڙ جو اوچتو وڇوڙو اسان جي دل ۾ وڏو گهاءُ وجهي ويو آهي. شايان اسان کي هتي اڪيلو ڪري ويو.

**محمد موسيٰ ڪچي**

l l l

گهوڙن ۽ گهوٽن، جيئڻ ٿورا ڏينهڙا،
ڪڏهن منجهه ڪوٽن، ڪڏهن راهي رڻ جا.

شايان علي ڳورڙ جي اوچتي وڇوڙي اسان کي تمام ڏکارو ڪري ڇڏيو آهي. سائين علي شير ڳورڙ جي هن موييي پٽ کي رب پاڪ جنت جاءِ ڏيندو.

**عبدالجبار سيال**
**SSO تعلقه خيرپور ناٿن شاهه**

l l l

ڏک جهڙي خبر جڏهن دوستن کان ٻڌوسين ان مهل گهڙي کن لاءِ تہ اعتبار ئي ڪون پيو اچي. موت بي وقت سيني تي لازم آهي. پر اوچتو ۽ جواني وارو موت تمام گهڻو ڏکوئيندڙ هوندو آهي. پيارو دوست شايان هميشہ جڏهن بہ ملندو هيو. تہ مسڪرائي ملندو هيو. سندس طبيعت تمام پياري هوندي هيس.شايان هميشہ اسان جي دلين ۾ زنده رهندو

**مهتاب سومرو ميهڙ**

lll

شايان علي جي اوچتي وڇوڙي جو تمام گهڻو ڏک ٿيو. دعا آهي تہ الله پاڪ کيس جنت ۾ جاءِ ڏئي.

**عبدالخالق جتوئي پٽيجي**

lll

اسان سائين محترم علي شير ڳورڙ سان سندس موٽي پٽ جي وڇوڙي تي غم ۾ شريڪ آهيون، ۽ رب آڏو دعا آهي تہ کيس جنت نصيب ٿئي.

**الله بخش ٻگهيو، ميهڙ**

lll

سائين علي شير ڳورڙ جي هن ڏک ۾ اسان گڏ آهيون، هن نوجوان پٽ جو وڇوڙو اسان سمورن لاءِ سانحي کان گهٽ نہ آهي.

**ڊاڪٽر قمرالدين ٻگهيو**
**شهاب الدين ٻگهيو**
**فريدآباد**

lll

آءُ دعاڳو آهيان ته الله پاڪ شايان علي ڳورڙ کي جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏيندو ۽ ان جي گهر وارن کي صبر جي توفيق ڏيندو. ۽ الله سائين کان دعاگو آهيان ته ڪيس جنت ۾ اعليٰ مقام عطا ڪندو.

**ڪامران احمد ڳورڙ**
**وڪيل لاڙڪاڻو**

111

## جاڪوڙي انسان

شايان علي شير جي موت جو ٻڌي منهنجو وجود لُڏي ويو! موت برحق آهي، ۽ هڪ نه هڪ ڏينهن ضرور اچڻو آهي، پر نوجواني ۾ حادثاتي موت ڪان ڏاڍو ڏک ٿيندو آهي، شايان جو حادثاتي موت سو به 21 ورهين جي ڄمار ۾ يقينن وڏو نقصان ٿيو آهي، جنهن جو ڏک لفظن ۾ سمائي نٿو سگهجي ۽ وري ان ڪان به وڌيڪ ڏک اهو آهي، ته شايان ڪو عام رواجي ماڻهو نه هو، جو ان موت جو ٻڌي ڪن لاتار ڪجي، شايان هر وقت گهر، پاڙي ۽ ميهڙ جي ماڻهن جي حقن لاءِ هر هنڌ هڪ اثرائتو آواز هيو، تعليم بي روزگاري ڪان وٺي هر عمل ۾ هن آواز بلند ڪيو، پر هي نوجوان سدائين سوچ ۽ فڪر ۾ رهندو هيو، الائي ڇو مان هن کي ڏسي سوچيندو هيس ته الائي هي ڪهڙين سوچن ۾ گم آهي، شايان سائين علي شير کي اڪيلو ڪري ويو، پر ان سان اسان کي به رئاري ويو. هي نوجوان ٿائيم جو پابند، اسٽيج جو هيرو، جڏهن به اسٽيج تي ويهندو هو پروگرام ۾ جان پئجي ويندي هئي، شايان جا مون ڪوڙ سارا پروگرام اٽينڊ ڪيا. ۽ هو شينهن جيان پيو گجندو هو، هن جي اٿڻ، ويهڻ ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو انداز نرالو هيو، جڳ مشهور ڏاهي، نارمن ڪنهن هنڌ چيو هو ته ”گهڻا ماڻهو جڏهن عمر جي آخري حصي ۾ پهچندا آهن ته کين افسوس ٿيندو آهي ته هو ڪجهه به نه ڪري سگهيا، يا ڪنهن کي معاف نه ڪري سگهيا، موت

www.sindhsalamat.com

زندگيءَ جو وڏو الميو آهي، پر زندگي جو الميو اهو آهي ته حياتيءَ ۾ ئي لاش جهڙا بنجي وڃو!” ان چواڻي مطابق شايان ٿورڙي عمر ۾ گهڻو ڪجهه ڪري ويو. جيڪي گهڻا ماڻهو ناهن ڪري سگهندا. پرشايان، شايان هو هن کي ناڪاميءَ جو ڪوبه خوف نه هيو، هو ڪامياب رهيو ۽ موت کي مات ڏئي ويو.

**عبدالحفيظ ٻگهيو**

ııı

اج پڻ اکڙين، سڄڻ پنهنجا ساريا،
ڳلن تان ڳوڙهن جون بوندون بس نه ڪن،
سندي سڪ پرين، لوڪ ڏٺي نه لهي.

جئين ته شايان منهنجي سوٽ علي شير جو وڏو فرزند هو. جيڪو اسان سمورن کي ڏاڍو پيارو هو، تمام گهڻو سلڇڻو انسان هو، اسان جي خاندان ۾ جدوجهد ڪندڙ ماڻهو هو، هن تي اسان فخر محسوس ڪندا هئاسين. ته اسان جو به اهڙو نوجوان پيدا ٿيو آهي، جيڪو سنڌ جي محڪوم ۽ مظلوم ماڻهن جي حقن لاءِ آواز بلند ڪري رهيو آهي.

**سرائي مظهرعلي خان ڳورڙ**
**ڳوٺ سوجهرو خان ڳورڙ**

ııı

www.sindhsalamat.com

ڪي ڪي ماڻهو مارين موت،
موت چون ٿا، ماري آ،
موت کي مارڻ وارن ماڻهن،
جڳ جي جوت جياري آ،
دنيا ساري ماڻهو ماڻهو،
ڪوڪو ماڻهو موتيءَ داڻو،
تنهن کي سيني جوهر جرڪي،
باقي سيني واريون واريون،
موت نہ توکي ماري سگهندو،
موت توئي ماريو آ.

آزادي فقط زنجيرن جي ڪلڻ جو نالو نہ آهي، اها تہ عزت ڀري زندگي گذارڻ ۽ ٻين جي آزادي ۽ احترام سان ڏسڻ جو سليقو آهي، ۽ ٻين جي آزادي کي حاصل ڪرڻ جي جستجو، آس ۽ امنگ شايان ۾ مون هميشہ ڏٺي. اسان جڏهن بہ مليا هئاسين تہ هو صرف ان موضوع تي ئي ڳالهائڻ کي ترجيح ڏيندو هو.

ان سلسلي ۾ مون کي بہ هدايت ڪندو رهندو هو تہ ان آزادي کي حاصل ڪرڻ جي جستجو ۾ اوهان بہ شامل ٿيو، هڪ عظيم تعلق ٻن سببن ڪري جڙندو آهي، پهريون  تہ هڪجهڙايون ڳولجن ۽ ٻيو تہ هڪٻئي جو احترام ڪجي ۽ شايان کي مون هميشہ ائين ڪندي ڏٺو ۽ ٻڌو، هزارين دوست ايندا ويندا آهن. منا دوست ورلي ملندا آهن. ڪين ڇڏڻ ڏکيو هوندو آهي. ۽ شايان بہ اهڙن دوستن مان هڪ هو. هميشہ اسان جي دلين ۾ رهندو. الله تعالىٰ کيس جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏيندو. آمين

**عبدالصبور ٻگهيو**
**سپريئر لا ڪاليج لاهور**



www.sindhsalamat.com

خلائـن مـان مـون کـي نـہ آواز ڏي،
اجـان هـن دنيـا ۾، رهـڻ ٿـو گهـران،
اي مـوت! منهنجـو آ مقصـد عظـيم،
مان انسانيت لاءِ، ڪجھ ڪرڻ ٿو گهران.

جيئن تہ اچانڪ سؤٽ شايان علي ٻورڙ جي اوچتي خبر پئي تہ هو اڄ اسان ۾ نہ رهيو آهي، تہ وڏو دلي صدمو رسيو، شايان اسان جي برادريءَ ۾ وڏو سلڇڻو ۽ فراخ دل انسان هو، هن ۾ تمام گهڻيون خوبيون هيون، ننڍي، وڏي جو ادب ۽ احترام ڪندو هو، رب پاڪ شل هن کي جنت الفردوس عطا فرمائي، آمين.

**سرائي شفيق احمد ٻورڙ**

111

آءُ تمام گهڻو پريشان ٿي ويو آهيان تہ اسان جو پيارو دوست اسان کان وڇڙي ويو آهي، شايان هڪ تمام بهترين ۽ اسان جو پيارو ۽ دلبر دوست هيو، دعا آهي تہ رب کيس جنت نصيب ڪري.

**راشد علي ٻورڙ**

111

گهوڙن ۽ گهوٽن، جيئڻ ٿورا ڏينهڙا،
ڪڏهن منجهہ ڪوٽن، ڪڏهن راهي رڻ جا.

موت برحق آهي، هر ماڻهو، جاندار کي واپس وڃڻو آهي، شايان ٻورڙ جي اوچتي لاڏاڻي تي دلي صدمو پهتو آهي.
شايان تمام ٿورڙي عمر ۾ تمام گهڻو سياسي سماجي ڪم ڪري ويو. شايان جو سياسي سماجي ڪم سدائين ياد رهندو.

**محمد اسحاق چانڊيو**
**وائيس چيئرمين يوسي فريد آباد**

111

www.sindhsalamat.com

مــاڻهو ســـپ نــہ ســهڻا، پکـــي ســـپ نـــہ هـــنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ، اچي بوءِ بهار جي.

شايان ڳورڙ جي اوچتي وڇوڙي جهڙوڪ جيءُ کي جهوري وڌو آهي، شايان اهو نوجوان هيو جنهن ۾ ڪوڙ ساريون اميدون هيون، شايان سياسي، سماجي حوالي سان اهڙو تہ متحرڪ نوجوان هيو جنهن عوامي جمهوري پارٽيءَ جو جڙ تہ بنياد وڌو هيو. اسٽيج تي ڪڙڪيدار آواز سان پيش ايندڙ هي نوجوان سنڌ جي سمورن مسئلن تي نظر رکندو هو، نہ صرف نظر رکندو هو، بلڪ ان جي حاصلات لاءِ پڻ ڪوشان رهندو هو، سندس اوچتي شهادت تي ڏاڍو رنج ٿيو، اسان سندس والد محترم سائين علي شير ڳورڙ صاحب سان سندس شينهن پٽ جي وڇوڙي جي غم ۾ شريڪ آهيون. الله سائين، سائين جن کي صبر تحمل عطا فرمائي، آمين.

**احسان زنگيجو، ميهڙ**

l l l

شايان علي ڳورڙ نوجوان سلڇڻو، ساجهہ وند انسان هو، سماجي طورتي گهٽ عمر هوندي وڏي انساني خوبين جو مالڪ هيو، سدائين مرڪندڙ ۽ متحرڪ زندگيءَ جو مالڪ هيو، ننڍي عمر ۾ اهڙا گهٽ نوجوان هوندا آهن. جيڪي انسانيت جي بهتري لاءِ ڪم ڪندا آهن،
دعا آهي تہ رب پاڪ سيني نوجوانن کي شايان جهڙوسلڇڻو بنائي. ۽ سائين علي شير ڳورڙ کي صبر عطا فرمائي. آمين

**عبدالستار چنڊ**
**صدر شهري اتحاد ميهڙ**

l l l

شهيدن جي ڌرتي سنڌ ۾ شايان ڳورڙ جو اوچتو وڇوڙو وڏي صدمي جو باعث آهي، سيوهڻ کان حيدرآباد ويندي رستي تي فاروق سومري جو ايس ايم ايس مليو، جنهن ۾ شايان جي شهادت جي خبر پئي، شايان ڳورڙ سياسي، سماجي طور هتان جي عوام لاءِ جدوجهد ۾ مصروف رهيو، ڪچهرين ۾ مون کي شايان مان سماجي خدمت جو وڏو جذبو نظر ايندو هيو، سنڌ جي تعليم لاءِ تمام گهڻو پريشان نظر ايندو هيو، هن تعليم جي بهتري لاءِ جدوجهد ڪئي. سندس اوچتي وڇوڙي وڏو خال پيدا ڪيو آهي، اسان سندس پوئنرن والد صاحب علي شير ڳورڙ ۽ سندس پائرن مان اميد رکون ٿا ته شايان ڳورڙ جي صدمي کي جذبيءَ خدمت ۾ تبديل ڪري، سندس چڏيل مشن ۽ خواب کي پورو ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪندا.

**نياز پٽي**
**اڳواڻ سنڌ ڪائونسل**
**ميمبر پ پ ش پ،**
**سرپرست ميهڙ پريس ڪلب**

lll

کڏهن ڳاڙهو گهوٽ، کڏهن مڙهه مقام ۾

شهيد ڪڏهن مرندا ناهن شايان ڳورڙ منهنجو پاڙيسري هجڻ سان گڏو گڏ، هڪ همدرد انسان، سدائين کلٽو ملٽو، مهان دوست ۽ علم دوست انسان هو، ان جي جدائي جو افسوس آهي، اسان شايان جي مقصد، سنڌ جي مظلوم ۽ پيڙيل طبقن لاءِ جدوجهد ڪري ان کي خراج تحسين پيش ڪنداسين. دعا آهي ته الله تعاليٰ سوڳوارن کي صبر عطا ڪري.

**سعيد احمد ٻگهيو**
**سينڌل مهيسر**

lll

صبح جو يونيورسٽي ويندي پياري دوست ۽ ياءُ شايان جي وڇوڙي جي خبر پئي، بيحد ڏک ۽ افسوس ٿيو، شايان جهڙا مڙس مٿير صدين کان پوءِ جنم وٺندا آهن، دعا آهي تہ شل اسان جا نوجوان شايان جي نقش قدم تي هلن، آمين.

**بلخ آفتاب پلهڙو**
**مدينہ ڪالوني ميهڙ**

l l l

مـــار پـــوئي مـــوت، اڻ منـــدائتو آئـــين،
گهايئي اهڙا گهوٽ، مند نہ جن جي مرڻ جي.

**احسان چنو**
**خيرمحمد آريجا**

l l l

شـايان جـي شـان جـو، چـا تـہ هيـو شـان،
ايڪويـهہ سـال جـو هيـو، هـي نوجـوان،
سـندس جـو مـوت، هـڪ الميـو هئـو،
ايـس ايـس او تنظـيم جـو هيـو سـرواڻ.

**تو ڪان ٿيندي ڏار لڙڪ لڙي پيا لار ڪري.**

افسوس جو هن سنڌ ڌرتي مان هزارين سپت پريا نوجوان موڪلائي ويا آهن، انهن مان شايان علي بہ هڪ آهي، شايان هڪ بهادر، محنتي، مخلص استادن جي حد ڪان عزت ڪندڙ، سڄڻن جو ساٿي ۽ غريبن جو دوست هو، مان تہ سندس شخصيت مان ايترو تہ متاثر هيس جو جڏهن بہ منهنجي سامهون ايندو هو تہ يقين رکو سندس جواني ۾ رکيل ڏاڙهي ۽ زلفن جو اسٽائيل تہ ايترو منهنجي روح کي افروز ڪندو هو تہ جئين ڏيئو ڪنهن ڪمري کي روشن ڪندو آهي، جو تہ ڏيئو جلي ٻين کي سهائي ڏيندو آهي، هو

۽ جواني ۾ پاڻ کي تڪليف ڏئي. شاگردن جا مسئلا حل ڪرائيندو هو.

شايان علي خوش خلق ۽ خوش مزاج هو، ڪيترائي انسان پنهنجي لاءِ جئيندا آهن، شايان علي والدين، مٽن مائٽن، استادن، ايس ايس او تنظيم جي بهبود لاءِ ڪوشان هيو، افسوس جو هُو پنهنجي منزل ۽ مقصد تائين پهچي نه سگهيو.

اسان جي مئاسين سفر ۾ اوساتي،
ته ماڻيندا منزل پنهنجا ڍول ڍاتي.

هن شعر مثل شايان سفر ۾ وڇڙي ويو پر اها آس ۽ اميد رهندي ته هڪ ڏينهن شايان جو خواب ضرور ساپيان ٿيندو.

**غلام قادر پنهور، ميهڙ**

l l l

سائين علي شير ڳورڙ جو فرزند شايان جنهن کي رب پاڪ جي طرفان وطن جي حب اهڙي عمل ۾ ڌرتي سان پريم ۽ پيار نصيب ٿيو هيو، جيڪو تمام ٿورڙن ماڻهن کي نصيب ٿيندو آهي.

**علي اڪبر سوڍر**
**مرڪزي رابطہ سيڪريٽري**
**پيپلز ليبر يونين سئي گئس**
**سنڌ بلوچستان**

l l l

شايان منهنجو بهترين دوست هو، جنهن جي وڇوڙي تي اسين تمام گهڻا ڏکارا آهيون، پنهنجي پيءُ تي سرگهوريندڙ شهيد شايان شل جنتون ماڻي.

**سعيد احمد ڳورڙ**
**اعجاز ڳورڙ**

l l l

اوچتو موت جيءَ جهوري ڇڏيندو آهي، انسان جو عقل ڪم ناهي ڪندو، شايان نوجوان، سٺهو سيبتو، بااخلاق ۽ با ادب انسان هو، دعا آهي ته الله ڪيس جنت نصيب ڪري، آمين.

**جي ايم سنڌي وارھ**

l l l

الله سائين شهيد شايان علي ڳورڙ کي جنت ۾ جڳهه ڏيندو ۽ انهن جي گهروان کي صبر ۽ تحمل ڏيندو.

**محمد اسلم چانڊيو**

**سنيئر سول جج نوشهرو فيروز**

l l l

شايان پنهنجي نالي جي تفسير جيان شايان ٿي ويو، ننڍي عمر ۾ تمام وڏي ڪردار ۽ شخصيت جو مالڪ هيو، سندس شهادت واري قرباني به بي مثل آهي، سندس پيءُ سائين علي شير کي بچائڻ خاطر پنهنجي جان جو نذرانو ڏنو جيڪو تمام وڏو تاريخي عمل آهي، سياسي زندگي کان وٺي عام زندگي به قومي مفادن ۽ قومي ڪارڪنن سان ميل جول ۽ شايان جي حقيقي زندگي رهي آ. شايان نه وسرندڙ ڪهاڻي جو نالو آهي.

سڄي فيملي جي جان ۾ ارمان هيو ۽ رهندو.

**ظهير عباس پنهور**

l l l

شهيد شايان جي موت نہ رڳو هن جي خاندان پر منهنجي جواني تائين جو سفر منهنجي اڳيان ظئي ٿيو آهي، هو جيڪو نهايت پيارو ٻالڪ اسان جي وچ ۾ عجيب ڳالهيون ڪندڙ نهايت ئي چالاڪ ۽ هوشيار مختلف وقتن تي پياري دوست علي شير ڳورڙ سان گڏ اسان سان ساٿ ۾ هوندو هو، شايان جون يادون اڄ بہ مون سان گڏ آهن، هن جون ڳالهيون هن جا سوال سچ تہ هو وڏن جي ڪچهرين ۾ ننڍڙو هجڻ جي باوجود سيني جي ڏيان جو مرڪز هوندو هو، سائين علي شير ڳورڙ ۽ سائين حسين بخش ڳورڙ وارن سان پنهنجائپ جي ڪري سدائين اهو احساس پئي رهيو آهي، تہ هي گهر ۽ خاندان، منهنجي گهر ۽ خاندان جو حصو رهيو آهي، ان نسبت سان شايان جڻ تہ منهنجي پنهنجي گهرجي ڀاتين مان هڪ ڀاتيءَ جو وڇوڙو آهي، هن پياري ڀاتيءَ جي وڇوڙي جي ڏک ۾ پاڻ سڀ برابر جا شريڪ آهيون.

توڙي اڄ هو هن دنيا ۾ ناهي رهيو پر هن جون ڳالهيون ۽ يادون منهنجي وجود ۽ زندگي جو هڪ خوبصورت ۽ اڻ مٽ حصو آهن.

مري ويندين، موت تون منهنجي چائنٽ تي،
چائنٽ ڪان اڳتي ، آءُ امرتا آهيان،
هن جون يادون امر آهن ، ۽ رهنديون.

**جي اين ڪوسو**
**صدر عوامي تحريڪ سنڌ**

lll

شايان علي سان منهنجو سڳي ياءُ جهڙو رشتو هو. پاڻ اڄ اسان کان تمام ڏور وڃي چڪا آهن، منهنجي خيال موجب ياءُ شايان جن جيتري گهٽ زندگي گذاري، ان گهٽ عمر ۾ وڏا ڪارناما سرانجام ڏنائون، الله تعاليٰ انهن کي جنت الفردوس ۾ جڳهه عطا فرمائي.

ڪو وقت هو ۽ يار هئا،
دوست منا دلدار هئا،
هڪ ٻيڙي هئي جا ٻڏندي وئي،
۽ تاڪ انهيءَ جا ترندا ويا،
وقت جو اهڙو واءُ لڳو،
ڪو ڪاڏي ويو، ڪو ڪاڏي ويو.

**فراز غوث جتوئي**

111

## تنهنجي ياد جي وري آ وير.

اڄ آءُ هڪ سنڌ جي ان نوجوان تي تاثراتي لفظ لکي رهيو آهيان، جنهن جي ذهن ۽ دل ۾ هميشه سنڌ ساهه کڻندي هئي، هو هڪ اهڙو نوجوان هو، جنهن عمر جي ان حصي ۾ شاگرد جدوجهد ڪئي، جڏهن سندس سڀ همعصر ليلا مجنون جي ڳالهين ۾ گم هئا. ميهڙ تعلقي جو انتهائي سنيجده باصلاحيت نوجوان شهيد شايان ڳورڙ هو، جيڪو اسان فطرت جي جيءُ جهوريندڙ ورتاءَ سبب اسان کان ڪرنٽ لڳڻ سبب وڇڙي ويو آهي، شايان ڳورڙ جڏهن کان شعور سنڀاليو تڏهن کان هن جو ڪردار شاگرد ڪارڪنن کان اڳواڻ تائين انتهائي سرگرم رهيو، سندس ڪيل قومي خدمتون سدائين ياد رهنديون.

**عابد آزاد جهتيال**
**جسقم ميهڙ**

111

شهيد شايان ڳورڙ منهنجن پيارن شاگردن مان هڪ هو، شايان ننڍپڻ کان وٺي هڪ سلڇڻو شاگرد هو، هن کي مون پنجون درجو پڙهايو هو، شايان ننڍي هوندي کان ئي سياسي سرگرمين ۾ اسڪول جي هر پروگرام ۾ حصو وٺندو هو، شايان سرائيکي ٻولي ڳالهائيندو هو، هن جا اڄ ٻه هر لفظ ياد اچن ٿا، منهنجي ڏٽي در دعا آهي ته شل هو جنتون ماڻي آمين

**محمد افضل ملڪ**

**مدل بوائز اسڪول شادي خان چانڊيو،**

**تعلق ميهڙ**

l l l

سائين علي شير ڳورڙ صاحب جو وڏو پٽ شايان علي ڳورڙ قوهِ جوانيءَ ۾ اچانڪ اسان کان وڇڙي ويو، شايان علي هڪ بهادر، بااخلاق،معتبر، محنتي، سياسي ۽ سماجي اڳواڻ ننڍن سان محبت ڪندڙ وڏن جو ادب ڪندڙ، اسان کي چاچا ڪري مخاطب ٿيندو هو، تمام وڏين خوبين ۽ صلاحيتن جو مالڪ هو، جيڪر موت هن کي مهلت ڏئي ها! ته سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي وڏي خدمت ڪري ها.
دعا آهي ته شل جنتون ماڻي آمين.

**ايڊووڪيٽ رحيم بخش ٻگهيو**

l l l

سائين علي شير صاحب جو وڏو فرزند نهايت بااخلاق، باصلاحيت ۽ سياسي، سماجي اڳواڻ هيو، هن جي اوچتي وڇوڙي سندس خاندان ۽ اسان سمورن دوستن کي لوڏي ڇڏيو آهي.
دعا آهي ته رب سندس گهر وارن کي صبر جي توفيق عطا فرمائي آمين.

**محمدبخش ٻگهيو، چارو**

l l l

شايان منهنجي بهترين دوستن مان هڪ هيو، ذاتي ۽ سياسي دوست هئاسين A.J.P جي شاگرد تنظيم S.S.O جو بنيادي ميمبر هئاسين.

شايان جي موت منهنجي لاءِ وڏي صدمي جي خبر آهي، اڄان تائين مون کي اعتبار نه ٿو اچي ته هو ڪو مري ويو آ، هو زنده رهندو اسان جي دلين ۾.

**شيراز سراج سيال**
**حيدرآباد**

l l l

اسان جو پيارو ڀاءُ شايان علي اسان کان وڇڙي ويو، اسان جو وڏو ڀاءُ اسان جو بهترين دوست به هيو پاڻ تمام سٺن اخلاقن ۽ بلند ڪردار جو مالڪ هو، ڀائو جي وڇوڙي سبب اسان جي گهر ۾ جيڪو خال پيدا ٿيو آهي، اهو پرجڻ ته محال آهي، پر اسان پنهنجي شهيد ڀاءُ سان وچن ۽ واعدو ٿا ڪريون ته اي! اسان جا شهيد ڀاءَ اسان توهان جي ٻاريل شمع کي اجهائڻ نه ڏينداسين.

**شهيد جا ننڍا ڀائر**
**بلاول ۽ انيدخان گورڙ**

l l l

اها بدنصيب گهڙي جنهن اسان کان جگر جو ٽڪرو جدا ڪيو، شهيد شايان اسان سان گڏ گذاريل لمحا ۽ گهڙيون ذهن تي ڦرن پيون، هينئر به يقين نه ٿو اچي ته ڪو هو اسان کان جدا ٿيو آهي، ايترو بهادر ۽ عقلند هو، جو اسان ڀائر جڏهن ڪنهن ڳالهه تا تيز ٿيندا هئاسين ته هن کي ڏسندئي کلي ڏيندا هئاسين، هن ۾ ڪا اهڙي قدرتي مٺيا هئي جو ننڍا توڙي وڏا هن جي ضابطي ۾ هئا، طبيعت ۾ تمام ٺڌو بااخلاق، باڪردار، ۽ نماڻو جو جنهن سان به هڪ ڀيرو ملي ته اهو هن جو دوست بڻجي ويندو هيو، ۽ خواهش ڪندو هو ته ٻيهر هن سان ڪچهري ڪيان، 22 سالن جي مختصر

ڄمار ۾ هن اهڙا ڪم ۽ ڪارناما سرانجام ڏنا، جو ماڻهو سئو سال ڄمار تائين نہ ڪري سگهيا، هو پارس هو، جيڪو پٿر توڙي لوهہ کي لڳي تہ اهو سراپا سون بڻجي پوي، هن جون يادون ۽ ڪردار جي خوشبو اسان جي دلين ۾ وهائوتاري جيان پئي جرڪندي.

**شعبان علي ڳورڙ**
**(شهيد جو چاچو)**

lll

سـي جـيءَ، جيـارا مـاڻهو هـا،
سـي سـپ ڪـان، پيـارا مـاڻهو هـا،
جـن سـاهہ ڏئـي، ويسـاهہ ڏنـو،
جـي دل ۾، درد دڪـائي ويـا.

اسان جو پيارو ياءُ اسان لاءِ وڏي عظيم نعمت هو، اسان جي مٿان ڄڻ ڪو مصيبت جو پهاڙ ڪريو هجي، اسان جو عظيم ياءُ اسان لاءِ شفقت جو ڪڪر هيو، هو سڄي خاندان لاءِ چپر ڇانءُ هو، هن وٽان سدائين اسان کي پيءُ ماءُ جيترو پيار مليو، ننڍي لاڪُر قومي سياست سان لاڳاپيل هئڻ سبب هن جا سڄي سنڌ اندر سنا ۽ سلجهيل دوست هئا، ادا عورتن جي حقن بابت اسان کي ليڪچر ڪندو هو، ٻہ ٽي سال اڳ ادا شايان اسان جي گهر ۾ عورتن جي ڪانفرنس بہ ڪوٺائي هئي، جنهن ۾ محترم رسول بخش پليجو صاحب جي ڌيڻ آپا مريم پليجو ۽ ادي زاهده شيخ واريون بہ شريڪ ٿيون هيون، ادا شايان اسان کي نصاب سان گڏ علمي، ادبي رسالا ۽ ڪتاب پڙهائيندو هو، هن جو آدرش ۽ خواب هو تہ زندگي جي آخري پل تائين پنهنجي مقصد سان اٽل ۽ سچو رهان، هو ساهہ ڏئي اسان کي ويساهہ ڏئي ويو.

**رينا ڳورڙ**
**(شهيد جي ڀيڻ)**

lll

www.sindhsalamat.com

ڪـــــي مــــاڻهو تـــــاريخ تــــين تــــا،
هـــن گهايـــل ڌرتـــي جـــي ســـيني تـــي،
اهـــــڙي گهــــــري چــــيخ تـــين تـــا،
جا دنيا کي جاڳائي ٿي ۽ هر ڪنهن کي بدلائي ٿي.

ادا شايان جي شان ۾ جيڪي به لفظ چئجن اهي ٿورڙا آهن، هن جون کهڙيون ڳالهيون ۽ ڳڻ ڳائجن.

بلند اخلاق جا مالڪ، خاندان جي ننڍي وڏي فرد سان دوستاڻا ۽ مهذب رويا، پينرن ۽ پائرن جي خواهشن پوريون ڪرڻ وارا هن جي سياسي، سماجي مرتبو ۽ ماڻُ ڏسي اسان ۾ جيئڻ جو نئون ويساهه ۽ حوصلو پيدا ٿيو آهي ته شايان جي وڇوڙي جي ڪمي نه رهڻو اسان محسوس ڪيون پيا، پر ادا ۽ بابا جا دوست به رت جا ڳوڙها ڳاڙي رهيا آهن، ادا ايس ايس او ۽ اي جي پي جا باني اڳواڻ هئا، شهيد پاءُ جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪا ۽ انهن پروگرامن ۾ پائرن جي تقريرون اسان جا حوصلا بلند ڪيا آهن ۽ اسان جا ڪنڌ ڳات فخر وچان اوچا آهن، ته اسان جي شهيد پاءَ بابا تان قربان ٿي اَمر ٿي ويا.

**عروج علي ڳورڙ**
**(شهيد جي پيڻ)**

١١١

شايان اسان جو ياءُ بہ هو تہ دوست بہ، اسان جڏهن بہ گهر کان ٻاهر نڪرندا هئاسين تہ ادا شايان اڪثر اسان سان گڏ هوندا هئا، هن جو اسان ڀائرن تي شفقت ۽ پيار وارو هٿ هوندو هو، ۽ اسان بہ ادا کي بابا وارو درجو ڏيندا هئاسين، هن جو ماسات نويد جي ننڍڙي نويد عرف سرائي علي حيدرخان سان ڏاڍو پيار هوندو هو، جيڪو ادا جي وڇوڙي کان پوءِ اداس رهڻ لڳو آهي، ادا ننڍي هوندي کان ئي قومپرست، سياست ۾ سرگرم هو، سڄاڳ ٻار تحريڪ ۾ ايس ايس ٽي عوامي تحريڪ، عوامي جمهوري پارٽي ۽ آخر ۾ ايس ايس او جو مرڪزي رهنما رهيو، پارٽيءَ جي هر سڏ کي لبيڪ چوندو هو، ٻٽي بلدياتي نظام خلاف جڏهن قومپرست ڌرين سنڌ ۾ هڙتال جو سڏ ڏنو، تہ ادا شايان وارن بہ ميهڙ ۾ زبردست هڙتال ڪرائي، اسان سيني ڀائرن سوٽن ۽ دوستن کي گڏ وٺي مدينہ ڪالوني مان ادا شاندار ريلي ڪيرائي ۽ پوءِ روڊن تي ٽائرن کي باهيون بہ ڏنيون ويون، شهيد شايان بي ڊپو قومي ڪارڪن ۽ اڳواڻ هيو، ادا شايان اسان کي چيچ کان وٺي قومي ۽ ايڪتا پروگرامن ۾ ضرور وٺي ويندو هيو، ادا شايان جو هر پروگرام ۾ دوست انتظار ڪندا هئا، پوءِ اهو آزاد انور جي ايڪتا ريلي هجي يا اي جي پي جا پروگرام هجن، هن ۾ ليڊرشپ وارا گڻ ۽ خوبيون هيون، اناؤسمينٽ جا جوهر بہ ڏيکاريندو هو.

ڪڏهن ڪڏهن اسان ٽنائيندا هئاسين تہ ادا اڄ گرمي آهي، پروگرام تي ڪنهن ٻئي ڀيري هلنداسين، تہ چوندو هو تہ:

تتيءَ ٿڌي ڪاھ ڪانهي ويل ويهڻ جي،
متان ٿئي اونداھ تہ پير نہ لهين پرينءَ جو.

سنڌ جي تعليم لاءِ جڏهن عوامي جمهوري پارٽيءَ لاڙڪاڻي کان ڪراچيءَ تائين لانگ مارچ ڪئي، تڏهن بہ ادا تمام گهڻو سرگرم رهيا، انقلابي تعليمي لانگ مارچ جي ادا پنهنجي ڳوٺ سوجهروخان ڳورڙ ۾ شاندار آجيان ڪرائي، ڳوٺ قيام جو بندوبست ڪرايو، ۽ ڳوٺ کان ميهڙ تائين قافلي جي اڳواڻي پارٽي پاران ادا شايان جي حوالي ڪئي وئي، جيڪا ادا لاءِ وڏي اعزاز جي ڳالھ هئي، ۽ ادا قافلي ۾ هلندي لائوڊ تي هر شهر ۾ چوندا رهيا.

زبـــان پنهنجـــــي، اهـــائي ســـاڳي،
متـــان تـــون ســـمجهين، مـــري وئـــي آ،

اجـــان تـــ دل پنهنجـــي آ اهـــائي چنچـــل،
متـــان تـــون ســـمجهين مـــري وئـــي آ.

شهيد ادا شايان اسان کي چوندو هيو تہ زندگيءَ ۾ جيئڻ لاءِ ماڻهوءَ جو مقصد ۽ آدرش هجڻ لازمي آهي، بنا مقصد جيئڻ وارو انسان ئي ناهي.

شهيد شايان سان وچن آهي تہ اي شهيد ياءُ اسان توهان جي مشن کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ جدوجهد جاري رکنداسين.

**بصيرعلي ڳورڙ (شهيد جو ياءُ)**

l l l

مون سان ان جي پهرين ملاقات ڪي اين شاه ۾ ٿي، شهيد شايان هميشہ خوش مزاج هوندو هو، ۽ مون کي حسرت هوندي هئي، تہ شايان سان وڌيون ڪچهريون ڪجن، پر شايد ان جي زندگي ايتري هئي، ان سان ڪچهري ڪرڻ جي آس دل ۾ رهجي وئي.

**ظفر شڪور ڪوسو** K.N Shah

**سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو**

l l l

اڄ سائين علي شير ڳورڙ سان ان ڪيفيت ۾ ملڻ (تعزيت ڪرڻ) آيس.

جيڪا ڪيفيت ۽ ڏک اهو پيءُ محسوس ڪري سگهي ٿو. جنهن ڪيفيت مان اڄ سائين علي شير ڳورڙ گذري رهيو آهي، سائين علي شير ڳورڙ جو فرزند شهيد شايان ڳورڙ هڪ سنجيده سهڻو ۽ ڪلمڪ نوجوان شاگرد اڳواڻ جنهن پنهنجي خدا داد صلاحيتن جي آڌار تي سماج ۾ پنهنجو منفرد مقام ٺاهي ورتو هو، سندس ڏکدائڪ شهادت بابت ٻڌي ڏاڍو افسوس ٿيو اٿم، ۽ حقيقت ۾ دلي صدمو رسيو اٿم، رب پاڪ کيس جنت ۾ جاءِ ڏئي ۽ خاندان کي ان صدمي سهڻ جي سگهہ عطا فرمائي. آمين

**امتياز عادل سومرو**

l l l

ڪامريڊ شهيد شايان اسان جو دوست نه پر ياءُ هو. نه ڏينهن اڳ اسان سان هوٽل تي مليو هو، ان ماڻهوءَ کي هر وقت خوشي هوندي هئي، هو عوامي جمهوري پارٽيءَ جو ڪارڪن نه پر دل هو.

**بدر پگهيو**

lll

شهيد شايان ميهڙ شهر لاءِ تمام گهڻي جدوجهد ڪئي، ڪالهه ان جي جنازي نماز ۾ سڄي ميهڙ شهر جي ماڻهن جو موجود هجڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهي، ته هو يارن جو يار ۽ وڏو اڳواڻ هو.

**پيربخش سولنگي،**
**ڳوٺ صادق ماڇي**

lll

شايان علي ڳورڙ جي اوچتي وڇوڙي جو بڏي ڏاڍو ڏک ٿيو، ۽ دلي صدمو رسيو، سندس لاءِ دعا آهي ته الله پاڪ کيس جنت عطا فرمائي، آمين.

**عبدالحميد بروهي، ميهڙ**

lll

سڀ تعريفون الله رب العالمين لاءِ آهن، جيڪو سيني کان وڏيڪ مهربان آهي، جنهنجي قدرت ۾ حساب ڪونهي انسان ويچاري جي عمر ٿورڙي آهي، هن ڪائنات ۾ ڪيئي انسان آيا ويا، هرڪو پنهنجي ڪردار سان سڃاڻپ ڪرائيندو آهي، تن ۾ هڪڙو نوجوان شايان ڳورڙ جو آهي، جيڪو جوانيءَ ۾ اسان کان وڇڙي ويو آهي، هن کي اڃان زندگي جون ڪيئي بهارون ڏسڻيون هيون، پر بي رحم موت کيس انهن بهارن کي ڏسڻ ئي ڪونه ڏنو، اڃان ته شايان موڙ ئي ڪونه بڏا هئا، بي رحم موت اسان کان جدا ڪري ڇڏيو.

مـــار پـــوئي مـــوت اڻ منـــدائتو آئـــين،

گهائيہ اهڙا گهوٽ مند نہ جن جي مرڻ جي.
مون کي شايان جي وڇڙڻ جو انتهائي ڏک آهي، ان ڳالهہ جو ڪير يقين ڏياري تہ شايان اهڙي راهہ جو راهي ٿي ويو آ، جنهن منزل تان ڪوبہ مسافر موٽيو نہ آهي، دعا آهي سندس والد اسان جو دوست سائين علي شير ڳورڙ کي رب سائين حوصلو عطا ڪري.
برابر ماڻهو متي آهي هو مرڻ کان پوءِ متي بڻجي ٿو، وجي پر ان جو ڪردار ڪڏهن بہ فنانٿو ٿي سگهي ڪنهن ڏاهي چيو آهي تہ.

انسان کی قیمت کچھ نہیں،
قیمت کردار کی ہوتی ہے۔

**فاروق سومرو**
**ڪاوش نيوز پيپر ايجنٽ ميهڙ،**
**ميمبر پريس ڪلب ميهڙ**

111

شهيد شايان ولد علي شير ڳورڙ جي گذاري وڃڻ جي خبر طوفان جيان هلڻ لڳي، جڏهن ٻڌو تہ اکين مان لڙڪ وهي پيا، ڇاڪاڻ تہ شايان علي شير منهنجو چڱي طرح ٻڌل ۽ روبرو ڏٺل هيو هڪ تمام سوبر، سلڇڻو، سياسي ۽ سماجي نوجوان هيو، هن کي ٻڌڻ ۽ لکڻ ۽ ڳالهائڻ جو فن هيو، ان خوبين جي ڪري هن جي نماز جنازي ۾ ميهڙ جي شهرين، ننڍن، وڏن، اديبن، شاعرن، سياستدانن ۽ سماجي ڪارڪنن شهر جي دڪاندارن، واپارين مطلب تہ هر مڪتبہ فڪر وارن شرڪت ڪئي، مان ساڳي وقت سائين علي شير ڳورڙ جي ساراهہ ڪندس تہ جنهن نموني شايان جي تربيت ڪئي آهي، اها بہ تمام ساراهہ جوڳي آهي، بس هن وقت شايان جي والد سائين علي شير ۽ سندس امڙ ۽ پيارن عزيزن ۽ دوستن کي صبر جي توفيق عطا فرمائي.

**بشير احمد مهيسر**
**هيڊ ماستر: گورنمينٽ هاءِ اسڪول** (2) **ميهڙ**

111

www.sindhsalamat.com

منهنجو پيارو ماروٽ ماما علي شير ٻُورڙ جو وڏو فرزند شايان علي ڳورڙ جيڪو اڄ اسان ۾ نہ رهيو آهي، تنهنجي وڇوڙي جو دل کي وڏو صدمو پهتو آهي، شايان علي ڳورڙ هڪ سٺي طبيعت رکندڙ ماڻهو هو، هن جو اخلاق ايترو هو، جو هر ماڻهو سان کلي ڳالهائڻ واري وات هئس، هن ننڍڙي عمر ۾ پنهنجو ۽ پنهنجي وڏن جو نالو روشن ڪيو، هو عوامي جمهوري پارٽيءَ جو اڳواڻ هو، آءٌ الله تعاليٰ کان دعا ڪندس تہ شايان علي ڳورڙ کي جنت الفردوس عطا ڪري ۽ ماما علي شير ۽ سندس پيارن کي صبر عطا ڪندو، آمين.

**حامد علي ڳورڙ**

l l l

## ننڍي عمر ۾ وڏو اڳواڻ

وہ شام رخصت کا سما یاد رہے گا
وہ شہر وہ مقام یاد رہے گا
نا بھول سکے ہیں، نا تجھے بھول سکے گے
تو یاد تھا، یاد ہے، تو یاد رہے گا۔

تاريخ 14 مئي 2017ع ڏينهن آچر تي ڀاءُ شايان جيڪو منهنجو سؤٽ سان گڏ ڀائرن وانگر هو، جو ڦوه جواني ۾ انهن کان اڄ اوچتو وڇوڙو ڪري هن فاني دنيا مان هليو ويو آهي، ڀاءُ شايان ويندي ويندي هڪ وڏي شهادت ماڻي. گهڻائي اهڙا نيڪ ماڻهو هن دنيا مان هليا. ويا آهن، انهن ماڻهن مان ڀاءُ شايان به هڪ هيو، ڀاءُ شايان ننڍين سان پيار ۽ محبت، وڏن سان ادب ۽ سلڇڻو ماڻهو هو.

جڏهن اسين سڀ پنهنجي گهر ۾ ويهي، صبح يا شام جو ڪچهري ڪندا هئاسين ته اتي ڀاءُ شايان اچي ويهندو هيو ته ڪچهري ۾ چار چنڊ لڳائي ڇڏيندو هو.

ڀاءُ شايان جڏهن ستن اٺن سالن جي ڄمار جو هو ته هن سجاڳ ٻار تحريڪ ۽ سنڌي اسٽوڊنٽ آرگنائزيشن جو باني رهيو ۽ ماڻهن جي وڏي خدمت ڪيائين. ڀاءُ شايان جڏهن چوڏهن پندرهن سالن جي ڄمار جو ٿيو ته هن جلسن، ريلين ۽ ٻين ڪيترين ئي پروگرامن ۾ اڳواٽي ۽ ڪمپئرنگ پڻ ڪئي.

ڀاءُ شايان سکر کان ڪراچي تائين پيادل لانگ مارچ ريلي ۾ اڳواٽي ۽ ڪمپئرنگ ڪئي، اسان چاهيون ٿا ته ڀاءُ شايان اڄ به جلسن، ريلين ۽ ٻين پروگرامن ۾ اسان سان گڏ هجي ها، پر الله پاڪ نه چاهيو ۽ اسان کان هڪ خوبصورت دوست کسي ورتو.

اسان دعاگو آهيون ته ڀاءُ شايان کي الله پاڪ جنت الفردوس ۾ اعلىٰ مقام تي جاءِ عطا فرمائيندو ۽ چاچا علي شير ۽ ان جي گهر ڀاتين کي الله پاڪ صبر جي توفيق عطا فرمائيندو. آمين

**عبدالحنان**
**(شهيد جو سئوٽ)**

گھوڙن ۽ گھوٽن جيئڻ ٿورا ڏينھڙا،
ڪڏھن منجھ ڪوٽن، ڪڏھن راھي رڻ جا.

اسان جو پيارو نوجوان شايان علي ڳورڙ جي اوچتي وڇوڙي جيءَ کي جھوري وڌو آھي، شھيد شايان علي ڳورڙ ننڍڙي عمر ۾ تمام گھڻو اڳتي وڌي ويو تمام پيارو ۽ قرب ڏيندڙ ھيو سندس جو رعب تاب وارو چھرو ڪڏھن بہ وساري نہ سگھبو،شايان علي جتي بہ ملندو ھيو تہ تمام گھڻو پيار ۽ قرب ڏيندو ھو سياسي سماجي ۽ علمي ڪمن ۾ اڳيرو رھيو، شايان علي تمام بھترين ڪمپئرنگ پڻ ڪندو ھيو، اللہ تعالیٰ کيس جنت الفردوس عطا فرمائي ۽ سندس والدين سائين علي شير ڳورڙ ۽ ڀين عزيزن کي صبر جي توفيق عطا فرمائي. آمين

**سيد محمد حسن شاھ**

**واھ شايان تنھنجو اخلاق**

111

اڄ جيڪو ڏينھن آڇر جو آھي، مان ھن ڏينھن کي ڪيئن وساريان، ھي افسوسناڪ واقعو منھنجي پياري دوست سائين علي شير اڳڻ تي وڏي سونھن ھوندي ھئي، جيڪا اڄ وڏو خال ڇڏجي وئي. آھي، چا تہ شھيد جو اخلاق ۽ ادب ھيو، جيڪو مون شھيد شايان ۾ ڏٺو جيڪو ھن وقت بہ منھنجي ذھن ۽ دماغ ۾ سمايل آھي، ھي واقعو ھميشہ منھنجي زندگي ۾ ھر وقت ياد رھندو، شھيد شايان علي دوستن جو دوست ھيو ۽ پنھنجن وڏن جي دوستن سان ائين پيش ايندو ھيو، جيڪو خاص طورتي مون کان نٿو وسري، شھيد شايان جڏھن بہ مون سان ملندو ھيو، مون کي پنھنجن پٽن واري عزت ملندي ھئي، جيڪا منھنجي دماغ ۾ ھن وقت بہ گونجي ٿي، شھيد شايان علي جا ڪجھ لفظ مون کي ھن وقت بہ ياد ايندا آھن، تہ اکڙين ۾ لڙڪ تري ايندا آھن. تہ ڪاش شھيد سان ڪجھ

www.sindhsalamat.com

گهڙيون اجا ڳڻجهان ها، مان جڏهن ٿورو وقت اڳ سائين علي شير ۽ سائين شعبان علي سان ملڻ لاءِ مدينہ ڪالوني آيس تہ شهيد مون کي پنهنجي گهرواري گهٽي ۾ مليو ۽ چيائين تہ سائين بابا، چاچا احمدخان چانڊيو سان ڳڏجي شهر ويو آهي، چاچا سائين بہ گهر ڪونهي، اهي لفظ چئي شهيد پنهنجا نماڻا اخلاق پريا هٿڙا ٻڌي چيائين تہ سائين توهان هن دڪان تي ويهو توهان کي چانهن يا ٺڌو پياريندس ۽ مون کي منٿون ڪندو رهيو تہ سائين بابا جا دوست آهيو، منهنجا بہ وڏا آهيو، محسن آهيو، شهيد جا اهي هٿڙا اخلاق قرب ڏسي هن وقت شهيد جي ٿڌي تي ويهي صدمي ۽ ڏک سان چوان ٿو تہ شايان جهڙا بهادر، قربدار، اخلاق ۽ ادب وارا پٽ ڀاڳ وارن وٽ پيدا ٿيندا آهن.

شال الله سائين پنهنجي حبيب ﷺ جي صدقي شهيد کي جنت ۾ جاءِ هجيس، رسول ڪريم ﷺ جي پناهہ رکيس ۽ گهر وارن کي ۽ ڪٽنب کي صبر تحمل عطا فرمائي.

**رئيس جان محمد چانڊيو**

l l l

شايان پٽ جڏهن ننڍڙو هو تہ مان پڇندو هيو مانس تہ پٽ تنهنجو نالو ڇا آهي؟ جواب ڏيندو هو تہ شايان. ڪنهن جو پٽ آهين تہ پنهنجي ٻاتڙي زبان سان چوندو هو علي شير جو سندس شهادت تي دلي افسوس ٿيو، جڏهن تہ اسان جو رشتيدار دنيا مان ڇڏي ويو آهي.

الله ڪيس جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏي ۽ سندس والدين کي صبر عطا ڪري. آمين

گهـــوڙن ۽ گهـــوٽن جيـــئڻ ٿـــورڙا ڏينهـــڙا.
ڪڏهن منجهہ ڪوٽن، ڪڏهن راهي رڻ جا.

**سيد اعظم علي شاهہ**

**هيڊ ماستر، سوجهرو ڳوٺ**

l l l

مـاڻهو سـب نـه سـهڻا، پکـي سـب نـه هـنج،
ڪـنهن ڪـنهن مـاڻهوءَ منجهـه، اچـي بـوءِ بهـار جـي.

شهيد شايان ڳورڙ پهرين جنوري 1996 تي ڳوٺ سوجهرو ڳورڙ جي معزز گهراڻي ۾ جنم ورتو پاڻ هڪ بهترين استاد سائين علي شير جو فرزند هو هي هڪ عليٰ اخلاق ۽ محنتي ڇوڪرو هيو، جيڪو هر وقت سماجي ڪمن ۾ مصروف هوندو هو ۽ جڏهن به ڪو ڪم سياسي سماجي يا ڪو اهڙو پروگرام هوندو هو ان ۾ عليٰ ڪردار ادا ڪندو هو ۽ هر ڪنهن دوست سان عزت ۽ احترام سان ملندو هيو.

مونکي چڱي طرح ياد آهي ته ان جي وڇوڙي کان چار يا پنج ڏينهن اڳ محترم نويد ڳورڙ سان گڏ ڪار ۾ ميهڙ پئي ويو ان جو اهو اعليٰ اخلاق جو هو گاڏي روڪي ۽ مون سان حوال ڪري چڱ ڀلائي ڪري ۽ پوءِ موڪلائين هي ان جو اعليٰ گڻ هيو ۽ استاد جي عزت ۽ عظمت جو احترام هيو ان مان ثابت ٿئي ٿو ته اهڙا اعليٰ اخلاق جا مالڪ تمام گهٽ ملندا آهن مان استاد سائين علي شير کي جس ٿو ڏيان جن پنهنجي فرزند کي اهڙي تعليم ۽ تربيت ڏياري.

آخر ۾ مان شهيد شايان لاءِ اهي لفظ استعمال ڪندس ته الله تعاليٰ ان کي جنت الفردوس ۾ داخل ڪري ۽ پونئين کي صبر ۽ تحمل عطا ڪري ۽ ان لاءِ هميشه دعاگو رهن آمين

**امتياز ڳورڙ**
H.S.T
**هاءِ اسڪول سوجهرو ڳورڙ**

111

اڄ شايان ڳورڙ جو اوچتو حادثو 14 مئي 2017ع ڪڏهن به مون ڪان نه وسرندو، جڏهن سائين شعبان ڳورڙ ٽڏو ساه پريندي چيائين ته ادا اڄ اسان ڪان پنهنجو پيارو ياڻٽيو اسان کي ڇڏي هليو ويو، سچ پچ ته پنج ڏه منٽن لاءِ ساه بند ٿي ويو، شايان علي ڳورڙ ضرور هيو پر ان جو ملڻ جلڻ ادب ڪرڻ ائين هيو، ڄڻ پنهنجو عزيز يا ننڍڙو ڀاءُ هجي شايان علي ڳورڙ ذهين شاگرد ۽ اخلاق وارو ۽ سماجي ڪارڪن به هيو، عوامي جمهوري پارٽي شاگرد ونگ جو پڻ مرڪزي اڳواڻ رهيو، هو اسان جو اڳواڻ رهيو، هو اسان وٽ پڙهيو ڪونه هيو، پر جڏهن گنجڙوٽ شاخ يعني سندس پنهنجي اباڻي ڳوٺ سوجهرو ڳورڙ ملندو هو، ائين محسوس ٿيندو هو ڄڻ ته هو اسان وٽ سالن ڪان پڙهندو هو، شايان علي ڳورڙ جهڙا پٽ هن دنيا ۾ تمام گهٽ پيدا ٿيندا آهن.

اهڙا محبتي پٽ هن دنيا ۾ به امر ۽ آخرت ۾ به امر هوندا آهن ۽ جنتي هوندا آهن. آمين

**امانت علي چنجڻي**

**H.S.T هاءِ گورنمينٽ اسڪول سوجهرو ڳورڙ**

ٽ ٽ ٽ

اڄ پڻ ڪن، وڇڙهارا وڃڻ جون.
روئان تان نه رهن سپرين، ٻڌان تن ٻانهون.
منهنجون دانهن مٿان دانهون، ته به هن جي تياري تکڙي.

اکين ڪين ڪيو، جو رت نه رنائون،
پلاٽيندي پري، ڪان بيني ڏنائون،
تن اکين ۾ آءُ، ڪجل ڪهڙو پايان.

شايان علي ڳورڙ هن ڌرتي ماءُ جو دلير پٽ هو، هر هڪ سماجي، سياسي ورڪر هو، محنتي شاگرد ۽ با اخلاق ۽ باڪردار نوجوان هو، اسان کي شهيد جي اڻ مندائتي موت گهڻو صدمو رسايو آهي، اسان سندس مغفرت لاءِ ڏاڍي تعالیٰ جي در دعاڳو آهيون ته شهيد کي جنت الفردوس ۾ اعلیٰ مقام عطا فرمائي. آمين

**پي. ايس. ٽي نثار احمد ٻلهڙو**

ٽ ٽ ٽ

شهيد شايان جي اوچتي وڇوڙي اسان جي جيءُ کي جهوري وڌو آهي.

**شفقت خادم چنہ**

**ڳوٺ عمر پيو**

l l l

شهيد شايان اسان جي خاندان جو اثاثو هو، ۽ اسان جي دلين ۾ هميشہ زنده رهندو.

**خادم حسين ڳورڙ**

l l l

شهيد شايان اسان جي طاقت هو، هن جي ڪيل جدوجهد کي سلام پيش ڪريون ٿا.

**عبدالقدير ڳورڙ**

l l l

# شهيد شايان جي ياد ۾
# ٽيل شاعري

# شايان ڳورڙ جو وڇوڙو

## جوهر بروهي

ميـنـڌرو ڪـاڪ جـو هـاءِ وڇـڙي ويـو،
پنـجـي افـلاڪ جـو هـاءِ وڇـڙي ويـو.

منـد ملهـار ۾ گيـت سـنڌو جـو هـو،
جـڻ ڦڙومـاڪ جـو هـاءِ وڇـڙي ويـو.

بيـت سـائين پٺـائي جـوءِ ڪليـاڻ هـو،
مـاڻهو هـڪ سـاک جـو هـاءِ وڇـڙي ويـو.

اڄ سـتارن کـان وڇـڙي وئـي روشـني،
هـو منجهـنـد تـاڪ جـو هـاءِ وڇـڙي ويـو.

نوجواني ۾ ويو منهن مٺي شخص سو،
سـونهن ادراڪ جـوءِ هـاءِ وڇـڙي ويـو.

جـڳ سـجي منجهـ ”جـوهر“ جياپا هجـن،
شـخص بـي بـاڪ جو هـاءِ وڇـڙي ويـو.

# نظم

## محبوب ڏيپر

“شايان” جيان ڪري پلا هي تہ ڏسي،
ڪو قربان پيءُ تي ٿي تہ ڏسي،

ڪردار “شايان” اهڙو ڪري ويو،
هينئر اکين ڪان ٿي پري ويو،
جڳ ۾ پاڻ کي جياري ويو،
ڏيئي موت کي مات ماري ويو،
ڪو جام شهادت پي تہ ڏسي.

گلابي گل جيان ٽڙندو پيو هو،
شان ۾ “شايان” نڪري پيو،
ڪو مري هن جيان جي ڏسي،
ڪو قربان پيءُ تان ٿي تہ ڏسي.

نئون پائي ادب ۾ پير رهيو هو،
ڏاهن کان ٿي ڏاهوپيو هو،
غير لاءِ ٻڌجي ڦاهو پيو هو،
هي محبوب ٿي زنده باد ويو،
ٿي ٻار ٻدي کي ياد ويو.

ويو “ڏيپر” ڏيهہ ۾ نانءُ ڳڻائي،
پاڻ کي شير جو پٽ ويو شير ٻڌائي،
ڪو ٿتل دلڙي سبي تہ ڏسي،
ڪو قربان پيءُ تان ٿي تہ ڏسي.

www.sindhsalamat.com

# موتي داڻو

## اظهار علي رند

شايان ماڻهو سهڻو موتي جو داڻو پيارو
جدايون ڪري اسان ڪان ويو آهي پيارو

سائين علي شير جو پٽ هو وڏو ۽ نعمت
ڇهري جي سونهن پياري هو راڄ جو هي راڻو

جدايون ڪري اسان ڪان ويو آهي پيارو
ٿوري عمر ۾ عزت پائو وڏي ڪمائي

شايان لاءِ سنگت ٻه چئي پئي ته هو نماڻو
جدايون ڪري اسان ڪان ويو آهي پيارو

رب جي رضا تي راضي رهڻو آهي اسان کي
اقبا اسان جي سمري شايان جيءُ جيارو

جدايون ڪري اسان ڪان ويو آهي پيارو
الطاف سائين مونکي چيو آ ته حاضري ڏيو

شايان تي ڏکويُيندڙ مون گيت آهي ٺاهيو
جدايون ڪري اسان ڪان ويو آهي پيارو

# بيت

## محبوب ڏيپر

“شـــايان” تنهنجـــو نئـــو ســـهي ســـگهان ســـور،
هليـــو وئـــين هـــٿن مـــان ٿـــي دلبـــر مـــون کـــان دور،
جـــدائي تـــو جانـــب جـــي جهـــوري کيـــو جهـــور.
روئـــي روئـــي اکـــڙين جـــو ويـــو نپـــوڙ جـــي نـــور،
شـــهادت تـــو پـــاڻ پنهنجـــي آ منـــا کئـــي منظـــور،
ٿـــي شـــاهي شـــوق ۾ وئـــي منـــا ٿـــي مشـــهور،
پلپـل تنهنجـو پـور تـو منـا روئـاري “محبـوب” کـي.

ٻڌي “شايان” تنهنجي موت جون کيـون البيلن آهـون،
کـــي تکـــي تنهنجـــون رهيـــا راڻـــا هـــا راهـــون،
موتـــائڻ جـــون بنـــد ٿـــي ويـــون ســـيئي واهـــون،
ميندي نـه لاتئي هٿڙن کي نـه لالـڻ لڏي ئي لائون،
ٻڌي درد ناک دانهون پيـو ڏري هنيانءُ “ڏيپـر” جو

# غزل

“شـــايان علـــي” جـــي تنهنجـــي شـــانَ ۾،
مـــان چاچـــا لكـــان ڏس مـــانَ ۾،
خوبيـــون ادب اخـــلاق واريـــون،
ســـڀ هيـــون تـــو جـــوان ۾،
جهـــٽ هـــٽن مـــان وئـــين تـــون هليـــو،
نـــہ ڳالـــهہ ويتـــي كـــا ڌيـــان ۾.

تـــو جيـــان ٻيـــو نـــہ پهتـــو ڏكـــي،
هـــن مـــوت ســـندي ميـــدان ۾،
مـــوت اڱـــڻ آيـــو بهـــانو بجلـــيءَ جـــو كـــري،
شـــهادت مـــاڻي، تـــون وئـــين اهـــڙي عنـــوان ۾،
سلام تـنهن بردباري كـي سدا رهـي هـي شـهيد،
سگهاري سوچ تنهنجي اهڙي ٻي رهي انسان ۾.

# شايان، شايان هو!!

## حبيب ”حضوري“

“شايان” ڪيڏو نہ شايان هو،
سهڻين خصلتن جو، گلدان هو،
امڙ ۽ ابي جو هيرو لاڏلو،
اکين جي اڳيان چڻ گلستان هو.
اسان سنڌ واسين جو ارمان هو.
ميڙي دوستن کي ڪيائين متحد!
سڄي سات جو پاڻ نگران هو،
موهن هو، مڪلي هو مهراڻ هو،
بلاول جو ديرو، باغبان هو،
جو خاڪو پٽائي جي بيتن ۾ آ.
هي شايان اهڙو ئي انسان هو.
ڪندو ديس پنهنجي سان چاهت گهڻي هو.
دودي وانگي، دشمن لئہ دهمان هو.
اجا حسرتون دل ۾ موجود هيون،
هليو ويو ايئن چڻ ڪو مهمان هو.
دعاڳو هان دل سان سپني دوستن جو،
جن “حضوري” کي ڪوٺي ڏنو ماڻُ هو.

# شايان جي جدائي

## وفا اشفاق مگسي

آ يـــاد يـــارجي اڄ، گهـــر ڪـــري وئـــي.
"شـايان" جـي جدائي محشـر ڪـري وئـي.

آليون اکيون نہ هتڙي، منهنجون وفا پر،
لـــڙڪن ســـان آلـــو ٿـــر ڪـــري وئـــي.

اُجارن لئـ وسـندڙ ڪڪـر تـي وجـن ٿـا،
ســي "شــايان" ارڏا امـــر تـــي وجـــن ٿـــا.

## محبوب ڏيپر

شـــايان تنهنجـــي جـــدائي جيئـــڙو منهنجـــو آ جهوريـــو،
ويهـــي منـــا مـــون توســـان دل جـــو نـــہ حـــال اوريـــو،
تون صدقي مون تان ٿيئي اڳيم، مان صدقي تو تان ٿيان،
تـون جواني ماڻين ها ٻچڙا، پنهنجو مان سر ڏيان ها.
رهجي ڏکن لئہ ويس مان، تو مون تان هي تان سرڙو گهوريو.

تـــوبن تنهنجـــي پـــائرن نـــہ ويـــس متيـــو آ،
روج راڙي پنهنجـــو جـــن وقـــت ويهـــي ڪٽيـــو آ،
چاهـت سـيني جـي ڪـي تـو بلڪـل پيجـي آ پوريـو.

چاچن، مامن، سوٽن ڪان پنهنجو تـون منهن متي وئين،
دوسـتن دل وارن ڪـان پـي رشـتو صـفا ڪٽـي وئـين،
سـورن مـاس هـڏ مـان تـا آهـي، ڪپيـو ڪوريـو.

نـــديم، قـــدير ۽ عـــديل عميـــر رهيـــو آ،
هليـو فـواد جـو وس نـہ پـرت تـي ويـا پـور پيـو آ،
عاشـق راجـا پـرت پـي سـڳڙو تـي يـار سـوريو.

مطهـــر عزيـــز تـــو لئـــہ روئـــي رڙي ٽڪـــاهن،
علـــي رضـــا، فيضـــان بينـــا اتـــي يڪـــاهن،
هـر ڳالـهہ وئـي هـٿن مـان چـپ نـہ ڪـنهن تـي چوريـو.

ميهـڙ سـجي جـا "محبـوب" مـاڻهو سـاري رهيـا ٿئـي،
"ڳـورڙ" "ڏيپـر" "ٻگهيـا" "چانـديا" هنجـون هـاري رهيـا ٿئـي،
مـاٺ ڪنـدا ڪيـئن سـي جـن سـان تـو يـار ڏوريـو.

# ٻوڙها رت جا سيئي هاري رهيا آهن

محبوب ڏيپر

شـــايان تـــوکي ســـاري رهيـــا هـــن.
ٻوڙهـــا رت جـــا ســـيئي هـــاري رهيـــا هـــن.

ڏســـي "علـــي شـــير" تنهنجـــي واٽ پيـــو،
سائين "حسين بخش" چيو جهٽ ڇا ٿي ويو.

کـري گهـوڙا گهـوڙا هنياءُ ڏاري رهيـا هـن،
ٻوڙهـــا رت جـــا ســـيئي هـــاري رهيـــا آهـــن.

تنهنجـــي پـــاءُ "بصـــير" نـــ ويـــس مٽيـــو،
روئـــي "عنيـــد علـــي" جـــي ڏيـــنهن کيـــو.

گهـــوڙا گهـــوڙا "بـــلاول" پـــاڻ ســـتيو،
آيـــو ازل اهـــڙو جـــو تِـــر نـــ هيـــو.

روئـــي واٽ وينـــدا بـــ روئـــاري رهيـــا آهـــن،
ٻوڙهـــا رت جـــا ســـيئي هـــاري رهيـــا آهـــن.

ڇـــوي "نويـــد" تـــو جـــو تيـــو ســـو تيـــو،
"سـرفراز" "شـاهه پسـند" وارا ڇون کـاڏي ويـو،
"سـرائي مظهـر خـان" جـو هيـو پـائٽيو پيـارو
"خـادم" "حامـد" وارا ڇَون پيـا هيـو جيءَ جيـارو.

سـارو جـڳ روئـاري رهيـا هـن،
ڳوڙهـا رت جـا سـيئي هـاري رهيـا هـن.

ميـر "صـداقت" چيـو واهه جـو هـو يـارو،
چيـو "عاقـب علـي" هـو مـاٺهو پيـارو،
چيـو "دانيـال بـدر" هـو سـاهه سـهارو،
هليـو فـواد جـو كـو وس نـه چـارو.

سـڏكي سـارا پكـاري رهيـاهن،
ڳوڙهـا رت جـا سـيئي هـاري رهيـا هـن.

ٿيـو "عاشـق" "راجـا پـرت" ويڳـاٽو،
"مُطهـر عزيـز" جـي روح جـو راٽـو،
چيـو "كاشـف سـهول" هـو مـوتي داٽـو،
"محمـد حسـن پـرت" چيـو هـو مـاٺهو نمـاٽو،

سـڀ يـاد جـا ٻـارڻ ٻـاري رهيـاهن.
ڳوڙهـا رت جـا سـيئي هـاري رهيـاهن.

تـون شـهادت مـاڻي "شـايان" وئـين،
مـاڻي وڏو رتبـو مـان وئـين،
ونـي رب پـاڪ كـان اهـڙو دان وئـين،
واهه جـو ملهـائي ميـدان وئـين.

تـوبن گـونگن جيـان گهـاري رهيـاهن.
ڳوڙهـا رت جـا سـيئي هـاري رهيـاهن.

تـوكي آب كـوثر پيـاريو وينـدو،
شـهيدن سـان تـه اُتـاريو وينـدو،
مُركـي تـو ڏي نهـاريو وينـدو،
تنهنجـي "شـايان" شـان كـي سـاريو وينـدو،

تولئـــ پکـــي پيـــار جـــا اُڏاري رهيـــاهن.
ڳوڙهـــا رت جـــا ســـيئي هـــاري رهيـــاهن.

تـــــوکي ســــرخ ســــلام آ يـــارن جــــو،
هـــن “محبـــوب ڏيپـــر” پـــارن جـــو،
هـــن “ٻلهـــڙن” “ڳـــورڙن” مـــارن جـــو،
هـــن “حـــق فائونديشـــــن” وارن جــــو،

تنهنجـو نـالو وئـي جـيءَ جيـاري رهيـا هـن.
ڳوڙهـــا رت جـــا ســـيئي هـــاري رهيـــاهن.

# غزل

## مولائي منظور کوسو

“شاياں” اهو ارمان آهي،
تنهنجي وڇڻ جي وهي ناهي.

اسان کي ڏک آ ڏاڍو پيارا،
اسان جي دل روئي رهي آهي.

ادب ۾ مت نه کو تنهنجو،
تڏهن هرکو پيو توکي چاهي.

“مولائي منظور” نه پر هر ماڻهو،
تنهنجا ڳڻ هر پيو ڳائي.

## فضل فقير ڳورڙ

منڙا "شايان علي" نيڪ پلارا.
ڏئي وئين سنگت کي ڏاڍا سور،
مامن، چاچن، ابي، امڙ کي تنهنجا پون ٿا پل پل پور.

سر ڏئي پنهنجو پيءُ بچايُئي،
جنت ۾ پنهنجي جاءِ بڻايئي،
جنتي آهين جنت ملندئي،
ميوا کارائيندئي هتن سان حور.

ننڍڙي عمر ۾ تو کئي الوداعي،
کيئن سهون سهڻا تنهنجي جدائي،
توکان سواءِ آهيون سڀئي ديوانا،
دليون ٽُٽي ٿيون چڪنا چور.

سهڻو هُئين چڻ موتي جو داڻو،
عقل جو گوهر سياڻو نماڻو،
چهرو تنهنجو ائين لڳي پيو،
چڻ نوراني آهين نور.

اي جي پي جو هُئين تون ميمبر،
دوستن ۾ هُئين تون پهريون نمبر،
وڏي محبت همت سان تون،
ڪوشش ڪيئي ڏاڍي ڀرپور.

www.sindhsalamat.com

تنهنجـــون نيڪيـــون ڪهڙيـــون ڪيـــان مـــان،
نـــاهي طاقـــت چاچـــا لڪـــان مـــان،
نيـــــڪ نمـــــازي شـــــريعت وارو،
پنجـــتن جـــو هُئـــين خـــاص فقيـــر.

ايڪيـــه ســـال هئـــي عمـــر تنهنجـــي،
دل ســـان مـــدد ڪيئـــي ســـڀ ڪـــنهن جـــي،
ســـيني بهـــادر روح جـــو مـــومن،
ســـوالي نـــہ خـــالي موٽـــايوئي مُـــور.

عظمـــت تنهنجـــي ڪـــي ســـلام آهـــي،
تـــاهيو "فضـــل فقيـــر" هـــي ڪـــلام آهـــي،
پنجـــتن پـــاڪ جـــو پيـــارو آهـــين،
مـــدد ڪنـــدئي اچـــي پـــاڻ حضـــور.

## وفا جتوئي

وچــوڙي شـــايان تنهنجـــي ڇـــڏي دل جلائـــي.
اکــين ۾ هــي ڳوڙهــا ڏئــي وئــين ننــڊ ڦٽــائي.

ســواءِ تنهنجـــي ســـهڻا ســـري ڪانـــ ســـگهندي،
سڄو ڏينهن سُڏڪي منهنجي دل پئي روئندي.

مـــاري ڇڏينـــدي تنهنجـــي منـــا هـــي جـــدائي،
تنهنجـــو خـــال اهـــو مشـــڪل ســـان پربـــو.

محفـــل ۾ ذڪـــر تنهنجـــو جـــڏهن يـــار ڪـــديو،
تنهنجو پيـار پنهنجي دل مـان نـ سگهندس پلائـي.

"وفـــا" دعـــا گهـــران تـــو اُگهـــي نـــيڻ آلا،
جنـــت ۾ جـــاءِ ڏينـــدو تـــوکي منهنجـــو مـــولا،
"جتـوئي" مـان جيسـين جيئنـدس اينـدي يـاد پئـي.

# نظم

## گوهر گل ڳورڙ

جيجل جو نيڻن جو تارو هيو.
هر محفل جو سينگار هيو.

هن جوءِ سندو جهونجهار،
۽ موتيي جو مهڪار هيو.

ڌرتي جي هير هندوري واري ۾،
ها لڏندڙ ڪنهن جو پيار هيو.

هو سچائي جي جذبن سان،
پرپور سچو سَرشار هيو.

هُن جنگ جهالت سان جوٽي،
ٿيو جڳ اندر نروار هيو.

هو مظلومن جي دردن جي،
آٿت ٻه هيو، غم ٽار هيو.

هُو ظالم لئه للڪار هيو،
هُو سهڻو ٻاڪردار هيو.

هُو پتنگيل ڪي دڳ لائي ويو،
هُو پنهنجو پاڻ ملهائي ويو.

# منو موتي داڏو

## اظهارالحق صديق

منـــو مـــوتي داڏـــو ويـــو مـــوڪلائي.
ســـو شـــايان ســـهڻو ويـــو مـــوڪلائي.
منو موتي داڏو ويو موڪلائي.

جـــواني ۾ جـــاني جـــدائي ڏـــي تنهنجـــي،
جـــواني ۾ پيـــارو ويـــو مـــوڪلائي.
ســـو شـــايان ســـهڻو ويـــو مـــوڪلائي.
منو موتي داڏو ويو موڪلائي.

ڪچهـري ۾ ڏاهـپ سنديون سـهڻيون ڳالهيون،
ســـو نرمـــل ســـياڻو ويـــو مـــوڪلائي،
ســـو شـــايان ســـهڻو ويـــو مـــوڪلائي.
منو موتي داڏو ويو موڪلائي.

پـــائو روشـــن صـــاحب ميڙاڪـــو ســـڏيو،
"عبدالشـــڪور" چئـــي پـــرين ويـــو مـــوڪلائي،
ســـو شـــايان ســـهڻو ويـــو مـــوڪلائي.
منو موتي داڏو ويو موڪلائي.

حـــق فائونديشـــن جـــي ميڙاڪـــي ۾ يـــارو،
هرڪـــو پيـــو ڳـــولهي ويـــو مـــوڪلائي،
ســـو شـــايان ســـهڻو ويـــو مـــوڪلائي.
منو موتي داڏو ويو موڪلائي.

“علــي شــير” ســائين جــو لخــت جگــر هــو،
پـــرين پـــار اهـــڙي ويـــو مـــوڪلائي،
ســـو شـــايان ســـهڻو ويـــو مـــوڪلائي.
منو موتي داڻو ويو موڪلائي.

# قربان ٿي ويو

## سينگار سنياسي

تـو ري ميـان ميـڌرا مـون کـي مـاريو ٿيـون مـارين.
طــول وهاڻــا تکيــا تــا ڳِــٿ انــدر ڳَــارين.
هـک جيـڏيون حمـل چئـي هنجـون ٿيـون هـارين،
سوڍا ٿيون سارين بيلي، توکي کنواريون کاک جون

جهــڙي ســهڻي ســنڌ، تهــڙو هــو شــايان،
همـت تـنهن جـي حوصـلي جـو کريـان ڇا بيـان
اهــڙو نــہ ڏسـان ڏيـهہ ۾ جـو هجـي کومـٿ شـان

سـينگار جنـت ۾ جـوان آهـي خـوش امـامن سـان،
آهــــي مــــوت کســــي شــــايان ويــــو،
يـــار ڌرتـــي تـــان ســـنو انســـان ويـــو.

"علـــي شـــير" توســـان هـــم غـــم آهيـــون،
تـــو ســـڌ تـــہ صـــحيح تـــہ دم، آهيـــون،
پـــت توتـــان قربـــان ٿـــي ويـــو

يـــار دنيـــا مـــان ســـنو انســـان ويـــو،
بـــاعلم ســـان گـــڏ باعمـــل هيـــو،
ڏاهـــو ڏيهـــي مـــور مکمـــل هيـــو.

ڏيئي سورن سامان ويو، يار دنيا مان سنو انسان ويو.
آهي موت ڪٽي شايان ويو،
هن دنيا مان سنو انسان ويو.

حق فائونڊيشن هي فلاح آهي،
راضي خدمت ۾ ته الله آهي،
هي ڪوندر وِچڙيو جوان آهي.

# سهڻي سنڌ جو سهڻو ٻچو هليو ويو

## اظهارالحق صديقي

عمر جنهن جي ننڍڙي سوچون وڏن جون،
گلن کي پوکيندڙ مالهي هليو ويو،
سهڻي سنڌ جو سهڻو ٻچو هليو ويو.
ها شايان منڙو نماڻو هليو ويو

سهڻي سنڌ امان تي نه ڪک هي هو سهندو،
جلوسن ۾ جلسن جو سينگار هليو ويو،
سهڻي سنڌ جو سهڻو ٻچو هليو ويو.
ها شايان منڙو نماڻو هليو ويو

ٻارن جي تعليم ۾ هو سنڌ جو هي حامي،
هيو انقلابي اکر سو وسيلو ويو،
سهڻي سنڌ جو سهڻو ٻچو هليو ويو.
ها شايان منڙو نماڻو هليو ويو

“استاد احمد خان” گل تيار ڪيو هڪ،
اهو گل گلابي ۾ گلدان هليو ويو،
سهڻي سنڌ جو سهڻو ٻچو هليو ويو.
ها شايان منڙو نماڻو هليو ويو

“سائين علي شير” جو جان نشين هو هي،
مزدورن ۾ هارين جو ساٿي هليو ويو،
سهڻي سنڌ جو سهڻو ٻچو هليو ويو.
ها شايان منڙو نماڻو هليو ويو

“حسين بخش” “علي شير” “چاچو شعبان ساري،
نويـــد ۽ عاقـــب كـــي دكـــائي هليـــو ويـــو،
ســهڻي ســنڌ جــو ســهڻو ٻچــو هليــو ويــو.
ها شايان منڙو نماڻو هليو ويو

“بصير علي” پائو “انيد” ۽ “بلاول”“اظهار”کي ٻـ
روئــــــــاري هليـــــــــو ويــــــــو،
ســهڻي ســنڌ جــو ســهڻو ٻچــو هليــو ويــو.
ها شايان منڙو نماڻو هليو ويو

# 1980ع ۾ شهيد شايان جي ڏاڏي سائين سرائي علي حيدر خان جي وفات تي ڪيس شاعري جي پيٽا

**شاعر: فضل فقير**

سرائي سدائين سڄڻ اسا ڏا.
ڪڏان نہ ڪاڏيس ڪنهن تي خار،
راج ڪون ڪيتس ڳچي دا هار،
عمر دا ننڍڙا عقل وڏا هس،

سيني پراوان دا خيال وڏا هوس،
سارا بار سر تي چايا هس،
سوڪرگيا جدائي اچ دلدار،

ذات ڳورڙ دي پڳ بہ آهس،
پڇي بہ ڪنهن ڪون نہ ايزا يس،
راج ڪون ڪيتس ڳچي دا هار،
هرڪنهن نان پئي منڙا ڳالهايس.
توڙي معصوم هووي ننڍڙا بال.

علي حيدرخان دا شان هي اهڙا،
بيا نہ تيسي خان اهين جهڙا،
هيڪر چُمين ها ٻچي دا منهڙا،
اهي اُتدي هن سور لک هزار.

اها ڏائڻ آئي ڪا بيماري،
جو تئين ڪِتي پرديس تي تياري،
بينا آها ڪو اٿهين ماري،
جنهن ڪِتوئي ٻچان ڪنون ڌار،
ٽائيم ٻارهن رات سومر دي،
تيرهين تاريخ جنوري دي،
ائين جدائي نهين ڪريدي،
جيئرا ڏيکانهون ها مننار،

سرائي "علي اڪبر" دي طاقت اهوين،
"نظام الدين" دا ناز ب اهوين ،
ننڍيان ٻچان دا بابا ب اهوين ،
سي روندي اٿ هِن زارو زار،

مهينا پهريان سال ب اسي،
ڳالهه تي ٿي پئي ڏاڍي ڪسي،
اسان ڪنون رب مت چاء ڪسي،
باري رب دي هي سرڪار،

اهين درد هي ميکون روايا،
غم وچون ۾ شعر چا ناهيا،
"سرائي منور" تيڏا ميکان آيا،
جنهن ٻڌايا ميکون سڀ اظهار،

نويد هر پيا نهاري،
تنهن کون چوڙيئي ڪنهن دي سهاري،
ڏني جيکو هنياءِ پيا ڏاري،
شل مولا ڏيوس وڏي جمار،

www.sindhsalamat.com

الله ڪريسي وڏڙا ٿيسي،
پڳ ٻه پيودي آپ هليسي،
رب دي ٿيس قرب قرار،

مولا ڏيسئي ڏوهان دي معافي،
قرب ڪريسئي آپڻا شافي،
"فضل فقير" هي ثناهي ڪافي،

شفا ڏيسس رب ستار،
ڪڏان نه ڪاڏيس ڪنهن تي خار،
سرائي سدائين سڄڻ اساڏا،
ڪڏان نه ڪاڏيس، ڪنهن تي خار.

## روشن ٻگهيو

شايان تنهنجو شان هو نرالو
اڄ ڪلهه بابا ڏئي رڳو تنهنجو حوالو
ننڍڙي عمر ۾ تو ڪمايو وڏو نالو
افسوس جو عمر ڪي لڳي ويو تالو

SSS

پريل لڳي ٿو سارو سنسار
کهڙا تنهنجا پنڌ پڇان پار
رهي هر دم هر وقت تنهنجي سار
وڇڙي ويو جلد آ شايان يار

SSS

چنڊ جي چانڊاڻ ۾ سج جا ڪرڻا هن
شهيد مرڻا ناهن، ور ور ورڻا هن
ڪم جي چڙيا تو شايان اڏ ۾ هن
سي روشن ۾ سنگت ڪي سپ ڪرڻا هن

SSS

## فضل فقير ڳوڙ

سجاڳ ٻار تحريڪ جا توکي ڪن سلام.
ٻہ سال خدمت ڪئي پورا ڪيئي انجام.
"فضل" هي پيغام ناهيو تنهنجي شان ۾.

ايس ايس ٿي جو هُئين تون اڳواڻ،
سهڻي پنهنجي سنگت سان تو ڪم ڪيا پاڻ،
ننڍي وڏي جو قدر تو وَٽ،
توکي وڏي هئي سُجاڻ.

سماجي تنظيم سان تنهنجو هيو پيار،
سات ڏُئي دل سان هردم ٿي هوشيار،
سنڌي شاگردن توکي پارايا هار،
چوي "فضل" اها ڪار،
قادر وڃائيندئي ڪين ڪي.

## فضل فقير

علي حيدر ڇڏيو ٿئي اباڻو مڪان.
آهي پارت رب کي ڏيندئي امن امان.

تنهنجي قربن جي ڪهڙي ڳالهه ڪيان،
تنهنجا قرب هيا هر روز نوان،
سڀ سور هاڻي ٿيا آهن سنوان،
تن دردن ٿاهيا اڄي دل ۾ دُکان.

تو جهڙو سڄڻ ٻيو ڪونه ٿيندو،
تو جهڙا ڪم ٻيو ڪونه ڪندو،
هاڻي ڪير نه تو لاءِ هت روئي رڙي،
تنهنجي وڃڻ جي خبر منا ڪنهن کي هئي ڪانه.

وئين ياڳ تون ، پنهنجو هٿڙي ڇڏي،
وئين سيني عزيزن کي غم ۾ گڏي،
وڏي ڏک ۾ بينا آهيون تنهنجي تڏي،
گهرون دعا تا اها، رب ڏيندوئي شان.

تنهنجو ياءُ تنهنجي ، ڪاڻ پيو روز رڙي،
جنهن جو سينو جگر، پيو يار سڙي،
تنهن کي دردن ڇڏيو آهه يار ڪڙي،
جدائي تنهنجي ۾ ، جنهن کي ناهي ڏيان.

www.sindhsalamat.com

تنهنجي محبت ڏسي پيا ڳوڙها ڳڙن،
ايڏو سور وڏو پيلا ڪيئن سَهن،
جيڪي يار ڏنا تو ڦٽَ اٿن،
جن دلڙي ڪي ڪيو آ پريشان.

اها رب ڪي ڪيئن ڳالهه وڻي،
جو تنهنجي ميت آيا ايمبولنس ۾ کڻي،
تنهنجي پاءُ جي پرسان مزار بڻي،
تون وقت ٿورو هنئين هت مهمان.

تنهنجي دردن دل ۾ زخم ڪيو،
آهي “فضل فقير” هي شعر چيو،
ڏسي سُور اهو بے سَهڻو پيو،
جيڪو ظاهر ڪيو مون آهي زبان.

## شهيد شايان شير جي خاندان جو پس منظر




www.sindhsalamat.com

## سرائي علي نواز خان جو اولاد
(اٺ پٽ ٻه نياڻيون)

- سرائي الله وڌايو خان (چار پٽ هڪ نياڻي)
  - 1. سرائي خادم حسين (ٽي پٽ هڪ نياڻي)
    - 1 سرائي جواد علي
    - 2 سرائي مقصود علي
    - 3 سرائي حماد علي
  - 2. سرائي وحيد علي (هڪ پٽ ٻه نياڻيون)
    - 1 سرائي محمود علي
  - 3. سرائي اخلاق احمد (هڪ پٽ هڪ نياڻي)
    - 1 سرائي الله وڌايو خان
  - 4. سرائي سيف الله (غير شادي شده)
- سرائي محمد اقبال خان (هڪ پٽ ٻه نياڻيون)
  - 1. سرائي حامد علي (چار نياڻيون)
- سرائي حاجي نظر علي (ٻه پٽ ٻه نياڻيون)
  - 1. سرائي قدير علي (هڪ نياڻي)
  - 2. سرائي ڪبير علي (غير شادي شده)
- سرائي بخت جمال (اولاد نه ٿيو)
- سرائي مظهر علي خان (هڪ پٽ هڪ نياڻي)
  - 1. شفيق علي (هڪ پٽ)
    - 1 سرائي منورعلي
- سرائي منور علي خان (هڪ نياڻي)
- سرائي مقصود علي (هڪ پٽ)
  - سرائي نور نبي (ننڍي عمر ۾ فوت)
- سرائي صفدر علي (ٻه پٽ چار نياڻيون)
  - سرائي نواز علي
  - سرائي وقار علي

www.sindhsalamat.com

# ENGLISH SECTION

# Profile of Shaheed Shayan Sher Gorar

18. Name: Shayan Sher
19. F/Name: Ali Sher
20. By caste: Gorar
21. Date of Birth: 01-01-1996
22. Native Place: Sojhro Gorar
23. Primary Education: 31-05-2006(Medina Colony Mehar)
24. Matriculation: 2011(Govt: High School Mehar No:01
25. Intermediate: 2013(Govt: Degree College Mehar)
26. Diploma: 2016(Civil From Polytechnic College Mehar)
27. B.A(Pass)Part II: Result About to Come(Imminent)
28. Date of Death: 14-05-2017(17 Shoaban 1435, at 12 pm on Sunday)
29. Political Inclination: Sojag Bar Tahreek ,S.S.T, the Central Leader of Sindh Student Organization, General Secretary of Sindh Student Organization and the founder of HAQ Foundation as well as the General Secretary.

## Condolence Notes:

Today, I went for the condolence of a young son of great teacher, Sir Ali Sher Gorar named Shayan who achieved the standing of martyrdom while saving his father. As known that he was very elevated in the art of compeering and had a good hoard of Sindhi Poetry. He was blessed by Allah and chosen for the life hereafter before maturity. Indeed, it is a huge loss for his family as well as the local area or his friends. His name would be counted as one of the glorious persons in the history. May Allah give his soul peace and bestow Paradise/Jannat.

**Zaffar Ali Khan Jatoi,**
**Betto Jatoi.**

l l l

I feel deeply sorrow over the sudden death of Shaheed Shayan Ali Gorar. he was not only delegent but also a barve leader. And such personage ever remain fresh in hearts with his work or struggle, he utilized his life for serving humanity and helpning of student in the field of amount of time.

His earlier death saddened us and his friends.

May Allah give him place in paradise and rest his soul in peace.

**Justice Aftab Ahmed Gorar**

l l l

Shayan was like my brother Saboor. Two months ago, he wrote some glorious lines on the Condolence of my great father Haji Abdul Karim which was published in the said book “Jug Jug Jean Say”. His lines symbolized that he wanted to live and struggle for the amelioration of the society, but I did not find any fear of death. Death is inevitable and is to be tasted by everyone. It was exemplary

and intolerable loss for all those who were nearer to him. He played his role as a guest actor for uniting Gorar Community and remained energetic and agile to emphasize Sindhi nation as well the inhabitants of Mehar in the field of Education and extra curriculum activities. In the contemporary society, there is an acute shortage of characters like this exemplary character. Undoubtedly, he was honest and straightforward. If he was bestowed more years, he might have been found one of the great leaders. Such admission is not only from my part but also so many his readers/friends like Qadir who admitted that Shayan was the man who made the reading literature as the part of his life.

I hope from all who remained with Mr. Shaheed Shayan must be honest towards their families, friends, nation, education, party and continue his mission honestly because honesty is the best policy.

His nature was noble, adorned with nice tolerance and patience. So, I hope this that Allah Almighty may make me his neighbor in the life of hereafter. .

**Roshan Bughio**
**14.5.17**

l l l

The sudden and shocking news of demise of youthful, loving and caring kid Shayan Ali Gorar, the elder son of Ali Sher Gorar, jolted me in deep grief.

First of all, I did not believe the news, but the death is inevitable. I was totally shattered and could not collect courage to go for condolence. I am also a father and can feel the pain of other father. May his soul rest in peace, and give courage to sain Ali Sher to bear the shock.

**Akhtar Ali Sehol**
**GHS o1 Mehar.**

l l l

We are from Allah and to Allah is our return

Those are really blessed who beg blessings from the parents and sacrifice themselves for serving them. Indeed, they are martyr. So; it is the same case of martyrdom.

May Allah bestow and award him all boons as awarded to the martyrs and blessed ones or pious persons.

**Ali Asghar joyo**
**15.05.17**

www.sindhsalamat.com

l l l

l l l

مجھے غروب نہ سمجھو کہ میں رفق پہ ہوں
بکھر گیا ہوں اندھیروں میں کہکشاں کی طرح

It is not important nor sure to go to heaven after death but it is important and laudable to create heaven before leaving this world.

Shayan Ali is one of those people who created heaven themselves like him. As he gave sacrifice of his life to save the life of his lovely father who received electronics shock in his home. It was very unfortunate day of 14th may of 2017. I was deeply shocked and grieved to listen about the sudden demise of my beloved cousin.

He was always sincere with his study and he played very active role in students politics and other social activities for the welfare of students as well as poor people of the locality.

In very short age of his life he made large number of friends by his social and political activities good behavior and good moral, he was role model for young generation.

He was embued with great qualities of head and heart with endeared him to all.

He will be remembered till years his death is a big loss, which has created a void which will be difficult to fill for a long time.

May Allah bless his soul and place him in heaven as he was good and noble human being. We will miss him dearly.

**Advocate Farooq Ahmed Gorar**

l l l

Shayan was a genius, handsome personality. In a short period of life, he made a lot of friends and achieved an enviable popularity in our society. In my opinion, he was unrivaled.

**Siraj Ahmed Gorar**
**GHS Radhan.**

l l l

l l l

I have heard too much about Shayan's political and social activities. He proved himself a good model for the youth of the concerned society. His memoirs would ever remain in our hearts.

May God bless him heaven.

**Aftab Ali Siyal**
**01-06-2017**

l l l

Shayan was a role model for youth and new generation. I miss him always. May Allah bless him in paradise.

**Altaf Hussain Khokhar**

l l l

very, very sad news!

News heard of Shayan's unexpected death .May Allah keep his soul in heaven and may award patience to his father, Mr. Ali Sher Gorar and his family, and may Allah make his soul peaceful.

**Ghulam Rasool**
**GDC Qazi Arif**

l l l

He was a great personality and worked for his friends, neighbors, relatives and family members.

May Allah award him paradise and issue patience to his family.

**Nawaz Ali Panhwar**

l l l

It is very sad news about the sudden death or martyrdom of Shayan Ali Gorar. We all the teachers of GHS No: 01 Mehar are also deeply grieved over his earlier departure. May Almighty Allah rest his soul and give patience to his family.

**01.Mr. Aftab Halo**
**02.Aziz Rehman Mahesar**
**03.Jahangeer Ahmed Chandio**
**04.M.Khan Qambrani**
**26.05.2017**

l l l

Shayan Gorar was not near to me, but he was the son of soil, as in the short period, he made name and fame in the society, and his struggle was based on honesty.

May Allah rest his soul in peace.

**Sher Ali Chandio,**
**Advocate.**

l l l

It was very unfortunate day of 14th may 2017, when I received shock to hear about the sudden death of my beloved cousin Shayan Ali He was most genius and hard worker student , in field of education, study of literature and other social activities. I had spend a lot of time with him he always remained active in his study and different activities as well as in social, politics and welfare of people and students also in their educational problems to enhance their talent. He was role model for the society. The sudden demise of Shayan Ali has created large vacuum which is not easy to fill, He is very difficult for us to say that, he is no more amongst us now but his political and social sewis will be long remembered.

We pray to Al mighty allah to shower his countless blessings on him and may his soul rest in eternal peace and give patience to my uncle Ali Sher. (Ameen)

**Sadaqat Ali Khan Gorar**
**Advocate**

l l l

I was deeply shocked, when I heard about the sudden death of lovely cousin Shayan Ali. He was a great person, a hard worker student and good politician in his student life, he possessed many qualities in his personality, he was a role model for youth an dnew generation. His death his created big vacuum in the society which cannot be filled hill many years.

May Almighty Allah place his soul in heaven and give patience to our elders, specially Chacha Sain Ali Sher Gorar.

**Sirai Saeed Ahmed Gorar**

l l l

It Sudden death of our beloved cousin Shayan Ali, has left us in state of great shock and deep grief. He was known with his moral attitude, miss behavior and with his good personality and good repartition in the society.

His activities and work as a social worker, as political and of welfare of people and students always would be reminded in the hearts of people.

May Allah give him place in heaven.

**Junaid Hassan Gorar**

l l l

Mr. Shayan Gorar was really a great personalty.He was a good political worker as well as social. His service mostly for students cannot be forgotten. Even; I cannot forget this brave person in my life.

**Unknown**

**28/05/2017**